Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 1

( )

حراچي ضلعي جو سنڌي ادب جي ترقي ۾ حصو

(انگريزي دور)

پي ـ ايڇ ڊي (سنڌي) لاءِ تحقيقي مقالو

مقالي نگار

ڊاڪٽر محمد پٺاڻ

Gul Hayat Institute

نگران

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا

جي نگراني ۾ رهنمائي ۾ هيٺ لکيو ويو ۽ مڪمل ڪيو ويو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

C.E.R.T.I.F.I.C.A.T.E

Certified that the Research Work embodied in the Thesis entitled "CONTRIBUTION OF KARACHI DISTRICT TOWARDS DEVELOPMENT OF SINDHI LITERATURE" (British Period) carried out by Mr: Dur Mohammad Pathan under my guidance and supervision, is original and be accepted as fulfilling the requirement for the degree of Doctor of Philosophy(D: PHIL) in Sindhi.

Gul Hayat Institute

(DR: GHULAM ALI ALLANA)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

نقشو
ضلع کراچي

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 4

فهرست

باب نمبر	عنوان	صفحو
	پاکو پهرين	
	ڏاڇي ضلعي جي جاگرافي ۽ تاريخ •	۱-۴۴
باب پهرين :	ڏاڇي ضلعي جي جاگرافي •	۱-۱۵
	نالو ، اصليت ، محل وقوع ، حدون ، ايراضي ، طبعي خصوصيتون ، آب و هوا ، جاگرفيائي موڙ ، اهميت •	
باب ٻيو :	ڏاڇي ضلعي جي تاريخ •	۱۶-۴۴
	تاريخ کان اڳ جو زمانو ، عربن کان اڳ جو زمانو ، عربن کان پوءِ جو زمانو ، انگريزن جو زمانو •	
	پاکو ٻيو	
	سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي ترقيءَ لاءِ سرڪاري ڪوششون •	۴۵-۸۸
باب پهرين سنڌي الف - ب جي اصلاح •		۴۵-۶۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 5

تعارف ، پس منظر ، ابتدا ، فرنگي سرڪار جون
ڪوششون ۰

باب ٻيو : سنڌي لوڪ ٻولي ۽ ادب جو ترجمو ۽ تصنيفون ۰ ۴۴ - ۸۶

باب ٽيون : سرڪاري صحافت ۰ ۸۷ - ۸۸

(الف) تاريخ

(ب) تنقيد : [illegible]

پاڪستان :

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقي لاءِ غير سرڪاري ڪوشون ۰ ۸۹ - ۱۴۴

باب ڇهون : افسانو نويسي ۰ ۸۹ - ۱۴۲

(الف) افسانه نويسيءَ جي اوسر ۽ تاريخ ۸۹ - ۱۱۳

(ب) تنقيد : اسان جي سنڌ ، " " انڊو ڪلاڪار " ۽ پنج " ۱۱۴ - ۱۴۲

باب ٻيو : ناول نويسي ۰ ۱۴۳ - ۲۰۶

(الف) ناول نويسي جي اوسر ۽ تاريخ ۰ ۱۴۳ - ۱۶۵

(ب) تنقيد : " اتحاد " ، جاسوس " " لطيفي " ۱۶۶ - ۲۰۶

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 6

باب ٹيون : ڊرامہ نگاري ۔ ٢٠٧ - ٢٨٠

(الف) ناٽڪ منڊليون ٢٠٧ - ٢٢٥

پس منظر ، فرنگيف جونڪوشون ، ٻاهريون ناٽڪ منڊليون ، سنڌي ناٽڪ منڊليون : ڊرامائي عناصر ، ڊرامائي ڪلب ، عامل يونين ڊراماٽڪ اسٽيئوت ، سوشل سروس ڊراماٽڪ سوسائٽي ، نصير پرديسي سارسوت برهمڻ ڊراماٽڪ سوسائٽي ، راجندر ناٽ اسڪول ايڊيڊ ڊراماٽڪ ڪلب ۔

(ب) ڊرامہ نگاري جي اوسر ۽ تاريخ ٢٢٦ - ٢٤٧

(ب) تنقيد : "انسان جي شيطان" "خوني" "هڪ رات" ٢٤٨ - ٢٨٠

باب جوٽون : باقي سنڌي نثري ادب ۔ ٢٨١ - ٣١٩

(الف) باقي سنڌي نثري ادب جي اوسر ۽ تاريخ ٢٨١ - ٢٩١

(ب) تنقيد : "محمد رسول الله" "مون جي صاحبي" "ورڊ" صلي الله عليه وسلم ٢٩٢ - ٣١٩

باب پنجون : شاعري ۔ ٣٢٠ - ٣٩٨

پهرين دور : اسحاق ، ابوجهو ، پير امام بيگهه ، ڏرمداس سڌاڻي ، سائين غني ، سليمان سوالي ، علي محمد ٽڪاڻي ، محراب ، مليڻ ٽو ۔

ٻيو دور : اوڌوداس ، ٻيرومل ، "غريب" ، ٽيجورام شرما ، پهلاجراڻي ، دين محمد وفائي ، سريچند ، بلل ، سچائي ، محمد صالح پٺي ، نورنگ زادو ، محمود

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 7

شيون دور : احمد شيخاني ، امير ، اوستو حاجي ، بچل شاهه ،
نحري ، خليفه موراني ، راه پنجواني ، روچيراه ، ساجد
سرشاري ، سيتلداس ، شيرعلي ، عبد ، عبدالرحمان ،
عابد ، علي اڪبر ، علي محمد ، عمر گبول ، غلام احمد
نظامي ، ڪامل ، لائق ، لڪاراه ، خليل ، محمد حسن
آڪش ، محمد حسين جهانگير ، محمد جمن هالو ، محمد
خان سارنگ ، محمد رمضان بادل ، محمد رمضان مڪنڊ
مسلم ٽانوري ، موتيلال شور ، مومن ملهراڻي ، نارايڻ شيام
نور محمد نماڻو ، وڻيراڻ ، هارون امير ، هرپل ،

باب ڇهون : سنڌي صحافت ۔ ۳۹۹-۴۴۴

(الف) سنڌي صحافت جي اوسري تاريخ ۳۹۹-۴۱۹

(تنقيد) : الوحيد ، ترقي ، سنڌ سڏ ، ۴۲۰-۴۴۴

باڪو جوشن

هراڇي ضلعي جا علمي ادبي ۽ اشاعتي ادارا ۔ ۴۴۵-۵۳۳

باب پنجويهون : علمي ۽ ادبي ادارا ۔ ۴۴۵-۴۶۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

تعارف ، انڊين مجلس، انجمن روح ادب ، بزم ادب ، ترقي پسند مصنفن جي انجمن ، ڊي -جي سنڌ ڪالج ، سنڌي ادبي سرڪل ، سنڌي ادبي سنگت ، سنڌي ساهت سڀا ، سنڌي سڌار سوسائٽي ، ڪلچ لٽريري سوسائٽي ، محفل ادب ، محفل مشاعره ٠

باب ٻيو : اشاعتي ادارا ٠ ٥٣٣-٤٧٩

تعارف ، آشا ساهت منڊل ، ايڊيوڪيشنل پبلشنگ هائوس ، اين - ايڇ پنجابي ، انڊس هائوس ، رتن ساهتيه منڊل ، زندگي پبليڪيشن سڪ ٽرسٽ سوسائٽي ، سناتن ڌرم سڀا ، سندر ساهت منڊل ، سنڌ هريجن لٽريري سوسائٽي ، شري ويدانت پرڪاشڪ منڊل ، قومي ڪتب خانو ، نئين دنيا ڪتاب گهر ، هوندراج پهلاجراءِ انڊ سنز ٠

Gul Hayat Institute

باب ٽيون

ڪراچي ضلع جا مشهور اديب ، شاعر ۽ اديبه ٠ ٥٣٤-٥٩٨

آسانند مامتورا ، احمد ڪاملي چاڪلا ، ادارام ڪانورداس، الله بچايو سمون ، اڇوجهو ، اودوداس، اين -اين ڏوڪواڻي ، بهاڻي لال ، بيرومل ، ٽيجوراڻ ، ٽيرٿ سياڻي ، پرمانند ميوارام ، جڳت راءِ ، جي -اين ناڪراڻي ، حبيب الله ، حڪيم فتح محمد ، خانچند درياڻي ، ديو سياڻي ، ڊاڪٽر هوتچند ، روچيراڻ سڌاڻي ، سائين غني ، سريچند ، سليمان سوالي ، شيخ بابو سليمان ، صوفي دوست محمد

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

عبد الله عباسي ، عبد ، عبدالرحمان ، علي اڪبر جوڪيو ،
غلام احمد نظامي ، غلام علي الانا ، قاضي عبدالرحمان ،
قاضي عبدالرزاق ، لعلچند امرڏنومل ، محمد جمن هالو ،
منڪهارام مڪهائي ، شوهرداس ، مولانا دين محمد وفائي ،
مولوي هدايت الله ، تندياراميراثي .

پيڄاڻي : ٥٩٩ - ٦٠١

نمبر ١ ٦٠٢ - ٦٢٠

(١) ڪراچي ضلعي جون لائبريريون ٦٠٢ - ٦٠٣

(٢) ڪراچي ضلعي جا مڪمل تعليمي ادارا ٦٠٤ - ٦٠٧

(٣) ڪراچي ضلعي جون پريسون ٦٠٨ - ٦١٧

٤ ڪراچي ضلعي جا باقي اشاعتي ادارا ٦١٨ - ٦٢٠

ببليوگرافي ٦٢١ - ٦٥٤

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

تصويرن نوٽن ۾ نقشن جو وڇوڙ ٠

سموريون تصويرون الڳ آلبم ۾ ڏيئون ويون آهن

(الف) اخبارن ۽ رسالا :-

---

(۱) آشا ، ماهوار

(۲) اصلاح ، هفتيوار

(۳) الوحيد ، روزانه

(۴) پالڪ ، ماهوار

(۵) ترقي ، ماهوار

(۶) رٽن ، ماهوار

(۷) سناٽن ڌرم پرچارڪ پٽر ، ماهوار

(۸) سندر ساهتيه ، ماهوار

(۹) سنڌ سڌار ، هفتيوار

(۱۰) سنڌي ساهت سوسائٽي ۽ جو ماهوار رسالو

(۱۱) سنسار چڪر ، ماهوار

(۱۲) گلشن ، ماهوار

(۱۳) گيان اديه سڄتر ماسڪ پٽر ، ۽ ماهي

(۱۴) ڪاميابي ، ماهوار

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۱۵) ماستر، ماهوار

(۱۶) هندستان، روزانه

(ب) جاپون :-

---

(۱) امپريس مارڪيٽ

(۲) خالقدنه هال

(۳) بي-جي-سنڌ ڪالج

(۴) سنڌ مدرسته السلام

(۵) سينٽ پيٽرڪ چرچ

(۶) فريئر هال

(۷) ڪراچي ميونسپالٽي

(ب) شخصيتون :-

---

(۱) پرمانند ميرارام

(۲) پي-ايل-واسواڻي

(۳) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

(۴) جي-الانا

(۵) حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

(۶) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۷) روچيرام سڌائي

(۸) لعلچند امرڏنومل جڪتياڻي

(۹) منگهارام ملڪاڻي

(۱۰) منوهر داس هوڙومل

(۱۱) مولوي دين محمد وفائي

(۱۲) نارائڻ جڳتياڻي

غير ادبي :-

---

(۱) آغا خان ، هز هائينس سر

(۲) جمشيد نسروانجي

(۳) سر حاجي عبد الله هارون

(۴) سيٺ علام حسين قاسم

(۵) سيٺ علام علي چاڪلا

(۶) قائد اعظم محمد علي جناح

(۷) نائونمل هوتچند

(پ) مخلوط :-

---

(۱) شهال جي پهرين ڪتاب

(۲) چوڻدي قبرستان جي هڪ قبر تي پٿر جو ٽڪ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 13

(۳) ڪلڪٽن جا نظارا (ٻہ عدد)

(ب) نقشا :-

---

(۱) ڪراچي ضلعي جو نقشو

(۲) ڪراچي ضلعي جي صنعت ۽ زراعت

(۳) ڪراچي شهر

Gul Hayat Institute

LIBRARY,
UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SINDH)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مھاڪ

ٿي سال اڳ جي ڳالھ آھي ، سوچيو ھيو تہ سنڌي ادب جي ڪنھن بہ موضوع ٿي ڪوجنا ڪري ڏيڻي ڳالھ آھي • آڻون ايڏاي آھيان ، لڪن اڇيءَ ، پر پٽو ٿڏھن پيو جڏھن ڪمپوزٽر مواد ڪڍڻ ۽ ويس ٽيڪٽ ڏيڻ لاءِ ڪاسندو ويو ۽ نا اُميدي جي ڏڪ وڏي سڀائيندي ويو ، پر جنھنجو سونھون سڃاڻ ھجي ، موسمي ھل کان واقف ھجي تنھنجو ھيڏو پار ٿي ويندو ، آھي ڇاڪاڻ ٿي پھچي ويندو آھي • مون کي بہ اھڙي ھڪ سونھين استاد علم دوست ۽ ادب پرور سائين پروفيسر غلام علي الانا صاحب جي رھنمائي ۽ رھنمائي حاصل ٿي وئي ، جنھن ڪري ھن اڻاٽڪي سفر مان ڪنڌي پار پھچي آھيان •

۱۹۷۱ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مون کي " ڪراچي ضلعي جو سنڌي پرولي ۽ علم ادب جي ترقيءَ ۽ حسو " جي موضوع تي [illegible] ڪوجنا ڪرڻ جي اجازت ڏني مون ، پنھنجي ڪم جي ابتدا ڪئي ، ڪوجنا ڪرڻ واسطي مون لاءِ ٿي واھون ھيون : سنڌ جا ڪتب خانا ، اھي عالم ، اديب ، شاعر ، ۽ دانشور جي سنڌ ۾ رھندا ھجن ۽ جن پنھنجي ۽ آکين سان انگريزن جي راج جي علمي ۽ ادبي اڻ کي ڏٺو ھجي ۽ سنڌ کان ٻاھر رھندڙ انگريزن جي دور وارن باقي اوسي شخصيتون •

بسم الله ڪري ڪم جنھي ويس ، سنڌ جي ڪتب خانن ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ، سنڌي ادبي بورڊ ، پاڪستان آرڪائيوز ، پاڪستان آرڪيالاجي ، ان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جي ڊي ، [illegible] هاءِ اسڪول ، سنڌ مدرسته السلام ، ۾ پي ، جي سنڌ عالمن جي ڪتب خانن ، ڪان سواءِ جنهن ذاتي ڪتب خانا به ڏٺم جن ۾ جناب جي ، الانا ، جي ذاتي لائبريري ، پير هي شهائي جو شيدا هئو ، مهراج رامچندر ڪتريءَ جو ذاتي ڪتب خانو جناب سوراج گيانچنداڻيءَ جي ذاتي لائبريري ، جناب علي نواز وفائيءَ ، شيخ عبدالحليم جوش ، صوفي دوست محمد ساجد سوشاري ، جناب حبيب الله نحري ۽ عبدالله عباسيءَ جا ذاتي ڪتاب خانا [illegible] قابل ذڪر آهن ، انهن قدردانن قرب ڏيا ، ليڪن صوفي دوست محمد ساجد سوشاريءَ وڏا ورڪ ڪيا • هن منهنجي جذبي ۽ همٿ کي ڏسي پنهنجي ذاتي ڪتب خاني جو ڪج جهڙو حصو منهنجي حوالي هوڻ چڏيو ، ۽ سندس نادر ڪتاب منهنجي ذاتي ڪتاب خاني جي زينت بڻجي ويا •

سنڌ جي علمي ۽ ادبي شخصيتن سان ملڻ جي ابتدا نامور محقق ۽ دانشور سيد پير حسام الدين شاهه راشديءَ سان ڪئي ، جن سان ٽيليفون تي ڳالهائي ملاقات جو وقت ورتو هئم • پير صاحب جن ڪوجنا جي ميدان ۾ رهبريءَ ۽ رهنمائي جون سڀ کان اڳ اولاد جيان به ياد ڪندا هئا • خوش قسمتيءَ سان حيدرآباد ۾ جن سالن دوران مون کي هيءُ ۽ ان کان پوءِ به ڪيترائي مون سندن نوازشن ۽ عنايتن مان نوائجو ڀٽي ورتو آهي •

سنڌ جي هن عظيم انسان کان سواءِ جن ٻين علم دوستن ۽ ادب پرور شخصيتن جو قرب حاصل رهيو ، تن ۾ مرحوم مولانا غلام محمد گرامي صاحب ، سائين مولانا غلام مصطفيٰ ناصري صاحب ، سائين جي ، الانا صاحب ، سائين حامد سوراج گيانچنداڻي صاحب ، جناب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب ، جناب محمد ابراهيم جويو ، جناب نورالدين سرڪي ، سائين ، سراج الحق ميمڻ صاحب ، جناب علي نواز وفائي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جا نالا قابل ذکر آهن •

سنڌ جي ڪتب خانن ۽ ڪتاب بيني ۽ هتان جي ادبي شخصيتن سان ملاقات ڪرڻ سان گڏ مون سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر به علمي ۽ ادبي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ هٽ دگهيرو، پارٽ، سٽزرلينڊ ۽ سينگاپور ۾ ڪيترائي سنڌي عالم، اديب ۽ دانشور رهن ٿا • جن مان پروفيسر منڪهارام ملڪاڻي، پروفيسر پوپٽي هيرانندائي، ڊيوڪ وسنت، جسونت ڪمار ۽ سندري اتم چنداڻي وڏا وڏڪيا ۽ مون کي ڪجهه قيمتي معلومات جو ڪج حصو حاصل ڪري ڏنو •

هن مقالي ۾ انگريزن جي راج دوران ڪراچي ضلعي جي علمي ۽ ادبي ماحول جو مختصر خاڪو پيش ڪيو ويو آهي • ڪراچي ضلعو وقت جي حالتن مطابق پٽي نت نيون صورتون ونڊندو رهيو آهي • مون سنڌ جي جاگرافياڻي شعل ڪاڻي آڏو رکي آهي جا سنڌ جي موضوع جي کوجنا ڪرڻ واري ۽ منظوري ملڻ وقت هئي • موضوع جو مالڪو هن مڪيه مقصدن کي ذهن ۾ رکي ڪيو ويو آهي • انگريزن جي راج دوران هن ضلعي اندر ٿيل علمي ۽ ادبي [illegible] کي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪرڻ ۽ [illegible] جائزو وٺڻ •

مقالي کي مکيه پنجن باڪن ۾ ورهايو ويو آهي • هر هڪ باڪي جو اختصار هن ريت ڏئي ٿو:

پهڻ ۾ مقالي جو سڌو سنئون واسطو سنڌ جي پهرين علمي ادب سان آهي • ان ڪري جوکو توجهه انهيءَ طرف ڏنو ويو آهي • ليڪن ان هوندي به ڪراچي ضلعي جي جاگرافي ۽ تاريخ کي به نظر انداز نه ڪيو ويو آهي • ٻئين باڪي ۾ ضلعي جي جاگرافي ۽ تاريخ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مقالي جي ٻئي پاکي ۾ انگريزن جي راج دوران سنڌي ٻوليءَ علم ادب جي ترقي لاءِ شيل سرڪاري خوشنوجو خاصو پيش خيمو ٿيو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ مطالعي هيٺ آيل دور ۾ هڪ اهڙو دور هو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي "سرڪاري ٻولي" جي حيثيت ملي ۽ خود وقت سرڪار ٻولي علم ادب جي اوسر لاءِ خوشخبري هئي. جن ۾ ادب جي اصلاح ۽ مختلف ڪتابن جي اشاعت قابل ذڪر آهي. انهن سموريين حقيقتن کي هن پاکي ۾ تلميد ڪيو ويو آهي.

مقالي جي ٽئين پاکي جو واسطو سنڌي ٻوليءَ علم ادب جي ترقيءَ لاءِ ورتل غير سرڪاري خوشنوسان آهي. حقيقت ۾ هي پاکو مقالي جي جند ۽ جان آهي. هن پاکي ۾ مختلف بابن هيٺ سنڌي ٻوليءَ علم ادب جي مختلف جنڊن جي اوسر تي روشني وڌي ويئي آهي. ۽ ان کان سواءِ ڪيترن علمي ۽ ادبي ڪمن جو تنقيدي جائزو به پيش ورتو ويو آهي.

علمي ادبي ۽ اشاعتي ادارا ٻولي جي ترقيءَ ۾ اوسر ۽ اهم پارٽ ادا ڪن ٿا. ۽ انهن جي اهميت ترقي تاريخي حالتن کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ ڪري هن مقالي ۾ ڪين مناسب جاءِ ڏني ويئي آهي. انهن جو تفصيلي ذڪر مقالي جي چوٿين پاکي ۾ ڪيو ويو آهي.

علم ادب جو ذڪر ذات ڏيڻ کي نظر انداز ڪندي ڏڪن ٻه پورو ڪري نٿو سگهجي جيڪڏهن هن علمي جي ڪيترن مشهور عالمن، اديبن، شاعرن، ۽ اديبائن، جو ذڪر نه ڪجي ها ته ڪالهه مؤرخ اڌوري رهجي وڃي ها. ان ڪري مقالي جو پنجون پاکو "برڪ ذات ڏيڻ جي زندگيءَ جي احوالن لاءِ وقف ڪيو ويو آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مقالي جي پڇاڻي ۾ ڪان پوءِ اهو ضروري ڄاتو ويو ته تحقيقي مطالعي جي آداب
ٻي اخذ ڪيل نتيجن جو خاڪو ڏجي . ان ڪري اهي ڪالهيون " پڇاڻي " جي
عنوان سان ، پاڪي نمبر پنجين ڪان پوءِ ڏنيون ويون آهن .

مختلف باابن ۾ پاڳن ٻي روشني وڌڻ بعد ڏڪڻ اهڙ ڪالهيون مقالي
۾ مناسب جاءِ ونڊي نه سگهيون ، ان هوندي به ڪين نظر انداز نه ڪيو ويو آهي ۽ ڪين
ضمين جي صورت ۾ مقالي جي آخري ۾ ڏنو ويو آهي ، جن جو تعداد چار ٿئي ٿو .

پهرين ضميمي جو واسطو فلمي اندر لئبرريرين سان ، ٻئي جو لائبريري
تعليمي ادارن سان ۽ ٽئين جو علاقي پريسنگ پريس سان آهي . جوٽين ضميمي ۾
انهن اشاعتي ادارن جو وڏو ڏنو ويو آهي جن ڏي مقالي ۾ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي
اڄ جڏهن ته منزل منهنجي ڏاڍي ڏاڍي ڏاڍي پري آهي ، اهو ضروري ٿو ڄاڻان ته سفر
جي ستن ، وقت جي ٻي رخي ۽ حالتن جي ڏاڍائپ ٻوڏي قدر ڏکوڻيان . دشوارين
۽ تڪليفن جي ڏکوڻندي آڏون پنهنجي ڪي ڏسڻ ٻي لوڻ ٻوڏي رهيو آهيان ، مگر
مون ڪان پوءِ ايندڙ ڪٽ قافلا ۽ نوان نسل انهيءَ مان ڪجهه ٻرائي سگهن
ٿا .

Gul Hayat Institute

سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب ۽ ڪوجنا ڏاڍ ، ساڀ وري سنڌ ۽ ، ڏڪڻ به آسمان
مان تارا لاهي اڇ ڪان گهٽ ٻي سگهي . اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته
سنڌ جي ماضيءَ ٻي صدين ڪان وٺي پڙدي وڃڻ جي خوشي ڏڪي ويئي آهي .
جنهن جو سلسلو اڄ به جاري آهي . خاص ڪري سنڌ ۽ غيرن جي راڄن ، طوفانن
زلزلن ۽ ٻوڏن ، سنڌ جي تهذيب ڪي گهڻو ڪجهارت بنائي ڇڏيو آهي . اسان جي
عالمن ، اديبن ، ۽ محققن انهيءَ ڪجهارت ڪي سلڻ ڪان پاڻ وڌيڪ ٻڌي منجهايو آهي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ان جي جيئن جيئن وقت گذرندو پيو وڃي تيئن تيئن ماضي ڄاڻ به وڌيڪ اونداهين پڙدي ۾ لڪندو پيو وڃي .

منهنجي مقالي جو واسطو " ماضي ڏور " سان رهيو ، پنهنجي علمي ڏينهن ۾ مون " انگريزن جي راج " تائين محدود هو . هن ماضي قريب واري دور ۾ محنت هندي ، جي هندا ڏيڻا پيا اهم تن جو تفصيل سان ڏيڻ ۾ ذهر جي نه ٿو سگهجي ، ان هوندي به مختصر ذهر ڪرڻ هڏهن به دلچسپي کان خالي نه ٿيندو .

آڻون پاڪستاني دور جي پيداوار آهيان ، جو منهنجي مقالي جو واسطو انگريزن جي راج واري دور سان هو . انگريزي راج جو خاتمي سان گڏ هن ننڍي کنڊ ۾ عظيم انقلاب رونما ٿيو ، جو برصغير جو نقشو ئي بدلجي ويو ! سنڌي ٻولي ۽ علم ادب به هن نئين تبديلي جو حد کان وڌيڪ اثر قبول ڪيو . هڪ طرف ڏيٺرائي غير مسلم سنڌي عالم ، اديب ، شاعر ، محقق ۽ دانشور سنڌ ڇڏي هليا ويا ، ته ٻئي طرف انهي جاءِ تي اچي اهڙن اچي پيرو جن لاءِ هتي جو ماحول نئون هو ، هي علمي ۽ ادبي خلا اڃا پڻي پوري پورائي ڪو نه ٿيو ته ڏيٺرا جهونا سنڌي مسلمان عالم ، اديب ، شاعر ۽ دانشور هي جهان ڇڏي ويا .

انهي خلا کي پر ڪرڻ لاءِ جڏهن نئون نسل اڳتي وڌي آيو ، ته اچي ڏٺو خانن جا در ڪڙها يا ئين ٿي ڪيس تراس ۽ مايوس ٿيندو پيو . ڏوري ئي عرصي اندر اهي عظيم لائبريرين سنڌي ڪتابن کان خالي ٿي ويون ، جن انهن جي الماڑين ۾ هڏهن سنڌي ڪتاب رکيا ئي هوندا هئا . لائبريرين ۾ رهيل کان گڏ ڪيل ذخيرو ڪن حصن ۾ تقسيم ٿي ويو . هڪ حصو پڙهڻ پڙهائي وارن جي حوالي ٿي ويو ٿه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پيو نجي ۽ ذاتي ڪتب خانن جي زينت بڻجي ويو • مون کي اهڙين دشوارين ڏسڻيون ، پيون ، ليڪن همٿ نه هاريم •

ڪتاب بيني ڏندي هڪ وڏيڪ الجهن جو شڪار ٿيڻو پيو • اهو هيراڪين عالمن ۽ ادبين جي کوجنا جو هيار • انهي ڪري جو هڪ به وڏائڻ نه ٿيندو ته هن وقت تائين سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي مستند تاريخ اڃا لکي ڪا نه وئي آهي • اسان جي عالمن ۽ محققن شايد محنت ۽ جدوجهد کان وڌيڪ سهل پسندي کان ڪم ورتو آهي ، اهوئي سبب آهي جو ادبي تاريخون اٺهورين ۽ اڌورين نظر اچن ٿيون • عالمن ۽ محققن کي آساني سان جو ڪجهه هڙ ٻڌئه پيو سو ڪٽي اسان اڳيان رکيائون • نتيجي ۾ سندن شاهڪار ذاتي رنگ ۽ رتل ، غير هياري ۽ اڻ پورا ٿي پيا • اسان جي ادبي تاريخن تي مذهبي رنگ چڙهيل آهي ، هندو عالمن مسلمانن کي نظر انداز ڪيو آهي ، ته هن طرف ويي مسلمان عالمن غير مسلم ذات ڏيئن کي فراموش ڪري ڇڏيو آهي • انهي ڪري ڪيترا عالم ، اديب ۽ دانشور گمنامي جي غار ۾ غرق ٿي ويا آهن • انهي ڪانسواءِ مخالفي هيڪ آيل دور ۾ جو هڪ به ڪتاب هٿ نه لکيو ويو آهي • حالانڪ ايڏڙ پيڏڙ ڪوششون ضرور ڪيون ويون آهن • جن ۾ به ڪافي تضاد نظر اچن ٿا • اهڙا مثال ڏيڻ ڏڻ به سهل نه ٿيندا :

(الف) تحقيق جو فقدان :

اسان جي ليکڪن ، عالمن ۽ ادبين تحقيق ڪرڻ کان وڌيڪ خوش فهميءَ ۽ پاڻ خاطري ۾ ئي پٺي پاڙيو آهي • ان جو نتيجو هي نڪتو آهي جو سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي ميدان ۾ عظمت ۽ قدامت جا اعزاز لائق ماڻهن جي بدران اهڙن انسانن کي ملي رهيا آهن ، جي هوند ڏڻ به انهي منزل ۾ رسڻ جي هام به هٿي نه ٿا سگهن • اهڙو مثال حاجي ضلعي جي ادبي تاريخ ۾ به ملي ٿو • جناب حبيب الله نحوي ، مرحوم سليمان سرالي (۱۸۲۲ - ۱۹۲۲ ع) کي حاجي ضلعي جي آڳاٽن شاعرن ۾ ڳڻي ٿو • (۱) حالانڪ پيرامام بيگهي ۽ ڏرمداس انهي کان آڳاٽا شاعر آهن •

---

(۱) ڏسو ماهوار "نئين زندگي" حيدرآباد آگسٽ سيپٽمبر ۱۹۵۵ ع •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(ب) غلط معلومات :-

عالمن جا ادیبن ۽ رکو ٻڌڻ کي اولهت ڏني آهي پر ڪٿي ڪٿي اهڙين تاريخي غلطين ۾ ڪري ويا آهن ، جن کي هڏ هن ۾ نظرانداز ڪري نه ٿو سگهجي • مثال طور پروفيسر محبوب علي جڻ پنهنجي ڪتاب " حليات امين " ۾ لکي ٿو ته مولوي محمد عثمان نورنگ زادو ۱۸۵۰ع ۾ سنڌ مدرسي جو استاد ٿيو .(۱) هن طرف حقيقت اها آهي ته خود سنڌ مدرسو ۱۸۸۵ع ۾ قائم ٿيو • ڏي سنڌ ڊائريڪٽري جو مرتب لکي ٿو "سنائن ڏوڪسيا پرچارڪ پٽرڪ هفتيوار پرچو هو (۲) حالانڪ هي ماهوار رسالو هو •

(ب) حقيقتن جي ٽيڙ گهير :

اسان جي ليکڪن پنهنجي هڪ ٻي اهم ڪمزوري جو شڪار ٿيو آهي • اهو هي آهي ته جنهن کي جيڏن وڏيو آهي ، تنهن حقيقتن کي پنهنجي مرضي مطابق ٽوڙي موڙي پيش ڪيو • ڪنهن ٻڌايو ته ڪان سواءِ مثال هن هيڏ ڪجن ٿا •

پهرين صورت : سنڌ ۾ دارالاشاعتي جو ڪٿي ٿو انڪشاف

ڪنهن ڪري سڀ ڪجهه ٿيو آهي هي عيش ساماني آ اڄ
اي "وفائي" واهه ٿو لکيو عجب قومي غزل
هر سخن ڪنهنجو بلاشڪ لعل زماني آهي اڄ (۳)

ٻي صورت : سنڌ ۾ دارالاشاعتي جو ڪٿي ٿو انتخاب

ڪنهن ڪري سڀ ڪجهه ٿيو آهي هي عيش ساماني آهي اڄ
اي "وفائي" واهه ٿو لکيو عجب قومي غزل
هر سخن ڪنهنجو بلاشڪ لعل زماني آهي اڄ (۴)

---

(1) George Beese,: "The Sind Directory", Bombay Gazette Press, Bombay, 1862, P. 261

(۲) محبوب علي جڻ : "حليات امين" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۶ع، ص ۲۵۶،

(۳) الله بخش عقيلي "مرحوم مولانا دين محمد وفائي جي ياد" (مقالو) نئين زندگي، ڪراچي، مئي ۵۲ع، ص ۲۱

(۴) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي : " تذڪرہ شعراء سکر" اسلاميہ ڪالج سکر، ۶۵ع، ص ۲۱۲

LIBRARY, INSTITUTE OF SINDOLOGY, UNIVERSITY OF SIND, MIDERABAD (SIND)
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

موقعي ۽ محل جو فائدو وٺي سگهان ٿو. سان ڀيٽ ڪيا وڃن ٿا آهن .

تاريخي ۽ معلوماتي ڪتابن جو هي حشر ڏسي، مون کي بنيادي طور تي ٻه ڪم ابتدا ڪرڻي پيئي ، ۽ مطالعي هيٺ آيل دور جي پوري علمي ۽ ادبي تاريخ کي پنهنجي تحقيقي نقطه نگاهه سان نظر مان ڪڍڻو پيو . ڀيتن ڪتب خانن کي نئين سري سان ڏسڻو پيو ، جامع ببليوگرافي تيار ڪرڻي پيئي ۽ مختلف ڪتابن مان نوٽس ورتا ويا .

مقالي کي وڌيڪ جامع بنائڻ لاءِ هڪ ٻي راهه به اختيار ڪيم ، جنهن ناڻگن جي ٻرن ۽ هٽن وڇوڙ جهڙي حالت ڪئي! دنيا جي مختلف هنڌن ۽ ڀيترائي سنڌي رهن ٿا ، جن جو يا سندو سنڌن منهنجي مقالي سان واسطو هو ، يا وري اهي انهي ڏس ۾ ڀرپور مدد ڪري ٿي سگهيا . چند دوستن کان پتا پار وٺي انهن سان به رابطو قائم ڪيم . ڪنهي خبر هئي ته هو ڪنڊ هيٺ ڪري هلڻ جي باوجود به لوٽي ۽ لڙهه لکي ويندي آهي . پارٽ ، سينگاپور ۽ سٽزرلينڊ کان خط ٿي آيا ، پر آخرين سي - آءِ - بي وارن جي نرڙ ۾ اچي ويس ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون پنهنجي اکين سان ڏاڍا ڪاتيين بدران جيئرن جاڳندن انسانن کي به پنهنجي عملن جي ڇوڪسي ڪندي ڏٺم . ڪجهه وقت ته اهي پاڇي جيان پيڇو ڪندا رهيا : آخر هلي پڇو ٿيم ته هنن کي انهي دڳ تي لائڻ وارا به پنهنجا ئي هٿا .

هنن حالتن ۾ منهنجي ڪوجنا وارو ڪم ڏڻن جي واپار جهڙو ٿي ٻيو مون پنهن جي غير ضروري اٽڪ ويهڻ کي بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڀيترين ئي مهربانن ۽ قدردانن سان محفرانهي ڏيڻ ڳهٽائي ڇڏيو ۽ ستان سنڌن هٽ لائيندي هٽ ڪارا ٿي پون ۽ پير لائيندي پير ڪارا ٿي پون . اهڙين حالتن ۾ مون علم جي وهندڙ زندين جي ڏاري ٿي هوندي به پاڻي ڏيڻ لاءِ واجهائيندو رهيس .

اڄ هي حالتون وڇي ڇڏي موڙ تي پهتيون آهن ؟ انهي جوڳا ٿيو ؟ ۽ جو نه ٿيو ؟ سوچائيندڙ ڏرب ٿو ڄائي ، مون کي وڌيڪ ڪا به هل ڪانهي . اها الله کي خبر ته هنن همراهن ڇپ ڇو ڏني آهي . مون کي سڀ گناهه جائي فائيل ڏسڻا هيا اٽن يا وقت جي حالتن جي تقاضا آهي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

وقت جي حالتن جو ذکر هليو آهي ته آئون به انهي موقعي جو ناڌو وٺي هڪ وڏيڪ دشواري جو ذکر ڪندو هلان. ۱۹۷۷ع وارو سال ملڪ ۾ هڪ سياسي طوفان ٿي آيو. پاڪستان جي واحد فرد کان وٺي ويندي سموري رهواسي هن وقت جي ويڙهه ۾ لڙهي ويا. سازشون، مقابلا ٿيا، گوليون هليون، رت اڇوءِ بڪ هڙتالون، ٽيون هڪ ٽالين ٽيون. ملڪ جي ترقي کي پنجواڻي ويو. ماڻهو ذهني طور تي مفلوج ٿي ويا.

عجيب اتفاق آهي ته مصيبت ڏڪڻ ۾ اڪيلي ڪا نه ايندي آهي. مون سان به ائين ئي ٿيو. ڪراچي جهڙو شهر، ملڪ جو ماحول، هل هنگاما ۽ ڪرفيو ذهن ۾ هلوڻي جي ڏڪڻ جهڙو اثر ڏيڪاريا. وقت تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌندو رهيو ۽ پنهنجي حالتن ۾ ڪو به ٽيرو نه آيو. ملڪ جو ملڪ جي اقتدار جي ڪرسي ٽين دفعو فوجي اڪيلائن اچي ويا.

هي مقالو انهي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي. آئون انهي حقيقت جو اقرار ڪرڻ ۾ هي مقالو ڪراچي ضلعي جي ضلعي ۽ ادبي تاريخ لکڻ جي آخر جي حيثيت نه ڏيارڻ ڪي، مگر ان کي نيٽ نيٽي، خلوص ۽ محنت جو ڏيل ضرور چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن انهي ۾ ڪهائي ڪٿي هڪ ڏوڪڻ جي آهي، پر ان هوندي به ماڻڪ، موتي ۽ لعل به ڳولهي ضرور لهي پوندا.

هڪ هيڏي ساري ڪاوڙ مون اڪيلي جي وسڃي ڪاڍي نه هئي. هن ڏکڻ سفر ۾ ڏيڏرن ٽي قريدارن سڀني سڀ ڏڻو ۽ مدد ڪئي. انهن مان ساڻ ڏئي سرواڻن جو ذکر آئون مٿي ڪري چڪو آهيان باقي سڀن مهربانن ۽ قدردانن ۾ ڪاڪٽر علي اڪبر ڏڪ، پروفيسر ايازقادري، سيد ممتاز بخاري، پروفيسر نواز علي بلوچ، پروفيسر مظهرالدين علي خان محمد پنهور، منير چانديو رضوان عراقي، سائين ممتاز آگاڻي، مرزا محمد بيگ ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي گل شير بلوچ جا نالا قابل ذکر آهن. آئون مڙني دوستن ۽ مهربانن جو شڪرائتو آهيان.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 24

پاڻو پهريون

ڪراچي ضلعي جي جاگرافي ۽ تاريخ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب پهريون

ڪراچي ضلعي جي جاگرافي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب پهريون

• ڪراچي ضلعي جي جاگرافي •

نالو :-

ڪراچي ضلعو، سنڌ جي ڪيڏي ۾ بندرواري شهر ڪراچيءَ جي نالي پويان سڏيو وڃي ٿو • ضلع جي صدر مقام ۽ ڪيڏي شهر ڪراچي جو نالو مختلف وقتن ۽ مختلف نمونن ۽ پئي اچاريو ويو آهي، جيئن :

(الف) اردو ٻوليءَ ۾ :- هن وقت اردو ٻوليءَ ۾ "ڪراچي" لفظ لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو • ليڪن هن کان اڳ اردو زبان ۾ لکيل "مآثر الڪرام" ۽ "ڪراچي" کي "ڪرانچي" ڪري لکيو ويو آهي (۱)

(ب) انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ :- انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ ڪراچيءَ کي مختلف نمونن ۽ لکيو پئي ويو آهي، جيئن ته :

1. "Karachi"
2. "Kurrachi"
3. "karochi"
4. "Kárachi"
5. "currachi"
6. "Karachi"

---

(۱) غلام رسول مهر "تاريخ سنڌ ۽ ڪلهوڙا دور" (حصو ڇهون) سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۶۲ع ص نمبر ۹۶ (حاشيه) •

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 27

(ب) سنڌي ٻوليءَ ۾ :- سنڌي ٻوليءَ ۾ هن لفظ موجوده صورتخطيءَ " ڪراچي " کان اڳ " ڪلاچي " ڪري لکيو ۽ پڙهيو ويندو هو . شاهه ڪريم (وفات ١٦٢٣ع) پنهنجي ڪلام ۾ سرگهاتو جي آکاڻيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو :

" ڪلاچي " ڪنا ، موٽي ڪونه آئيو
ڪنين رڄ وڃائيا ، ڪنين توبهه تاءُ (١)

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ " ڪلاچي " استعمال ٿيل آهي :

سڏ نه سڄي ساٿين ، ڪن ڪلاچي پار
ڪنهن ٻي ٽڙ نهار ، گهاتن سندا مڙا (٢)

هي لفظ ست ئي ٻوڙ بکڙجي " ڪراچي " ٿيو ۽ اڄ تائين ائين استعمال ٿئي ٿو .

اصليت :- ڪراچي ضلعي جي صدر مقام ۽ ڪيڏ شهر ۽ ڪراچي نالو ڪٿين پيو ؟ ڪنهن لاءِ ڪن عالمن جي راءِ ۾ ڪافي اختلاف نظر اچي ٿو . اهڙن سمورن اختلافن ۽ نظرين ۽ راءِ جو ذڪر ڪرڻ ڏاڍو دلچسپ ۽ ڪارائتو ٿيندو .

---

١. لطف الله بدوي : "تذڪرهٔ لطيفي" (حصو اول) آر ايڇ اڇ اڇ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1963ع، ص 194
٢. ڊاڪٽر شاهه جو رسالو، گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊپو، ڪراچي، 1923، چاپو ڏهون، ص 543

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 28

(الف) هنوي بنياد ٿي ٻڌل راءِ :- ڊاڪٽر عبدالحميد خان جي راءِ آهي ته :
" ترڪي زبان ۾ لفظ " ڪراچي " جي معني " پٿر " آهي . ترڪي امير البحر ،
سيد علي رئيس سنڌ جي ساحلن تي الڪزاندو رهيو هو . جيڪڏهن ته لفظ ڪراچي ترڪي
جي علاوه ڪنهن ٻي زبان ۾ مستعمل نه آهي ، ان لاءِ ٿي سگهي ٿو ته سيد علي رئيس
ڪراچي جي ڪرد نواح ۾ خشڪ پهاڙن کي ڏسڻ هن جو نالو ڪراچي رکيو هجي" . (١)

لفظن جي صوتي يڪسانيت ڊاڪٽر عبدالحميد خان جي غلطي جو باعث
ٿي آهي . هوڻ ڪڏهن ته اصل ترڪي ٻولي ۽ سنڌي زبان جي لفظ " ڪراچي " ۽ زمين
آسمان جو فرق آهي . ازڪراءِ لفظ " ڪراچي " جنهن کي صاحب موصوف بنياد بڻايو
آهي ، سو به هن کان اڳ ٻئي ڏنل شاهدن جي روشنيءَ ۾ وقت ۽ حالتن کان متاثر ٿيندو
آيو . انهيءَ موجوده دور ۾ صورت ۾ لفظ کي رسيو آهي . ان کان سواءِ هن دليل
۽ ڪاب جان ڪائم آهي ته سنڌ واسي اڄڪلهه جي رڪيل نالي کي استعمال ڪن ، جيڪو
اڪثر ڪري سنڌ جي ساحلن تي ايندو هو "

(ب) صوبيدار ميجر ... راءِ ... جي راءِ آهي ته " هون
کي هڪ مقامي نوڪر ڪان معلوم ٿيو آهي ته هن موجوده ضلعي ، جنهن ۾ ڪراچي واقع
آهي تنهن کي ڪڪرالو چيو ويندو هو . منهنجي خيال ۾ اهو لفظ اڪثر هلي خورعلي /
ڪورعلي / ڪورعلي ٿيو ، اهو " ڪڪرالو " لفظ " ڪروڪالا " جي بگڙيل صورت
آهي " (٢)

---

(١) لطف الله بدوي : " تذڪره لطيفي " (حصه اول) آرايچ احمد اينڊ برادرز حيدرآباد
١٩٦٣ع ، ص نمبر ١٩٤ .
(٢) ڏسو شاهه جو رسالو : " گورنمنٽ سينٽرل بوڪ ڊپو ڪراچي ، ١٩٢٣ع چاپو ٿيو ص ٥٤٣
(٣) ڊاڪٽر عبدالحميد خان : " ڪراچي " مشهور آفسيٽ لٽو پريس ڪراچي ص نمبر ٣

(2) Henry Pottinger : "Travels in Baloochistan & Sinde",

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 29

"ڪروڪالا" انهيءَ جاءِ کي سڏيو ويندو آهي، جتي سڪندر اعظم جي فوجي اڳواڻ نيرونس (۳۲۵ ق.م) پنهنجي لاءِ ترسيو هو، پاڻيءَ جو اٿلو آهي ته انهيءَ جاءِ ڏانهن آهي.

حقيقت ۾ "ڪڪراليءَ" "ڪراچي" ۾ ٻه ڏينهن رات جو فرق ٿيندو آهي ڪڪرالو، سنڌ جي انهيءَ ساحل جو علائقو جو نالو آهي، جو ڪراچي جي ڏاڪڻ ۾ واقع هو، جنهن تي شروع ۾ جام جوڻ ۽ پوءِ غلام شاهه ڪلهوڙي جو راڄ هليو (۱)

(ب) روايتي بنياد تي ٻڌل راءِ:- "ڪراچي" شهر ان جي پسگردائي وارن ڳوٺن جي قديمي باشندن ۾ هڪ ڏند ڪٿا جهڙي ڪهاڻي رائج آهي. ان موجب "ڪلاچي" نالي هڪ عورت هئي، جنهن هن ايراضيءَ تي راڄ ڪندڙ ڪنهن حاڪم جي ظلم ۽ جبر خلاف بغاوت اٿاري هئي، حاڪم کيس عربي سنڌ جي ڪنارن ڏانهن ڀڄائي ڇڏيو، ته جئين هوڏانهن ويڳ ۽ ڪاهي مري وڃي. مائي ڪلاچي کي جڏهن اڃ ۽ ويڳ اچي ستايو، تڏهن هوءَ پاڻيءَ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ پائڻ لڳي. ٿان جو ڪير مٺي پاڻيءَ جو هڪ چشمو نظر اچي ويو. پوءِ هوءَ انهيءَ چشمي جي ڪناري تي رهڻ لڳي. ان ريت سندس نالي پٺيان اهو چشمو "ڪلاچي" جو ڪن مشهور ٿيو"(۲)

هن ڏند ڪٿا ۾ جيڪڏهن ڪو مقصدي پهلو نظر اچي ٿو ته اهو هي آهي ته ڪٿاڪار سهڻي نموني سان سنڌي عورت جي ڪردار نگاريءَ ڪئي آهي. باقي هوءَ ڏند ڪٿا جي ڪيترن ئي پهلوئن سان اختلاف ڪري سگهجن ٿا.

---

(۱)

(۱) مخدوم امير احمد ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ؛ "تحفتہ الڪرام" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(۲) وحيد احمد صديقي "ڪراچي لفظ ضلعي سائيٽ جي حقيقتون" مقالو نئين زندگي فيبروري ۱۹۶۹ع ص نمبر ۱۶.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 30

عجيب اتفاق آهي جو ڏند ڪٿا پڻ "ڪلاچي" جو نالو ٿو اڄ تائين ورتو وڃي ٿو، باقي ظالم ۽ جابر حاڪم جي نالي جو پٽو پاڻي ڪونہ/ملهي، جيڪڏهن/قلندڙ ٿي پنهنجي تاريخ ۽ ادب جي واڌ ۽ قصن جيان هن واقعي کي به امر بڻائي ڇڏين ها ۽ ڪلاچي جو ڪردار اڄ تائين اسان لاءِ آدرش ڪان گهٽ نہ هجي ها.

(ب) نائومل جي راءِ:-

مٿي ذڪر ڪيل ڏند ڪٿا جي بگڙيل صورت جهڙو احوال سيٺ نائومل هوتچند جي يادگيرين مان به ملي ٿو. هو پنهن جي وڏن جو ذڪر ڪندي چئي ٿو ته "سيٺ پوجومل اتان جي پين هٽن ماڻهن جي صلاح سان رهڻ لاءِ ڪاڇي نزديڪ جاءِ کولهڻ لڳو. جتي ڪين واپار جي سهوليت ٿئي، کولهيندي کولهيندي. هنن جي نظر اچي ڪراچي جي ڪاري ٽڪريءَ جي بند جي منهن وٽ. وهه پنجويهه ميربحرن جون جهوپڙيون هونديون هيون. انهيءَ ڪري ان وقت "درياهو" چوندا هئا. درياهي جي ويجهو هڪ پاڻيءَ جو چشمو هو جنهن کي ڪلاچي جو ڪن سڏيندا هئا. هن جي هنيا آهي. هڪ اونهي پاڻيءَ واري کڏ کي ڪلاچي هڪ ميربحر جو نالو پڻ هو. کڏ جي چوڌاري ٽمرجا وڻ هئا. آخر جاءِ پسند ڪري، اتي گهر ٺهرايا ويا ۽ ڪڇ بندر مان سڀ مترڪ سامان منتقل ڪيو ويو. پوءِ سڀ ڪلاچيءَ جي ڪوٽ ۾ اچي ويناسين. (١)

هنن بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو ته:-

(الف) ڪلاچي هڪ ميربحر جو نالو هو.

(ب) جيئن ته سيٺ نائومل جو ڏاڏو سيٺ پوجومل ١٧٢٩ع ۾ اچي ڪراچي ۾ ويٺو

(١) Seth Naomal: "Memoirs of Seth Naomal", William Pollard & Co. Ltd, London, 1915, P. 37

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

• ان جهڙي ڪراچي ٽنهن کان ڪهڙو اڳ آباد ٿئي •

(پ) ڪراچي ٽي نالو " ڪلاچي " سڀ کان جي پهڻيان پيو •

(پ) ڪراچيءَ جو اصلي نالو " ڪلاچي " جو ڪوٽ هيو •

(ٽ) آخر ۾ ٽي ٻڌل راءِ :-

بلوچن جي براهوئي قوم ۾ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي : سراواني ۽ جهلاواني • جهلاوان ۾ رهندڙ براهوئين ۾ " محمد سني " بلوچ رهن ٿا (١) جيڪي اصل ۾ فارس جا ويهل هٿا ۽ حضرت امام حسين رضه جي مريدي سبب محمد حسيني سڏيا ويندا هٿا • غلط العام موجب " محمد حسيني " اڄ محمد جسني يا " محمد سني " ٿيو آهي (٢) محمد حسني جون ڪل ٻارهن ڀريون آهن جنهن ۾ ڪوراچي يا ڪلاچي به اچي وڃن ٿا (٣) سنهنجي خيال ۾ ڪراچي ٽي نالو انهيءَ " ڪلاچي " يا ڪوراچي مان ڦري پيو آهي • ان لاءِ هي دليل ڏئي سگهجن ٿا •

پهريون دليل :- محمد حسيني ، شيراز جي حاڪم جي ڏاڍ ۽ ڏمرکان بچڻ خاطر لڏي اچي پهريون سنهڙ ۾ رهيا (٤) هن حقيقت کي راشنيءَ جيڏهن اڳ ۾ ذڪر ڪيل " روايتي بنيادن ٽي ٻڌل راءِ " جي روايت کي پرکيو ويندو ته اٿين ٿو معلوم ٿئي ته جڏ اها روايت هن حقيقت جي بگڙيل صورت آهي •

---

(١) مولائي شيدائي : " بلوچستان جي مختصر تاريخ " ريلوي پريس سکر ١٩٤١ع ص ٤١
(٢) راءِ بهادر هتورام : "تاريخ بلوچستان " بلوچي اڪيڊمي ڪوئٽه ١٩٨٣ع ص ٤٤٢
(٣) ايضاً ص نمبر ٤٤٣
(٤) " " ص نمبر ٤٤٢
(٥) مولائي شيدائي ، " تاريخ بلوچستان جي مختصر تاريخ " ريلوي پرنٽنگ پريس سکر ، سال ١٩٤١ع ، ص نمبر ٢٥ •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 32

ٻيو دليل :-

شاهه ڪريم تورڙي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ " ڪلاچي " لفظ استعمال ڪيو آهي ۽ ساڳئيءَ نالي سان " ڪلاچي " ، جنهن جوئي ذڪر ڪيو آهي .

ٽيون دليل :-

ڪلاچي بلوچن جي ڪلاچ پٺيان مڪران ۾ " ڪلاچ " نالي شهر ۾ موجود آهي جو مڪران جي ڪناري تي واقع آهي (۱) جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪلاچي بلوچن جي ذات جي پٺيان ٻيو ڪوٽ به ٿي سگهي ٿو . (جو پڻ سنڌ جي ڪناري تي واقع آهي)

چوٿون دليل :-

نائو مل جي روايت موجب ڪراچي جو اصلي نالو " ڪلاچيءَ جو ڪوٽ " هو سنڌ ۾ به ذات پٺيان ڪيترائي ڪوٽ سڏجن ٿا ، جيئن " سيد جو ڪوٽ " (جنهن ۾ ذات واحد جي صيغي ۾ استعمال ٿيل آهي) .

محل وقوع :-

ڪراچي ضلعو (مطالعي هيٺ آيل جاگرافيائي نوعيت جي اعتبار کان) انڊس ڊيلٽا جي اولهين ڇيڙي جي آخر ۾ واقع آهي . هي ضلعو اوپر ۾ ٦٧ ڊيگهائي ڦاڪ ، ۾ اُتر ۾ ٢٥ ويڪرائي ڦاڪ جي ۾ ۾ پکڙيل آهي . (٢)

حدون :-

ڪراچي ضلعي جي اتر - اوپر ۾ ڏکڻ اوپر ۾ ٺٽو ضلعو واقع آهي . سندس ڏکڻ ۾ ڏکڻ - اولهه طرف عربي سمنڊ آهي ۽ ضلعو لس ٻيلو هن جي اوتر اولهه آهي (٣)

(۱) مولائي شيدائي : "تاريخ بلوچستان" ريلوي پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ۱۹۴۱ء، ص ۲۵

(2) A. Rashid, "Place Names of Sind, Past and Present" Govt. of W. Pakistan, Karachi, 1961, P. 1.

(3) Ibid,

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 33

ايـــــراضـــــي :-

ڪراچي ضلعي جي سموري ايراضي ۱ ، ۳۵۷ چورس ميل آهي • ايراضيءَ جي لحاظ ڪان هي ضلعو پاڪستان ۾ ۴۴ نمبر تي آهي • (۱)

طبعي خـــصوصيتـــون :-

ضلعي جو ڪچ جهـــو ننڍين ، ٽراڪڙين چوٽين وارين ٽڪرين سڄي قطار سان ڪٿيوڙهيو آهي • جنهن جيئن سمنڊ طرف وڃبو تئين تئين زمين جي سطح گهٽبي وڃي ٿي ، جنهن ڪري ڪلوم ٿئي ٿو ته وقت گذرڻ سان گڏ سمنڊ لهندو پيو وڃي • ڪيماڻي ، بابٽ آئزليٽ ، ڪلفٽن ، ۽ گذري سمنڊ جي هٽي وڃڻ ڪري باقي زمين سان ملي سگهيا آهن جب ، لياري ، ۽ ملير هن ضلعي جون مکيه ندين آهن •(۲)

آب هـــوا :-

ڪراچي ضلعي جي آب هوا ، باقي سنڌ ڪان بهترين آهي ، بنبئي جي ڪناروجيان ڏوهيڙي وغيره ڪين ٿئي ، هميشه سمنڊ جي طرفان ٿڌيون هوائون پيون ضلع کي ٺارين • (۳)

---

(1) A. Rashid: "Distt Census Report Karachi", Govt of W. Pakistan, Karachi, 1961, P.1.

(۲) ايضـــا نمبر ۱

3, Smyth, J.W.: "Gazetteer of Province of Sind," (Karachi Distt), Bombay, 1919, P, 5

(۳) ايضـــا نمبر ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 34

آب هوا ۽ هراچي ضلعي جي متاثر ڪندڙ جاگرافيائي خصوصيتن مان هڪ آهي هتي وڏندڙ صحت مند هوائون صحت جي سون لاءِ سڀاڻي جهڙيون لڳندڙ هوائون ۽ نه صرف ماڻهن جي من ۾ من آڻي ڇڏين ٿيون ، بلڪ ماڻهو انهن مان پيا ڪارج به پورا ڪن ٿا • ماڻهو موڪي ڏوڪيون هتي اٿي پيڙهه ۾ پاڻي ڏيڻ جي جنجال کان چٽي پون ٿا • (١)

اونهاري ۾ جتي اندرون سنڌ ۾ ڪاڪ جي اڪ پٽي نظري ، ان جي برخلاف هن ضلعي ۾ نه ته ڪنهن کي ڏينهن لڳي ٿو نه ويءِ جي جهولا ئي لڳن • سياري ۾ به ماڻهن جون جيارون ڪوڻ ڪڙهن ۾ نه ويءِ ڪا برف ئي پوي • (٢)

مئي ، جون هن ضلعي ۾ ڪرمڪ مهينا ٿين ٿا ، جن مهينن ۾ ٽمپريچر اڌ ـ ١٥ سي پهچي ويندو آهي • جنوري ، سڀ ۾ سال ۾ صحت بخش مهينو ٿئي ٿو ، آگسٽ ۾ احشر جي ڏنڊ ۾ ڪوهيڙو ٿئي ٿو • ڊسمبر ويءِ خشڪ ٿئي ٿو • (٣)

Gul Hayat Institute

---

1) Pittawalla, Maneck B: "An Introduction to Karachi," The Times Press, Karachi, 1950, P. 20

2) Ansari: "Ansari's Guide to Pakistan's Capital," Karachi, 1949, P. 38.

3) A. Rashid: "Distt: Census Report Karachi," Govt. of West Pakistan, Karachi, 1961, P. 1-3

LIBRARY INSTITUTE OF SINDOLOGY, UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SIND)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ضلعي جا جاگرافيائي حدود :-

ڪراچي ضلعو انگريز سرڪار انتظامي نقطه نگاه سبب تشڪيل ڏنو، نه ته هن کان اڳ ڪراچي ۽ انجي پسگردائي مختلف وقتن تي سنڌ جي حڪمران لاڳاپيل رهي ۽ تنهن وقت انتظامي نقطه نگاه کان نه ته ڪراچي ضلعي جو وجود هئو، نه وري هو اهڙي نوعيت جو سندس جاگرافيائي حدين ڏيکاريو هجو .

۱۸۴۳ع ۾ سنڌ انگريزن جي قبضي ۾ آئي ، ۽ ۱۹۴۷ع تائين سندن حڪومت هيڏهي . هن عرصي دوران سنڌ کي وقت بہ وقت مختلف جاگرافيائي ايڪن ۾ تقسيم ڪيو ويو ، ڪراچي ۽ ان جي پسگردائي بہ مختلف حيثيتن ۾ انتظامي ايڪن ۾ تبديل ٿيندي رهي . اهڙين تبديلين جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو .

پهرين تبديلي (۱۸۴۳ع کان ۱۸۶۱ع تائين) :-

سر چارلس نيپئر سنڌ صوبي کي ٽن ڪليڪٽرن ۾ تقسيم ڪيو : ڪراچي حيدرآباد ، شڪارپور . هن عرصي دوران ڪراچي ڪليڪٽريءَ جون حدون ، سواءِ اُتر جي هر طرف قدرتي طرح ٺهيل هيون ، ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ، اوپر ۾ سنڌو نديءَ ۽ اولهه ۾ حب نديءَ هڪ پهاڙي ملائتو ، اترين حد سيوهن کان اتر طرف اٽڪل چاليهن ميلن تي شڪارپور ڪليڪٽريءَ جي ميڙ ۾ باغبان پرڪشن ۾ ڪراچي ڪليڪٽريءَ جي دادو ۽ ڪاڇا پرڪشن جي ڀ ۾ هڪ خيالي ليڪ جي صورت ٺاهه هئي . انهن حدن اندر سموري ڪراچي ڪليڪٽريءَ جي ايراضي جي پيڪيڙ ڏيکاريندڙ اٽڪل ۲۴۰ ميل هئي ۽ ويڪر اٽڪل ۷۰ ميل هئي . هن زماني ۾ ڪراچي ڪليڪٽري هنن ٽن ضلعن ۾ ورهايل هئي :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۱) کھوڑا ٻاڻي (۲) جھرڪ (۳) سيوھڻ (۱)

ٻي تبديلي (۱۸۶۱ع کان ۱۹۰۱ع تائين) :-

۱۸۶۱ع ۾ حيدرآباد ڪليڪٽريءَ جي شاھبندر ۽ ويزن کي ڇڏي ڏار ڪري ڪراچي ڪليڪٽريءَ سان ملايو ويو (۲) انهيءَ اضافي سبب ڪراچي ڪليڪٽري جي جملي پکيڙ سورھن هزار چورس ميل ۽ ٿي ويئي ليڪن سال ۱۸۷۴ع واري سنڌ جي پوليس رپورٽ موجب اها پکيڙ ۱۴۰۹۲ چورس ميل ڄاڻائي ويئي آهي (۳)

ٽين تبديلي (۱۹۰۱ع کان ۱۹۳۶ع تائين) :-

۱۹۰۱ع ۾ دادو، جوھي ۽ [illegible] سيوھڻ جا علقا ڪراچي ڪليڪٽريءَ کان ڏار ڪري لاڑڪاڻي جو نئون ضلعو ٺاھيو ويو (۴)

چوٿين تبديلي (۱۹۳۶ع کان ۱۹۴۸ع تائين) :-

۱۹۳۶ع ۾ خيرپور ۽ ميرپور خاص ڏاھستان جا علقا ڪراچي ڪليڪٽريءَ کان ڏار ڪري دادو جي نئين ضلعي ۾ شامل ڪيا ويا (۵)

Gul Hayat Institute

---

1) Capt: Preedy: "Selection from the Pre-Mutiny Records of the Commissioner in Sind," Karachi, 1981, PP 41, 42

2) A.W. Hughs: "Gazetteer of the Province of Sind," London, 1876, P, 338

3) See, "Report on the police of Sind," (for the year 1874), Police Dept, Bombay, 1876, P, 338.

4) Smyth, J.W: "Gazetteer of the Province of Sind," B, Volume IV, Larkana District, Bombay, 1919, P, 10.

5) Aitkin, A.A: "Gazetteer of the Province of Sind," Mercantile Press, Karachi, 1907, P, 498.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 37

(ث) مطالعي هيٺ آيل دور

۱۹۴۸ع ۾ ڪراچي ضلعي جا سڀ تعلقا ، ڪراچي تعلقي کان سواءِ ڏار ڪري ٺٽو ضلعو جوڙيو ويو • باقي ڪراچي تعلقو پاڪستان جي مرڪزي سرڪار ، ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ جوڙڻ لاءِ پهنجي قبضي ۾ ورتو ۽ ڪراچي تعلقي کي "فيڊرل ايريا" قرار ڏنو ويو جڏهن پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ اسلام آباد ڏانهن منتقل ڪيو ويو ۽ فيڊرل ايريا کي ضلعي جي حيثيت ڏني وئي •

ڪراچي ضلعي جي هن ٽي جاگرافيائي حيثيت کي آڏو رکي تحقيقي مقالو لکيو پيو وڃي • هن ضلعي جي [illegible] (۱) [illegible] •

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

اهميت :-

ڪراچي ضلعو سياسي ، سماجي ، مذهبي ، اقتصادي ، ۽ تعليمي نقطه نگاه سان نه رڳو سنڌ مگر باقي دنيا لاءِ به وڏي اهميت رکي ٿو • هن ضلعي جو مکيه شهر ڪراچي " مشرق جي راڻي " ان جو بندگاه نندي کنڊ پاڪ وهند ۽ افغانستان ، روس ۽ چين جو " ليور پول " ۽ سڄو ضلعو " مشرق جو لنڊن " قرار ڏيئي سگهجن ٿا •

سنڌ جي لاءِ اهميت :-

ڪراچي ضلعو پاڻ سنڌ جي ڏاڪڻ ۽ ٿي آهي • سنڌ سان هن پاسن ٿي ٽڪاءُ ويجهڙائي ۽ هڪ طرف ڪ ۽ ٻي طرف بلوچستان ۽ مڪران جا خشڪ علائقا ، واقع آهن ، ان ڪري جڏهن سامونڊي هوائون لڳن ٿيون ته ڪ ، ٿر ، مڪران ۽ بلوچستان ، جي خشڪ هوائون سان ملي هڪ هڪدل ماحول پيدا ڪري ڇڏين ٿيون • انهيءَ ڪري هتان جي آبهوا پنهنجو مٿاڻي نه ٿي رکي ۽ جيڏهن ائين ڇڏجي ٿي ڪراچي سنڌ جي جنت آهي ته ڪو وڏو نه چوندو •

Gul Hayat Institute

ان کان سوا هن ضلعي جي هڪ پاسي ٿي ايران جو گرم علائقو ۽ ٻيءَ پاسي پارت جو ٺڏو ٿلائقو آهي • انهن گرم ۽ سرد علائقن جو ميلاپ ڪراچي ضلعي جي انسانن ۽ حيوانن جي حياتين کي سڌو سئون متاثر ڪري ٿو •

ان ڪري هن ضلعي جي زمين سون اپائڻ جهڙي ۽ ماڻهو جانتا ۽ جوان ٿين ٿا • اهڙين حالتن کي آڻيان رکي جيڏهن چئجي ته " ڪراچي ضلعو " قدرت طرفان سنڌ واسين لاءِ هڪ انمول سوڪڙي آهي ته ڪوبه وڏاڻ ڪونهي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪراچي ضلعي جي طبعي حالتن جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هن ضلعي ۽ باقي سنڌ جو پاڻ ۾ چولي دامن جهڙو لاڳاپو آهي • ڪراچي ضلعو باقي سنڌ کان سواءِ ۽ باقي سنڌ ڪراچي ضلعي کان سواءِ نه ٿو پنهنجو وجود رکڻ ٿا ۽ نه وري ڪا اهميت رکڻ ٿي سگهي •

ڪراچي ضلعي جي پسمنظر ۾ اٺاهه سنڌ آهي • پر ڪراچي ضلعي وارا هن ميڊي ساري پاڻ ۾ ڳالهائيندڙ مڪمل محل ماڻهن الڳ به پنهنجي پياس پوري ڪرڻ کان قاصر آهن ؟ ۽ هر وقت کين سنڌ ڏانهن جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي نه صرف ايترو پر هربي سنڌ ٿي رهيو پنهنجي ماڪ پر اهڙا ست سنڌ به هن ضلعي جي هڪ ويسي جيتري غير آباد ۽ ويران زمين کي سرسبز ۽ آباد ڪري نه ٿا سگهن • ان ڪري هن ضلعي کي اسان ۽ لئي ۽ ڳالهائيندڙ لاءِ باقي سنڌ ڏي ڏاڙهو ٻوند وانگر آهي • اها باقي سنڌ ئي آهي جنهن سبب ڪراچي ضلعو جو ضنعتي ۽ تنوار ڪان وٽي ويندي زندگيءَ جو هر ڪاروبار هليو رهيو آهي • باقي سنڌ جيڏهن پنهنجو سينو کولي نه ڏيڪي ته ٻوند ڪراچي ضلعي ۾ نه ڪو ڏڻي پيدا ٿئي ۽ نه ئي ڪو ڏاڙهو •

Gul Hayat Institute

ٻيءَ ڳالهه ته وري ڪراچي ضلعي کان سواءِ باقي سنڌ جو تصور ئي ڪري نه ٿو سگهجي • ڪراچي ضلعو نه رڳو سنڌ جي جنت آهي ، بلڪ سنڌ سموري عيشت ۽ لاءِ ڪرنگهي جي هڏيءَ جيتري اهميت رکي ٿو • جيڏهن ڪراچي ضلعو ۽ ان جو بندرگاهه نه هجن ها ته هوند سنڌ سڄي ۽ ٻُسي لڳي ها • ان جي واپار ۽ تجارت کي ڪاپاري ڏڪ لڳي ها سنڌ ڏڪڻ ۾ سرانديپ جي سونهن ڏسي نه سگهن ها ۽ ڏڪڻ ۾ جاوا ڏسي نه سگهن ها • اهو ڪراچي جو بندرگاهه ئي آهي جو سنڌ جي بنسبتي ڪان آزاد ڪرڻ جو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 40

کارڻ سنڌ ۾ آب وپاڻي نظام سڌارڻ جو باعث سنڌ ۾ آمدرفت جي ذريعن وڌائڻ جو سبب بڻيو • مطلب ته سنڌ ڪراچي جي وجود لاءِ ڪراچي سنڌ جي ترقيءَ لاءِ هڪ جيتري اهميت رکن ٿا •

عالمي اهميت :-

ڪراچي ضلعو پنهنجي محل وقوع سبب وڏي جاگرافيائي اهميت رکي ٿو • هي ضلعو دنيا جي ٽن وڏن ڪنڊن - يورپ - آفريڪا - ايشيا - جو مرڪز آهي • ڪراچي ضلعو ئي دنيا جي وڏي ڪان وڏي بين الاقوامي برصغير آمدرفت جو هوائي ۽ خشڪي ۽ پاڻيءَ وارن ذريعن جو مرڪز آهي • هن ئي ضلعي ۾ نندي ڪنڊ پاڪ وهند جو اولاهو بندر واقع آهي ، جتان ڀ ايشيا ۽ باقي دنيا سان تجارتي سمونڊي واپار جي سڪجي ٿو • هي بندر نم رکو سنڌ ، پنجاب ، بلوچستان ، لاءِ مڪرافغانستان ، روس ، چن ، لاءِ به وڏي تجارتي اهميت رکي ٿو •

جنگي نقطه نگاه سان هي ضلعو پوري نندي ڪنڊ ۽ ايشيا لاءِ مرڪز پنهل آهي انڪري اهميت ۽ حيثيت رکي ٿو • بين الاقوامي [illegible] ۽ توازن يا بگاڙ پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ ٿي رهيو آهي ۽ اڄڪلهه به رهندو •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب ٻيو

ڪراچي ضلعي جي تاريخ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب ٻيو

ڪراچي ضلعي جي تاريخ

(الف) تاريخ کان اڳ وارو زمانو :-

سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جيتري آهي اعليٰ ۽ آڪاڻي ، اوترو ئي آهي ماضيءَ جي پڙڏي ۽ ڳولا ۾ ڏکيل • سنڌ جي ماضيءَ جو مطالعو مايوس ڪن نه آهي مگر مشڪل ضرور آهي ، جو تاريخيءَ راه ۾ ڏيٽرون ئي رنڊڪون نظر اچن ٿيون جن مان هي قابل ذڪر آهن •

ڏاڙن جو راڄ :-

سنڌ ٻنهن جي سونهن ۽ سوڀيا ، آبادي ۽ شادماني سبب پئي ڏاڙن قومن جي نظر ۾ رهي آهي • اهوئي سبب آهي جو آڙين کان وٺي انگريزن تائين ۽ ان کان پوءِ غير سنڌي قومن جا قافلا پئي سنڌ ۾ آيا آهن ، سنڌ جي تاريخ ۾ جو ڪجهه حصو ڏاڙن جي راڄ جي تاريخ آهي • جن ٻنهن جي دور ۾ ڪو سنڌ واسين جو رت ۾ ست چوسيون آهي پر سندن تهذيب ۽ تمدن سان به هٿ چراند ڪئي آهي • هر ايندڙ قومن ڪو سنڌ جي ماضيءَ کي تباهه ۽ برباد ڪيو آهي پر ان جي حال ۽ مستقبل کي به متاثر ڪيو آهي • انهيءَ کي تاريخ جي سلسلي ۾ جون ڪڙيون ڳنڍل نظر اچن ٿيون •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 43

سنڌوءَ جي ميراث

سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن ، ٻولي ۽ ناموس سنڌوءَ سان وابسته رهيو آهي سنڌو هن خطي جي جان به آهي ۽ جان جو خطرو به . هن پنهنجي عجيب ۽ انوکي قسم جي وهڪرن کان پوءِ سنڌ جي تاريخ کي متاثر ڪيو آهي . سنڌو کي هڪ واهه وٽ هلڻ ۾ ڏاڍن به صبر ۽ آيسو ، هن مست درياءُ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن کي هڪ هنڌ ۾ ٽڪاءُ ڪرڻ نه ڏنو آهي اهوئي سبب آهي جو سنڌ جا پراڻا تخت گاهه سنڌوءَ جي مرضي مطابق پوئي تبديل ٿيندا رهيا آهن . هن درياءُ " موهن جي دڙي " " الور " ۽ " برهمڻ آباد " " منصوره " نيرون ڪوٽ " ۽ " ٺٽي " ۽ " جهڻ ڪاڏي " وارن شهرن جون تقديرون بدلائي ڇڏيون ۽ صرف ايترو ئي نه سنڌو جي جوڙاوي ۽ ايراضي ۽ حيترا بندر ٻڌيا ۽ ٻڌا جن ۾ " شاهبندر " ڪيٽي بندر " ، " لاڙي بندر " ، ۽ " ڪڏڻي بندر " ، قابل ذڪر آهن. سڄي سنڌ ۾ ان کان سوا ڪراچي ضلعو به انهن سببن ڪري تاريخ جي تاريڪ پاڙن ۾ ڏاڍيل نظر آچي ٿو . ان کان سوا هي حصو سنڌ جي ويجهو آهي ۽ وقتي طور تي سنڌ به اٿلي پوڙ هٿ ڪندو آهي . تنهن ڪري قديم زماني کان وٽي اڄ تائين ڪراچي ضلعي جي ساحلي پٽي ۽ جزيرا سنڌ سان ڳنڍيل رهيو آهي ، حيترو سنڌ ۾ پئي ۽ تنهن هٿ ڪونه رهيو آهي " (۱)

ان هوندي به عالمن جي ڏاڍ کوجنا ۽ تحقيق جي روشني ۾ ڪراچي ضلعي جي ماضي ۽ متعلق ڪي ڏاڍا ڇڪ ڇڪي سگهيو آهي ٿو .

جيالاجي ۽ جي ٽئين زماني (Tertiary Age) ۾ سنڌ سميت سڄي اتر هندستان جو ڪ پاڪو " ٽيٿيا ٽالي " سمنڊ هيٺ هو ، جنهن جي چوڻين هماليه جبل کان وٽي ونڊيا جبل تائين ڇلڪا پئي ڏنا . تنهن وقت هماليه جبل طرف اڄوڪا خوفناڪ زلزلا

(۱) پيرو سل مهرچند آڏواڻي : " سنڌ ۽ هند جي تاريخ " (پڳو ٻيو) ڪراچي ۱۹۶۷ ، ص ۱۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 44

ٿيا ، جو ڏرشي مٽي چڙهي آهي ۽ سنڌ هٿي ڏيهان ڏور ٿي ويـــو (۱)

ائين زمين ظاهر ٿي ويئي ۽ سنڌو ماٿريءَ جو جنم ٿيو • جڏهن آباد ڪارون ٿيون ۽ انسان جي تهذيب جي ارتقا ٿي ته هن خطي مان وهندڙ ڪنڌيءَ جي نسبت سان ملڪ جي خاطر نالو پيو • سنڌ (۲) چيو وڃي ٿو ته حضرت آدم جي پيدا ٿيڻ کان ۱۲۰ ورهه پوءِ سنڌ جو نالو سڄيءَ دنيا ۾ وڃي ويـــو (۳)

تنهن زماني ۾ ڪراچي ضلعي واري خطي جو وجود هيو ، يا نه ؟ تنهن لاءِ ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي • ليڪن رڳو ايترو جي زماني ۾ سنڌ (سندو) جا اهجاڻ ملن ٿا تنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو سنڌ تنهن زماني ۾ رڻ ۽ راجپوتنا تائين ٿي آيو • تنهن ڪري سڄو راجپوتانا وارو پاسو ۽ ماڻهو جو ٿر ملڪ اڃي پائي هيٺ هئـــا (۴)

---

(۱) پيرو مل مهر چند آڏواڻي: " سنڌ جي هندن جي تاريخ " (پاڪو ٻيو) ڪراچـــي ۱۹۴۷ع ص نمبر ۴۰ •

(۲) پيرو مل مهر چند آڏواڻي: " قديم سنڌ " سنڌي ادبي بورڊ ، حيدرآباد ، 1957 ص نمبر ۴۹ ـ ۵۰ •

(۳)

(۴) شمس الدين قريشي: " آئينه قديم سنڌ " آر ـ اي احمد اينڊ برادرس ، حيدرآباد سال ۱۹۵۶ع ص نمبر ۳۰

(۴) پيرو مل مهر چند آڏواڻي: " قديم سنڌ " سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ، ۱۹۵۷ع ص نمبر ۳۵۶ •

LIBRARY
INSTITUTE OF SINDOLOGY,
UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SIND).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 45

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ سنڌ جي تاريخ تي ڇڪيءَ روشني پئي آهي. موهن جي دڙي کان سواءِ اپر سنڌ ۽ لوئر سنڌ جي ٻين گنڊرن جي کوٽائي ڪري ڏٺو ويو ته انهن ۾ به ساڳي زماني جا آثار موجود آهن (۱)

مسٽر ڪارٽر ڪراچي کان اٽڪل ويهه ميل اتر اولهه طرف پٽرن جي زماني جي سنڌواسين جي هڪڙي چوڪي ، بستي کي ڪُولي ڏيو هو • هن انهيءَ هنڌان ڏيٺرين ئي ڏهنين ۽ ڇهونين شين به هٿ ڪيون آهن • سندس خيال آهي ته اهي ڪنڌهر ٽن هزار سالن کان گهٽ جهونا نه هوندا (۲)

انهيءَ کان پوءِ به آرڪيالاجي کاتي وارن ڪراچيءَ ان جي لڳ ڀڳ واري حصي جون کاڻيون کٽيون ۽ کوٽايون ڏيون جن جا نتيجا به مسٽر ڪارٽر جي راءِ کي ٺيڪ ڏين ٿا • هن کاتي طرفان 'اورنگي'، 'منڇو پير'، 'ڏنڊي ڪلب'، 'فيل بازار' ۽ 'عالماڙو' جي لڳ ڀڳ واري ايراضي کوٽي تپاسي ويئي آهي ۽ جنهن جي آثار تي ڇڻي سگهجي ٿو ته (۳)

(۱) 'عالماڙو' 'منڇو پير' وارا ماڳ آثار ۽ ڪاٺ جون بلستيون هيون •
(۲) هي بلستيون ڇهه هزار سال اڳاتيون هيون
(۳) هتي زراعت تي گهڻو توجهه ڏنو ويندو هو ، جو ته ڪين پاڻيءَ جي چشمن ۽ بارش جي وسيلي ملندو رهندو هو •
(۴) زراعت کان وڌيڪ هو پٽرمان شين ٺاهڻ جي صنعتڪاريءَ ڪندا هئا (ٿي سگهي ٿو ته اهوئي سنڌن مشهور ڪمي ڏنڌو هجي •)
(۵) هو پٿر جا ڳهرن ۽ پٽرءِ مٽي مان ٺاهيندا هئا
(۶) هي حصو سنڌ کان سواءِ لس بيلي وسيلي ايران سان پٽرن مان ٺهيل شين جو واپار ڪندو هو •

---

(۱) دوارڪا پرساد روچيرام شرما: " پراچين سنڌو سپيتا جو نظارو " حيدرآباد، ص ۳۴
(۲) ايضاً ص نمبر ۹۰
(۳) 3. Khan, F.A.: "Ancient Settlements of Kharchi Area", Reprint from Geographical ...

33624
15.7.78

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 46

(ب) عربن کان اڳ- وارو زمانو :-

آرين جي ڏسپت سنڌ ۽ واري زماني کان ويندي ايران جي دارا اعظم جي حاڪم تائين ، تاريخ جا ورڌ هن خطي لاءِ بلڪل خاموش آهن • تاريخ جي حسابن مان معلوم ٿئي ٿو ته دارا اعظم ۵۱۸ قبل مسيح ۾ سنڌ فتح ڪئي ۽ ۴۸۶ قبل مسيح تائين حڪومت ڪئائي • تن ڏينهن ۾ سمورن ايشيائي صوبن ۾ دولتمند صوبو ، سنڌ " سون جو ڪمر " سڏيو ويندو هو ايراني شهنشاهيت جو ويهون حصو هو • سالياڻو ڏهن لک پائونڊن کان وڌيڪ ڏيندو هو (۱)

Gul Hayat Institute

(۱) رحيمداد مولائي شيدائي :" تاريخ تمدن سنڌ " سنڌ يونيورسٽي سنڌ حيدرآباد ۱۹۵۱ع ص نمبر ۱۶ •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سنہ ۵۱۴ ق۔م دارا اعظم جي يوناني امير البحر سائيلاڪس ، ڪابل ندي جتي مهراڻ ۾ وڃي ٿي ، اتان جهازن جي وسيلي مهراڻ ۽ جهلڙ واري هيٺ ڪان پوءِ سمنڊ جي رستي ايرائي ورهن جي مسافري ڪري ۱۸ هين ڏاڪي ، ضلعي جو پهرين تاريخي اهڃاڻ آهي • (۱)

ايرانين ڪان پوءِ ، سڪندر اعظم يوناني سن ڪان سوا ٽي سو ورهه ڪن اڳي سنڌ ۾ ڪاهي آيو ، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ يوناني گورنر حڪومت هلائڻ لڳا • سڪندر اعظم لاءِ جيڪو رستو هو تنهن پهريائين جي رستي ڪان واپسيو هو ، هن جي بحري فوج موجوده ڪراچي ضلعي جي حدن اندر ڪجهه وقت لاءِ ترسي هئي (۲)

هيٺين ٻي مورخن جو چوڻ آهي ته سڪندر اعظم جي فوج جو اڪثر حصو پنهنجي ڏينهن منجهڻي جي قريب ڪراچيو هر ۾ ۽ اڻين آڪٽوبر ۳۲۵ ق۔م اتان روانو ٿي ويو (۳) يوناني تاريخ نويسن هن هنڌ جي چڪر ۾ ساڪ ٻڌي آهي ، پر انهن سنڌ جي "پاتال" نالي بندرجي واپار ۽ شاهوڪاري لاءِ ڪهڙو حصو چيو هو • اهو بندر ضلعي ڪراچي (بشموليت ٽٺو ضلعو) جي لاڙ ۾ ڪنهن طرف هو درياهي وٽ هوندو هو (۴)

Gul Hayat Institute

---

(۱) رحيمداد مولائي شيدائي ، " تاريخ تمدن سنڌ " سنڌ يونيورسٽي ، حيدرآباد ، ص ۹۴

(۲) Pithawalla, B. Maneck : "An Introduction to Karachi", Times Press, Karachi, 1950, P.13

(۳) See, Daily Gazette, dt: 22.12.1923, P.6

(۴) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ، " سنڌ جي هندن جي تاريخ " پاڪو پهرين ڪراچي ۱۹۴۷ع ، ص نمبر ۳۴ •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 48

هن بندر لاءِ چيو وڃي ٿو ته حضرت سليمان جي وقت ۾ ڏنگين ۾ جهاز هن بندر وٽ اچي بيهندا هئا ۽ هن ئي بندر تان سنڌ جي مشهور ململ ، ايراني نارڪان يونان ، مصر ۽ ٻين ملڪن ڏانهن ويندي هئي (١)

سڪندر اعظم جي وقت کان گهڻو پوءِ جيڪي احوال ملن ٿا ، تن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن ٻاسي "ديبل بندر" ۽ "لاڙي بندر" مشهور هئا ۔

"ديبل بندر" تي العربيين عربن جي آمد کان پوءِ گهيرو وقت علم ادب ، واپار ۽ تجارت جو مرڪز سڏيل ٿي رهيو ۔ هن بندر جي آبادي ۽ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته سنه ٨٢٠ ع ۾ هتي هڪ زلزلو آهيو ، جنهن جي نتيجي ۾ هي ويران ٿيو ۽ تعداد ڏيڍ لک هو (٢)

"لاڙي بندر" ، ٺٽي کان ٻن ڏينهن جي خشڪي ۽ درياهي مسافيءَ جيتري پنڌ تي واقع هوندو هو جيڪو ارڙهين صدي عيسوي تائين موجود هو (٣) انهن بندرن جي موجودگي هن حقيقت جو ثبوت آهي ته سڪندر اعظم کان اڳ به هي خطو آباد هو ۽ هر لحاظ کان سڪيو ستابو هو ۔

(ب) عربن کان پوءِ جو زمانو :-

٧٧١ ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي ۔ جيئن ته سندن نوڪ خشڪي ٽوڙي پاڻي ۾ جي رستي سنڌ ۾ آئي ۽ ان ڪري هن نوڪ کي مڪران وارو پراڻو تجارتي گيرو عربي سنڌ جو ڪنارو ۽ ٽشو ٿيو ۔ سنڌ ۾ پوءِ جيڪي نوان ديبل فتح ٿيو ، جيڪو ڪراچي ضلعي جي حدن اندر ئي واقع هو ۔

عربن جي آمد کان پوءِ واري زماني ۾ هن خطي اندر "ڏاراجا" ۽ "ڪمرالو" بندرن جي موجودگي جا اهڃاڻ ملن ٿا ، جن مان ظاهر آهي ته هي

(١) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ، "قديم سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ ، حيدرآباد ، ١٩٥٧ ع ، ص ٧١ - ٣٧٢
(٢) سيد سليمان ندوي : "عرب و هند ڪے تعلقات" هندستاني اڪيڈمي ، الهه آباد ، ١٩٣٠ ع ، ص ٣٩٢

(٣) ڏسو ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي جون - جولاءِ ١٩٧٠ ع ص نمبر ١٢٦ (سنڌ جا وڃايل بندر)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 49

طرف صدين کان وٹي سنڌ جي بيروني تجارت جو مرڪز بنيل آهي ۽ هو ۔

حقيقت ۾ موجوده ضلعي ڪراچي جي تاريخ بلوچستان جي تاريخ سان وابسته آهي ڇو ته هي حصو سنڌ کان وڌيڪ بلوچستان جي اثر هيٺ رهيو آهي ۔ بلوچستان جي تاريخ جو پهرين دور عيسوي ستين صدي کان شروع ٿيو ۽ ۱۶ صدي جي ڇ ڏاري ختم ٿيو ۔ هن عرصي ۾ بلوچ حڪران کان هجرت ڪري وادئ سنڌ ۾ ، ديره جاست بلڪ پنجاب ۽ هندستان تائين پکڙجي ويا. هن عرصي دوران بلوچستان جا ۹ سردار گذريا ۔ بلوچستان جي تاريخ جو پهرو دور احمد زئي تاجدارن جي حڪومت سان شروع ٿي ٿو ۔(۱)

ايران ، حڪران ۽ سنڌ ۾ ڏيهراڻي امڙا شهر ۽ ڳوٺ موجود آهن ، جن بلوچي قومن جي نالن تي سڏجن ٿا ، جئين "لورستان" (ايران) لوري يا لورا (قبيلي پٺيان " مڪسن (حڪران) مڪسي قبلي پٺيان ، "لغاري" (حڪران) لغاري قبيلي پٺيان ، "ڪلمتي" (حڪران) ڪلمتي قبلي پٺيان ، ساڳئ ريتي سان " ڪراچي " به ڪلاچي قبلي پٺيان سڏجي ٿو ، چو ته هي ڳوٺ بلوچستان جي تاريخ جي پهرين دور ۾ ڪلاچي قبيلي وارن لڄي وسايو هو ۔

---

(۱) مولائي شيدائي ؛" بلوچستان جي مختصر تاريخ " رلوي پرنٽنگ پريس، سکر ۱۹۴۱ع ص نمبر ۳۹ ۔

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 50

جيئن ٿو هي حصو قديم تجارتي رستن جو مکيه مرڪز هو، ان ڪري ليس بيلي جي ويجهي هئڻ ڪري ڀيٽرو وقت خان آف قلات جي حڪمراني هيٺ رهيو • ١٨٣٩ع ٽائين هن حصي تي مختلف وقتن ۾ مختلف حڪمران جو راج هليو، جنهن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو •

خان آف قلات جي حڪمراني :-

سيٺ نائو نل جي يادگيرن جي مطابق سان هلوڻ ٿي ٿوٽ سنڌس وڏا ١٧٢٩ع ڪان پوءِ "ڪڙڪ" بندر ۾ اچي آباد ٿيا، جو حب ندي جي هن طرف ڇوڙ واٽ واقع هو • جو هڪ واپاري تجارتي مرڪز بنيل هو، جنهن وٽان "گوادر"، "بيلي"، "مسقط"، "شيراز"، "بحرين"، "شاهه بندر"، "لاهري بندر"، "سورت"، "ڀروچ بندر"، "ڪيچ" ۽ "ملبار" سان ٿي واپار ڪيو ويندو هو، سنڌ جي پوري بندرجو منهن سمنڊ جي طرف ڪان ريتي سان لٽجي ويو، ۽ جهازن جو داخلو بند ٿي ويو ان ڪري نائونل جا وڏا ويا ١٧٢٩ ع ڌاري اتان لڏي اچي ڪلاچي جي ڪوٽ ۾ آباد ٿيا • هي ڪوٽ ۽ ان جي پسگردائي ٿڌن زماني ۾ خان آف قلات جي حڪمراني هيٺ هئا، جڏهن سنڌو نديءَ جي لٽ سبب شاهه بندر جي بندرگاهه جو منهن به بند ٿي ويو ته اتان گهٽا ماڻهو لڏي اچي ڪراچي ۾ آباد ٿيا (١) اهڙي نموني هي ڪوٽ "ڪڙڪ بندر" ڪان پوءِ تجارتي ۽ واپاري مرڪز بنجي ويو •

---

(١) Seth Naomul : "Memoirs of Seth Naomul", William Pollard & Co. Ltd, London, 1915, P.P. 37-39

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 51

ڪلهوڙن جي حڪمراني :-

ڪلهوڙن ۾ قلات جي بروهي حاڪمن جي ٻاڻ ۾ زنجير ڪي ۽ جي شروعات ان وقت ڪان ٿي ، جڏهن ميان يار محمد شهزادي هزالدين جي نوڪ جي مقابلي سان ورهنديءَ ۾ قلات ۾ پناهه ورتي • ان وقت محراب خان حاڪم هو • بروهين هن لڳي- وطن سان گهٽيون بدسلوڪيون ڪيون • پوءِ جڏهن ميان يار محمد خان کي سبي ۽ گنجا ۾ جي ناظمي ملي تڏهن بروهين ۾ هن جي لاڪاپن ۾ وڏي بگيڙ آيو (۱)

هنن حالتن آڏي هلي ميان نور محمد جي زماني ۾ لڙائين جي شڪل اختيار ڪئي • ليڪن جانداريءَ جي جنگ ڪان پوءِ، بروهين ۾ طاقت نه رهي هئي ، سندي لشڪر قلات ۾ قبضو جمائي سگهيو ٿي • ليڪن پاڻ هڙو ڏرڪش مناسب نه ڄاڻيو ۽ ٻاڻي يا خشڪ جابلو علائقي کي قبضي ۾ آڻڻ ۾ ڪجهه سمجهيو • ميان نور محمد خان پنهنجي عام سياسي پاليسيءَ مطابق ، بروهين سان صلحءَ مائتيءَ جو سلسلو قائم ڪري ورتو • ۱۱۴۵هـ (۱۷۳۲ - ۱۷۳۳) ۾ ميان صاحب جي وڏي فرزند صاحبزادي محمد مراد ياب خان جي ناڪاميءَ بعد الله خان جي ٻئي پٽ جي نياڻيءَ سان ٿي (۲)

(۱) ڪلهوڙن ۾ قلات جي بروهين جي ٻين لڙائين جو ذڪر ته تاريخ جي ڪتاب ۾ ملي ٿو ، ليڪن ڪراچي جي لڙائي يا ان ٿي قبضي ڪرڻ جو بيان ڪٿي به نه ٿو ملي • هن طرف نائونهل جو چوڻ آهي ته ڪلهوڙن سڌو ئي پوءِ (۱۷۲۹ هـ) ڏنهن مخالفت ۾ لشڪر ڪان سواءِ ڪراچي ٿي قبضو ڪري ڇڏيو (۳) هن مان ظاهر آهي ته غالباً ڪلهوڙن ۾ بروهين جي لاڪاپن سڌ رڻ (۱۷۳۲ - ۱۷۳۳) ڪان اڳ ئي ڪلهوڙن هن ڪوٽ ٿي قبضو ڪيو ۽ اهڙي نموني سان ڪراچي ۾ ان جي پڪ ورڊائي پنهنجي

۱۔ غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ" (ڪلهوڑا دور) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964ع، ص 341

۲۔ ايضاً، ص 349

3. Seth Naomul: Memoirs of Seth Naomul, William Pollard & Co. Ltd. London, 1915 P 20

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

حڪومت ۾ شامل ڏي چڏيو • انهيءَ کان پوءِ ١٧٣٧ع ۾ جڏهن شڪارپور
ميان نور محمد خان جي حوالي ٿيو (١) ته انهيءَ ڪراچي ۽ ان جي پسگردائيءَ
طرف ڪافي ڌيان ڏنو •

Gul Hayat Institute

---

(١) غلام رسول مهر " تاريخ سنڌ " (ڪلهوڙا دور) سنڌي ادبي بورڊ ، ١٩٦٤ع
ص نمبر ٣٤١

(٢) ايضاً ص نمبر ٣٤٩

(٣)

(٤) غلام رسول مهر " تاريخ سنڌ " (ڪلهوڙا دور) سنڌي ادبي بورڊ ص نمبر ٣٦٥

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 53

خان آف قلات جي پهرين حڪمراني :-

ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ نادر شاهه سنڌ تي حاهي آيو • ميان يار محمد خان ۽ ميان نور محمد خان گهٽ وڌ جاليهن سالن جي جانشينيءَ سان سنڌ جي سيني حصن کي ملائي ، متحد ڪري عوام جي پلائيءَ گهرندڙ حڪومت جو انتظام ڪيو ويو ، مگر نادر شاهه جي ڪاهه ۾ جليل القدر شخصيتن جي جاليهن ورهن جي ڪيل محنت ۽ مشقت تي چند ساهتن ۾ پاڻيءَ ڦيري ڇڏيو • نادر شاهه سنڌ جا ٽي حصا ڪيا ، جن مان ڪاڇي ، حيدرآباد ۽ ان جا علائقا محبت خان خان آف قلات جي حوالي ڪيا (۱)

هن وقت ڪراچي پنهنجي تاريخ جي ابتدائي دور مان گذاري رهي هئي ، ڪراچي جي آس پاس جابلو ، ويران علائقو هو ، جتي زبردست قومون ، جهڙوڪ جوکيا ، نوميا ، ڪرمتي ، ۽ جتا ۽ ٻيون ڪيتريون زبردست ۽ سرڪش قومون ، بلوچ سردارن جي اڪواٽيءَ هيٺ رهنديون هيون ، جن جي دولت جو ذريعو اٺ هوندا هئا •

ائين ٿو هلوم ٿئي ته ڪلهوڙن کان جڏهن ڪراچي ملهي وارو حصو ڪجي خان آف قلات جي حوالي ٿيو ته هتان ڪوراڻي طرف توجهه ڏنو • جو ته هو ان وقت بندرن جي تجارتي ۽ سياسي اهميت کان چڱيءَ طرح باخبر هئا • ۱۷۵۱ع غلام شاهه ڪلهوڙي ڪوراڻي تي قبضو ڪيو (۲) ۽ اتي ٻڌن شهر ٻڌايو • ان کان پوءِ ڪوراڻو بندر " شاهه بندر " سڏجڻ لڳو (۳) ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ڪوراڻي تي قبضي ڪرڻ بعد " ڪراچي " تي قبضو ڪيو ۽ اهلي ويٺو ۽ ان جي پسگردائي وارو علائقو

---

(۱) راءِ بهادر لال هتورام : " تاريخ بلوچستان " بلوچي اڪيڊمي ، ڪوئٽه ۱۹۷۳ع ص نمبر ۲۱۲

(۲) غلام رسول مهر : " تاريخ سنڌ " (ڪلهوڙا دور) سنڌي ادبي بورڊ ، حيدرآباد ، ۱۹۴۶ ص نمبر ۵۴۲ •

(۳) ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي : " سنڌ جي هندن جي تاريخ " (پاڪو ٻيو) ڪراچي ۱۹۴۷ع ص نمبر ۲۵ •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 54

حراجي ميرنصيرخان آڻ قلات جي حڪمراني جي ابتدائي ڏهاڙن ۾ حلهوڻن جي راڄ هيٺ رهيو ۽ ٻنهن ئي زماني ۾ انهن جارڪ خان جي ڦوڻ جي عيوض سنڌ حوالي ڪيو (۱)

هن وقت خان آڻ قلات به خطي جي اهميت ۽ افاديت کي سليم ڪيو ۽ انهي جي پورپور توجه ڏني. هن پهرين دفعو حراجي شهر ۾ هڪ نوجي دستو مقرر ڪيو ۽ انتظام رکڻ لاءِ شهر لاءِ نواب مقرر ڪيائين (۲)

تالپرن جي حڪمراني .

۱۷۸۳ع ۾ فتح علي خان تالپر هالاڻي جي جنگ ۾ حلهوڻن کي شڪست ڏئي سنڌ فتح ڪئي (۳) اهڙي نموني سان حلهوڻن جي حڪمراني ختم ٿي ۽ تالپرن ملڪ جون واڳون سنڀالڻ .

ملڪ جي نئين حاڪم ميرفتح علي خان سڄي سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهايو. هن نئين نظام هيٺ، اڀرسنڌ سهڙياڻي خاندان کي ملي ۽ ميرسهراب خان خيرپور کي پنهنجي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو . اولهه سنڌ ، شهداداڻي خاندان جي حالي ٿي ، جنهن ڏني ميرفتح علي خان حيدرآباد کي گاديءَ جو هنڌ بڻائي حڪومت هلائڻ لڳو ، ۽ ڏکڻ اوڀر سنڌ ملڪاڻي خاندان کي ملي ، جن ميرپور کي

---

(۱) Sett Naomul: "Memoirs of Sett Naomul," William Pollard & Co.Ltd. London, 1915, P.39

(۲) ايضاً ص نمبر ۴۴ .

(۳) رحيمداد مولائي شيدائي " تاريخ ٽنڊن سنڌ " يونيورسٽي آڻ سنڌ ۱۹۵۱ع ص ۵۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 55

کي پنهنجي ڪلهي جو هنڌ بڻايو ۽ ميرناروخان کي حڪمراني جوڙ لڪو (۱)

ميرفتح علي خان حڪومت جوڙ جو ٽئون نمونو اختيار ڪيو ، ۽ پنهنجي

ٽن پائرن ، ميرغلامعلي ، ميرڪرمعلي ، ميرمراد علي ، سان گڏجي حڪومت جوڙ

لڳو .

۹۳ - ۱۷۹۲ع ڌاري ميرفتح علي خواجي کي حاصل ڪرڻ لاءِ لشڪر ڪشي

ڪئي ، ايائي مهيني جي ڪوشش جوڙ جي باوجود به هو فتح ياب ٿي نه سگهيو (۲)

هڪ سال بعد وري هن اهڙي ڪوشش ڪئي ، پر ڪامياب نه ٿيو (۳) ٽيون دفعو

وري ۹۵ - ۱۷۹۴ع ۾ هن لشڪر چاڙهي موڪليو ، جنهن ۾ ڪامياب ٿيو " سنڌ جو

شاهنامو " ۾ اچي ٿو ته :

" غلامعلي هو علي جو فرزند - حڪمران جي مولا هو رهندو مڪان

شڪارپور جو هو ملڪ ڪابلستان - ڪيائين سو زور خداداد سان

ڏسي ميرصاحب جو وڏو جلال - ٿيا بندڪ ڪاڻ ٿي قيل وقال

خواجي جو اچ سنڌ جو آهي تخت - ڪيو خان کان به بازور بخت

ميان هئي خواجي ڏني خان کي - ڪيائين خلق ڪل سو به

ته لشڪر ميان جي مدد ٿي منجي (۴)

اهڙي نموني هي خطو تالپورن جي حڪومت هيٺ اچي ويو .

---

1. Dr. Ayyoubi Hadi, "History of Karachi" Karachi, 1972, P 3

2. Sc# Kaomal "Memoirs of Sc# Kaomal" Allied & Co (H), London, 1915 P 41

(۳) ايضا ص نمبر ۴۲ .

(۴) هزائنس ميرحسن علي خان تالپور: " سنڌ جو شاهه نامو يا ڪلهوڙن جي هار " مسلم ادبي سوسائٽي ، حيدرآباد ، ۱۹۵۲ع دفعو ٻيو ص نمبر ۸۲ .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 56

ميرن جي دور ۾ ڪراچي ۽ ان جي پسگردائي جو انتظام ميرن طرفان مقرر ڪيل نواب هلائيندو هو • نواب هڪ يا اختيار سرڪاري نمائيندو هوندو هو • مالي امور لاءِ ڊيترائي عامل مقرر ٿيل هوندا هئا ، جن جي نگهباني سرڪار طرفان مقرر ٿيل منشي ڪندا هئا ، جئين ته حيدرآباد ۾ سرڪار ڪڏهن ڪڏهن هئي ، ان کي هتي حيدرآباد ۽ ڪراچي ۽ ان جي پسگردائي ۾ هرهڪ حاڪم طرفان هڪ هڪ نمائيندو مقرر ٿيل هوندو هو (١)

ميرن جي آمد کان اڳ ١٧٧٠ع ۾ ڪراچي جو بندر ڪاڇو/ڪچ جهڙ ميل اولهه طرف هوندو هو ۽ ان کي ان وقت "اورنگا جو بندر" سڏيو ويندو (٢) هي اهو بندر آهي جنهن ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جا وارن غلام شاهه ڪلهوڙي جي اجازت سان ١٨٥٨ع 1758 ۾ ڪوٺي ٺاهي هئي • پوءِ جڏهن " شاهه بندر " آباد ٿيو ته " اورنگا بندر " واري ڪوٺي آڻي اتي وڌائون (٣)

ميرن ١٧٩٥ع ۾ ڪراچي ۽ ان واري علاقو هٿ ڪيو ، ان کان ڪجهه سال پوءِ ١٧٩٩ع ۾ ميرفتح علي خان اسٽيٽ انڊيا ڪمپني ۾ جو ڪورنر جي تجويز تي انگريزن کي ڪراچي ۾ فيڪٽري کولڻ جي اجازت ڏني (٤) ۽ ڪجهه سال "ڪاٺ ڪرو" پنهن جي فيڪٽري هلائيندو رهيو ۽ پوءِ ميرن کيس فيڪٽري بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو (٥)

ميرن ڪراچي بندر جي اهميت ۽ افاديت کان واقف/آگاهي ۾ هئا ١٧٩٧ع ۾ منوڻي ۽ دنياڻي ڪلهوڙا راءِ (٦)

---

1) Dr. Azimusshan Haider: "History of Karachi," Karachi, 1976. P.4.

2) A.W. Hughes: "Gazetteer of the Province of Sind," G. Bell & Sons, London, 1874, P.397

(٣) ڀيرومل مهر چند آڏواڻي ۽ سندن جي هندن جي تاريخ " پاڪو ٻيو " ڪراچي ١٩٤٧ع نمبر ٢٥

4) Aitchison C.U: "Treaties, Engagments and Sanads" (Vol VIII), Govt: of India Central Publication, Calcutta, 1931, P.311.

5) Postans: "Personal observation in Sind," Longmans, London, 1843, P.289.

6) W.W. Hunter: "The Imperial Gazetteer of India" (Vol VII), Trubner & Co, London, 1886, P. 955.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

انگريزن جي اچڻ کان اڳ هن خطي جو واپار وڏي پيماني تي هلندو هو .

اندرون سنڌ ۽ بندر، سنڌ وندي ۽ جي وسيلي پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا . هن زماني ۾ ملڪ ۾ اندازاً مال تي چار سيڪڙو محصول لڳايو ويندو هو، ۽ ڏيساور ڏانهن موڪليندڙ شين تي الڳ سيڪڙو شيڪ مقرر ٿيل هئي، سرڪار کي انهن محصولن مان جا آمدني ٿيندي هئي، انهيءَ جي مثال لاءِ ڪجهه سالن جي آمدنيءَ جا انگ اکر هيٺ ڏجن ٿا .

١٨٠٩ع	٩٩٠٠ پائونڊ
١٨٣٧ع	١٧٣٨٩ پائونڊ
١٨٣٨ع	١٥،٠٠٠ پائونڊ
١٨٣٩ع	٣٧٤،٧٠٠ پائونڊ (١)

Gul Hayat Institute

(1) W. W. Hunter: "The Imperial Gazetteer of India" (Vol VII), Trubner & Co, London, 1886, P. 455.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 58

(پ) انگريزن جو زمانو :-

سنڌ ، سڪندر اعظم جي آمد (٣٢٥ ق ـ م) کان پوءِ پندرهين صدي عيسوي تائين ڪنهن يورپي ماڻهو کي ڪونه ڄاڻو هو.(١) هيءَ ڏرتي سورهن صدي جي آخرين ڏهاڪي تائين غربي دنيا لاءِ هڪ بند ڪتاب هئي ، ڪين سنڌ متعلق ڪاب ڄاڻ ڪانه هوندي • جيڪڏهن ڪجهه ڄاڻندا هئا تہ ان ڪشيون غلط ڪالهيون ب شامل هوندیون هين •

پورچيگيز ، پهرين غربي قوم هئا ، جن سڀ کان اڳ سنڌ ۽ پير پاتو ١٥٥٥ع ڌاري ٺٽي جي حڪمران ميرزا عيسيٰ خان ترخان ، بڪر جي گورنر سلطان محمد کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ پورچيگيزن کان مدد ورتي.(٢) هن جي سڏ تي سندس ڏيڻ لاءِ پيڊرو سيرئسٽو رولن ٢٨ جهاز جنگي سامان ۽ سپاهين سان وڏي اچي ٺٽي پهتو. هن جي پهچڻ کان اڳ ميرزا عيسيٰ خان ترخان ۽ سلطان محمد جي وچ ۾ ٺاهه ٿي چڪو هو • پورچيگيزن پنهن جي پنڌ ائي ۽ جاکوڙ جي هاوڻي جو مطالبو ڪيو • ميرزا عيسيٰ خان انڪار ڪيو. جنهن تي ٺٽي ۽ لاڙيو ويو. ٨٠٠ بيگناه پرامن شهري ماريا ويا.(٣) ۽ ايشيا جي تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏو ڏاڙو هنيو ويو.

---

(1) Aitken, E.H: "Gazetteer of The Province of Sind", Karachi, 1907, P.85.

(2) Haig, M.R: "The Indus Delta Country", Kegan Paul & Co, London, 1894, P.P. 97-98.

(3) Advani, A.B: "The early British Traders in Sind", an article published in the "Journal of Sind Historical Society", Karachi, May, 1934, Vol I, Part I, P. 38

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 59

پورچيگيز شروع کان وٺي ٽوڙ ٽائين سنڌ ۾ واپاري ۽ لٽيرا ٿي رهيا. ليڪن انهن جڏهن به ڏرتيءَ ۾ اکيون نه وڌيون • ليڪن انگريزن ائين نه ڪيو، هنن نه رکو سنڌ واسين جو استحصال ڪيو، بلڪ ڪين هڪ صدي ٽائين ظالمن بنائي رکيو • انگريزن جي سنڌ ۾ آمد جو مختصر پس منظر هن ريت پيش ڪجي ٿو :

تجارتي مفاد :-

يورپي قومن واپاري ۽ تجارتي بنيادن تي دنيا جي پراڻن قومن جو اقتصادي استحصال ڪيو ۽ ڪين غلام بنايو • انگريزن هندستان ۾ انهيءَ ڪارڻ جو اقتصادي استحصال ڪيو انگريزن هندستان ۾ انهيءَ ڪارڻ ئي قبضو ڪيو هو • هو جڏهن هندستان جا حاڪم ٿيا ته سالن کان وٺي سنڌ جي سڪيءَ ستابي ڏرتيءَ جون ڏاڏيون ٻڌندا ٿيڪ آيا • سنڌ ۾ قبضو ڪرڻ واري نيت جي باوجود هنن هن ديس سان واپاري ۽ تجاتي لاڳاپا رکڻ شروع ڪيا •

Gul Hayat Institute

انٽوني استارڪي پهرين انگريز هو، جيڪو سنڌ ۾ آيو • هو ١٦١٢ع جي فيبروري ۾ ٺٽي پهتو ۽ سنڌ ۾ تجارتي ڪنجائش جو جائزو ورتائين • جڏهن اها خبر ٺٽي جي رهندڙ پورچيگيزن کي پئي ته انهن مان ڪنهن هن کي زهر ڏيئي ماري ڇڏيو. (١) انهيءَ کان ڏوڪ ١٦١٣ع ۾ والٽر پيٽن ۽ سر رابرٽ شيرلي سنڌ ۾ آيا، جن مان پوين جڏهن ٺٽي ڪان ڪيندو آگري پهتو (٢) ساڳئي ئي سال نڪولس وٿنگٽن نالي هڪ برطانوي واپاري جي سنڌ ۾ آمد جو پتو پئي ٿو •

(1) Mubarak Ali, "A Brief Account of the early British Traders in Sind" an Article Published in J.S.H.S, Karachi, May, 1934, P.39.

(2) Ibid, P.41.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 60

جنهن کي شيخ جي پرسان سنڌي سردارن هٿان پنهنجو سڀ حڪم وڃائڻ

پيو ۽ آخر کارجان بچائي وڃي سورت پهتو ٠١٠

سرڪار.

١٦١٥ع ۾ برطانيه/سر ٿامس رو کي هندستان موڪليو ته جيئن هو وقت

جي حاڪم جهانگير کان پنهنجي ديس واسين لاءِ واپاري سهوليتون حاصل ڪري.

هن سنڌ ۾ واپار ڪرڻ جي اجازت ڪهي جنهن ۾ ڪامياب نه ٿيو ٠ ليڪن سنڌو درياءَ جي

هڪ خاص رپورٽ ڪئي (٢) ۽ ١٦١٦ع ۾ سورت واري انگريزي فيڪٽري جي عملدارن کي

سنڌ سان تجارت ڪرڻ لاءِ زور ڀريو (٣) اهڙي نموني سان پهرين دفعو سنڌ "انڊيا

انڊيا ڪمپني" جو توجه ڇڪايو ويو ٠ جنهن سبب ست سال بعد سورت جي اختياري وارن

پنهنجي ماڻهن کي سنڌ ۾ واپار ڪرڻ جي اجازت ڏني (٤) "انڊيا ڪمپني" کان پوءِ ايسٽ انڊيا

ڪمپني" سنڌ ۾ فيڪٽري کولڻ لاءِ ڪوشش ڪندي رهي ، مگر ان سان گڏ

انهيءَ ڪم ۾ تڪڙ ڪرڻ کان لنوائيندي رهي ٠ آخر کار هن ڪمپني" جو پهرين جهاز

"دي پيسڪوي" ٢٨ نومبر ١٩٢٥ع تي اچي لاهوري بندرتي لنگر ڪوڙيو (٥)

سنڌ ۾ انگريزن جي چڱي" ريت آجيان ڪئي ويئي ۽ کين ملڪ اندر تجارتي ٿوڙي واپاري

موقعن ۽ مارڪيٽن جي جائزي وٺڻ جو موقعو ڏنو ويو ٠ آخر کار جان اسپلر نالي هڪ

انگريز مغل سلطنت جي اجازت سان ١٦٤٠ع ۾ ٺٽي ۾ فيڪٽري قائم ڪئي ٠(٧)

---

(١) Advani, A.B: "The early British Traders in Sind," An article published in J.S.H.S, Karachi, May, 1934, P.41

(٢) Kala Thairani: "British Political Mission to Sind," Orient Longman Ltd, New Delhi, 1973, P.2

(٣) Foster: "The Embassy of Sir Thomas Roe," Hakluyat Society Publication, London, 1899, P.P. 146, 148.

(٤) Foster: "The English Factories in India," Clarendon Press

(٦) Advani, A.B: "The early British Traders in Sind," An article, published in J.S.H.S, May, 1934, P.43.

(٧) Kala Thairani: "British Political Mission to Sind," Orient Longman, Ltd, New Delhi, 1973, P.2

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

١٦٥٢ع کان ١٦٦٢ع تائين ڪيترائي واقعا رونما ٿيا جن هن فيڪٽريءَ کي متاثر ڪيو • ١٦٥٢ع ۾ ڇهن سنڌ ۾ انگريزن جي واپاري تجارت جي هڌ هني کي شروع جي خوشخبري • ١٦٥٦ع ۾ ٺٽي جي سابق گورنر جعفر خان خلاف فيڪٽريءَ جون سموريون پينڊون پنهن جي ذاتي تحويل ۾ وٺي ڇڏيون • نئين گورنر قباد خان سان ڪا به خيرسگالي جو رشتو نه ڪيو • ١٦٥٨ع ۾ مغل سلطنت جي وارثن جي ٻاڻ ۾ ويڙهجي • ساڳئي سال سنڌ ۾ زبردست ڏڪر ٿيو • انهيءَ سبب ڪالهين ٺٽي جي فيڪٽريءَ تي اثر انداز ٿيون • ١٦٦٠ع ۾ هن طرف ڏي سورت ۾ رهندڙ فيڪٽريءَ جي ملازمن ۾ انتظامي اختلاف پيدا ٿي پيا • ان کان سواءِ ٺٽيءَ جي فيڪٽريءَ وارن نگهبان وڌيڪ ٻيل ڏي ڪهڙين ۾ جن ڪري پاڻي ٻيڙي وڃيو • اهڙين حالتن ١٦٦٢ع ۾ فيڪٽريءَ جو خاتمو آڻي ڇڏيو (١)

انهيءَ کان پوءِ ڪمپنيءَ جي دور ۾ ٿي غلام شاهه ڪلهوڙي ١٧٥٨ع ۾ ڪمپنيءَ جي ايجنٽ سهپشن کي سنڌ ۾ فيڪٽري کولڻ جي اجازت ڏني ڪيس حد کان وڌيڪ وڌيون رڪاوٽون ڏيون • (٢) ساڳيءَ طرح ١٧٦١ع ۾ ڏي ستارهن ڪي سنڌ ۾ فيڪٽري کولڻ جي اجازت ڏني، ايستائين جو ١٧٧٥ع ۾ سنڌ ۾ فيڪٽري بند ٿي وئي (٣)

---

(١) Advani, A.B: "The Early British Traders in Sind," an Article published in J.S.H.S, Karachi, May, 1934, P.47

(٢) Postans: "Personal observation in Sind," Green & Longmans, London, 1843, P. 284.

(٣) Kala Thairani: "British Political Mission to Sind," Orient Longmans Ltd, New Delhi, 1973, P.4.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

انهيءَ کان پوءِ مين جي دور ۾ ميرفتح علي خان جو دور انگريزن جي تجارت کي سياست سان ملائيندڙ آخرين ۽ اهم دور ثابت ٿيو. ميرفتح علي خان ۱۷۹۹ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي گورنر جي تجويز تي حيدرآباد ۾ نيٽني ڪولهه جي اجازت ڏني (۳)

هيءَ نيٽني موجوده ڇڻيا ڪوٽ جي اترڀرڀاڱي جي ٻڌيءَ جي اوڀر واري حصي ۾ قائم ڪئي وئي ۽ ٽاڪن هرو انهيءَ عرصي دوران ٽنڊو ۾ موجود هيو، جنهن پنهنجي سرڪاري جي اڀاري تي حيدرآباد جي قبضي هيٺ معلق نوڪري، سياسي ۽ سماجي حالتن جنهن ڪري هڪ ڪري ڪئي. سندس ميرن کي ٽن جي نيت جي جاءِ پنجي وئي ۽ آگسٽ ۱۸۰۰ع ۾ نيٽني بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو (۲) انهيءَ کان پوءِ ٽاڪن هرو ٽنڊي ڏانهن لڏي ويو، مگر ميرن ساڳئي سال جي آخر ۾ برهمڻي ۽ انگريزي واپارين ۽ تاجرن کي سنڌ ڇڏي وڃڻ جو حڪم ڏنو (۳)

سياسي فساد

هند واسين انگريزن کي ڪڏهن به آرام سان حڪومت ڪرڻ نه ڏني. مقامي طور تي ٽيپو سلطان ڪمپنيءَ جي راڄ لاءِ هڪ خطرو بنجي چڪو هو ته پئي طرف فرانس، روس ۽ افغانستان وري انگريزن لاءِ ۱۷۹۶ع ۾ افغان حاڪم زمان شاهه ۳۳،۰۰۰ هزار سپاهي وٺي لاهور تي حملو ڪيو (۴)

(1) Aitchison, C.U: Treaties, Engagements and Sanads, Govt. of India Central Publication Branch, Calcutta, 1931, P 311 (Vol VIII)
(2) Postans: "Personal Observation in Sind", Longman, London, 1843 P.289
(3) Ibid, P.290
(4) Siddiqui, Hamida: History of Karachi, Karachi, 1972, P.5.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جنهن کري انگريز سرڪار سڌو سنئون خطرو محسوس ڪيو .

ان کان سواءِ ارڙهين صدي جي پڇاڙيءَ تائين کان وٺي انگريزن ۽ فرانسين جو تعلقات خراب ٿي چڪا هئا. (١) ١٧٨٢ع کان وٺي ١٧٨٩ع جي ۽ واري عرصي ۾ برطانوي جهازن پنهنجا سنڌ جي ساحلن جو سروي ڪري چڪا هئا ، ۽ فرينچ مقابلي جي ماڻهن سان دوستي رکڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا هئا. (٢) اوڻيهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ روس ۽ فرانس جي پاليسيءَ ۾ وڏي تبديلي آئي . ١٨٠٧ع ۾ فرانس جي هڪ سفير ڪنسي وڏي جوش ۽ جذبي سان ايران جي دربار ۾ آڏر ۾ پهتو هيو . بونا پارٹ هندستان جي حالتن کان باخبر ٿيڻ لاءِ فرانس مان ڪيترائي جاسوس هندستان طرف موڪليا. (٣) ساڳئيءَ عرصي دوران فرانس ۽ روس اهو منصوبو ٺاهيو ته بخارا ۽ قندار جي رستي تنڊي ڪنڌ کي فتح ڪجي . (٤)

اهڙين حالتن هندستان جي ڏاڍي ڳڻتي ڪئي سنڌ ۾ سياسي دلچسپيءَ وٺڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ انهي بنيادي گورنمنٽ ١٨٠٨ع ۾ ڪيپٽن پوٽنجر سينڌ کي حيدرآباد موڪليو ، جنهن جولاءِ ١٨٠٨ع ۾ ميرن سان دوستيءَ جو معاهدو ڪيو. (٥) هن معاهدي مطابق انگريزن کي لڪ ۽ ڪڇ جي رستي فوجون موڪلڻ جي اجازت ملي ان ڪري معاهدو عمل ۾ آڻڻ کان اڳتي رد ڪيو ويو. (٦) انهيءَ کان پوءِ ١٨٠٩ع ۾ نڊولس مينڊي سمٿ جي سرڪردگيءَ

---

(١) Smith, V.A: The oxford History of India," Clarendon Press, oxford, 1923, P.P 478. 521.5.

(٢) Holen Furber: "John Company At Work", Cambridge, 1951, P.P.69.70.

(٣) Pottinger, Henry: "Travels in Beloochistan & Sinde," Longman Londoh, 1816, P.1.

(٤) Roberts, P.E: "History of British India, under the Company & Crown Clarendon Press, Oxford, 1939, P.271.

(٥) Aitchison, C.U: "Treaties, Engagements and Sands" Govt. of India Central publication Branch, Calcutta, 1931, P.53 (Vol. VII, Footnote)

(٦)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 64

هيٺ ٻيو وفد موڪليو ويو جنهن آگسٽ ۱۸۰۹ع ۾ ميرن سان ٻنهن جي سرڪار طرفان معاهدو ڪيو، جنهن مطابق ٻنهي حڪومتن ٻنهن جي وڪيلن (سفيرن) جي مٿا سٽا ڪرڻ ۾ راضپوٽ ڪاريوم ميرن سنڌ ۾ نرينجن" کي داخلا نه ٿيڻ جو وعدو ڪيو (۱)

۱۸۲۰ع ۾ سنڌي سپاهين مٿان غالطي ۾ انگريز سپاهين کي مار کائڻي پئي.

(۲) جنهن ۾ بنسبئي سرڪار حيدرآباد جي حڪومت کي ڏوهاري نٿن راءِ (۳) ۾ ڪٿهٽن سيدلر جي سرڪردگي ۾ ميرن سان نئين معاهدي ڪرڻ لاءِ وفد روانو ڪيو هن وفد نومبر ۱۸۲۰ع ۾ معاهدو ڪيو، جنهن مطابق ٻين ڪالهين سان گڏ ميرانفي کي لاءِ بدل هٿا ۾ هو ضرب جي ڪنهن به قوم کي سنڌ ۾ رهڻ نه ڏيندا ۰ هن معاهدي تي ۱۰ فيبروري ۱۸۲۱ع ۾ توسيع ڪئي ويئي (۴)

۱۸۲۸ع ۾ روس ايران جي ۾ معاهدو ڪيو، جنهن پٺاندر روس کي ايران جي حدن ۾ فوجن کي رکڻ جي موڪل ڏني ويئي هئي (۵) هن واقعي کان پوءِ برطانيه حڪومت لارڊ ببينڊ ڪي هدايت ڪئي ته سنڌ وندي جي تجارتي آمد رفت کي ٻنهن جي قبضي ۾ آڻي (۶) انهي ۾ حقيقت جي روشني ۾ هينري پاٽنجر کي حيدرآباد موڪليو ويو، جنهن ۱۸۳۲ع ۾ معاهدو عمل ۾ آيو، جنهن مطابق انگريزن کي واپاري ۾ تجارتي

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

حيدرآباد جي دربار ۾ هينري پاٽنجر کي پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ڪيو ويو. هن آگسٽ ۱۸۳۸ع ۾ پنهنجي سردار کي خفيه خبر پهچائي ته ايران جي شاهه انگريزن خلاف سازشون ڪري رهيا آهن (۱) انگريز سرڪار سنڌ ۽ پوءِ افغانستان ۾ چڙهائي جو فيصلو ڪري ڇڏيو. انهيءَ سلسلي ۾ پنجاب جي حاڪم رنجيت سنگهه جلاوطن افغاني امير شجاع الملڪ انگريزن جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو (۲)

لارڊ آڪلينڊ ڇهه فيبروري ۱۸۳۲ع واري معاهدي جي انهن نقطن تي هٿ ڪڍي ڇڏيو، جنهن مطابق سنڌو ندي کي هر قسم جي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي سڪ هئي (۳) افغانستان ۾ شاهه شجاع کي تخت تي ويهارڻ جو فيصلو ڪيو (۴) هن ۾ ڪنهن احتجاج ڪيو ليڪن انگريزن "وڏي" تائين پهچي چڪي هئي • هڪ طرف بنگال ريجمنٽ سنڌو ندي ۽ سنڌي حيدرآباد ذانهن وڌندي رهي ته بئي طرف جان ڪين جي اگواڻي هيٺ انگريزن اچي ڪٽي پهتي • ان کان سواءِ شجاع الملڪ پنهنجي فوج جون لازمائي طرف ڏي ڇڏيو.(۵) هن انهيءَ وقت ۾ ملتان ۱۸۳۹ع واري حاڪم [illegible] جي خلاف پنهنجي طاقت سان مختلف محاذن تي برسرپيڪار هو. انڪري هن انگريز فوج ۽ رهائش جو خرچ ڪاڏو ڪاڏو الائي ڪيترا ڪروڙ روپيا ڏيڻا هيا. جيڪي افغانستان جي فوجي جنگ ۾ انگريزن جي مدد ڪرڻ جي رضامندي ڏيکاريو (۶)

---

(۱) See, Commissioner-in-Sind's Record, File No 201, P. 407 (Letter dated 5.6.1838, from Pottinger to Govt of India)
(۲) Nicholson, A.P: "Scraps of Paper; India's Broken Treaties, Her Princes and Problems" Ernest Benn, London, 1930, P. 76.
(۳) Trotter, L.J: "The Earl of Auckland", Clarendon Press; Oxford, 1893. P. 76
(۴) Napier, W.F.P: "The Conquest of Sind," T.&W. Boone, London, 1845, P. 218
(۵) Azimushhan Haider: "History of Karachi", Karachi, 1974. P. 7
(۶) Neill, J. Martin Bladen: "Recollections of Four Years Service in East with H.M's Fortieth Regiment", Richard Bentley, London, 1845, P. 2.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 66

ڪراچيءَ تي قبضو :-

۱۵۵۵ع ۾ پورچوگيزن جي اچڻ کان وٺي ۱۸۳۹ع تائين انگريزن جي آمد تائين ، پورو عرصو نرنگين جي نرڀ ، مڪر ، ٺڳيءَ ۽ دولاب سان ڀريو پيو آهي . انهيءَ وقت کان پوءِ اصل صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا . انگريزن جي ناٽن وارو (۱۷۹۹ع) ، پاٽينجر (۱۸۰۹) ، ڪارلس ميسن (۱۸۳۰ع) ۽ نائونل جهڙن جاسوسن پاڻ کان ڪراچي جي اهميت ۽ افاديت جي معلومات ملي چڪي هئي . ۱۸۳۸ع ۾ آخر ڏاڍي ويٺر پاٽينجر وري پنهن جي سرڪار کي زور ڀريو ته هر حالت ۾ سنڌ هٿن کان نڪتي پئي وڃي . ليڪن انگريز انهيءَ کان ڪهڙو ڪم سنڌ ۾ فوجي قوت جمع ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪا هئا . (۱) ان کان پوءِ افغانستان سان جنگ ڪرڻ واري منصوبي سندن نيٽن ۾ وڌيڪ فيرو آڻي ڇڏيو ۽ هنن ڪراچي تي قبضي ڪرڻ جو آڪٽوبر ۱۸۳۸ع ۾ ئي پڪو پڪو ڪري ڇڏيو (۲)

جيئن مٿي ذڪر آيو آهي ته ايسٽ انڊيا ڪمپني جي فوجي دٻاءُ آڻي ، ميرن کي آخرين عاهدو مڙهيو ويو . اهو عاهدو دوستي جي نالي ۾ ڪيو ويو هو ، هن معاهدي تي ۵ فيبروري ۱۸۳۹ع تي پهڪي ٽورين دستخط ڪيا ۽ ٺيڪ ٽئين ڏينهن يعني ۷ فيبروري ۱۸۳۹ع تي ڪراچي تي قبضو ڪيو ويو . (۳) انگريزن ڪراچي تي قبضو ڪرڻ ۾ گهڻو آساني سان ڪيو . جو ته ميرن جي اها من ۾ به نه هئي ته انگريز سندن اڪيٽ تي ويهي چار چشمي ڪندي دغا ڪندا ، ڪين مقابلي جو ته موقعو ڪونه ملیو ۽

---

(۱) J. Sec. Commissioner-in-Sind's Record, File No: 303, P. 729 (letter dated 20.10.1838, from Govt. of British India to Ritchie)

(۲) Hall, J.H. Wilton: "Scenes in a Soldier's Life," Bedford & Co. London, 1886, P. 447.

(۳) Hunter, W. W: The Imperial Gazetter of India" (Vol VII), Trubner & Co London, 1886, P. 447.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 67

۱۸۳۹ع کان ۱۸۴۳ع تائين ڏهه ڪي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا ، ۽ آخرڪار هي
وردوندئي جو ديس ڏارين جي ور چڙهي ويو •

چارلس نيپئر جو دور :-

۱۸۴۳ع واري ميائي جي جنگ جا هيترائي اڳرا نتيجا ظاهر ٿيا.
هڪ طرف خود برطانيه ۽ هندستاني انگريزن جي هن عظيم حرڪت تي ڪيترن
تنقيدون ٿيون لکيون ، ٻئي طرف سنڌين جي آزادي ختم ٿي وئي • هڪ طرف ٿن
گاديين واري حڪومت جي ڪڍيل سرشتي واري نظام جي خاتمي تي ڏارين جو قبضو ٿيو ، ۽
ٻئي طرف سنڌ پنهن جي ملڪي حيثيت وڃائي چند سالن ۾ بمبئي صوبي جو هڪ حصو ٿي
وئي • هڪ طرف حيدرآباد جي گاديءَ جو خاتمو ٿيو ، ٻئي طرف ڪراچي جي قسمت
جو چمڪندڙ تارو لکي • هن دور ۾ ڪراچي هڪ ننڍي ڳوٺ مان ترقي ڪري وڃي
بين الاقوامي شهريت حاصل ڪئي ۽ عالمي وارو ٿي ويو (۱)

ڪراچي جي ڪاميابي جي ڪهاڻي ڏاڍي دلچسپ آهي ڪي ٿن حصن ۾ ورهايو
وڃي ٿو • چارلس نيپئر جو زمانو (۴۷ - ۱۸۴۳ع) ، بمبئي سان الحاق وارو زمانو (۳۶ -
۱۸۴۷ع) ۽ سنڌ صوبي (۴۷ - ۱۹۳۶) وارو زمانو •

نيپئر ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ جو پهرين ڪمشنر ٿيو ۽ شروعات ۾ سنڌ جي ميائي گاديءَ جي
هنڌ حيدرآباد ۾ ئي رهي نهيو • ليڪن حيدرآباد جي آبهوا ڪيترن ڪمن لکي ان ڪري
وڃڻ برٽن کي هدايت ڪيائين ته هو گادي جي تبديل ڪرڻ لاءِ ڪراچي جو جائزو
وٺي آخرڪار اڳلي سال ۱۸۴۸ع ۾ ڪراچي گاديءَ جو هنڌ بنايائين (۲)

(۱) Herbert Feldman: "Karachi through a hundred years" Oxford University Press, Karachi, 1970, P.xix

(۲) Katrak, Sohrab, K.H: "Karachi Not Was the Capital of Sind" Lion Art Press, Karachi, 1963, P.11.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 68

وقت جو هندستاني گورنر جنرل هن جي هر موڙ تي رهنمائي ڪندو رهيو ۽ هي انهيءَ جي اشاري تي عمل ڪندو رهيو • هن ملڪ جي انتظام سنڀالڻ لاءِ سڄيءَ سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ تقسيم ڪيو ، ۽ ڪيپٽن پوپ کي سکر جو ، راشبورن کي حيدرآباد جو ۽ ڪيپٽن پريڊي کي هراڄي ضلعي جو ڪليڪٽر مقرر ڪيو (۱)

چارلس نيپئر جو سمورو وقت سنڌين ۽ بلوچن جي خلاف وڙهندي گذريو هن جي دور کي جڏهن تلوار جي حڪومت چيڀجي ٿو ڏسبو وڌ ڪوٺجي (۲) هن جي زماني ۾ ئي هراڄي جي بندرگاهه ڏانهن توجه ڏنو ويو ، جو ٿو ڪيس هراڄي کي " نئي پرويڊنس " ڏسڻ جو ڏاپو شروع ٿيو (۳) هن جي عهد گورنريءَ ۾ جون ۱۸۴۶ع ۾ هراڄي ۾ هالرا ڦاٽڻ ڪري جنهن سبب ست هزار ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. (۴) انهيءَ ڪان پوءِ نيئپر " بورڊ آف ڊائريڪٽرز " کي تشڪيل ڏنو ، جنهن اڳتي هلي ۱۸۵۲ع ۾ هراڄي ميونسپل ڪميشن جو روپ ورتو (۵)

سنڌ ۾ قبضي ڪرڻ ڪان پوءِ نيئپر جو زوال شروع ٿيو • هن کي پهرين مار پنهن جي ضمير هٿان کائي ، ۽ هن پنهن جي حاصلن کي سنڌ جي نامنهاد فتح جو اطلاع هنن لفظن ۾ ڏنو :

" مون ڏوهه ڪيو آهي " (۶)

---

(۱) Lambrick, H.T.: "Sir Charles Napier & Sind", Clarendon Press, Oxford 1952, P. 182.

(۲) See, "Calcutta Review", No: CLXXXI (181), July, 1890, P. 124

(۳) Aitiken: "Gazetteer of the Province of Sind", Karachi, 1907, P. 367

(۴) Napier, W. F. P.: "History of General Napier's Administration of Scinde, and Campaign in Cutchee Hills", Chapman & Hall, London, 1851, P.P. 291-293

(۵) Baille, A. F.: "Kurrachee - Past, Present and Future", Thacker Spink & Co, Calcutta, 1890, P. 98

(۶) Thompson Edward: "Rise and Fulfilment of British Rule in India", MacMillan & Co. Ltd, London, 1935, P. 359.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

نيپئر کان پوءِ جو زمانو :-

هن نئين شهر ٻڌائي جي روشنيءَ ۾ رابرٽ پرنگل کي سنڌ جو پهرين ڪمشنر مقرر ڪيو ويو (۱) سنڌ ۱۹۳۶ع ۾ نئين ٻڌل صوبي جو هڪ حصو ٿيو رهي • انهيءَ ڪري ڪراچي ضلعي ۾ ڪيترائي تفريقياتي ڪمشنا • جن ۾ ڪراچي جي بندرجي الاوٽ • ڪراچي ميونسپل ڪميشن • جي تشخيل • شهال کاتي جو قيام ۽ ريلوي جي ابتدا قابل ذڪر آهن • جن جو مختصر بيان اڳتي ڪري ڏنو ويندو • اهي سمورا ڪم سنڌ جي ڪمشنر سربارنل نيپئر جي زماني ۾ پايه تڪميل تي پهتا (۲)

سنڌ جي بمبئي سان الحاقواري زماني دوران ڪراچي ضلعو • سياسي • سماجي مذهبي • اقتصادي ۽ علمي • مرڪز بنجي ويو • ۽ سمورين ڳڻڀيءَ کان اڳتي نڪتو ۽ هن ضلعي جي اهميت ۽ انفراديت کي تسليم ڪيو ويو • پر ان هوندي به انهيءَ الحاقواري زماني ۾ عام طور تي سنڌ ۽ خاص طور تي هن ضلعي جي ترقي جي رفتار ڪافي متاثر ٿي (۳) جنهن جو ڪارڻ سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ جي تحريڪ جو وجود ورتو .

۱۹۳۶ع ۾ آخرڪار سنڌ بمبئي کان جدا ٿي (۴) ۽ سرايل ڪرهام سنڌ جو پهرين گورنر مقرر ٿي آيو (۵) هن عرصي دوران ڪراچي ضلعو اڪثر ڪان ڪاڻ وڌيڪ سنڌ جو سياسي • سماجي • اقتصادي • مذهبي • علمي مرڪز بنجي ويو • ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ جڏهن پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو تہ هن ضلعي جي ڪيپيٽل شهر ڪراچي کي نئين ملڪ جي ڪاڌيءَ جو هنڌ بنايو ويو (۶)

---

(1) See, Commissioner-In-Sind: Record, File No 210, PP 1-7 (Appointment letter NO 3462, dt: 15.9.1847, from Govt of Bombay to Mr. Pringle).
(2) R.B. Sohrab H.J: "Karachi, 1839-1947" kitabistan Ltd, Karachi, 1955. P.P 43-45
(3) Ghulam Haidar: "A Glimpse into History of Sind Sepration" An article published in Al-Wahid "Sind Azad Number" Karachi, dated 15-6-1936, P.5
(4) Hanfi, M.A: "A Short History of Muslim Rule in Indo-Pakistan," Ideal Library, Dacca, 1964, P. 275
(5) See, "District Census Report, Karachi," 1961, P.1-5
(6) Hector Bolitho: "Jinnah, Creater of Pakistan," Allies Book Corporation, Karachi, 1954, P.155

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب پھریون

سنڌي الف - ب - جي اصلاح

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 72

سنڌي الف - بي جي اصلاح

تعارف :-

رسم الخط نه رڳو ٻولي ۽ ادب جي حياتي ٿئي ٿو، ليڪن اها حال ۽ ماضيءَ ڪي ملائيندڙ هڪ مڪمل ڪڙي جي حيثيت ۾ رکي ٿو. رسم الخط جي ابتدائي اصل هڪ ۽ تاريخ جي تڪ ۽ تهذيب و تمدن جي عروج جي ابتدا جو ڪارڻ ۽ اهجاڻ آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط تاريخي حادثن ۽ اهم انقلابن سبب وقت به وقت ۾ ٿي تبديل ٿيندو رهيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي عالم پنهنجي ماضيءَ جي سلسلي جون ڪڙيون به ملائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي ٿي سگهيا، بلڪ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد لاءِ به هڪ ڪان وڏيڪ ڪالهين ڪري رهيا آهن.

ڊاڪٽر ٽرمپ (۱) پيرويل مهر چند آڏواڻي (۲) مرزا قليچ بيگ (۳) ۽ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي (۴) جي خيال موجب سنڌي سنسڪرت جي ماءُ آهي.

---

(۱) Trump, E.: "The Grammar of Sindhi language", F.A. Brokhaus, Lepzing, 1872, P.I.

(۲) پيرويل مهر چند آڏواڻي : سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ص ۱۱، ڪراچي، ۱۹۴۱ ع ص ۱

(۳) مرزا قليچ بيگ : " سنڌي ڪيا ڪرڻ " (پاڪوٽيون) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۰ ع ص ۱۴

(۴) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي : " مقدم لطيفي " ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي، ۱۹۳۶ ع ص ۱۸۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 73

ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ جي پئي خيال جو آهي ته : " سنڌي هڪ قديم هند - آريائي ٻولي آهي ، جنهنجو بڻ بنياد ، سنڌو ماٿر جي سنسڪرت کان اڳ واري دور جي ڪا هند - ايراني ٻولي آهي ."(۱)

ڈاڪٽر نبي بخش جي ٿين راءِ جي رد عمل ۾ سراج الحڪيم کوجنا ڪري کان پوءِ انهي نڪرات تي پهتو ته سنڌي سنسڪرت جي امڙ آهي /(۲)

سراج الحق کان پوءِ ڈاڪٽر ظامعلي الانا سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد ۽ قدامت جي تفصيل سان تحقيق ڪئي ، ۽ ان نتيجي تي پهتو ته : " سنڌي ٻولي غير آريائي خاندان واري ٻولي آهي ، جنهن جون ڀاڻون موهن جي دڙي واري تهذيب ۾ ڪتل آهن ، جا آرين جي اچڻ کان ڪجهه نه فقط ڪالهائي ويندي هئي پر لکي به ويندي هئي ، جا دراوڙي ٻولين جي خاندان سان هڪجهڙائي رکي ٿي ، جنهن ۾ آرين جي اچڻ کان پوءِ پراڪرت ٻولين جا بيشمار لفظ داخل ٿي ويا ، پر ان جي سٽاءُ ٿي آريائي ٻولين جو هجوئي اثر ٿيو ، پر ان جو سٽاءُ ساڳيوئي ڏيسي رهيو "(۳)

Gul Hayat Institute

---

(۱) Dr. Baloch, N.A.: "Comprehensive Sindhi Dictionary." Sindhi Adabi Board, Hyderabad, 1960, P.9

(۲) سراج الحڪيم : سنڌي ٻولي ، "عليه پبليڪيشن ، حيدرآباد ، ۱۹۶۲ع ، ص ۱۲

(۳) ڈاڪٽر ظامعلي الانا : " سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد ، " زيب ادبي مرڪز ، حيدرآباد ، ۱۹۷۲ع ص د - (ڇهه ٻول)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

حقيقت ۾ هن وکوڙ ۾ مونجهاري جو مکيه سبب رسم الخط ئي آهي. سنڌي رسم الخط ڪيترائي روپ ۽ رنگ بدلايا آهن • مطالعي هيٺ آيل دور ۾ هن ٻولي جي رسم الخط تي وقت جي سرڪار توجه ڏني • هن سلسلي ۾ ٽيل سرڪاري ڪوششن جي جائزي وٺڻ کان اڳ سنڌي رسم الخط جو تاريخي پس منظر هن هيٺ ڏجي ٿو :

پس منظر :-

" تاريخ کان اڳ واري هڪ دور ۾ هڙپا کان موهن جي دڙي تائين يعني هاڻوڪي سنڌ ۽ ان جي اتر ۾ پنجاب جي ڪجهه حصي تائين هڪ قوم آباد هئي ، جا هر لحاظ کان هڪ سڌريل قوم هئي ، جنهن وٽ هڪ سٺو تمدن هو ، سڌريل زبان هئي ، ۽ جنهن جا ماڻهو رهڻي ڪرڻي ۾ دنيا جي ڪيترن ٻين ملڪن کان وڌيڪ سڪيا ستابا ۽ منظم هئا • سڄڻ تهذيب جو نظارو هڙپا ، موهن جي دڙي ۽ ڪاهوءَ جي دڙي جي منظر مان ظاهر آهي • اٽڪل ۵۰۰۰ ورهيه ق-م ۾ ان قوم وٽ پڪنجي زبان هئي ، جا هڪ ازڪه ، جن مسنشنات کان سواءِ سڄي هاڻوڪي پراڻي مڪاني رائج آهي •"(۱)

موهن جي دڙي جو وجود انهيءَ حقيقت جو ٺوس ثبوت آهي ته سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن سڀني تهذيبن ۽ تمدن کان آڳاٽي ۽ اعليٰ آهي • هن دڙي جي کوٽائي مان سنڌين جي علم دوستي ۽ ادب پروريءَ جون ڪافي شاهديون ملي چڪيون آهن • هن دڙي ۽ هڙپا مان اٽڪل ۸۰۰ کن مهرون ۽ تائٽ لڌا آهن ، جن

---

(۱) سراج الحق : " سنڌي ٻولي " عظيم پبليڪيشن ، حيدرآباد ، ۱۹۶۴ع ،
ص ۲۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ٿي شڪلين ، تصورن ۽ نشانين اچڻ آهن • انهن مان ڪ نشانين خاص ڪري سڃاڻپ ۽ اندازڻين ۾ مڪمل نشانين ۔ ۰۰ ڪن ملن ٿيون (۱) انهن منجهان هيٺين ٿي ميڻي خط موجود آهي (۲) جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته قديم سنڌي تحرير جي فن ڪان ڪنڊي طرح واقف هئا ، ۽ سندن خط جو نمونو ميڻي خط جهلڻي هو (۳) جيڪڏهن موهن جي دڙي مان لڌل مهرن ۽ ٻين شين ٿي اچڻ خطڪي اڃا تائين پڙهڻ جون ڪامياب ڪوششون نه ٿيون آهن ، ان هوندي به هن حقيقت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي ته هنهن زماني ۾ ٻولي نه صرف ڳالهائي ويندي هئي ، بلڪ لکي ۽ پڙهي به ويندي هئي •

انهي ڪري ڪانپوءِ آرين جو دور اچي ٿو • هنن سڀني واپارين جو اثر قبول ڪري سامي ۔ سبائي خط رائج ڪيو ، جنهن اڳتي هلي براهمي ۽ پوءِ ديوناگري جي صورت اختيار ڪئي (۴)

---

(۱) سراج الحق : " سنڌي ٻولي ، " عليه پبليڪيشن ، حيدرآباد ، ۱۹۶۴ع ص ۱۲۲

(۲) R.C. Majumdar, "An Advanced History of India", Mac Millan & Co., Bombay, 1960, P. 21

(۳) E.M. Burns & P.L. Ralph, "World Civilization", O.U.P. 1961, P. 77.

(۴) عبدالڪريم لغاري : " سنڌي ادب جي ارتقا ، " انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ، جامشورو ، ۱۹۷۶ع ، ص ۲۵

Gul Hayat Institute
LIBRARY INSTITUTE OF SINDOLOGY, UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SINDH)
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 76

اهو چئي نه ٿو سگهجي ته آرين جي ساڻ ـ سبائي خط جي رائج ٿيڻ
خط جو گهڙڻ جو تصور ليکن گهڻن آڪيڊمڪ هوندو آهي عن اجاره
کان پوءِ ڏيهي ماڻهن جي آڪاڻي موڙ جي ڪري يا واڌاري ڪري ان خط ۾ ڪيا
ٻه ڦيرڦار ڪيا هجن ، يا خط جي نموني ۾ ڪا ٻه شڪليءَ آندي ويئي هجي .
ليکن اڄڪلهه اچي ٽڻن گهرائي" جي عهد حڪومت ۾ خروشتي خط جي رائج هڻڻ جا
اهڃاڻ ملن ٿا ، انهيءَ خط آهستي آهستي صورت بدلائي واٽجي آئوڙي جي شڪل
اختيار ڪئي .(۱)

موجوده رسم الخط جي ابتدا :-

تازين کوجنائن مان ثابت ٿيو آهي ته عرب حڪومت جي ابتدائي
زماني ۾ ، بلڪه ان کان اڳ ٻه ، سنڌي زبان عام ماڻهن جي روزمره واري ، ۽ تجارت
ٽوڙي واپار جي استعمال واري ٻولي هئي . هيءَ زبان ان وقت ٻه فقط ڳالهائي
ويندي هئي ، پر لکي ٻه ويندي هئي .(۲) عربن جي آمد کان پوءِ جيتوڻيڪ سنڌي
سرڪاري زبان نه رهي ، ان جو ڪاروبار جي مقبول ٻولي جي حيثيت حاصل
هئي . ديبل ، منصوره ۽ ملتان ۾ عربي سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جا
پورپور اهڃاڻ ملن ٿا .(۳)

---

(۱) عبدالحميد لغاري : " سنڌي ادب جي ارتقا ، " انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ،
جامشورو ، ۱۹۷۶ع ص ۲۶ ۽ ۲۷

(۲) خواجه غلام علي الانا : " سنڌي صورتخطي ، " سنڌي زبان پبليڪيشن ، حيدرآباد
۱۹۶۹ع ص ۱۷

(۳) Elliot, H.E.; "History of India", (Vol I), Turbner & co, London, 1867, P.P. 35 & 39

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 77

نہ فقط ايترو پر اها ثابتي ٻه ملي ٿي ٿ تنهن زماني جي سنڌي ايتري ٿ آسودي ۽ امير ٻولي هئي جو ان ۾ سن ۲۷۰هـ / ۸۸۳ع ڌاري قرآن شريف جو ترجمو ٻه ڪيو ويو (۱)

عربن جي زماني واري سنڌي جي صوتي جائزي ۾ ڏٺو ته ٿو ٿ تنهن زماني ۾ هائوڪي ٻولي ئي رائج هئي ۰ انهيءَ حقيقت جي تصديق اڄ ٻه ڇڇ نام جا ورڊ ڏي سگهن ٿا ۰ هن ڪتاب ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ ۽ نالا ملن ٿا ، جن مان ڪي اڄ ٻه بلڪل پنهنجي ساڳي صورت ۾ سنڌي ٻولي ۾ ٿي مروج آهن ۰ مثال طور :

جسج نام جو لفظ	سنڌي لفظ
ٻڌهه رکهو	ٻڌ رکو
ٻهاتي	ٻاڻي
ٻهتي	ٻڌي
ٻهند	ٻڌ
ٿانو	ٿانو
ٻيٽ	ٻيٽ
ٽکر	ٽڪر

(۱) پير حسام الدين : " منصوره جي تاريخ جو هڪ باب " (مقالو) سهاڻي مهراڻ ، حيدرآباد ، جلد ۱۰ ، نمبر ۱ سال ۱۹۶۱ع ، ص ۱۰۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 78

سنڌي لفظ	چــج نام جو لفظ
ڪاڪا راج	ڪاڪا راج
ڏنڊه	ڏنڊه
ڏاهر	ڏاهر
ڍول	ڍول
راڙ	راڙ
جوڙو	جوڙو

ٿنهن زماني جي سنڌي ٻولي ڪانسواءِ ان جي لپي جي متعلق به اهڃاڻ ملن ٿا. عرب سياح، ابن نديم جو رايو آهي ته: "سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب باهم مختلف آهن. ۽ رسم الخط متعدد آهن. هتن جا ڪتبا به سو رسم الخط آهن. سنڌ جي ماڻهن وٽ ٩ رسم الخط رائج آهن."(١) اهڙيءَ طرح البيروني جو خيال آهي ته: "ڏکڻ سنڌ ۾، ڪابي وابي خطي ٽائين، مالوشائو" تالي جيڪو رسم الخط هند ايندو آهي، ان کي "الوڻي" چئبو آهي. المنصوره ۾ سنڌو رسم الخط هند ايندو آهي. "ٽاڻي" خط لاڙديس ۾ هند ايندو هو. ارڙناڪي رسم الخط "پاٽيا" ۾ سنڌ جي حصن ۾ لکيو ويندو هو."(٢)

---

(١) خواجه غلام علي الانا: "سنڌي صورتخطي،" سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد ١٩٦٩ع ص ١٨

(٢) Edward, C., Sachau, "Alberuni's India," Kegan Paul Trench Trubner, London, 1910, P. 173

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 79

پنهنجو جي دڻي جي ڪوشش عرب سياحن جي راين جي تصديق ڪري ٿي • سنڌ جي عالمن هن دڻي مان لڏل ٻارهن ٽي لکيل حرفن جي پڙهڻ جي توجه ڏني ۽ پاڻ غلام علي الانا انهي ڳ سلسلي ۾ ڪامياب ڪوششون ڪيون •(١) هنن ٻارهن ٽي لکيل حرفن اٺين صدي ع جي "آڪاشي ـ ناگري" نموني جا آهن • عربن جي آمد کان وٺي اينديءَ انگريزن جي آمد تائين سنڌ اندر مختلف قسم جا رسم الخط رائج هيا ، جن مان هي قابل ذڪر آهن :

١• خدا آبادي

٢• شڪارپوري

٣• ساکرو

٤• ٺٽائي

الف : لهاڻن وارو خط

ب : پاڻين وارو خط

٥• لاڙائي

٦• ونڪائي

٧• راجائي

٨• خواجهو

---

(١) خواجه غلام علي الانا : "الف جي آمد کان اڳ سنڌي ٻولي جي حيثيت" (مقالو) "ٽئين زندگي" ڪراچي ، ماهه سپٽمبر ١٩٦٨ع ، ص ٢٣

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

٠٩ ميٺهو الف : ٺٽائي

ب : حيدرآبادي

١٠ سيرهائي ۽ پڙهو (١)

١١ سرائي (٢)

١٢ عربي - سنڌي

مٿي ذڪر ڪيل سمورن خطن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو :

(الف) خواجهو خط :-

سنڌ ۾ حج جا لوهٽا ، جن حضرت پير صدرالدين جي دعوت تي سوڙهين صدي هجري (١٠٥١ - ١٣٥١ع) جي پوئين اڌ ۾ اسلام قبول ڪيو هو ، سي اڄ ڪلهه " لوهاڻو خط " استعمال ڪندا هئا . هن خط ۾ پير صدرالدين سڌارا ۽ واڌارا آڻي ان کي "خواجهي سنڌي يا "جاليهه اکري " نالو ڪيائون .(٣) هي خط اڄ به مروج آهي .

(ب) غير هماري خط :-

"خواجهي " ۽ "عربي سنڌي " خطن کانسواءِ باقي سمورن

---

(1) Stack, G: "A Grammar of Sindhi language", American Mission Press, Bombay, 1849, P.P. 3-8

(2) Burton, R.F: "Sind and the races that inhabit in the Valley of Indus" W.H. Allen & Co; London, 1851 P. 152

(٣) خواجه غلامعلي الانا : " سنڌي صورتخطي " سنڌي زبان پبليڪيشن ، حيدرآباد ١٩٦٩ع ص ٢٢

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

خطن کي غيرهياڙي خط چئي سگهجي ٿو • جو ته انهن خطن ۾ احيجار خطين هوندين هيون ، ان ڪري جو لکندو هو ، سوئي پڙهي سگهندو هو ، يا اڳين رکو اوٽ ٿي مطلب ڪيو ندو هو •(١)

(ب) عربي - سنڌي خط :-

اهو چئي نه ٿو سگهجي ته عربي رسم الخط ڪهڙي سن يا سال کان شروع ٿيو ، ليڪن اتين جو ڪو به وڏائڻ نه ٿيندو ته اسلامي فتوحات کان پوءِ سنڌ جي ماڻهن هي خط اختيار ڪيو هوندو •(٢) ليڪن هن سلسلي ۾ وقت جي حڪمرانن طرفان ابتدا ڪئي ڏسجي • جيئن ته سنڌ ۾ عربستان جي قبل اسلام لاڳاپن جو پڌ پئي ٿو ، (٣) جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي پنهنجي مخصوص خط يا خطن کانسواءِ عربي ۽ فارسي خط کان به واقف هوندا ، ۽ اهڙي نموني عرب وري سنڌين سان لهه وچڙ ۽ اڃڻ ڪري سنڌي ٻولي جي مزاج ۽ صوتي نظام کان واقف ٿي ويا هوندا ، حضرت عمر رضه جي عهد خلافت کان وٺي عرب سنڌ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا ، (٤) انهي ڪري ڪيترو ئي سنڌي ٻولي ۽ انهي جي

---

(1) Aitken, E.H.: "Gazetteer of the Province of Sind," Karachi, 1907, P.473

(2) Dr. Daudpota, U.M.: "Sindhi Literature" See, "Cultural Heritage of Pakistan", Oxford University Press, London, 1953, P.155

(٣) سيد ابوظفر ندوي : " تاريخ سنڌ هيء "دار المصنفين ، اعظم ڪڍ ١٩٤٧ع ص ٢٧

(٤) سيد سليمان ندوي : "عرب و هند ڪي تعلقات" هندستاني ايڪاديمي يو - پي الهه آباد ١٩٣٠ ص ١٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مختلف خطن کان واقف ٿيا هوندا • حجاج جو راجا ڏاهر ڏانهن پهرين خط(١)
سنڌي لفظن کي عربي خط ۾ لکڻ جي پهرين هوشش ڪئي سگهجيٿو • سنڌ جڏهن
عربن جي حڪومت جو حصو بڻجي وئي ، ۽ هيٺرا سنڌي مسلمان ٿي اسلامي علميه
وٺڻ لڳا ته جڏهن هو عربي خط سان مانوس ٿيا •

تاريخ اهڙي شوس شاهدي نه ٿي ملي ، جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي
ته سنڌ ۾ عربي - سنڌي خط ڪڏهن رائج ٿيو • هن سلسلي ۾ شاهه ڪريم بلڙائي
(١٥٣٧ - ١٦٦٣ع) جي جيڪا ڪلام عربي - سنڌي خط جا پهريان اهڃاڻ
ڏسڻ ۾ آيا آهن •(٢) انهي ڪري ڪانپو سلسلي جون هڪڙون ملندڙ نظر آڻن ٿيون ،
جان جو مخدوم ابوالحسن کي حڪومت جي دور ۾ سنڌي لاءِ عربي رسم الخط کي
استعمال ڪندي ڏسجي ٿو •

سنڌ کي پنهنجي تاريخ ۾ چار دفعا اسلامي تبليغ ۽ تحريڪ ڏسڻ ۾ آئي
آهي • پهرين دفعو محمد بن قاسم جي زماني ۾ ، جڏهن هيٺرا سنڌي مسلمان ٿيا
مگر انهن هو به لقب اختيار نه ڪيو • ٻيو دفعي سومرن جي دور ۾ ، جڏهن حضرت
پير صدر الدين جي دعوت تي هيٺرائي لوهاڻا مسلمان ٿيا ۽ " خواجا " سڏجڻ ۾

---

(١) مخدوم امير احمد (مترجم) " چچ نامو " سنڌي ادبي بورڊ ، حيدرآباد ١٩٦٦ع
ص ١٢٦

(٢) Dr. Daudpota, U.M.; "Sindhi Literature," See, "Cultural Heritage of Pakistan, Oxford University Press, London, 1965, P.156.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 83

آيا • شين دنهو ڪلهوڙن جي دور ۾ بغداد جي مشهور قطب رباني سيد شيخ عبدالقادر جيلاني ؒ جي اولاد مان شيخ يوسف الدين بغدادي سنڌ ۾ آيو ۽ انهي ڪري تبليغ ۽ تبراڻي سنڌي مسلمان ٿيا ، جن پوءِ پاڻ کي " مومن " (ميمڻ) سڏايو • جوئين ۽ آخرين دنهو انگريزي راڄ ۾ شڌي ۽ سنڌين جي تحريڪ جي رد عمل ۾ جڏهن ، نون مسلمانن پاڻ کي " شيخ " ۽ " سنجوڪي " سڏايو •

ابوالحسن سنڌي مٿي ذڪر ڪيل تحريڪن مان ٽئين نمبر تحريڪ جي پيداوار هئي ، سندس جي دور ۾ جڏهن ان ڪٿيا مائهو مسلمان ٿيا ، تڏهن کين سنڌي زبان ۽ مذهبي معلومات ڏيڻ لاءِ الف ـ بي ٺاهي (١) هن صاحب سنڌي آوازن سان برابر ڏيکارينڊر عربي رسم الخط جا ٢٨ حرف ڪنيا ، ٽي حرف پارسي ۽ ٻه ڪنيائين ، ۽ باقي سنڌي آوازن لاءِ فارسي ۽ عربي حرفن جي ڇ ڪهڙي نشان نواڻ نشان ۽ حرف مقرر ڪيائين (٢)

سندس صورتخطي هنن حرفن تي مشتمل هئي •

(الف) عربي حرف :

ا ، ب ، ت ، ث ، ج ، ح ، خ ، د ، ذ ، ر ، ز ، س ، ش ، ص ، ض ، ط ، ظ ، ع ، غ ، ف ، ق ، ڪ ، ل ، م ، ن ، و ، هـ ، ي •

---

(١) محمد صديق ميمڻ : " سنڌي ادبي تاريخ " (پاڪو پهريون) آر ـ اي احمد اينڊ برادرس ، حيدرآباد ، ١٩٦٢ع ص ٦٠

(٢) خواجه غلام علي الانا : " سنڌي صورتخطي " سنڌي زبان پبليڪيشن ، حيدرآباد ١٩٦٦ع ، ص ٢٨

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(ب) پارسي حرف :

پ - ڃ - گ .

(ٽ) نج سنڌي حرفن جون صورتون :-

ابوالحسن باقي نج سنڌي حرفن جون صورتون عربي ۽ فارسي حرفن جي ڪهڙي هن ريت مقرر ڪيون .

جديد الف-بي جو حرف	ابوالحسن جي مقرر ڪيل صورت
ب	ب
ٻ	ٻهـ
ٽ	ٽهـ
ٿ	ٿهـ
ٺ	ٺهـ
ڦ	ڦ-پهـ
ڄ	ڄ
ڃ	ڃهـ
ڇ	ڇ
ڏ	ڏ
ڌ	ڌهـ

Gul Hayat Institute
INSTITUTE OF SINDHOLOGY
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڏ	ڏھ ـ ڊ
ڊ	ڏ
ڌ	ڊر
ڊ	ڌ
ڙ	ڙ
ڪ	ڪھ
ڪ	ڪ
ڪھ	ڪ
ڪ	ڱ
ڏ	ن (۱)

ابو الحسن جي ناهيل هن الف ـ بي جي نج سنڌي آوازن وارن حرفن جي شڪلين وقت ۽ حالتن مطابق پٽي ارتقائي منزلون طئي ڪيون • انهن حرفن هن ريت مختلف صورتون بدلائيون :-

نج سنڌي اڃاڻ وارن حرفن جي هاڻوڪي صورت	ڪتابن جون لکيل مختلف صورتون				
	(۱)	(۲)	(۳)	(۴)	(۵)
ڌ	ڌ				ڌ

(۱) محمد صديق ميمڻ : " سنڌ جي ادبي تاريخ • " (پاڪو پهريون) آر ـ ايڇ احمد اينڊ برادرس • حيدرآباد • سال ۱۹۶۲ع ص ۶۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	-	ٻ
ٽ	ٽ	-	-	-	ٽ
ٽ	ٽ	ٽ	ٽ	ٽٻٽٻ	ٽ
ٽ	ٽ	-	-	-	ٽ
ڏ	ڏ	ڏ	-	-	ڏ
ڄ	ڄ	ڄ	-	-	ڄ
ڄھ	ڄ	-	-	-	ڄھ
ڃ	ڃ	ڃ	-	-	ڃ
ڃ	ڃ	-	-	-	ڃ
ڏ	ڏ	-	-	-	ڏ
ڊ	ڊ	ڊ	ڊ	ڊ	ڊ
ڊ	ڊ	-	-	ڊٻ ڊٻ	ڊ
ڊ	ڊ	-	-	-	ڊ
ڙ	ڙ	ڙ	ڙ	ڙٻ ڙ	ڙ
ک	ک	-	-	-	ک
ڪ	ک	ک	-	-	ڪ
ڪھ	ک	ک	-	-	ڪھ
ک	ک	ک	-	-	ک
ڻ	ن	ڻ	ڻ	-	ڻ (1)

(1) عبدالحميد لغاري : " سنڌي ا ـ ب جي ارتقا " سنڌ الاجي جامشورو ٦٧ع ص ٥٢ ـ ٥٥

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 87

فرنگي سرڪار جون ڪوششون :-

شروعات ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ته اُن وقت سنڌ جي دفتري زبان پارسي هئي. هتن پارسي کي ئي ساڃيو درجو ڏنو (۱) ليڪن اڳتي هلي نتيجو اهو نڪتو جو فرنگي سرڪار کي ڇپي ڇپي تي مترجمن جي ضرورت محسوس ٿي ، ڪين اٽين آنين جي اٽ تي جڙ پا رهن آنا گهلائي ٿي ڏيڻي پيئي • انهي ڪري سرڪار لاءِ انتظامي ڏس ۾ مونجهارو پيدا ٿي پيو •

اٽين ڪونهي ته هو انگريزن کي سنڌ ، سنڌ واسين يا سنڌي ٻولي ۽ لاءِ ڪو اُنس يا اونو هيو • حقيقت اها آهي ته سندن ذاتي مفادن ئي ڪين سنڌي ٻولي ڏي متوجه ڪيو • سنڌي ٻولي ۽ دلچسپي وٺڻ سبب هو هڪ طرف انتظامي ڏس ۾ پوندڙ رخنو ختم ڪري ٿي سگهيا ، ڇ ٻئي طرف وري ڪوسي ڪڍي ۽ سنڌين جي جذبن ، امنگن ۽ عمل ۽ ردعمل کان چڱيءَ طرح واقف ٿي سگهيا ٿي •

اپريل ۱۸۴۸ع ۾ بمبئي جي گورنر سرجان ڪلارڪ هڪ حڪمنامو ڪڍيو جنهن ۾ چاٽايل هو ته سنڌي ٻولي ۽ ڪي دفتري ٻولي بنايو وڃي • هن سنڌ جي انگريز آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ۱۸ مهينن اندر سنڌي سکي وٺن (۲) ساڃي ئي سال انهي ۽ حڪمنامي جاري ٿيڻ کان پوءِ هڪ مهينو پوءِ بمبئي سرڪار سنڌ جي ڪمشنر کي هدايت ڪئي ته سنڌي ۽ ۾ امتحان ڏيندڙ آفيسرن جي امتحان

---

(۱) Aitken, E.H.: "Gazetteer of the Province of Sind," Karachi, 1907, P.47.

(۲) See James C. Melvill, "Scinde" (A copy of Report of Sir George Clark, Governor of Bombay) printed in "Administration of Scinde." East India House, 1854, P.15.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جو بندوبست ڪيو ويو • ساڳئي سال ۾ سنڌ جي ڪمشنر ۽ بمبئي سرڪار جي وچ ۾ لکپڙهه ٿي، جنهن جڻن ٿي مشتمل انگريز آفيسرن کان امتحان وٺڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ٺاهي وئي (۱) •

سربارٽل فريئر، پهرين سنڌ جو ڪمشنر هو، جنهن سنڌي ٻولي ۾ ڪجهه دلچسپي ورتي • انهيءَ سلسلي ۾ هن آگسٽ ۱۸۵۱ع ۾ لکپڙهه وسيلي بمبئي سرڪار کي پنهنجي هڪ خيال بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌي، ڪي دفتري ٻولي بڻايو ويو (۲) هن سٽتي ۾ ۱ سيپٽمبر ۱۸۵۱ع تي پنهنجي سرڪيولر ليٽر نمبر ۱۸۲۵ موجب سرڪاري عملدارن کي سنڌي ٻولي ۾ امتحان پاس ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو (۳)

---

(۱) ... Commissioner-in-Sind's Record, File No: 215, P.P 31-65

(۲) Ibid, File No. 224, P.P 1-3

(۳) Ellis, B.H; "Report on Education in Sind," Education Society Press, Bombay, 1855. P.5.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 89

هن تاڪيد ۾ فريئر ، يورپي ۽ ٻين غير ڏيهي عملدارن کي سنڌي
۾ امتحان پاس ڪرڻ کانسواءِ ٻن ٻين اهم ڪالهين ڏانهن به توجه ڇڪايو، جي
آهن :

(الف) آئيندي سڀ سرڪاري لکپڑهه سنڌي ۾ هلي

(ب) سنڌي ٻولي‌ءَ جا اسڪول کوليا وڃن (١)

هنن حالتن سنڌي ٻولي جي الف- ب جي تشڪيل واري مسئلي کي
سرڪار لکيان نمايان ڪيو ۰ انهي‌ءَ ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر، مسٽر ايلس جي صدارت
هيٺ ، اٺن مقامي ۽ ٻن يورپي ميمبرن تي مشتمل هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي ، انهيءَ
ڪميٽي‌ءَ ۾ هيٺيان ميمبر هئا ۰

(الف) ڏيهي عالم :-

خانبهادر مرزا صادق علي بيگ ، ميان محمد ، ميان غلام حسين شيني ،
راءِ بهادر نارائن جگناٿ ، ديوان نند رام ، ديوان پريمداس ، رام چنداڻي ، ۽ ديوان
اڌارام ٽانورداس ۰ (٢)

(ب) يورپي عالم :-

ڪيپٽن جارج اسڪاٽ ، ۽ ڪيپٽن برٽن (٣)

---

(١) پيرومل مهرچند آڏواڻي : " سنڌي ٻولي جي تاريخ ، " پيرومل مهرچند ، ڪراچي ،
١٩٤١ع، ص ٢٨١

(٢) محمد صديق ميمڻ : " سنڌ جي ادبي تاريخ ، " آر-ايچ -احمد اينڊ برادرس،
حيدرآباد ، ١٩٦٣ع، ص ١٩-٢٠ (پاڪو پبليڪيشن)

(٣) خوجا، غلام علي الانا : "سنڌي صورت خطي" سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٦٩ع،
ص ٣٧

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

يورپي عالم لسانيات جاماهر هئا . ان ڪري ڪين هن ڪميٽيءَ ۾ ڪنيو ويو . ليڪن آڪسفورڊ هلي اهي ٻڌي جڏا اختلاف جا باعث ٻڌيا . ڪئپٽن جارج اسٽڪ جو رايو ٿي پيو ته سنڌيءَ لاءِ ديوناگري رسم الخط مقرر ڪيو وڃي . سندس دليل هئا ته :

(الف) هن خط کي يورپي عملدار چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا .

(ب) هي خط سنڌي زبان لاءِ بنيادي خط آهي (١)

ٻئي طرف ڪئپٽن برٽن ان جي برعڪس سنڌي ٻولي لاءِ عربي سنڌي خط رائج ڪرڻ ۾ زور ڏنو (٢) هن پنهنجا دليل ڏنا ته :

(الف) سنڌ جو سمورو ادب قديم زماني کان وٺي هن خط ۾ ملي ٿو .

(ب) سڀئي پڙهيل مسلمان هي خط پڙهي سکهن ٿا . ڇو منجهائن ڪيترا لکي به سکهن ٿا .

(ج) جيتوڻيڪ هندو عامل هي خط پڙهي نه ٿا سکهن ، پر اها تسليم شده حقيقت آهي ته سنڌي مالڪ ۽ ملازمان ڀڳي طرح واقف آهن ، تنهن ڪري هي خط انهن لاءِ مشڪل نه ٿيندو (٣)

---

(١) خواجه غلام علي الانا : " سنڌي صورتخطي " سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٦٦ع ص ٢٨

(٢) Burton, R.F; "Sind and the races that inhabits in the valley of River Indus", W.H. Allen & Co:, London, 1851, P. 147

(٣) خواجه غلام علي الانا : " سنڌي صورتخطي " سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٦٦ع ص ٢٠

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪٿي ويچار ڪانپوءِ ڪمپنيءَ جي صدر "عربي - سنڌي" صورتخطي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڇاهي رپورٽ سربارنل فريئر ڪي ڏني (١) آخرڪار ١٨٥٣ع ۾ ڪمپنيءَ جي ڊورٽ آفس بائيڪنس "عربي رسم الخط کي هموار ترميمن سان رائج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب جي اشاعت ۽ اوسر لاءِ سالياڻو ڏهه هزار روپيا منظور ڪيا (٢) هيءَ الف - ب جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ شايع ڪرائي پڌري ڪئي وئي (٣)

موجوده صورتخطي ۾ ڇپي ٿيءَ جي صورت هن ريت آهي :

ا ب ت ٿ ج ڄ چ ح خ د ڏ ذ ر ڙ ز س ش ص ض
ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ ل م ن ڻ
و ھ ء ي .

حرف آخر :-

موجوده سنڌي ٻولي جي ا - ب نه انگريزن جوعطيه ڪارنامو آهي . ۽

---

(١) Ellis, B.H.: "Report on the Education in Sind," Education Society Press, Bombay, 1855, P.8

(٢) Miss Sarla J. Narsian: "Historical Development of Education in Sind" an article published in J.S.H.S. Karachi, May, 1939, Vol IV, No1, P.38.

(٣) Aitken, E.H.: Gazetteer of the Province of Sind" Karachi, 1907, P. 474.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

نه وري انهن ئي اها ايجاد ڪئي • حقيقت ۾ هي رسم الخط صدين کان
وٺي سنڌ ۾ رائج هئي • جنهن ۾ ابوالحسن ڇان کان پوءِ جي ڏيهرن سنڌي
عالمن پڻي پنهنجا ڪتاب لکيا • انگريزن انهيءَ غير منظم رسم الخط کي
محض نئين تشڪيل ڏني ۽ سندن ڪوششن سان محض مروج ا - ب جي اصلاح
ٿي • اها اصلاح نه رڳو سنڌ ، سنڌ واسين ۽ سنڌي ٻولي ، بلڪ انگريزن
جي به عين مفاد وٺان هئي •

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 93

باب بیو

سنتو ب اولیئ یم ترجمانۍ تصنیفونه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سنڌي ٻولي ۽ ترجمو ۽ تصنيفون

سنڌي ٻولي جي نئين سر تشڪيل ٿيڻ وقت ، سنڌي رادب زياده تر مذهبي هو ، جو ملڪ جي وڏندڙ علمي ۽ ادبي ضرورتن کي منهن ڏيئي نه ٿي سگهيو ۽ يورپي عملدارن ، انهن سيني ڪالهين کي سمجهي ، سنڌي زبان ۾ نثري نظم جا ڪتاب تيار ڪرائڻ شروع ڪيا ۽ جيئن " فورٽ وليئم ڪالج " وانگر " ڊاڪٽر جان گل ڪرائسٽ (اردو جي ڪمي) ڪي محسوس ڪري ، ڪن ادبين کي گهرائي ، ڪتاب مرتب ڪرايا ، تيئن سنڌي ادب جي ترقي ۽ لاءِ بارٽل فريئر خاص انس ڏيکاريو (۱)

---

(۱) هي وڌيڪ هيٺ ڄاڻايل ڪتابن ۾ ڏنل معلومات ۽ لائبريرين جي سروي جي آڌار تي ٺاهيو ويو آهي ۽

Gul Hayat Institute

(سنڌي ڪتاب) الف : ٻيرومل مهر چند آڏواڻي : " سنڌي ٻولي ۽ جي تاريخ ، " ٻيرومل مهر چند ، ڪراچي ۱۹۴۱ع

(ب) عبدالجبار عبدالڪبر جڻيجو : " سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ، " سرهم ڪتاب حيدرآباد ۱۹۷۲

(پ) منڪهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " ڪونج پبليڪيشن بمبئي ۱۹۶۸

(پ) ميمڻ محمد صديق : " سنڌ جي ادبي تاريخ ، " آر-ايڇ -احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ۱۹۶۸ع

سنڌي مضمون : پير حسام الدين شاهه راشدي : " سنڌي زبان جا قديم ڇاپي ڪتاب " نئين زندگي ماهه ، آڪٽوبر ۱۹۵۳ع

(ب) غلام محمد گرامي : "سنڌي ليٽوگراف " سهماهي مهراڻ" حيدرآباد جلد ۱۴ نمبر ۴ سال ۱۹۶۵

(انگريزي ڪتاب)

A) Grierson, G.R.: "Linguistic Survey of India" (Vol VIII, Part I) Calcutta, 1919.

B) J.F. Blumhardt: India office Library Catalogue, (Vol II, Part III) Sindhi Section, India office library, London, 1902.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سنڌي "ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي" تشڪيل ڏني وئي ، جنهن جن خاص

ڪتابن جي ترجمن ۽ تصنيفن ڪرڻ لاءِ انعامن اڪرامن جا اشتهار پڌرا ڪيا • هن ڪميٽيءَ سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ تائين زور شور سان ڪم ڪيو ان کان پوءِ سنڌ سرڪار سنڌي ساهت لاءِ "مرڪزي صلاحڪار بورڊ" تشڪيل ڏني • هن بورڊ ۾ مطالعي هيٺ آيل دور ۾ ڪيترا ڪتاب شايع ڪيا • انهن ۾نهي ڪميٽين طرفان شايع ڪيل ڪتابن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو (۱)

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو يا سال طبعزاد
---	---	---	---	---	---
۰۱	"باب نامو"	ديوان نند يرام		درسي ڪتاب	طبعزاد ۱۸۵۲
۰۲	"سنڌي پهرين ڪتاب"	اڌارام شانورداس		"	" ۱۸۵۳
۰۳	"سنڌي ٻيو ڪتاب"	پرپداس انند رام		"	" "
۰۴	" ٽيون ڪتاب"	"		"	" "
۰۵	" چوٿون ڪتاب (ٻه ڀاڪا)			"	" "
۰۶	"جٽ جي پاڙ"	سدا سک لال	منشي اڌارام	ٻرائنگ	ترجمو ۱۸۵۴
۰۷	"هندستان جي تواريخ"	پرساد	قاضي غلام علي	تاريخ	" "
۰۸	"ليکي جي پيڙهه"	ٽامس جيمس	نند يرام	حساب	" ۱۸۵۵
۰۹	"ڏرتي نروار (ٻه ڀاڪا)"	ماريس	" مهاديو شاستري	جاگرافي	" "
۱۰	"پٽماشي حساب"	چارلس هٽن	" ڪانداس	حساب	" "

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 96

سال	نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو يا طبعزاد
--	---	--	--	--	--	--
۱۸۵۵	۳	"دنيا جي مختصر تاريخ"	؟	ادارام	تاريخ	ترجمو
"	۵	"سدا سورو سدا سورو"	پنڊت بنسي ڌر	سيد ميران محمد شاهه	قصو	"
	۶	"سنڌي پهرين ڪتاب"	ادارام ٽانورداس		درسي ڪتاب	طبعزاد
	۷	"پڻاشي ڪتاب"	خانداس منسارام		حساب	"
	۸	"سنڌي ٻيو ڪتاب"	ادارام ٽانورداس		درسي ڪتاب	"
۱۸۵۶ع						
	۱	"آڪاسي نروار"	داسي ڌارا	نندپرام	علم نجوم	طبعزاد
	۲	"سيڪائتو نروار"	چرن جي لال	"		ترجمو
	۳	"نقشه نروار"	پرمانند		جاميٽري	"
	۴	"جبرو مقابلو (آلجبرا)"	نندپرام وشنوناٿ		حساب	"
۱۸۶۰ع :-						
	۱	"سنڌي صرف نحو"	ميان هري پرساد معرفت آنندرام		لسانيات	طبعزاد
۱۸۶۱ع :-						
	۱	"سنساري نروار"	پنڊت بنسي ڌر	نندپرام	علم نجوم	ترجمو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال	نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع ترجمو يا طبعزاد
--	---	---	---	- - -	--

۱۸۶۱ع :-

۰۲		"جغرافيه جديد"	؟	نندیرام ڪانداس	جاگرافي ترجمو
۰۳		"راءِ دياچ جو قصو"	؟	ادارام	شاعري ۽ قصو "
۰۴		"مفيد الطالبين"	~~سورڀ~~ ادارام		لسانيات طبعزاد
۰۵		"مفيد الصبيان"	؟	سيد ميران محمد شاهم	اخلاقيات ترجمو
۰۶		"مفيد الصالحين"	ادارام		" طبعزاد
۰۷		"سڌا تورو ڪڏاتورو"	بنسي ڌر	سيد ميران محمد شاهم	قصو ترجمو
۰۸		"سنڌ جي تاريخ"	؟	نندیرام	تاريخ "

۱۸۶۲ع :-

۰۱		"ڪولمبس جي تاريخ"	؟	ڪوڙيمل چندن مل	تاريخ ترجمو
۰۲		"منتخب تاريخ انگلستان"	؟	واڌومل چندیرام	" "
۰۳		"سنڌي طوطي نامو"	ادارام ٽانوردس		طبعزاد
۰۴		"سنڌ جي تاريخ"	آلومل		تاريخ "

۱۸۶۳ع :-

۰۱		"تاريخ هندستان"	پرپيداس		تاريخ طبعزاد

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال	نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو يا طبعزاد
—	—	——	—	—	—	

١٨٦٥ع :-

---

٠١ "سنڌ جو نروار" نارائڻ جڪتياڻ تاريخ جاگرافي طبعزاد

١٨٦٦ع :-

---

٠١ "سنڌي شرب ريڊنگ بڪ" پرڀيداس ڇوٿرمل نصابي طبعزاد

٠٢ "سنڌي ڇوٿون ڪتاب" " انندرام " "

"پاڪو پڙهڻون"

١٨٦٧ع :-

---

٠١ "بمبئي ڪاتي جي جاگرافي" گرڌنومل لالسنگ جاگرافي طبعزاد

١٨٦٨ع :-

---

٠١ "انگلنڊ جي تاريخ" ماريس پرڀيداس انندرام تاريخ ترجمو

٠٢ "سنڌي گرامر" اڌارام ٽانورداس لسانيات طبعزاد

٠٣ "راسيلاس" جانسن اڌارام ناول ترجمو

٠٤ "انگلنڊ جي تاريخ" مور پرڀيداس انندرام تاريخ) "

٠٥ "اصول علم طبعي" اڌارام ٽانورداس ڇوٿومل چندنمل تعليم "

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سلسل	نمبر	عنوان	لیکھک	مترجم	موضوع	ترجمہ یا طبعزاد
--	---	----	----	-- --	---	-- -----
۱۸۶۸ع :-						
----						
(۶)		"سندي ہیو کتاب"	اداراہ شانورداس		تعلیم	طبعزاد
۰۷		"سندي گرامر"	"		لسانیات	"
۰۸		"سندي شیون کتاب"	پرداس انند راہ		نصابي	"
۰۹		"تحریر اقلدیس"	؟	کوڑومل	جامیٹري	ترجمو
۱۸۶۹ع :-						

۰۱		"قصو کامني کامروپ"	لالو پکت	اداراہ	شاعري بہ قصو	ترجمو
۰۲		"گل"	کیولراہ		لسانیات	طبعزاد
۰۳		"دلچسپ آکاشیون (پہ پاکا)"	اداراہ		آکاشیون	"
۰۴		"باب نامو"	نند یراہ		درسي کتاب	"
۰۵		"انکي حساب"	کرشنا شاستري		نصابي	"
۰۶		"لیکي جي پہلڑھم"	تامس جیمس	پرپداس	"	ترجمو
۰۷		"سندي ہیو کتاب"	اداراہ شانورداس		"	طبعزاد
۰۸		"دل جا حساب"	کرشنا شاستري		"	"
۰۹		"فارسي آموز"	اداراہ شانورداس		لسانیات	"

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 100

سال	نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو يا طبعزاد
---	---	- --	---	---	-- -	--- --- ----
۱۸۷۰ع :-						
۰۱		"راءِ ڏياچ جو قصو"	اداراءِ آخوند عبدالرحيم -		نظم ۾ قصو	طبعزاد
۰۲		"دلپسند آکاڻيون"	"		آکاڻيون	"
۰۳		"ايسپ جون آکاڻيون"	ايسپ	اداراءِ	"	ترجمو
۰۴		"سسئي پنهون"	جي گوپال سمد		قصو	
۰۵		"راسيلاس"	جانسن	اداراءِ	ناول	ترجمو
۰۶		"سنڌي گرامر"	اداراءِ		لسانيات	طبعزاد
۰۷		"باب نامو"	نند يراءِ		نصابي	"
۰۸		"ليکي جي پيڙهه"	ٽامس	اداراءِ	تعليمي	ترجمو
۰۹		"سنڌي هيو ڪتاب"	اداراءِ		نصابي	طبعزاد
۱۰		"سنڌي شين ڪتاب"	پرياڊاس	"		"
۱۱		"تحرير اقليدس"	؟	ڪوڙمل	"	ترجمو
۱۲		"وهنواري ليکي جو ڪتاب"	ڪوڙمل	"	"	طبعزاد
۱۸۷۱ع :-						
۰۱		"قصو مهر منيرءِ ۽ بدر منير جو"	اداراءِ		شاعري ۾ قصو	طبعزاد

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال	نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو /طبعزاد
--	---	---	---	---	---	- - ----
۱۸۷۱ع :-						

	۰۲	"دلپسند آکاڻيون (ٻه پاکا)"	اداراڪو	-	آکاڻيون	طبعزاد
	۰۳	"ڪٿا ڀهلي"	آخوند عبدالرحيم		آکاڻي	"
	۰۴	"ايسپ جون آکاڻيون"	ايسپ	نند يرام	"	ترجمو
	۰۵	"راڄ ڏياڻ جو قصو"	اداره /عبدالرحيم		قصو	طبعزاد
	۰۶	"سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال"	بهار ٻير		"	"
	۰۷	"عمر جو قصو"	آخوند عبدالرحيم		"	"
	۰۸	"سسئي پنهون"	"		"	"
	۰۹	"ڪاسين ۽ ڪمروپ جو قصو"	لالو پڪت		"	"
	۱۰	"باب نامو"	نند يرام		نصابي	"
	۱۱	"ليکي جي پيڙهه"	شامس	پرپداس	عليمي	ترجمو
	۱۲	"سنڌي ٻيو ڪتاب"	اداراڪو		نصابي	طبعزاد
	۱۳	"سنڌي ٽيون ڪتاب"	پرپداس		"	"

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال	نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو/طبعزاد
—	—	—	—	—	—	—
۱۸۷۱ع :-						
۱۴	"سنڌي گرامر"		اداراه		لسانيات	طبعزاد
۱۵	"جواهر الغات"		آخوند فتح محمد		"	"
۱۶	"علم منطق"		مرزا غلام رضا بيگ		فلسفو	"
۱۷	"علم هاشري"		مرزا صادق علي بيگ		سماجي علوم	"
۱۸۷۲ع :-						
۰۱	"بمبئي کاتي جي جاگرافي"		ڪوڙومل		نصابي	طبعزاد
۰۲	"سنڌي پهريون ڪتاب"		اداراه		"	"
۰۳	" ٻيو ڪتاب"		ڪوڙومل		"	"
۰۴	" ٽيون ڪتاب"		پرپداس		"	"
۰۵	" چوٿون ڪتاب"		" ڪوڙومل		"	"
۱۸۷۳ع :-						
۰۱	"ٽوپي ۽ پڳڙي جو قصو"		پرپداس		قصو	طبعزاد

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال	نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو/ طبعزاد
--	---	---	---	--	---	- ---- -
۱۸۷۳ع :-						

	۰۲	"عمر جو قصو"	عبدالرحيم	ڏ	قصو	طبعزاد
	۰۳	"هندستان جي مختصر تاريخ"	مارپس	پريتمداس پريتلس	تاريخ	ترجمو
	۰۴	"ليکي جي پيڙهه"	ٽامس	پريتمداس	نصابي	"
	۰۵	"سنڌي ڇهرين ڪتاب"	اداراه		"	"
	۰۶	"ٽيون ڪتاب"	پريداس		"	"
۱۸۷۴ع :-						
---- - -						
	۰۱	"ايسپ جون آکاڻيون"	ايسپ	اداراه	آکاڻيون	ترجمو
	۰۲	"ڪاسين ۽ ڪمروپ جو قصو"	لالو بيگٽ		قصو	طبعزاد
	۰۳	"سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال"	بهار پير		"	"
	۰۴	"سسئي پنهون"	جي ڪولڊ سمٿ		"	"
	۰۵	"سنڌي ڇهرين ڪتاب"	اداراه		تعليمي	"

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال	نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو/طبعزاد
---	--	---	- --	---	---	-----
١٨٧٤ع :-						

	٠٦	"سنڌي پهرئون ڪتاب"	ڪوڙومل		تعليمي	طبعزاد
	٠٧	"چوٿون ڪتاب"	"		"	"
	٠٨	"پنجون ڪتاب"	"		"	"
	٠٩	"تحرير اقليدس"	ڪوڙومل		"	ترجمو
	١٠	"سسئي پنهون"	آخوند عبدالرحيم ۽ ڪوڙومل		قصو	طبعزاد
١٨٧٥ع :-						

	٠١	"سنڌي گرامر"	اڏاڻو		قصو	طبعزاد
	٠٢	"سنڌي پهرئون ڪتاب"			نصابي	"
	٠٣	"پهرئون ڪتاب"	ڪوڙومل		"	"
	٠٤	"ٽيون ڪتاب"	پرياس		"	"
	٠٥	"چوٿون ڪتاب"	ڪوڙومل		"	"
	٠٦	"ڪاشف الغموض"	آخوند فتح محمد		"	"
١٨٧٦ع :-						
-- -----						
	٠١	"سنڌ جو مختصر نروار"	محمد رمضان		جاگرافي	طبعزاد

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال / نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو/طبعزاد
------	----	-- -	---	---	-- ---
۱۸۷۶ع :-					

۰۲	"راءِ ڏياچ جو قصو"	اداره ۽ آخوند عبدالرحيم		قصو	طبعزاد
۰۳	"عجائب شاهه ۽ نوشلب راڻي"	محمد فاضل		"	"
۰۴	"عشق ۽ عقل جي جنگ جو قصو"	قاضي نور محمد قريشي		"	"
۰۵	"هندستان جي مختصر تاريخ"	مارليس	پريتمداس	تاريخ	ترجمو
۱۸۷۷ع :-					

۰۱	"سنڌي گرامر"	اداره		لسانيات	طبعزاد
۰۲	"سنڌي پهريون ڪتاب"	"		نصابي	"
۰۳	" پيو ڪتاب"	ڪوڙومل		"	"
۰۴	" ڇهون ڪتاب"	"		"	"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال / نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو / طبعزاد
---	---	---	---	---	---
١٨٧٨ع :-					
٠١	"راءِ ڏياچ جو قصو"	اڏارام/عبدالرحيم		قصو	طبعزاد
٠٢	"هندستان جي مختصر تاريخ"	مارليش	پريتمداس	تاريخ	ترجمو
٠٣	"ديوان قاسم"	محمد قاسم		شاعري	طبعزاد
١٨٧٩ع :-					
٠١	"سنڌي گرامر"	اڏارام		لسانيات	طبعزاد
٠٢	"هندستان جي مختصر تاريخ"	مارليس	پريتمداس	تاريخ	ترجمو
٠٣	"انگلنڊ جي تاريخ"	مور	"	"	"
٠٤	"ليکي جي پيڙهه"	ٽامس	"	نصابي	"
٠٥	"سنڌي ٽيون ڪتاب"	پريداس		"	طبعزاد
١٨٨٠ع :-					
٠١	"هندستان جي مختصر تاريخ"	جهامراء		تاريخ	طبعزاد

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال / نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو/ طبعزاد
------	-- -	---	---	---	--- -- --
١٨٨٠ع :-					

٠٢	"سنڌ جي مختصر تاريخ" آلومل			تاريخ	طبعزاد
٠٣	"سنڌ جو مختصر نروار"	محمد رمضان		جاگرافي	"
١٨٨١ع :-					

٠١	"عمر مارئي جو قصو"	آخوند عبدالرحيم		نظمي قصو	طبعزاد
٠٢	"دودي چنيسر جي ڪالهه"	اداراه		قصو	"
٠٣	"ڪاسبي ۽ هروپ جو قصو"	لالو ويڪت		"	"
٠٤	"سنڌي پهريون ڪتاب"	اداراه		نصابي	"
٠٥	"سنڌ جي مختصر تاريخ"	آلومل		تاريخ	"
١٨٨٢ع :-					

٠١	"سنڌي گرامر"	اداراه		لسانيات	طبعزاد
١٨٨٣ع :-					

٠١	"ميزان الشعر"	فاضل شاهه		شاعري	طبعزاد
٠٢	"ڪافين جو ڪتاب"	"		"	"

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال / نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو/طبعزاد
---	---	---	---	---	---
۱۸۸۲ع :-					
۰۳	"راسيلاس"	جانسن	اڈاراڻ	ناول	ترجمو
۰۴	"منتخب شاهه عبدالطيف جي رسالي جو"	قاضي حاجي احمد		شاعري	طبعزاد
۰۵	"قصو ڪونئرو چنيسر جو"	وريو فقير		قصو	"
۰۶	"انگلوورناڪيولر ڪرامر"	علي قلي فريدون بيڪ		لسانيات	"
۱۸۸۴ع :-					
۰۱	"قصو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جو"	عبدالرحمان		قصو	طبعزاد
۱۸۸۵ع :-					
۰۱	"قصو هير رانجهي جو"	حيدر شاهه		قصو	طبعزاد
۱۸۸۶ع :-					
۰۱	"سنڌي گرامر"	اڈاراڻ		لسانيات	طبعزاد

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال/نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو / طبعزاد
------	---	---	----	- --	--- ---
۱۸۸۸ع :-					

۰۱	"هندستان جي مختصر الم چند جاگرافي"			جاگرافي	طبعزاد
۱۸۹۰ع :-					

۰۱	"گنگا اشنان"	گدومل		ڏرمي	طبعزاد
۱۸۹۱ع :-					

۰۱	"سندي پنجون ڪتاب"	ڪوڙومل اڏيل		تصابي	طبعزاد
۰۲	"قصو سسئي پنهون جو"	اداره		قصو	"
۰۳	"ايسپ جون آکاڻيون"	"		آکاڻيون	"
۱۸۹۲ع :-					

۰۱	"هندستان جي تاريخ"	ماريس	پريتمداس	تاريخ	ترجمو
۰۲	"انگلنڊ جي تاريخ"	؟	بولچند	"	"
۱۸۹۳ع :-					
- ------					
۰۱	"سندي پنجون ڪتاب"	ڪوڙومل اڏيل		تصابي	طبعزاد

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سلسل نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو/طبعزاد
-----	---	--	- --	-- -	----
١٨٩٤ع :-					

٠١	"علم نباتات"	باڪر هڪسر	مرزا صادقعلي	تعليمي	ترجمو
١٨٩٦ع :-					
- ------					
٠١	"ميرن جي صاحبيجو احوال"	اداره		تاريخ	طبعزاد
١٩٠٠ع :-					

٠١	"شاهه جو رسالو"	تاراچند		شاعري	طبعزاد
١٩٠٢ع :-					

٠١	"عمر مارئي جو قصو"	آخوند عبدالرحيم		قصو نظم	طبعزاد
١٩٠٢ع :-					
- - -----					
٠١	"سنڌ جي تاريخ"	مرزا قليچ بيگ		تاريخ	طبعزاد
١٩٠٥ع :-					
- - - --					
٠١	"ورناڪيولر سڪولن جي سڪاريندڙ لاءِ نصابي ڪتابن"	بمبئي ڪاٽو		تعليمي	

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال / نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو/طبعزاد
------	---	---	---	--- - ---	-- ---
۱۹۰۵ع :-					

۰۲	"گل شڪر"	ڪيولرام		لسانيات	طبعزاد
۱۹۰۷ع :-					

۰۱	"سسئي پنهون جو قصو"	آخوند عبدالرحيم		قصو	طبعزاد
۰۲	"سنڌ جي مختصر تاريخ"	آلومل		تاريخ	"
۱۹۰۸ع :-					

۰۱	"ادب عروت"	پيرومل	جڪتراءِ اڏنمل		ترجمو
۰۲	"هندستان جي تاريخ"	پيرومل		تاريخ	طبعزاد
۱۹۰۹ع :-					

۰۱	"گل"	ديوان ڪيولرام		لسانيات	طبعزاد
۱۹۱۰ع :-					

۰۱	"سنڌي ٻولي جي سونهن"	ڪهنشامداس		لسانايت	طبعزاد
۱۹۱۲ع :-					

۰۱	"راءِ ڏياچ جو قصو"	مڪرپو ۽ ابوبڪر		قصو نظم ۾	طبعزاد

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 112

سال / نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو / طبعزاد
------	---	-- --	---	- - -	---------
۱۹۱۸ع :-					

۰۱	"ڦو سسئي پنهون جو"				
۰۲	"ايسپ جون آکاڻيون"	ايسپ	اڏارام	آکاڻيون	ترجمو
۱۹۲۰ع :-					

۰۱	"انگي حساب"	وزيرمل		حساب	طبعزاد
۱۹۲۱ع :-					
- -----					
۰۱	"مومل راڻي جو ڦصو"	حفيظ شيوڻو		ڦصو	ترجمو
۱۹۲۲ع :-					
- -----					
۰۱	"ڏيهي حساب"	ڏياراڻ ليلاراڻ		حساب	طبعزاد
۱۹۲۳ع :-					

۰۱	"سيا جو سينگار"	سنسڪرت	صوپراڄ	ناول	ترجمو
۰۲	"شاهه جي رسالي جو منتخب"	قاضي حاجي احمد		شاعري	طبعزاد

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 113

سال / نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع	ترجمو/طبعزاد
-----	---	--	---	--	------
۱۹۲۵ع :-					
۰۱	"هندستان جي تاريخ"	لعل چند		تاريخ	طبعزاد
۱۹۲۸ع :-					
	"رستم"	مرزا قليچ بيگ		قصو	طبعزاد
۱۹۲۹ع					
۰۱	"مقالات الحڪمت"	لاربيڪن	مرزا قليچ بيگ	مضمون	ترجمو
۱۹۳۱ع :-					
۰۱	"پڻاڻي ڪتاب"	چارلس هيٿن	مرزا صادق علي	جاميٽري	ترجمو
۰۲	"ڏيهي حساب"	ڏياراام ليلاراام		حساب	طبعزاد
۱۹۳۶ع :-					
۰۱	"ابو الفضل فيضي"	فتح محمد سيوهاڻي		سوانح	طبعزاد
۱۹۴۰ع :-					
۰۱	"پڻاڻي ڪهوڙ جي ورسي"	مرتب سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار بورڊ		تنقيد	طبعزاد

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال / نمبر	عنوان	لیکک	مترجم	موضوع	ترجمو/طبعزاد
------	---	----	----	--	-------
۱۹۴۲ع :-					

۰۱	"سیر کوهستان"	الف بچایو سمون		مضمون نگاري	طبعزاد
۱۹۴۴ع :-					
--- ---					
۰۱	"دلورام جي نگري"	؟	دیوان نرمل داس		ترجمو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 115

باب ٹیون

سرکاری صحافت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 116

باب ستيون

سرڪاري صحافت

(الف) طلوع :

سرڪار طرفان ڪراچي ظلعي ۾ ٽي هفتيوار اخبارون ۽ هڪ هوار رسالا جاري ٿيا - جن جو مختصر ذڪر ڏجي ٿو :

فوائد الاخبار: هي هفتيوار اخبار سنڌي ۽ پارسي ٻولي ۾ شايع ٿيندي هئي. اخبار جو پهريون پرچو پندرهين مئي ١٨٥٨ع تي جاري ٿيو • اخبار گورنمنٽ پريس ۾ ڇپبي هئي • مجموعي مختلف موضوعن تي ليک ۽ مضمون شايع ٿيندا هئا . جن مان اڪثر ڪري تعليم، تعليم جي ترقي ۽ اوسر تي لکيل هوندا هئا • هن اخبار جي پهرين پرچي ۾ سنڌ جي تاريخ . زراعت . سائنس . بوصٽير ٽوڙي يورپ جي واقعن ۽ حالتن تي مضمون ۽ خبرنامو شايع ٿيا هئا • اخبار تعليم کاتي طرفان جاري ڪئي وئي هئي. ۽ ان جي تقسيم ڏري گهٽ اسڪولن ۽ مڪتبن تائين محدود هوندي هئي • (١)

سنڌ سڌار: هيءَ هفتيوار اخبار ١٨٦٦ع کان ونڊي تعليم کاتي طرفان جاري ٿي • اخبار هر جمعي تي شايع ٿيندي هئي ۽ ان جو پهريون ايڊيٽر مرزا صادق علي بيگ هئو • ان کان پوءِ ١٨٨٢ع ۾ اخبار " سنڌ سڌار " نالي ڪراچي جي هڪ جماعت جي حوالي ڪئي وئي • اخبار جو تفصيلي تنقيدي جائزو اڳتي هلي ڏنو ويو آهي •

سنڌ آفيشل گزيٽ : هيءَ سرڪاري گزيٽ ١٨٦٨ع کان ونڊي هر هفتي شايع ٿيندي رهي (٢) جنهن ۾ سرڪاري پڌرايو ۽ اهم اعلان وغيرهه شايع ٿيندا هئا •

1. Govt. Commissioner's Office Grant Record File No: 340, P. 259.
2. Hughes, A.W.: "Gazetteer of the Province of Sind", G. Bell & Co; London, 1876. P. 372.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 117

گزيٽ اصلي انگريزي ۾ شايع ٿيندي هئي، پر ان جو گڏوگڏ سنڌي ترجمو به ڏنو ويندو هو • هي گزيٽ ڪمشنرس پريس ۾ شايع ٿيندي هئي، ۽ ان جي تقسيم سرڪاري دفترن ۽ ٻين ڪٿين ئي محدود هوندي هئي •

رسالو زراعت : ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس " جو قيام ، سنڌ جي بمبئي کان علحدگي ۽ سکر بئراج جي تعمير جهڙن سنڌ جي اهم تاريخي واقعن پٺيان سنڌ صوبي جي زرخيز ۽ شاداب زمين جو وڏو هٿ هو • زراعت جي ترقي ڏيڻ طرح فرنگي حڪومت جي استحصالي مفادن جي پورائي جو وڏو ڪارڻ ۽ وسيلو هوئي • انهيءَ ڪري سرڪار طرفان سنڌ جي زراعت ڏانهن به ابتدا کان ئي خاص توجهه ڏنو ويندو هو • "رسالو زراعت" به انهي سلسلي جي هڪ ڪڙي هو • هي ماهوار رسالو ۱۹۰۰ع کان ئي ڪراچي مان شايع ٿيو، جنهن ۾ زراعت جي مختلف موضوعن تي مضمون شايع ٿيندا هئا •

Gul Hayat Institute

معراج : هي ماهوار رسالو سنڌ جي صوبائي حڪومت جو ڪارنامو آهي • سنڌ جڏهن بمبئيءَ کان علحدگي اختيار ڪري صوبائي درجو حاصل ڪيو تڏهن هي رسالو انهي دور ۾ جاري ڪيو ويو • هن رسالي جو پهريون پرچو جنوري ۱۹۴۶ع ۾ ظاهر ٿيو • رسالي جو ايڊيٽر بورڊ عثمان علي انصاري، مولانا دين محمد وفائي، لعل الدين انجم ۽ ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي تي مشتمل هو •

(ب) تنقيد :-

هن هيٺ هنٽيار " سنڌ سڏار " ۽ ماهوار " معراج " جو تنقيدي جائزو ڏجي ٿو :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 118

پاگو ٹیون

سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي ترقيءَ لاءِ غير سرڪاري

ڪوششون

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 119

باب پھریون

افسانہ نویسی ۽ ان جي اوسر ۽ تاريخ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 120

ڪهاڻي نويسيءَ جي اوسر ۽ تاريخ

پس منظر :-

اڄوڪي دور جي ڪهاڻي ماضيءَ جي ڏند ڪٿائين ۽ آکاڻين جي سڌريل صورت جو ٻيو نالو آهي . ڏند ڪٿائن جون پاڙون سنڌي ڪاڦي جي پاتال ۽ ڪٿل آهن ، جيتري قدر آکاڻيءَ جو تعلق آهي اها به تمام آکاڻي آهي . هونءَ " سنڌيءَ ۾ پهرين نثري آکاڻي جا چاپي هيڊ آئي ، سا هئي مشهور لوڪ ڪٿا ٻڌل " آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي " (١) هنيءَ آکاڻي منشي اڌارام ٺاڪورداس لکي هئي ، جيڪا ڪلهڻ استنڪ جي " سنڌي ڪرامر " ۾ ضميمي طور ڏني وئي هئي. اها آکاڻي موجوده عربي لپي کان اڳ ، ١٨٢٩ع ۾ لکي وئي .

اوسر :

١٨٥٣ع ۾ جڏهن سنڌي ٻولي‌ءَ جي ٽ الف - بي تيار ٿي ته بمبئي صوبي جي تعليمي ڪاتي سنڌي ٻولي ۾ ڪيترائي ڪتاب تيار ڪرايا ، جن ۾ اڪثر ڪي ترجمو شامل هئا . اهڙيءَ ريت چاپي آکاڻين جي ابتدا ٿي .

ڪهاڻي نويسيءَ جي اوسر ۾ شامل غير سرڪاري ڪوشش ۽ سپ ڪان پهرين

---

(١) منڪهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " ڪونج پبليڪيشن ، ١٩٦٨ع ص ٢٥

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 121

نالو پرمانند ميوارام جواڇي ٿو ۰ هن صاحب پنهنجي مشهور اخبار "جوت" مان آکاٿيون ، ۽ ٿوڻڪا ڏيي "دل بهار" جي نالي سان مجموعو ترتيب ڏنو ۰ هن مجموعي جو چوٿون ڀاڪو ۱۹۱۲ع ۾ شايع ٿيو ۰

۱۹۱۴ع ۾ لعلچند امرڏني مل جي ڪوشش سان "سنڌي ساهت سوسائٽي" جو بنياد پيو ، جنهن طرفان پهرين حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچيءَ مان ماهوار رسالو شايع ٿيڻ لڳو ۰ هن رسالي جي جاري ٿيڻ سان گڏ ڪهاڻي نويسيءَ جي صحيح معنيٰ ۾ ابتدا ٿي ۰ هن رسالي ۾ سالن جا سال ترجمو ٿيل ۽ اصلوڪيون ڪهاڻيون شايع ٿيون ، جن جو سال وار وچور هيٺ ڏجي ٿو :

سال ۱۹۱۴ع

نمبر	ڪهاڻيءَ جو عنوان	ليکڪ	مترجمه	موضوع
۰۱	"حرمڪي ءَ جا"	لعلچند امرڏنومل		تاريخي
۰۲	"پريم جو مهاتم"	پيرومل مهرچند		سماجي
۰۳	"ڇ منڊيون"	بنڪم چندر	ديوان ڪوڙومل	"
۰۴	"شيطان جي نانيء"	مرزا قليچ بيگ		"
۰۵	"نورجهان"	ديوان بولچند ڏيارام		تاريخي
۰۶	"سروجني"	نرملداس فتح چند		"
۰۷	"زيب النساء"	محمد صديق مسافر		"
۰۸	"سندري"	ليلارام وٽشل		"

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال ۱۹۱۵ع

۰۹	"جون آف آرڪ"	؟	ٽيجومل شهاڻي	تاريخي
۱۰	"يوسف مصري"	پرمانند ميرارام		سماجي
۱۱	"سيتيوتي"	؟	موٽومل گدواڻي	تاريخي
۱۲	"ڪبير جو ڪبير پاڻي جو پاڻي"	بلٽوٽسڪي	ديوان هوڙومل	سماجي
۱۳	"اندرا چندرا"	لڪيدار ليکراج		"

سال ۱۹۱۶ع

۱۴	"هڪڙي سکڙ زال"	مرزا قليچ بيگ		سماجي
۱۵	"دلورام دشٽ"	لعلچند امرڏنومل		تاريخي

سال ۱۹۱۷ع

۱۶	"ستياڻي هجي ستيا"	ڪاظرداس پوڄراج		سماجي
۱۷	"برونو"	انني بيسنٽ	لعلچند امرڏنومل	تاريخي
۱۸	"لعل لعل"	نانڪرام ڏرمداس		سماجي

سال ۱۹۱۸ع

۱۹	"هي هو چا ؟"	لعلچند امرڏنومل		سماجي
۲۰	"پٽ ٿان ڪٽ ٿي"	" "		"
۲۱	"هرشن موهني"	چيتانند ڪلڻداس		تاريخي

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 123

٢٢	"ٻه خط"	لعلچند امرڏ نومل		سماجي
	سال ١٩٢٠ع			

٢٣	"سمن موچي جي ڪالهه"	شالستاڄ	ليلارام ولايتراڄ	سماجي
٢٤	"شيرين"	جهمٽ مل پاوناڻي		"
٢٥	"چاند بيبي"	محمد صديق مسافر		تاريخي
٢٦	"بلوو"	شريمتي ڪهوشال	آسانند مامتورا	"
٢٧	"لچاوتي"	" "	لعلچند امرڏ نومل	سماجي
	سال ١٩٢٢ع			

٢٨	"ڏکن ڏڏي زندگي"	لعلچند امرڏ نومل		سماجي

هن ئي سال ، پاڏي قرار جي لکيل ۽ ليلا رام ولايت راڄ جي ترجمو ڪيل ڪهاڻي " جولن جي آکاڻي " ۽ ساڳي مترجمه جي ٻي ڪهاڻي " آنريبل جمه جي آکاڻي " چيٽمل پرسرام شايع ڪرائي .

١٩٢٢ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي ۽ نانڪرام ڏرمداس جي لکيل آکاڻي " شروڻ ڪمار " ۽ لعلچند امرڏ نومل جي لکيل " نوريءَ جو خون " شايع ٿيون .

١٩٢٢ع ۾ منڌارام ملڪاڻيءَ ٻه ڪهاڻيون ترجمو ڪيون ، جي هيون ٽئگور جي لکيل " ڪونگي ڪنوار " ۽ ٽئگور جي ٻيٽ سورنا ديوي جي لکيل " بن ديبي " هي ٻئي ڪهاڻيون پارٽ واسي اخبار ۾ شايع ٿيون .

LIBRARY, INSTITUTE OF SINDOLOGY UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (PAKISTAN)
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 124

۱۹۲۵ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي جي ماهوار رسالن ۾ جيڪي ڪهاڻيون شايع ٿيون ، تن ۾ ٺاڪر رام نارائڻ جي لکيل " وڪرم ۽ سالهواهن " ، ۾ جهنجهل جي " پوتر پريم " ذڪر ڪرڻ جي قابل آهن .

۱۹۲۶ع ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ساڌو هيرانند جي لکيل ڪهاڻين کي ڪٺو ڪري " هيري جون ڪڻيون " نالي سان مجموعو شايع ڪرايو . هن سال سڪ ٽرئڪٽ سوسائٽي وارن جي ماهوار رسالي ۾ " بلي ۽ راڏي " ڪهاڻي شايع ٿي . ساڳي ئي سال پهلاجراءِ واسواڻي ڪجهه ڪهاڻيون لکيون ، جيڪي " ڪالهين جو ڪٿو " جي نالي سان سنڌي ساهت سوسائٽي وارن شايع ڪرايون . هن جماعت طرفان نڪرندڙ ماهوار رسالي ۾ ڇهن سال جيڪي هياري ڪهاڻيون سڀي هيون ، روچيرام سڌاڻي جي بنگالي ساڃ ٿي لکيل اصلوڪي ڪهاڻي " درگاوتي " آتمارام ڪرپالاڻي جي ٽٽڪور جي " هنگري اسٽونس " جو ترجمو " راجائي رنگ محل " ۽ ساڳي ئي ليکڪ جي " ڪابولي والا " جو ترجمو شيل گرڏاري داس ڪرپالاڻي جي " ڪابولي والا " .

۱۹۲۷ع ۾ ٺاڪر رام ڪوريل جي اصلوڪي ڪهاڻين لکي " من جا مٽيا " نالي سان مجموعو شايع ڪرايو . هن سال سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي ۾ آسانند ماسترا جي لکيل " ونڊولي " به شايع ٿي .

۱۹۲۸ع ۾ هفتيوار " چوڏس " رسالي جي ابتدا ٿي جنهن ۾ گهڻي کان گهڻيون ڪهاڻيون شايع ٿيڻ لڳيون . هن ئي سال " سندر ساهت منڊل " سڪ ٽرئڪٽ سوسائٽي ۾ " سنڌي ساهت سوسائٽي " وارن ڪهاڻين ۾ ڪهاڻين جا مجموعا شايع ڪرايا .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 125

سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي ۾ جيڪي ڪهاڻيون شايع ٿيون ، انهن مان ڇهرين هڪي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي لکيل " ڪٽن جي ڪانفرنس". هي ڪهاڻي بنگالي جي ورهاڪي واري پس منظر ۾ لکيل هڪي • جنهنجو لفظ لفظ طنز ۽ مزاح جي رنگ ۾ رڱل هو • ٻي ڪهاڻي هڪي " فيلسوف " پريم ۽ امرتا ، " جيڪا آسانند ماستورا لکي هڪي • هن ڪهاڻي جو خام مال سنڌي سماج مان ورتو ويو هو ، ۽ ليکڪ جي مشاهدن جو نچوڙ هڪي • ٽي ڪهاڻي هڪي ، " اجهل روشني ، " جيڪا جهمٽ مل پاوناڻيءَ بنگالي ادب مان ترجمو ڪئي هڪي •

هن سال سڪ ٽرئڪٽ سوسائٽي وارن جيڪي ڪهاڻيون شايع ڪرايون تن ۾ " ٻٽي پريم " ، " ڪجهورتن " ، " ويجوڻي جا هنجوها " ۽ " راڻپور جي راڻي " قابل ذڪر آهن •

ساڪي سال " سندر ساهت منڊل " طرفان " لتهاسي آڪاڻيون " جي ٽالي سان هڪ مجموعو شايع ٿيو ، جنهن ۾ هي آڪاڻيون هيون :

۰۱	" پريم پياسي "	منشي پريم چند
۰۲	" ڪٽن پريڪيا "	سدرشن
۰۳	" وڪرماجيت جي تلوار "	منشي پريم چند
۰۴	" عجيب چوري "	هيمچندرا بٽنرجي
۰۵	" راجا هرودل "	منشي پريم چند
۰۶	" دڀي پورڻ گڙ "	هيمچندرا بٽنرجي
۰۷	" پريت جي ريت "	نقاش
۰۸	" ۽ سوريا "	

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 126

٠٩ سروجني

١٩٢٩ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي وارن پهلاجراڳ شروع جي ترجمي ڪهاڻين جو مجموعو " صلح پرچار " جي نالي سان شايع ڪرايو، جنهن ۾ مشهور سنسڪرتي ڪتاب " هتو پديش " مان اخلاقي ۽ قومي ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون ٠

ٻئي سال، يعني ١٩٣٠ع ۾ هن ئي سوسائٽي طرفان لطف الله بدوي جي اصلوڪي ڪهاڻين جو مجموعو " دستم گل " شايع ڪيو ويو ٠ ساڳئي سال امر لعل هنڪوراڻي " ٽلواڻي " رسالي جاري ڪيو، جنهن ۾ سندس اصلوڪي ڪهاڻيون " ڏسڻ ڏيو ڏسڻ ڏيندي " ۽ " ادو عبدالرحمان " شايع ٿيون ٠ سندس پوئين ڪهاڻي فن ۽ فڪر جي لحاظ کان اڄ به سنڌي ادب ۾ اعليٰ مقام واري ٻيهي آهي ٠

١٩٣١ع ۾ سک ترقڪ سوسائٽي وارن هرنامسنگ آڏواڻي جي لکيل ڪهاڻين جو مجموعو " هيرا جواهر " شايع ڪرايو ٠ هن سوسائٽي ساڳئي سال واري ترقڪ ۾ " نراس پريمي " ڪهاڻي به شايع ڪئي ٠

هن سال " سنڌ ساهت سوسائٽي " طرفان " چندن " جي نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو ٠ هن مجموعي جون اٺئر ڪهاڻيون ترجمو ٿيل هيون، جيڪڏهن " چندرا " ڪهاڻي جا سدرشن جي لکيل هئي، باقي ٻين ليکڪن جا نالا ڏنا ويا ٠ هن مجموعي جون ٻيون ڪهاڻيون هيون : " پدمڻي "، " پنڊت " ، " منتر، " " مهانگو چرچو، " " پريم جا رنگ، " ۽ " ڪورمنتر ٠"

١٩٣٢ع ۾ آسانند مامتورا جون ٻه اصلوڪيون ڪهاڻيون " هي پريم " ۽ " هي ميلاپ "، " " سنڌو " رسالي ۾ شايع ٿيون ٠ آسانند مامتورا جي ڪهاڻي " هي ميلاپ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

" هي ميلاپ " هڪ عجيب ڪهاڻي هئي . هن ۾ هندو چوڌر ۽ مسلمان چوڌري جي عشق ۽ محبت جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن ئي سال " سندر ساهت منڊل " طرفان "چوڙس چاندني " نالي ڪهاڻين جو هڪ مجموعو شايع ٿيو . جنهن ۾ ڇهه ڪهاڻيون هيون ، جيڪي هيءَ آهن :

	عنوان	ليکڪ
٠١	" هوالي "	منشي پريم چند
٠٢	" ڪوڙهن جي ڪرامت "	فتح چند
٠٣	" ڪيئر سڪانيا "	سدرشن
٠٤	" پتورت جو پرتاپ "	"
٠٥	" هار ۾ جيت "	"
٠٦	" پيٽيا گرهه "	"
٠٧	" درگا "	"
٠٨	" امريڪن ائڊيٽر "	"

Gul Hayat Institute

١٩٣٣ع ۾ " سندر ساهتيه منڊل " طرفان ڪهاڻين جا ٻه مجموعا شايع ٿيا ، پهريون " ڪومل گل " ۽ ٻيو " باغ بهار ."

١٩٣٤ع ۾ " ڪوڙومل ساهتيه منڊل " وارن پرماننڊ ميوارام جون ٻه ڪهاڻيون " ڏرم مورتي " ۽ " هيري جي منڊي " شايع ڪرايون . ساڳي سال " سندر ساهتيه منڊل " طرفان " گلزار چمن " نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو .

١٩٣٥ع ۾ " رتن ساهتيه منڊل " پنهنجو پهريون ڪتاب شايع ڪرايو ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 128

جيڪو هو ڪهاڻين جو مجموعو " املهم موتي "، جنهن ۾ هي ڪهاڻيون هيون :

٠١	" ٻه ڊاڪٽر"	سدرشن
٠٢	"خواب خيال"	سيدارا
٠٣	"نماڻا نيڻ"	؟
٠٤	"جيني"	وڪٽر هيوگو
٠٥	"ڪپتان"	منشي پريم چند
٠٦	"سونهن صدقي"	؟
٠٧	"بدلو"	چندر گپت ودياالنائر
٠٨	"پريم جو پجاري"	رائيفو
٠٩	"چترڪار"	؟

ڪهاڻي "ٻه ڊاڪٽر" ۾ ليکڪ ٻه اهڙن ڊاڪٽرن جو چرتر چٽيو آهي، جن مان هڪڙو ظاهري عبارت ۾ رياضت ڪري رب جي خوشنودي تصور ڪري ٿو، ۽ ٻيو مذهبي ڪريا ڪرمن کان وڌيڪ غريبن جي خدمت ڪرڻ کي اوليت ڏئي ٿو. ڪهاڻيڪار اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته خدا جي غريب خلق جي خدمت ئي وڏي ۾ وڏي عبارت آهي .

" ڪهاڻي "خواب خيال " ۾ هڪ اهڙي عورت جي ذهني پريشاني جي تصوير چٽي وئي آهي ، جنهن کي پنهنجي پسند جو ور نه ٿو ملي ، ۽ پالپٽي جو هڪ واقعو ڪيس ڪري ڪهاڻيڪار ڪهاڻين ستائيندو رهي ٿو .

هن مجموعي ۾ " نماڻا نيڻ " هڪ اهڙي ڏوڪيندڙ ڪهاڻي آهي جنهن هڪ عصر ۾ ابهم چوڪري جي ٻي ڪنهن ڪي اهڙي ته انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي جو

LIBRARY, INSTITUTE OF SINDOLOGY, UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SIND)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 129

پڑهڻ کان پوءِ هر حالت ۾ روڪڻو ئي پوي ٿو ۰

هن مجموعي جي ڪهاڻي " جيئي " به پلينري آهي ۰ هن ڪهاڻي جو ٿيما هو آهي ته غريبن ۽ شرافت ۾ انسانيت غريبن جو ورڻو ڪئي ٿو ۰ غريب ڀين ئي رحم ڪري ۽ سندن مدد ڪري ۰ باقي دنيا وارن کان اڳرو آهي ۰

" ڪپتان " ۾ هڪ اهڙي چوڪري جي ڪردار نگاري ڪئي ويئي آهي ، جيڪو ٻالپڻي ۾ روڪي ، ٽوڪي ۽ ڏنگو هوندو هو ، پر اڳتي هلي فوج ۾ ڪپتان ٿئي ٿو ۰ ساڳي طرح مجموعي جون ٻيون ڪهاڻيون به چڪيريون آهن ۰ هن ساڳي سال منوهر داس ڪوڙيمل " اخلاقي آکاڻيون " ۽ هوندراج ٻارومل " چمن جو ميرو " ٻالي ڪهاڻين جا مجموعا لکيا ۰

۱۹۳۶ع ۾ " سندر ساهتيه منڊل " طرفان " پريماڻي تارا " هن مجموعي جون ڪهاڻيون آهن : پريم چند جي لکيل " سوامي ، شوڪت ٽانوي جي لکيل " چوري " سدرشن جي لکيل " لعل لعل " ۽ ٻيون نوڪهاڻي " ۽ " سياڪي ، " هن مجموعي جون سموريون ڪهاڻيون سماجي مسئلن تي لکيل هيون ۰

Gul Hayat Institute

چوٿون رسالو ، جنهن جي شروعات اٺ سال اڳ ٿي چڪي هئي تنهن ۾ به ڪيتريون ڪهاڻيون شايع ٿيندڙ رهيون ۰ سنڌي عوام جي علم ادب سان ڀي رکي باعث هي قيمتي ذخيرو بچي نه سگهيو ۰ هن رسالي ۾ هرسال ڪيتري قدر ڪهاڻيون شايع ٿيندڙ هيون ؟ تنهنجو اندازو ۱۹۳۶ع واري سال دوران شايع ٿيل ڪهاڻين جي هن وچور مان لڳائي سگهجي ٿو ۰

۱۰ "فقير" ايڊيٽر آرمائيداساڻي سال ۷ ، پرچو ۴ ، اپريل ۱۹۳۶

۲۰ "اهي اکڙيون" آسودمل اڏارام سال ۸ ، پرچو ۲۰ ، جولاءِ ۱۹۳۶ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 130

۰۳	"شادي عجي رات"	موٹومل لچپرام	سال ۸، پرچو ۲۱، آگسٹ ۱۹۳۶
۰۴	" هڪ بوند پاڻي "	گورڌن شرما	سال ۸، پرچو ۲۲، آگسٹ ۱۹۳۶
۰۵	" ٽون غريب آهين "	محمد بخش سڪايل	سال ۸، پرچو ۲۶، آگسٹ ۱۹۳۶
۰۶	" چالاڪ عورت "	ڀالچند پٽنگ	سال ۸، پرچو ۲۹، سيپٽمبر ۱۹۳۶ع
۰۷	" چار "	وشنداس پنجواڻي	سال ۸، پرچو ۳۲، آڪٽوبر ۱۹۳۶
۰۸	" ڪابل دل "	حبيب الله پٽو	سال ۸، پرچو ۳۷، نومبر ۱۹۳۶ع
۰۹	" پڇتاءُ "	محمد يوسف مجرو	سال ۸، پرچو ۳۸، نومبر ۱۹۳۶ع
۱۰	" پرهه آ، پکوان "	جڪو ٻڌاڻي	سال ۸، پرچو ۴۰، ڊسمبر ۱۹۳۶ع

هن سال جا رسالي جا مکيه ڪهاڻيڪار ۽ سندن ڪهاڻيون هي هيون:

(۱) آسن ڪنن :-

(۱)	" آخرين انجام "	سال ۷، پرچو ۴، اپريل ۱۹۳۶ع
(۲)	" شيلا "	سال ۸، پرچو ۲۳، آگسٽ ۱۹۳۶ع
(۳)	" وڻندا جي دل "	سال ۸، پرچو ۲۷، سيپٽمبر ۱۹۳۶ع
(۴)	" ٻٽو "	سال ۸، پرچو ۳۶، نومبر ۱۹۳۶ع

(۲) ڊ نيچند ڪتري :

(۱)	" خوني سماج "	سال ۷، پرچو ۴، اپريل ۱۹۳۶ع
(۲)	" درٻي "	سال ۸، پرچو ۲۰، جولاءِ ۱۹۳۶ع
(۳)	" منزل "	سال ۸، پرچو ۲۸، سيپٽمبر ۱۹۳۶ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 131

(۴) "عجيب بک هڙتال" سال ۸، پرچو ۳۰، آڪٽوبر ۱۹۳۶ع

(۳) هوتچند • سي • هراڻي :-

---

(۱) "پار پتي" سال ۸، پرچو ۲۹، سيپٽمبر ۱۹۳۶ع

(۲) "آخرين ملاقات" سال ۸، پرچو ۳۰، آڪٽوبر ۱۹۳۶ع

(۳) "ڪجهه ڏينهن اڳ" سال ۸، پرچو ۴۰، ڊسمبر ۱۹۳۶ع

(۴) جيٺانند نصرپوري :-

---

(۱) "دل جو ديوتا" سال ۸، پرچو ۲۲، آگسٽ ۱۹۳۶ع

(۲) "پاڪنڊي سادو" سال ۸، پرچو ۲۶، سيپٽمبر ۱۹۳۶ع

(۳) "راڌا ۽ ڪرشن" سال ۸، پرچو ۳۰، آڪٽوبر ۱۹۳۶ع •

۱۹۳۷ع ۾ "سندر ساهتيه منڊل" "طوفان" "هيرن جو هار" "نالي ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو، هن مجموعي ۾ "چٽن ڏينهن جي چاندي" ڪهاڻي سدرشن جي لکيل هئي ۽ "ساهيڙي" ڪهاڻي گهوش جي لکيل هئي • مجموعي جون ٻيون ڪهاڻيون هيون "جگري قرباني، "آخرين خط، "ماڻُ جي دل، "سونهري چار، "نازڪ دل، ۽ "بدگماني •"

۱۹۳۸ع ۾ "سندر ساهتيه منڊل" "طوفان ڪهاڻين جا ٻه، ۽ "رتن ساهتيه منڊل" "طوفان هڪ مجموعو شايع ٿيو • رتن ساهتيه منڊل طوفان جيڪو مجموعو شايع ٿيو تن ۾ ڪل شرت چندر جي لکيل ڪهاڻين جو ترجمو ڏنو ويو هو، ۽ انجي مجموعي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جو نالو ئي " شرت مالها " رکيو ويو . هن مجموعي ۾ " زهر مان امرت " " مقدمي جو نتيجو، " " اندومتي، " ۽ " مندر " ڪهاڻيون ڏنيون ويون ، جيڪي هل پارومل هيولرامانيءَ ترجمو ڪيون هيون .

" سندر ساهتيه منڊل " جو پهريون مجموعو هو " ٿول جهولا ، " جنهن جون ڪهاڻيون هيون: " پراشچت، " " آن ، " " پاڪسٽو " ۽ " مزور " وغيره . هن منڊل جو ٻيو مجموعو هو " مٽي مالا ، " جنهن ۾ منشي پريم چند جي ٻن ڪهاڻين " شڪاري راج ڪمار " ۽ " خدائي خدمتگار، " جي ترجمن کانسواءِ ، " بي وفا ، " " نراس پريمي " " پريم پسند شادي " ۽ " آخرين ٻيٽا " ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون .

۱۹۳۹ع ۾ " رتن ساهتيه منڊل " طرفان " پنڪڙيون " نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو ، هن مجموعي ۾ ڪهاڻيون هيون :

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم
(۱)	" هن چيو "	چندرڌت شرما	چوهڙمل
(۲)	" دل جي شادي "	ليکڪ؟ (بنگالي تان ورتل)	"
(۳)	" پوسٽ آفيس "	ڏوڪيو	"
(۴)	" مهاراڻي ڪ جي ٻيٽا، "	ليکڪ ، ؟ (اردو تان ورتل)	"
(۵)	ڊ" سمپادڪ صاحب "	ليکڪ منشي پريم چند	"
(۶)	" سوڪڙي "	ليکڪ او هينري	"

۱۹۴۰ع ۾ نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻيءَ " مهاپارت جون آکاڻيون " نالي ڪهاڻين جو مجموعو لکيو ، جو حيدرآباد جي " ڪهاڻي مندر " وارن شايع ڪرايو . هن سال " رتن ساهتيه منڊل " ٽوٽي " سندر ساهتيه منڊل " طرفان ڪهاڻين جا مجموعا شايع

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 133

ٿيا ۽ " سندر ساهتيه منڊل " طرفان شايع ٿيل مجموعن جوتفصيل هن ريت آهي :

(۱) تواريخي ڪهاڻيون "

جنهن ۾ " بهادر ترڪ ، " " پوتر پريم ، " " چتر " نورجهان ، " " لالہ رخ ، " " ڏي خدا جي راهہ ۾ ، " " قسمت ، " " سچي آزادي " ۾ " جهانگير جو انصاف ، "

(۲) " دل جي دنيا ، " هن مجموعي ۾ ڪل چار ڪهاڻيون هيون ، رٽيبر جي لکيل " ٽيڪسيلا " جاڪنڊ ، ۾ " دل جو ناٿو " اميد علي دوست علي جون ترجمون ڪهاڻيون هيون ، ۽ باقي ٻہ ، منشي پريم چند جي لکيل " دل جي دنيا " ۾ " دان " ميلارام واسواڻي ترجمو ڪيون هيون ۽

رتن ساهتيه منڊل طرفان جيڪي مجموعا هن سال شايع ٿيا ، تن مان پهريون مجموعو هو " جهرڻا " جنهن ۾ ٺڪور جي لکيل ڪهاڻين " چونڪارو ، " " وڃايل رتن " " روپما جو وهان " ۽ " سماپتي " جو ترجمو چوهڙمل هندوجا ڪيو هو ۽ سڄو مجموعو ٺڪور جي ڪهاڻين تي مشتمل هو ۽ هن ئي منڊل جي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو هو " جيون ڪلا ، " جنهن ۾ هي اٺ ڪهاڻيون هيون :

نمبر	نالو	لکڻ	مترجمہ
(۱)	ڏاڇي	اپيندرناٿ اشڪ	چوهڙمل هندوجا
(۲)	شانتي جي ڪولها	" "	" "
(۳)	پائسرڻ	ٺڪور	" "
(۴)	ٻڌا پوءِ محبت	اپيندرناٿ اشڪ	هري هنگوراڻي آشا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 134

(۵)	"سماج جو شڪار"	ٽئگور	چوهڙمل هندوجا
(٦)	"ايشور يا انسان"	لیکڪ؟(مرهٽي ڪتاب ورتل)	"
(۷)	"گلاب جي سڪنڊ"	؟ "	"
(۸)	"جيون ڪلا"	؟ "	"

۱۹۴۱ع ۾ "آشا ساهت منڊل" طرفان ديو سياڻي جو ترتيب ڏنل "چوڻين وارو" ڇپيون ڪهاڻيون " مجموعو شايع ٿيو • هن مجموعي جي مکيه ڪهاڻي هئي "چوڻين وارو" جيڪا اصل ۾ چارو چندر جي لکيل هئي ۽ ان جو ترجمو ديو سياڻي ڪيو هو •

هن ئي سال "سندر ساهت منڊل" طرفان "سماج درپن" نالي هڪ ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو • جنهن ۾ منشي پريم چند جون ٻه ڪهاڻيون "ڏوهه ڪنهن جو" ۽ "اماس جي رات" ، "چندر چٽرجي" جي ڪهاڻي "پٽي پريم" ڪانسواءِ "تار بابو" هفتيوار اخبار" ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون • چندر چٽرجي جي واري ڪهاڻي دولت وشانت ترجمو ڪئي هئي •

۱۹۴۲ع ۾ "سندر ساهت منڊل" طرفان "راجا رنجيت سنگهه" نالي ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو • هن مجموعي ۾ راجا رنجيت سنگهه جي سوانح حيات ڪانسواءِ هي ڪهاڻيون ڏنيون ويون •

نمبر	نالو	لیکڪ	مترجمه
—	—	—	—
(۱)	"پريم جي پٽي"	سدرشن	

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 135

نمبر	نالو	ليکڪ	مترجمہ
—	—	—	—
(۲)	"قومجي قدمن ۾"	سدرشن	
(۳)	"وڏرم اجيت جي تلوار"	منشي پريم چند	
(۴)	"بهادريءَ جو قدر"	"	
(۵)	"بدلو"	؟	پرمانند جيٹانند

هن ئي سال "آشا ساهت منڈل" طرفان ڏهاڻين جا ٻه مجموعا شايع ٿيا، انهن مان پهريون هو بنگالي ادب تان ورتل "بنگالي ڏهاڻيون" ۽ ٻيو هو "اڏرو پريم ۽ ٻيون آکاڻيون" جنهن ۾ هي ڏهاڻيون ڏنيون ويون هيون :

ايم-آر مائيد اساڻي ڪ جون لکيل اصلوڪيون ڏهاڻيون "ٻه ديوانا" ۽ "دل جي تڙپ"، ايل-ٽي-ڊي جي اصلوڪي ڏهاڻي "آشا"، "نانڪي ڪدواڻي ڪ جي اصلوڪي ڏهاڻي "اڏرو پريم" شيلا مورجاڻي ڪ جي اصلوڪي ڏهاڻي "ماتا آشرم" ۽ رڻيبر جي لکيل تلسي مورجاڻي جي ترجمو ٿيل "وڏرم پڪ"۔

۱۹۴۳ع ۾ "آشا ساهت منڈل" طرفان ٻه مجموعا شايع ٿيا۔ انهن مان هڪڙو هو آسانند مامتورا جي لکيل اصلوڪي ڏهاڻين جو مجموعو "آرسي ۾ ٻيون ڏهاڻيون" ۽ ٻيو مجموعو هو "پنج ڏهاڻيون"، هن آخرين مجموعي ۾ امرلعل هنگوراڻيءَ جي اصلوڪي ڏهاڻي "لکيو حين ٽي" کان سواءِ باقي ٻيون ڏهاڻيون ترجمو ٿيل هيون۔ هن مجموعي جون ترجمو ٿيل ڏهاڻيون هيون :

نمبر	نالو	ليکڪ	مترجمہ
—	—	—	—
(۱)	"اهو پٿر"	ويرندر ڪمار	نانڪ هنگوراڻي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 136

نمبر	نالو	لیکڪ	مترجمہ
—	—	—	—
(۲)	"سنڌ جو سنسان"	منهاڻيڪ	ديو سياڻي
(۳)	"بيڪ"	موپاسان	نانڪ هنڪوراڻي
(۴)	"بابلو"	؟	سندري ٺڪراماڻي

هن ئي سال " نئين دنيا ڪتاب گهر " طرفان احمد عباس جي لکيل ۽ گوبند مالهي جي ترجمي ڪيل ڪهاڻي " نيلم " ۽ ساڳي ئي ليکڪ جي هڪ ٻي ڪهاڻي " آزاد محبت " شايع ٿيون ، " آزاد محبت " جو مترجمہ ليکيو ٽلساڻي هو .

" سندر ساهت منڊل " طرفان ٻيو ساڳي ئي سال " راج نرتڪي " نالي ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو . هن مجموعي ۾ هيٺ ڄاڻايل ست ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون .

نمبر	نالو	لیکڪ	مترجمہ
—	—	—	—
(۱)	"راج نرتڪي"	اپيندر ناٿ اشڪ	
(۲)	"عقل جو اطبر"	ديوان شرر	دولت وشانت
(۳)	"پريم جي پيٽا"	رويندر ناٿ	"
(۴)	"ديس پريم"	للت موهن پنت	
(۵)	"پراشچت"		
(۶)	"قيدي ۽ جي دل"		
(۷)	"دل جا رنگ"		

۱۹۴۴ع ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر " راهل سانڪرتيائن جي لکيل ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 137

گوبند مالهي جي ترجمي کاٿين " کمپني ۽ جي حڪومت " " بلوو " ۽ " قطع تعلقات " تي مشتمل " بلوو " جي نالي سان مجموعو شايع ڪرايو .

" آشا ساهت منڊل " طرفان " مالتي ۽ ٻيون آکاڻيون " نالي کاٿين جو مجموعو شايع ڪرايو ، جنهن ۾ " مالتي " کاٿي کانسواءِ منگهارام ملڪاڻي ۽ جسون ترجمو ڪيل ٽنگور جي لکيل " گونگي ڪنوار " ۽ سورنا ديوي جي لکيل " بن ديوي " کاٿيون قابل ذڪر آهن .

۱۹۴۵ع ۾ "نئين دنيا ڪتاب گهر " کاٿين جا ٻه ڪتاب شايع ڪرايا ، اهي هئا : ڪرشن چند جو لکيل " ان داتا " ۽ سانحر تيابن جو لکيل " وولگا کان گنگا " . " ان داتا " گوبند پنجابي ترجمو ڪيو ۽ ٻيو وري گوبند مالهي ۽ ترجمو ڪيو هو .

۱۹۴۶ع لعلچند امر ڊنومل " نندڻي نٽنا " کاٿي لکي ۽ امر لعل هنگورانی وري " هي ٻه رانجهو سنڊي رمز " کاٿي لکي ، پهراڻ رسالي ۾ شايع ٿيون ، " نئين دنيا ڪتاب گهر " وارن وري " تاج محل " ۽ " ابراهيم جليس " ڪتاب شايع ڪيا . جيڪي گوبند مالهي ترجمو ڪيا هئا . " تاج محل ، " ابراهيم جليس جو لکيل هو ، ۽ " چڪستر ليکا " احمد نديم قاسمي جو لکيل هو .

ساڳي ئي سال " زندگي پبليڪيشن " وارن ڪرشن چندر جي کاٿين جو مجموعو " اڌورو سفر " جي نالي سان شايع ڪرايو . " آشا ساهت منڊل " طرفان ساڳي سال " ۱۹۴۲ع ۾ ٻيون آکاڻيون " نالي هڪ مجموعو شايع ٿيو ، جنهن ۾ هي کاٿيون هيون :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 138

نمبر	نالو	ليکڪ	مترجمہ
(١)	"شمشان ٻوميءَ	اختر حسين،	نانڪ هنڪوراڻي
(٢)	"انڌيريءَ	"	ڏيال ڏوداڻي
(٣)	"سڏانتءَ	ڏنيرام پريم چند،	نانڪ هنڪوراڻي
(٤)	"صلحءَ	رٿيبر پرڪاش،	ڪرشن چيناننڊ
(٥)	"هوءَ جيڪي آهيءَ	شريمتي شرما سيوتيءَ	ديو سياڻي
(٦)	"١٩٤٢ءَ	ڪملا ڪوپڙي،	"

" سندر ساهت منڊل " جي بانيءَ ميلارام واڻاڻي سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب جا جيڪي ڪجهڙا ٻيڙا آهن، تن کي ڪڏهن به نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي • هن صاحب هڪ طرف ڪتابي صورت ۾ وقت بوقت ڪهاڻين جا مجموعا شايع ڪرايا، ۽ ٻئي طرف ١٩٢٤ع کان وٺي ماهوار رسالو جاري ڪيو، جنهن ۾ به وقت بوقت ڪهاڻيون شايع ٿيندي رهنديون هيون • هن اداري طرفان شايع ٿيل مجموعن جو ڪجهه احوال ڏجي ٿو آهي، اداري طرفان باقي جيڪي ٻئي مجموعا شايع ٿيا، تن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو :

(١) " بي بها رتن "؛ هن مجموعي ۾ ڪهاڻيون هيون : " محبت جو جادو " " ڪڪي آتما " " ڪرشي ٻيڙي " " فئشن جي پتلي " " راجپوت ڪنيا " " روحاني زخم " " ماسي " " منوهر آشرم " ۽ " پدما •"

(٢) " عطر عنبر "؛ هن مجموعي ۾ " پريم جو پرتاپ " " سنتوش جو سڪ " " ڏرم جي صدقي " " جيوت پلٽ " " شاعر " " انگريزي چوڪري " " سجل ٻڪٽ " " سونو ڪبوتر " " مڏائي جو چور " " غريبن جي صدقي " ۽ " اندرا " ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 139

(۳) " مانسوري موتي " : هن مجموعي ۾ " پرجا پتي ،" " سونا چوڙا ، "" چالاڪ چاچو ،" " ڏکياري ، " "خالجي حرڪت بازي ،" " پارٽيءِ ولائٽ " ۽ " مهاڪالي " ڪهاڻيون ڏنل هيون ٠

(۴) " قومي آکاڻيون " : هن مجموعي ۾ ڪل ڏهه ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون ، جي هيون : " راڻي سارڏنا ، " لعل لعل ،" " قوم جي خدمت ،" " گناهه جو اڳن ڪنڌ ، " " پاڻ ڀيڻ ،" " لوڻ جو داروغو ،" " قوم جي قدمن ،" " باري گناهه ،" " راڄ بهادر ،" ۽ " انارڪلي ،"

(۵) " پارسمڻي : " هن مجموعي ۾ " راڻي چندرڪنور ،" " ڪوهنور ،" " سلوچنا ،" ۽ " چمڪا " ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون ٠

هن ڪانسوءِ " سندرساهتيه منڊل " وارن پهاڀ ڏيترا مجموعا شايع ڪرايا جن ۾ " جئه راجستان ، " " سندرساهتيه جلد ۲ " " منوهر ڪهاڻيون ،" " بهاري بوندون ، " " گلابي مڪڙيون ، " گلابي پارو ، " " رتن ڪاڻ ، " استري رتن ، " " مڪڙيون ، " " من جا ڪيا ، " " اجالو ، " " سماڌ چٽنگون " ۽ " ديپڪ ".

هن اداري طرفان ۱۹۴۶ع ۾ " انڊو ڪلاڪار " جي نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو ٠ هن مجموعي جو تنقيدي جائزو اڳتي هلي ڏنو ويو آهي ٠

۱۹۴۷ع ۾ هندستان ساهتيه آسٽان " طرفان مکيه ٽي ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿيا ، جي هٿا : " جيل جي جوديواڻي ،" " اسان جي سنڌ " ۽ " سفيد وحشي ،" " اسان جي سنڌ " مجموعي ۾ ڪل چار اصلوڪيون ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون ، جي هيون : رام امر لعل پنجواڻي جي لکيل " هراسه " شيخ ايازجي لکيل " پاڙيسري " موهن پنجابي جي لکيل " سائو سوٽ ،" ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي جي لکيل " دشمن جي ڌيءَ "

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 140

"سفيد وحشيءَ سجو شيخ اياز جي ڪهاڻين تي مشتمل هو، جهن ۾ "ڪارو رنگ"، "رولو"، "سفيد وحشي"، "نظيران"، ۽ "شرابي" ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون ۰

"جيل جي چوديواري" مجموعي ۾ جيڪي ڪهاڻيون شايع ٿيون، اهي هيون : موهن پنجابي جون لکيل "مينا"، "درگي"، "شفيقان"، "گوبند مالهي جو لکيل "مولي" ۽ "چترا" ۰

هن سال مهراڻ رسالي ۾ لعلچند امرڏنيل جون ٻه ڪهاڻيون "تلوڪ ٽيهي" ۽ "سنگستي ۾ مون ڪي ته ڏٺو هو" شايع ٿيون ۰ ساڳي سال جي "ساقي" رسالي جي پرچن ۾ امر لعل هنڪوراڻي جون ٻه ڪهاڻيون شايع ٿيون، جي هيون : "رامي رحيم" ۽ "گولي جو گناهه" ۰

"زندگي پبليڪيشن" طرفان ڪجهه ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿيا ۰ جن مان پهرين "پرل بڪ" جي ڪهاڻين جي ترجمي تي مشتمل "سونهري پشپا"، جيڪو تيرٿ سيٺاڻيءَ ترجمو ڪيو هو ۰ "ٽي گندا"، جو وشوامترا سواڻي ترجمو ڪيو هو ۽ انهي ءَ جو اصلي ليکڪ ڪرشن چندر هو ۰ ٻي ادابي طرفان "ستي ڪهاڻيون" جي نالي سان اصلوڪي ڪهاڻين جو مجموعو ٻه شايع ٿيو، جنهن ۾ ليکي تلسياڻي جي "منجي ڪولهڻ" پون پنجواڻي" جي "پيڙ"، تيرٿ ٻاباڻي جي "هوءَ" ۽ لڇمڻ راجپال جي "نئون زمانو"، ڪهاڻيون شايع ٿيون هيون ۰

ڪهاڻي نويسيءَ جي اوسر ۾ "رتن ساهتيه منڊل" جي خدمتن کي به نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي ۰ هن ادابي طرفان ۱۹۳۲ع کان وٺي رسالن ۽ ڪتابن وسيلي پٽي ڪهاڻي نويسيءَ جي اوسر ٿي آهي ۰ ادابي طرفان شايع ٿيل ڪجهه مجموعن جو ذڪر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 141

اڳ ۾ ڏيو ويو آهي . هن هيٺ باقي مجموعن جو ڦورڻ ڏجي ٿو .

(۱) "انسان جا دشمن ڇ ٻيون آکاڻيون" :

هن مجموعي ۾ ڪل ترجمو ٿيل ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون ، جيڪي هيون :

نمبر	نالو	ليکڪ	مترجمہ
(۱)	"پچائي جوپين"	اوهيئري	پاروميل ڏيولراماڻي
(۲)	"ٽين سڙهه"	پرل بڪ	"
(۳)	"ماءُ"	راج رشنم	"
(۴)	"انسان جا دشمن"	پرل بڪ	"
(۵)	"جيون جو هڪ چتر"	؟	"

(۲) "سورهن سينگار" :

هن مجموعي جون ڪهاڻيون هيون :

نمبر	نالو	ليکڪ	مترجمہ
(۱)	"حقيقت"	سدرشن	پاروميل ڏيولراماڻي
(۲)	"شمشان"	اختر حسين	"
(۳)	"وهم جي وشي"	اپيندر ناٿ اشڪ	"
(۴)	"تياڳ"	انپورنا ديوي	سانول بي ـ اي

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 142

نمبر	نالو	لیکڪ	مترجمہ
—	—	—	—
(۵)	"آخرين پيار"	ستگور،	دـج ـستايل
(٦)	"راڌا راڻي؟"	بنڪم چندر،	هي هنگوري آشا
(۷)	"چا خواب هو"؟	بريڊو،	"

(۳) "نـا ـــــور" :-

هن مجموعي ۾ هي ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون :

نمبر	نالو	لکڪ	مترجمہ
—	—	—	—
(۱)	"امرجيون"	ڪنيالال ناڪرداس،	چوهڙمل هندو
(۲)	"پٽر"	اپيندرناٿ اشڪ،	"
(۳)	"پوليس ۾ پرارٿنا"	او هينري،	"
(۴)	"دولت يا محبت"	گالسورڊي	"

(۴) "ڪومل ڪمل" :

هن مجموعي ۾ "ماسي"، "مداري" "راج ڪماري،" "هڊ چتر،" "ڪالهائيندڙ پٽر" "املهه پيٽ" "درخواست" ۽ "ٻارن جي ٻڌمائي" ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون .

(۵) "انـــاني دل" :-

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 143

هن مجموعي ۾ " رشنا ، " " لاشي " " ۾ پينر ، " " اڻ هوند ، " ۽ " درد ٻڌي ، " ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون •

(٦) "نورتن" :-

هن مجموعي ۾ " درگا مندر " " ملاقات ، " " وشواس گهات " ۽ " راڄ ڪوي ، " ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون •

(٧) "قيدي جي آزادي" :-

هن مجموعي ۾ منشي پريم چند جي ڪهاڻي " فرجو ڪوٺ ، " ۽ رشيد جاويد جي ڪهاڻي " پرديسن " ڪانسواءِ " قيدي" جي آزادي ۽ " ڪهاڻي قابل ذڪر آهي •

(٨) "لالٽين" :-

Gul Hayat Institute

هن مجموعي ۾ او هينري جي ڪهاڻي " آدرش چرتر ، " ۽ ناٿ سنگهه جي ڪهاڻي " غريبن جو سرڪ " ڪانسواءِ ٻيون جيڪي ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون سي هيون : " پريم جو سودو " " اڻروما ، " " پريم جي ليلا ، " " ايشوري آواز " ۽ " رت ڦڙو " •

(٩) "لعل رتن" :-

هن مجموعي ۾ جي ڪهاڻيون ڏنيون ويون سي هيون :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 144

نمبر	نالو	ليکڪ
۰۱	"هڊ چوڪ"	ڊ ومکيو ،
۰۲	"گنگا گھاٽ"	ٽنگور ،
(۳)	"وڻا جو ڇار"	پريم چند ،
۰۴	"ٻليدان"	؟

(۱۰) "ساگر لهرون" :-

هن مجموعي ۾ اپيندر ناٿ اشڪ جي ڪهاڻي "ڪولي" ، گورڪي جي ڪهاڻي "ڪتاب" ، گارشن جي ڪهاڻي "چار ڊينهن" ، ڪانسواءِ "هي ڪهڙي چريائي آهي" ، "آپريشن" ۽ "مرڻ واري" ڪهاڻين ۾ ڊ نيون ويون هيون .

(۱۱) "برف جو طوفان" :-

هن مجموعي ۾ هي ڪهاڻيون ڊ نيون ويون :

نمبر	نالو	ليکڪ	مترجمه
(۱)	"اپاڪن جو سڪ"	شرت چندر ،	اندرا هميراجاڻي
(۲)	"جوکي ۽ جي ڊي ڊ"	"	ڪرشن هميراڻي
(۳)	"سڻي ٻيئرو"	گورڪي ،	پارومل ڪيولراماڻي
(۴)	"برف جو طوفان"	پشڪن ،	" "

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 145

تنقيدي جائزو

"اسان جي سنڌ"

"اندوڪلاءَ"

"سنج"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 146

اسان جي سنڌ

شعارف :-

ورهاڱي کان اڳ سنڌ واسي سڀ سياسي ڏاڻن ۾ تقسيم ٿي ويا • هڪڙي ڏاڻي قائد اعظم جي قيادت قبولي پاڪستان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني ، ٻئي گروهه ڪانگريس ۾ شرڪت ڪري اکنڈ ڀارت جو مطالبو ڪيو ۽ ٽيئن ڏاڻي قوميت جي بنياد تي سنڌ کي انگريزن ، ڪانگريسين ۽ مسلم ليگين کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري ڏني • سندن خيال هو ٿا : " اسين سنڌي هڪ جدا قوم آهيون • اسان جي زندگي جو طرز ، رهڻي ڪهڻي ، اڻ ويهه ، خوراڪ پوشاڪ ، ٻول چال ، وهم وسوسا ، امنگ اڪما ، ريتون رسمون ، مشغوليون مصروفيتون سڀ هڪ جدا رنگ ۾ رنگ رکن ٿيون • "

هن طبقي علم ادب کي به پنهنجي نظريي جي پرچار جو وسيلو ڪري استعمال ڪيو • مطالعي هيٺ آيل ڪهاڻين جو مجموعو به انهي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي • هي مجموعو ۱۹۴۷ع ۾ " هندستان ساهتيه آسٹان " طرفان شايع ڪيو ويو • مجموعي ۾ ڪل چار هي اصلوڪيون ڪهاڻيون آهن :

(۱)	" سائو سوٽ "	ليکڪ ، موهن پنجابي .
(۲)	" پائيسري "	ليکڪ ، شيخ ايار .
(۳)	" هراس "	ليکڪ ، رامامر لعل پنجواڻي .
(۴)	" دشمن ڪير "	ليکڪ ، ڀوت ڀاڀاڻي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 147

مجموعي جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

پــــلاٽ :-

ورهاڱي کان ٿورو اڳ هندستان جي وڏن شهرن ۾ هندو مسلم فساد ٿيا ، جن ڪري ڪيترين ئي بي گناهه جانين موت جو شڪار ٿيون ، ۽ هزارين گهر تباهه ٿيا • هندو مسلم نفاق جي لهر پوري هندستان ۾ خوف ۽ هراس پکيڙي ڇڏيو ، جنهن ڪـــان سنڌ به پاڻ نه ڇڏائي سگهي • سنڌ جي ڪيترن سياڻين وڃي باهر مٽي ٻيڙ جو بندوبست (وطن) بندوبست ڪيو • باقي سنڌ جو غريب هندو اڃي باهه ۾ پاڻي ۽ ۾ ڦاٿو • هڪ طرف ڇي جب ۽ ٻئي طرف زندگي ۽ جو پيار • مجموعي جون ٻيرين ڪهاڻين انهيءَ ئي موضوع تي لکيون ويون آهن •

ڪهاڻي " سائو سوٽ " ۾ سيٺ پنجومل جي ذهني ڪشمڪش جي تصوير چٽي ويئي آهي • هن ڪهاڻي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سيٺ پنجومل وقت جي نازڪ حالتن کي صحيح ڪري سنڌ ڇڏڻ جون تيارين ڪري رهيو آهي ، سندس ٻٽ هيرانند پڻ ۽ سان انهي ۽ ڪاله ۾ اختلاف رکي ٿو • ليڪن سيٺ عملي طور تي ڏسي رهيو آهي ته هندن سان ماڻيلي ۽ ماڻهو وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي • هو ڏسي واڪئي حاسائي ۽ ڪان گوشت وڪي ٿو ته ڪيس مسلمانن جي ٻيٺ ۾ وڌيڪ پيسا ڏيڻا پون ٿا • جتي ڪٽي سائي سوٽ وارا مسلم گاهڪ هنن جي نظرن آڏو ڦري رهيا آهن • سيٺ اچي گهر ٽپڙ ٽائي پڏي ٿو ته ڏوهي ، دوڪاندار ۽ آخر ۾ ڪوٽ جو وڏيرو هن کي دلجاءِ ڏين ٿا • جنهن ڪري سيٺ سنڌ ڇڏي وڃڻ جو فيصلو ترڪ ڪري ڇڏي ٿو •

ڪهاڻي " پاڙيسري " ۾ هڪ غريب مسلمان خاندان ڪي هندو مسلم نفاق جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 148

مسئلي تي منجهيل ڏيکاريو ويو آهي ۽ جانڪ شڪارپور ۾ حجامڪي ڪندو هو جڏهن سنڌ جي هندن ۾ هراس پکڙجي ويو تہ هي بہ سوچڻ تي مجبور ٿيو ۽ هن لاءِ غيرجاندار رهڻ مشڪل هو ۽ هو انهيءَ مسئلي تي سوچيندو رهي ٿو ۽ خيالن جي پڙدي تي هندن جي رواداري، قربءِ پيار جا واقعا اکرندا رهنس ٿا ۽ نيٺ ڪيس پيسوءَ ماڻجا لفظ ڪنن ۾ گونجڻ لڳن ٿا تہ : " لک ڪٽي سلمليگي ٿيو تہ بہ اسان لاءِ اهوئي خانو پائو آهيو ۽ اسان کي ڪيئن ماريندو ؟ ٿوهان تہ چوندا آهيو پاڙوابو امڙ آهي ۽ اسان کي عيد تي قربيون ڏيندا آهيو، ۽ ڏڻي ۽ جا لولا ڪائيندا آهيو، جڻ اهو بہ لحاظ نہ پوندو ؟ پرجي ميس تہ ڪهڙيس ۽ ٿوهان جي هٿان مرنديس نہ ا " جانڪ فيصلو ڪري ويهي ٿو اوچتو سندس وات مان نڪري ٿو " جئ سنڌ ۽ "

" هراس " ڪهاڻي ۾ حيدرآباد جي هڪ غريب ماستر منگتراءِ جي ذهني پريشانيءَ سندس دوست محمد بخش جي وفاداريءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، منگتراءِ جڏهن هراسجي سبب ڪجهہ وڃائڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو تہ محمد بخش سندس ڏيڻ ٿئي ٿو، جنهن ڪري هو دلجاءِ ڪري ويهي ٿو ۽

" دشمن ڪير " ڪهاڻي ۾ هڪ هندو مزور رام بي چيني پيدا ڪئي وئي آهي ۽ رامل ۾ مزوري ڪندو هو ۽ وقت جي حالتن کيس بي ايمان ڪري ڇڏيو هو ۽ هن کي ڪنهن هنڌ بہ اجهو نظر نہ ٿي آيو ۽ مسلمان دوست بہ کيس دشمن محسوس ٿيڻ لڳا ۽ نيٺ هڪ ڏينهن مل جي مزورن هڙتال ڪئي ۽ مسلمان ٿوٿي هندو مزدورن گڏجي لٽيون جهليون ۽ رت وهايو ۽ تڏهن وڃي رام کي يقين ٿيو تہ مان اجايو بي ايمان ٿيو آهيان ۽ هي هندو مسلمان جو جهڪڙو نہ آهي پر سرمائيدارن جي چالاڪي آهي ۽

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 149

سرمائيدارئي اسان جا دشمن آهن ۽ نه غريب مسلمان ، هي غريب مسلمان ته اسان جا پائر آهن، اسان جي جگر جا قطرا آهن ، اهي اسان کي چو ماريندا ؟

کهاڻيون فني نقطه نگاهه کان هيانءِ آهن • کنهن ڏکهاڻيءَ ۾ کڻي به جهول نظر نه ٿواچي • کهاڻيڪار وڏيءَ فنڪاريءَ سان هلکي قلمي موضوع کي به اشرائتو ۽ جاندار بڻائي ڇڏيو آهي • واقعن ۾ فطري ربط ۽ تسلسل آخر تائين قائم رهي ٿو • کنهن به موڙ تي کنهن به کهاڻيءَ جي واقعن ۾ تضاد نظر نه ٿو اچي •

کردار نگاري :-

چئني کهاڻين ۾ مختلف کردارن جي چونڊ ڪئي وئي آهي • " هراس " کهاڻي ۾ هڪ ماسٽر کي مرڪزي کردار بڻايو ويو آهي • " سائوسوٽ " کهاڻي ۾ هڪ سيٺ کي مکيه کردار بڻايو ويو آهي • " دشمن ڪير " ۾ وري هڪ مزور مرڪزي کردار جي حيثيت رکي ٿو • " پارسي " ۾ خانو عورت کي مکيه کردار ڪري پيش ڪيو ويو آهي • چئني کهاڻين جا کردار پوري معاشري جي مختلف طبقن جي نشاندهي ۽ ترجماني ڪن ٿا •

کهاڻين جا کردار جيئرا جاڳندا سندي معاشري جا کردار آهن ، اهي کنهن ولايت يا کوهه قاف وارن کان اڌارا ورتا نه ويا آهن ، کردارن ۾ سندن کردارنگاري ۽ کنهن هنڌ مافوق الفطرت عنصر جي جهلڪ نه ٿي اچي • سڀني کهاڻين جا کردار هڪ ئي رنگ ۾ رتل نظر اچن ٿا ، ۽ انهن جي قول ۽ فعل ۾ به يڪسانيت نظر اچي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 150

ٿي • ان هوندي به ائين ٿو لڳي تہ هڪ ڪهاڻيڪار پنهنجن ڪردارن ۾ پنهنجي ئي شخصيت جا اصولن جو پابند بڻايو آهي •

پـــولـــي :-

- --------

مجموعي جون مڙئي ڪهاڻيون سليس سولي ٻولي ۾ لکيون ويون آهن • ٻولي اثرائتي به آهي ۽ وٺندڙ به • پهاڪن ۽ چوٽين جو گهٽ ئي استعمال ڪيو ويو آهي، ان هوندي به اٿي ٻولي برابر اصطلاح ۽ محاورا ضرور ڪمآندا ويا آهن، جيئن : خيا هنيان ۽ ڪائڻ، مڃ مصالحا گڏڻ، ڪن لاتار ڪرڻ، ڪپاٽ ڪلڻ، اک ڪٽڻ ۽ مٽو مارڻ ڪهاڻين ۾ جيئن ته هندو ڪردارن کان پنهنجي مخصوص انداز ۾ مڪالما چورايا ويا آهن، ان ڪري ڪجهه هنڌن تي هندي لفظ به ڪمآندا ويا آهن پر اهي لفظ ايترا ته عام استعمال ٿيندڙ هئا جي مسلمان به آساني سان سمجهي ٿي سگهيا •

هن هيٺ هڪڙي ڪهاڻي مان اقتباس ڏجي ٿو، جيئن اسلوب جو اندازو لڳائي سگهجي •

" جيئن منڊ جو مستانو سرڪي ۽ جو ڇڪو پي ڪا ويل وساري وهي ٿيئن ماسٽر منگتراءِ به اها ڪالهه دماغ مان ڪڍي ڇڏيندو هو • ٿوري وقت کان پوءِ ساڪي ڪالهه ان ڪاڪ پي وانگر جا پنهنجي آشياني تي هري ويندي آهي هزارين جڪهين جا چڪر هڻندي، مزا ماڻيندي، لطف اڏائيندي، ڪن کي ڪلائيندي هن کي رڙائيندي، آخر اچي پنهنجي ماڳ تي پهچندي آهي • نسادن جي ڪالهه به هن جي دماغ ۾ ائين گهر ڪري ويئي هئي •"(۱)

---

(۱) موهن پنجابي : "اسان جي سنڌ" هندستاني ساهتيه آستان، ڪراچي، ۱۹۴۷ء، ص ۱۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 151

مڪالما :-

مڙني ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيڪارن جي خاص توجه ڏنو آهي ڪردارن جا مڪالما سليس ، قابل فهم ۽ آسان نظر اچن ٿا • جو به ڪردار اهڙو گفتگو نه ٿو ڪري جيڪو سندس اصولن يا شخصيت جي خلاف هجي • مڪالما بلڪل پورا پنا آهن ، اهي نه ته ايڏا وڏا آهن جو پڙهندڙ تقرير سمجهي تنگ ٿئي ٿو ، نه وري ايترا مختصر آهن ، جن مان مفهوم واضح طور تي سمجهي نه سگهجي • ڪهاڻين ۾ مختلف قسمن جا ڪردار آهن • ڪهاڻين جا ڪردار هندو به آهن ته مسلمان به ، ننڍا به آهن ته وڏا به ، سيڻيون به آهن ته وڏيرا به ، مرد به آهن ته عورتون به • هر هڪ ڪردار جو گفتگو سندس ئي ڏاڻ جو آهي • جيڪڏهن ڪنهن ڪهاڻي ۾ هندو عورت جي ڪجهه ڪالهائي ٿي ته هڪ طرف عورت پڻ ٻئي طرف ڏرمي اثر مڪالمن ۾ بلڪل واضح نظر اچي ٿو • ڪهاڻين جي ڪردارن جا مڪالما اثرائتا ۽ جامع به آهن •

Gul Hayat Institute

مقصديت :-

مجموعي جي " پيش لفظ " ۾ چيو ويو آهي ته : " هي آڪاڻيون محبت ، اتفاق ، حب الوطني ۽ بغاوت جو نتيجو آهن ۽ اسين ترقي پسند اديبن هن سماج جي جهوني تصوير ۽ رجعت پسند خيالات سان ٽڪر ڪائي رهيا آهيون • جو سياست حل ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿي آهي • تنهن ڪري ساهتيه سمجهائڻ لاءِ نڪتي آهي • اميد ته اسان جي هي ڪوشش وٽرٽ نه ويندي ۽ نئين زندگي ۽ نئون نظريو پيدا ڪندي(١)

---

(١) موهن پنجابي : " اسان جي سنڌ " هندستان ساهتيه آستان ڪراچي ١٩٤٧ع ص ١٢

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 152

چئني ڪهاڻين جو مجموعي تاثر آهي تہ اسان سنڌ جا آهيون ، ۽ سنڌ اسان جي آهي ۰ ان ڪري ئي هن مجموعي جو نالو " اسان جي سنڌ " رکيو ويو آهي ۰ ڪهاڻيون هڪ ئي موضوع تي لکيون ويون آهن ۰ هنن ڪهاڻين ۾ پرپور ترغيبي تاثر موجود آهي ۰ پڙهندڙ هڪ دفعو هزارين ويچا وساري پنهنجي ڌرتيءَ وارن کي ڪنهن ذات پات ۽ رنگ نسل جي فرق ۽ تفاوت کانسواءِ چاهڻ لڳي ٿو ۰ ڪيس ڌارين لاءِ نفرت ٿيڻ لڳي ٿي ۰

Gul Hayat Institute

LIBRARY INSTITUTE OF SINDOLOGY UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SIND)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 153

انـــدو ڪلا ڪـــار

شعـــارف :-

سچ ۽ سونهن کي جاگرافيائي حدن ۾ قيد نه ٿو ڪري سگهجي • اهي جتي به آهن ، اتي امر آهن ، ۽ پوري ڪائنات لاءِ هڪ جيتري ۽ هڪ جهڙي ڪوشش رکن ٿا • علم ادب سچ ۽ سونهن جي جان ٿئي ٿو ، اهوئي سبب آهي جو اسان جي ڏيهي عالمن ، ادبين ۽ دانشورن ماکي ڪ جي مک جيان دنيا جي مختلف ادبي ٻوٽن ۽ گلن مان رس چوسي پٽي پنهنجي ٻولي ڪ کي ماکي ٻڌايو آهي • مطالعي هيٺ آيل دور ۾ ميلارام واسواڻي جو ناڪو اهڙن ذات ڏيئن ۾ ڪٽائي سگهجي ٿو • هن صاحب پنهن جي ٻولي ڪ جي جهولي ڪ ۾ رڙ لاءِ پانت پانت جا گل چونڊيا آهن ۽ ديس ديس جو ادب اڻلايو آهي • ڪهاڻين جو مجموعو " انڈو ڪلاڪار " به سندس اهڙين ڪاوشن مان هڪ آهي • هي مجموعو ۱۹۸۱ع ۾ پنهنجي ئي ادارتي سنڌ ساهت منڊل طرفان شايع ڪرايو • ڪهاڻين • هن مجموعي ۾ ڪل اٺ ڪهاڻيون آهن ، جيڪي غير سنڌي مشرقي ليکڪن جون لکيل آهن • اهي ڪهاڻيون آهن :

نمبر	ناالو	ليکڪ
(۱)	"مايا جو مرڊ"	منشي پريم چند ،
(۲)	"مرد جي دل"	اپيندر ناٿ اشڪ ،
(۳)	"انڈو ڪلاڪار"	سياح سنامي ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 154

(۴) "ماستا" اعظم خريدي ،

(۵) "پوجا" "

(۶) "گهر" "

(۷) "پرميلا" رفعت هاشمي ،

(۸) "زياري ۽ جو ڏيو" ؟

هن مجموعي جو مختصر تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

پلاٽ ۽ آکاڻيون :-

هن مجموعي ۾ پهرين کاڻي آهي ، " مايا جو مريد " کاڻي ۽ سڌايو ويو آهي ته جسونت ۽ رميش تمام پڪا دوست هوندا هئا . هو گڏ پڙهيا ۽ باقي زندگي به گڏ جي بسر ڪيائون . رميش پاليٽي کان ئي ترقي پسند فڪر رکندو هو . هن کي ذات پات ۽ رنگ نسل ۾ ڪو به ايمان ڪونه هو . چوندو هو ته طبقاتي دنيا جو خاتمو اچڻ گهرجي . سندس راءِ هوندي هئي ته دنيا ۾ رهڻ لاءِ دولت جي ضرورت پئي ٿي . ان جي ابتڙ جونت وري روحانيت جو قائل ۽ دولت جي اهميت جو منڪر هوندو هو . جسونت هميشه رميش کي مايا جو مريد سڏيندو هو . جسونت وڃي سيشن جج ٿيو ۽ رميش وڃي عوام ۾ تنظيمي ڪم ڪيو . جسونت انگريز سرڪار جو ملازم هو ، ڪيس هلوم ٿيو ته اڄ نه سڀان رميش پڪڙجي ويندو . ان ڪري ڪيس تنبيه ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ گهرائي رات رهائي . انهي ڏينهن رات شهر ۾ ڏاڙو لڳو جڏهن رميش گهر پهتو ته ڪيس انهي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو . ڪيس جسونت وٽ ئي هليو ، پر حقيقت کي ڄاڻندي به هن پنهنجي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 155

سرڪار کي ناراض ڪرڻ نه گهرجو ، ۽ پنهنجي دوست کي جو ڏاڍي واري رات هن سان گڏ هو ، تنهن کي ستن سالن جي سزا ڏئي ڇڏيائين .

رميش آزاد ٿي آيو ته لاهي پاهي امين جي پوئتان پڇجي ويو . هڪ ٽولو ٻاهي ڏاڙا هڻڻ شروع ڪيائين . ڏاڻن مان جو ڪجهه هٿ پلٽ پيوند و هوس تنهن مان غريب عوام جي فلاح ۽ بهبود جا ڪم ڪندو هو . امين کي رت ڪري ڇڏيائين ايتري قدر جو سندس دوست جسونت جي دل ۾ هن لاءِ پيار ۽ رحم نه رهيو نيٺ ڦاسي ڏيو . ان وقت جسونت رٽائر زندگي گذارينده و هو ، ڪيس لڪ روپين ٿي وڪيل ڪيو ويو ، ۽ هو آزاد ٿي ويو .

ڪهاڻي جي پلاٽ کي وقت جي قيد ۽ بند کان آزاد رکيو ويو آهي . هن ۾ فن کان وڌيڪ فڪر ٿي توجه ڏنو ويو آهي ، ان ڪري ڪهاڻي هڪ طرفي ۽ لنبي چوڻي ٿي پئي آهي .

هن مجموعي جي ٻي ڪهاڻي آهي " مرد جي دل " ڪهاڻي هڪ اهڙي عورت جو ڏکوئيندڙ داستان آهي جنهن ساري عمر ته پنهنجي ورجي خدمت ڪئي ، پر هن ان جي بيٺ ۽ پنهنجي گهرواري ۽ جو مرڻ وقت ٻه منهن نه ڏٺو . لڪشمي ڪنا صاحب جي سڳهڙ زال هئي . ٻنهي جي شادي ٿي ته لڪشمي ۽ ڪي ملڻ سڄا پاراتا ۽ ڏڪا ، ۽ ڪنا صاحب کي ملي خدمت ۽ نيٺ نيتي ، ڪنا صاحب جي جڏهن ڏٺي ٻڌي ته ڪيرو ڏي شهر ۾ وڏي نوڪري ملي وئي ، ۽ لڪشمي وري ٿي -ٻي جي مريض ٿي پئي . ڪنا صاحب وڃي ٻي شادي ڪئي ۽ لڪشمي وڃي اسپتال ۾ پئي . لڪشمي پنهنجي ور کي چاهيندي ٻه پنهنجو ڪري نه سگهي ، ۽ ڪنا صاحب هن جو مڙس هوندي ٻه سندس مرڻ وقت منهن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 156

ٻه نه ڏسو • پلا اهو ائين چونه ڪري • هن ته ڪيترو وقت اڳ ئي شادي ٻه ڪري چڏي هئي ، نئين ڪنوار ۽ اڳئين زال ۾ ڪيس نيٽ فرق ڪرڻو ئي ته هو • سو ڪيائين •

ڪهاڻي فني نقطه نگاهه کان هيءَ آهي • واقعن جي جوڙ پلاٽ ڪي سهڻو ۽ سندر ٻڌائي چڏي ٿي • مگر فنڪر جي نقطه نگاهه کان اها ڪاهلهه ڪندي ٿي ته ڪنا صاحب جي منهن مٺ جو ڪو ٻرٻور جواز نه ڏنو ويو آهي • ان ڪري ڪهاڻي ۾ تاثر ته محسوس ٿئي ٿو ، مگر تمام هلڪو •

"انڊو ڪلاڪار" :-

مجموعي جي ٽين ڪهاڻي آهي • ڪهاڻي داستان نما پلاٽ ٿي پڌل آهي • ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هڪ غريب ڪنوار ڪنهن ڏينهن محلات جي ديءَ مان راڻي جو ديدار ڪيو ، ۽ هميشه لاءِ دل ڏئي ويٺو • جيئن ٻاڻ غريب هو ان ڪري ٻه طرفي پيار ڪرڻ ۾ ئي پنهنجي خيريت جاڻائين هو پنهنجي عشق کي استاد بنائي راڻي جي تصوير ڇڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ پنهنجي اڳين جو نور به وڃائي ويٺو • جلدئي بادشاهه تصويرون جي نمائش ڪرائي ، جنهن ۾ هن کي آندو ويو • بادشاهه کي سندس ڪيل تصوير ڏاڍي وڻي ۽ اها خريد ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريائين • ڪنوار تصوير وڪڻڻ کان انڪار ڪيو ، جنهن تي ڪيس درٻار مان لوڏي ڪڍيو ويو ، ۽ سندس تصوير ضبط ڪئي وئي • بادشاهه سلامت اها تصوير پنهنجي محلات ۾ وڃي هٽائي • ۽ هن ڏينهن کانپوءِ بادشاهه ۽ راڻي مانيءَ کائي رهيا هئا ته اوچتو راڻي جي نظر وڃي تصوير تي پئي • جا روئي رهي هئي • راڻي جي نشاندهي ڪرائڻ تي بادشاهه به هي لقاءُ ڏنو • جلدئي انڊي ڪلاڪار ڏانهن ماڻهو ڊوڙايا ويا ، ليڪن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 157

الوڙ ڪلاڪار اڳ ۾ ئي هي جهان ڇڏي ڇڪو هو ٠

ڪهاڻي جو پلاٽ خيالي ۽ حقيقت کان بعيد آهي ٠ ائين ڪڏهن به ٿي نه ٿو سگهي ته ان پڙهيو ڪنوار اهڙي تصوير ٺاهي ، جيڪا ملڪ جي مشهور ڪلاڪارن کي ڏندين آڱرين ڏيڻ جو باعث ٿئي ٠ ائين به ٿي نه ٿو سگهي ته ڪلاڪار جي موت ته سندس ڪلا يا تخليق انسانن جيان روئڻ لڳي ٠

هن کانسواءِ ڪهاڻيءَ ۾ اجايو ۽ غير ضروري واڌارو به ڪيو ويو آهي ٠ هن ڪلاڪار کي يتيم ۽ مسڪين پيش ته ڪري پيو سگهجي ، مگر سندس ماءُ کي مارڻ ۽ هن کي بي سهاري ڏيکارڻ ۾ مرڪزي خيال کي ڪا تقويت ڪا نه ٿي ملي ، ويتر مرڪزي خيال ۽ بنيادي نقطو متاثر ٿئي ٿو ٠ اهو به عجيب ٿو لڳي ته ڪنوار جي هڪ طرف ماءُ مري وئي آهي ، ۽ ٻئي طرف سندس عشق به جاري آهي ، ۽ مڙي جي ڪاڪاهم وري اها جو هنهي جذبن ۾ ڪو به تصادم نه ٿو ٿئي ٠

هن مجموعي جي چوٿين ڪهاڻي آهي " ماستا " ، هن ڪهاڻي ۾ پڌايو ويو آهي ته هڪ غريب ۽ شريف عورت ڪنهنجي مرد جي ظلمن ۽ ستم جو نشانو بڻجي ٿي ۽ پوءِ نشئي ۾ بد فعلو آهي ٠ هو پنهنجي ونيءَ ڏانهن ڪو به توجه نه ٿو ڏئي ٠ سندس پٽ بيمار ٿئي ٿو ته هوانهي ءَ جي دوا درمل ڪرائڻ بدران پنهن جي زال کي طلاق ڏئي بند ڪري وڃي ٿو ٠ هن جي ڪهروا ري پٽ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي پراڻي عاشق کي پنهنجو تن ۽ من آڇي ٿي ٠ انهي ءَ عاشق جي دل ۾ رحم اچي وڃي ٿو ۽ هو توبه ڪري ٿو ٠ نه صرف ايترو بلڪ عورت جي ڀرپور مدد ڪري ٿو ٠ بيمار چوڪرو نه ٿو بچي هوءَ مثل پار هنج ۾ ڪٽي ڪهر ڪان نڪري وڃي ٿي ٠

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 158

پٽي ڏينهن ٿي سندس لاشو ندي ۾ لڙهندو نظر اچي ٿو • ان وقت به سندس پٽ هن جي چاٽي ۾ سان لڪل آهي •

ڪهاڻي هلڪي ٽلڪي آهي ، ۽ انهي ۾ پرپور تاثر ڏونهي ، ليڪن ان جي باوجود به پلاٽ جا واقعا غير سڪن ٿي نه ٿا سگهن • غريب خاندانن ۾ اڪثر ڪري مصيبتون عورتن جي سر تي اچي ڪڙڪنديون آهن ، ۽ انهن جو انت مڙئي ڏکوئيندڙ ٿيندو آهي •

"پوچا" :-

هن مجموعي جي چوٿين ڪهاڻي آهي • هن ڪهاڻي جو خلاصو اهو آهي ته هڪ غريب چوڪري شينهن ڪلهي چڙهي ٿي ته سندس سورن جو سج ڏسڻي نروار ٿئي ٿو • هن جي سس ويچاري ۽ لاءِ نسورو ناڪ ڪري ڇڏي ٿي • سندس ور وري ان ڏاڍيو الائي ڪاڏي منهن ڏئي هليو وڃي ٿو • چوڪري ۽ ڪي پنهنجي ساهري گهر مان نيڪالي ڏني وڃي ٿي • هوءَ راڄ جو هڪ ڏور واهي پاڻهو ٿي ٿي ۽ اتي ڪيس پنهنجو ور ملي وڃي ٿو • هوڏانهن وري سندس سس به اچانڪ مري وڃي ٿي • پوڙهي زال مڙس جو جوڙو وڃي پنهنجو گهر وسائي ٿو •

هن ڪهاڻي ۽ ٿي به داستاني رنگ چڙهيل آهي • ڪهاڻي ۽ جي ڪيترن واقعن جو ڪاميو رواجي زندگي ۽ سان ترجو به واسطو رکي ٿو اچي • ليڪڪ فڪر ڪان وڌيڪ فن ٿي توجه ڏنو آهي • اهو ڏڏهن به ٿي نه ٿو سگهي ته نهن گهر ڇڏي ۽ پوٽن سندس سس ائين ٽڪڙو مري وڃي • هن ڪهاڻي ۽ زال ۽ مڙس جي ميلاپ ڪي به عجيب انداز ۾ ڏيکاريو ويو آهي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 159

مجموعي جي چهين ڪهاڻي آهي " گهر "، هي ڪهاڻي بدنصيب قيدي ۽ جي ڪهاڻي آهي جنهن پنهنجي زال جي سستي ۽ سيل کي بچائڻ لاءِ ٽر جي زميندار کي قتل ڪيو ۽ پندرهن سال جيل ۾ ڪاڍي • جڏهن آزاد ٿي گهر موٽي آيو ته ڪيس هلوڻ ٿيو ته هن جي زال ڪنهن ٻئي سان شادي رچائي چڪي آهي • قيدي پنهنجي زال ۽ ان جي نئين مڙس کي مارڻ لاءِ وڃي ٿو • مگر اتي پهچي هو پنهن جو خيال بدلائي چڏي ٿو • ان کان پوءِ وري چوريءَ جي الزام ۾ پاڻ کي اڙائي قيد جي سزا وٺي ٿو •

ڪهاڻي ايڏي اثرائتي انداز ۾ لکي وئي آهي جو پڙهندڙ جي نه صرف لونءُ ڪاندرجيو وڃي ٿي پر هو اکين مان آب هارڻ ۾ به مجبور ٿئي ٿو • ڪهاڻي فن ۽ فڪر جي لحاظ کان هڪ ڪامياب ۽ ڏکوئيندڙ آهي •

"پرميلا" :-

مجموعي جي ستين ڪهاڻي آهي • پرميلا اها بدنصيب حسين عورت هئي جنهن کي ٻالپڻي ۾ پڙاڻيو ويو ، هن کي پنهنجو ورهه گهر نصيب نه ٿيو • سندس مڙس جواني ۾ کي رسڻ کان اڳ مري ٿو وڃي پرميلا جڏهن جوان ٿي ته سندس حسن ۽ جواني ڦاٽي پيا • هوءَ پاڻ جهلي نه سگهي ، وڃي هڪ مذهبي شاگرد سان نيهن لاڻائين • هندو مذهب موجب ڪيس ٻئي پرڻي کانسواءِ مرڻو هو • مگر پريت جي ريت سڀ بندشون ٽوڙي چڏيون • سندس پي ۽ ٻه مذهب جي پراڻين ريتن رسمن جي خلاف هو • هڪ رات هن پنهنجي ڏي ۽ کي ڏاريئي نوجوان سان گفتگو ڪندي ڏٺو ۽ پڌو ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 160

ٿنهي گڏ جي مذهب خلاف منصوبو رٿيو • سياڻي ٽي دنيا وارن کي خبر پئي ٽ پرميلا هڪ نوجوان سان پڇي وئي • سيني چيو ٽ پرميلا پنهنجي پيءُ جو نڪ وڍي وئي ، پر پرميلا جو پيءُ دل ئي دل ۾ چوندو رهيو ٽ اوهان کي ڏهئي خبر مان ٽ مذهب جو نڪ وڍي ڇڏيو آهي • ڏهاڻي نه صرف فن جي لحاظ کان هياري آهي ، بلڪ فڪر جي لحاظ کان به ترقي پسند جي نشاندهي ڪري ٽي • ڏهاڻيءَ جي واقعن کي موٽين جاڻ مڙهي پلاٽ بڻايو ويو آهي واقعن ۾ مڪمل تسلسل ۽ ربط آخر تائين قائم رهي ٽو • ڏهاڻي پڙهندڙ ٽي پرپور اثر ڇڏي ٽي •

"ڏياري ءَ جو ڏيئو" :-

مجموعي جي آخرين ڏهاڻي آهي • هن ڏهاڻيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ٽ هڪ غريب ماڻهو پڙهڻ کانپوءِ به نوڪري حاصل ڪري نه ٽو سگهي • سندس سجو گهر گهاٽ ڏکن ۽ ڏوجهرن جي ور چڙهي وڃي ٽو • نيٺ هن جو به وارو وي ٽو ڪيس پٽ جي ٽوءِ ٽنهن ڏينهن ٽي ڪلرڪ ايسوسيئيشن جي نوڪري ملي وڃي ٽي ، ۽ پوءِ هو سڪي گذارين ٽا •

ڏهاڻي اسان جي هاشري جي ذهنيت جو پرپور ترجماني ڪري ٽي • اسان جي هاشري ۾ به اڪرانهيءَ ڪري پيٽ ۾ وڌا ويندا آهن ٽ جيئن کا نه کا نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ سولائي ٽئي • اسان جي هاشري ۾ تعليم انسان جي سڌاري بدران ڪيئن دولت ۽ ڌن کي غلط نموني حاصل ڪرڻ واري گوڙ لاءِ تيار ڪري ٽي • ڏهاڻيڪار پنهنجي فن ۽ فڪر کي اهڙي ٽ نموني پيش ڪيو آهي جو ڏهاڻي هاشري جو عڪس ٽ ڇٽي ٽي ، پر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 161

ان ۾ اصلاحي پهلو بنهه نظر نه ٿو اچي • خاڪيڪار خود وهمن جو شڪار ٿي اهو مڃي ٿو ته پارجي ولادت ئي گهرواري لاءِ پلوسپ ثابت ٿي ، نه ته سندس والدين ا ان ڏکن ۾ ڏينهن گهارن ها •

ڪردار نگاري :-

خاڪيڪار پنهنجي ڪردارن جي فني نقطه نگاهه کان مڪمل تصوير چٽي آهي • ڪيترن هنڌن تي خاڪيڪارن تشريحي طريقو استعمال ڪندي ڪردارنگاري ڪئي آهي •جيئن خاڪي " مايا جو مريد " ۾ رميش ۽ جسونت جو جڏ چٽيندي خاڪيڪار لکي ٿو ته : " جسونت قد اور ۾ طاقتور هو • سندس چهري تي بااقتدگي ۽ صحت جي جهلڪ هئي • رميش ٻندرو هلڪي بدن وارو ۽ بي رونق ۽ ڪمزور هو •"(۱) ڪردارن جو قول فعل ۾ اٽڪي ويهڻي سندن شخصيتن تي ڀرپور روشني وجهن ٿا •

" مايا مريد " ۾ رميش کي هڪ آدرش جي حيثيت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ، ليڪن انهي آدرش کي وساريو وڃي ٿو ۽ آدرشي انسانن کي هميشه جيت حاصل نه ٿيندي آهي • اهي ته ڏڏهن ڏڏهن اهڙي شڪست ۾ ڪائي ويهندا آهن ، جيڪا آخر هلي ته جيت ثابت ٿي سگهي ٿي ، پر ڪنهن وقت ۽ اها هر صورت ۾ شڪست ئي هوندي آهي • خاڪيڪار هن خاڪي ۾ ڪردارنگاري ۾ ڪندي پاڻ خاطري ۾

---

(۱) ميلارام واسواڻي :" انڊو ڪلاچار " سندر ساهتيه آفيس ، ڪراچي ، ۱۹۴۶ع ص ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 162

کان ڪمزور تو آهي • جسونت کي هر موڙ تي بزدل ۽ مايا جو مريد ڏيکاريو آهي ۽ رميش کي آدرش جي حيثيت ڏني آهي •

" مرد جي دل " ۾ ڪهاڻيڪار " لڪشمي " جي ڪردار نگاري بهترين انداز ۾ ڪئي آهي • ڪهاڻي پڙهڻ کانپوءِ پڙهندڙ لڪشمي جي سکڙ پٽي ۽ بي لوث خدمت جي جذبي کان متاثر ٿئي ٿو •

" انڌو ڪلاڪار " ۾ هڪ غريب ڪنوار کي مافوق الفطرت حيثيت جو مالڪ بڻايو ويو آهي ۽ ان کان اهڙا ڪم ڪرايا وڃن ٿا ، جي نه رکي ڪنوار پر هڪ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهوءَ کان ٿيڻ ۾ مشڪل آهن •

" مامتا " ۾ ماءُ جي ڪردار کي چڪيءَ طرح اجاگر ڪيو ويو آهي ، پر پيءُ جي ڪردار سان بي انصافي ڪئي وئي آهي •

" پوڄا " ڪهاڻي ۾ مڙني ڪردارن سان انصاف ڪيو ويو آهي ، ليڪن ڪهاڻي ۾ جيئن عجيب واقعا ڏنا ويا آهن ، سي ڪردار نگاريءَ کي ۾ متاثر ڪن ٿا •

" ڪهاڻي ڪار " جا مڙني ڪردار پڙهندڙن کي متاثر ڪن ٿا • خاص ڪري قيدي ٻيرو جي ڪردار نگاريءَ ۾ ڪهاڻيڪار ڪمال ڪيو آهي • اهڙي نموني سان ٻين ڪهاڻين ۾ ۾ ڪردار نگاري تي ڇڪتو خاص توجه ڏنو ويو آهي •

هـــولـــي :-

فاضل مترجم هي ڪهاڻيون سليس ۽ سولي هولي ءَ ۾ ترجمو ڪيون آهـــن • ڪهاڻين جي هولي ٻا محاوره ۾ وٺندڙ آهي • مترجم هولي ءَ ۾ رس ۽ جس پيدا ڪرڻ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 163

لاءِ ڪيترائي پهاڪا ، اصطلاح ۽ محاورا ڏجن ٿا آندا آهن جن مان محاورن جو ڪجهه ڏجي ٿو :

محاورا :-

آپي کان نڪرڻ ، ڏند ڪرڻ ، چراغ جلائڻ ، آسمان جا تارا لاهڻ ، سڪو جهائڻ ، جڏ کائڻ ، کهاٽ گهڙڻ ، ٽوٽا چهائڻ ، گهم جا ڏيئا ٻارڻ ، ڏند ڪٽا ڪرڻ ، گوڏو ٻڌڻ ، اکيون کولڻ ، ڪنن ۾ آڱريون رکڻ ، ورت جا ٻڌ ٻڌڻ ، لاڪ لاهڻ ، ٿپي ٻاهر ٿيڻ ، ورت جا ٻڌ ٻڌڻ ۽ هٿ ڏوئي پوئتان پوڻ وغيره .

مترجم صاحب ڪيترائي غير مانوس ۽ غير سنڌي لفظ به پڻ ڏنا آندا آهن ، جيئن پراڻنات ، سوامي ، نمسڪار ، اپوتر ، ارٿي ، شردا ، آرڌنا ، شيواداسي ، سڪ ، استول ، نشڪام ، سيتاوان ، مڪتي ، پڌارٿ ۽ ودياارٿي وغيره .

هيٺين جي ٻولي ۽ اسلوب جو مثال هن هيٺ ڏجي ٿو .

" نند ته انهي وقت اينديءِ آهي ، جڏهن انسان جو پيٽ ڪاڏي سان ڀريل هوندو آهي ... مگر اها نند صرف اميرن جي پاڪ ۽ آئي هٿي ! اهي ماڻهو جن جو پيٽ خالي هوءِ جن جي پيٽ جي گرميءَ جي جاءِ تي ٺڪا بلند ٿي رهيا هٿا . جن جون گرميءَ سبب اکيون ٻري رهيون هيون ، مغز گرم ٿي ويو ، دماغ لڦڻ ٿي لڳو ، انهن کي قبر ۽ سمهڻ آهي . ڪٽ تي اها نعمت حاصل نه ٿي ٿي سگهيءِ(۱)

---

(۱) ميلارام واسواڻي : " انڌو ڪلاڪار " سندر ساهتيه فنيس ڪراچي ، ۱۹۴۶ع ص ۱۲۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 164

گفتگو :-

کهاڻين جو گفتگو مختصر ۽ سليس ٻولي ۾ ڏنو ويو آهي ۽ مڪالمن ۾ اجائي پٽاڻ نه ڪئي وئي آهي ۽ جيڏهن ڪنهن هنڌ ٿي عورت جي واتان مڪالمو جوڙايو ويو آهي ته ٻولي جي رنگ ۾ رنگ ٿي ٻه عورت جو مخصوص جذباتي انداز جو اثر نظر اچي ٿو ۽ آدرشي ڪردارن کان سندن شخصيت مطابق ئي گفتگو ڪرايو ويو آهي ۽ مڪالما وقت ۽ حالتن جي عين مطابق استعمال ڪيا ويا آهن ۽ ان کانسواءِ ڪردارن جا مڪالما اثرائتا ۽ جذباتي ٻه آهن ۽ هن هيٺ هڪ مثال پيش ڪجي ٿو ۽

" نرملا ڏاڏو ساهه ڪٽي چيو : ڪانو/ڪاڪ جي مٽي ۾ مان ڪهندو آهي ۽ ٻن ڏينهن کان اناج جو ڪٿو ٻه گهر ۾ ڪونهي ۽

بدري گرجندي چيو : ايترو ان ٿو اچي پڇ ٻه جڏهن ٻڌ ڏهن اهوئي جواب ڏين ته گهر ۾ ان آهي ئي ڪونه ۽ ڪنهن کان ڪاري ٽي ڪارائي ڇڏين ؟

(۱)

مقصديت :-

مجموعي ۾ " مايا جو مرد " مرد جي دل ، " گهر ، " ۽ " پرميلا "

---

(۱) ميلارام واسواڻي : " انڈو ڪلاڪار ، " سندر ساهتيه آفيس ڪراچي ، ۱۹۴۶ع ص ۶۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

هيانيءِ اشرائتيون ڪهاڻيون آهن ۽ "مايا جو مرد" ڪهاڻي پڙهندڙ جي دل ۾ وڏي طبقي لاءِ نفرتءِ ڏڪار پيدا ڪري ٿي ۽ "مرد جي دل" ڪهاڻي هڪ طرف عورت جي سڪڙ پڻي ءِ آدرش پڻي جو زندهم مثال آهي، ته ٻئي طرف ظالم ورجي ظلمن جي پرپور نشاندهي ڪري ٿي ۽ ساڳي نموني سان "گهر" ڪهاڻي پڙهڻ کانپوءِ عورت جي بي وفائيءَ ۽ مرد جي قرباني جو سبق ملي ٿو ۽ "پرميلا" هن پوري مجموعي جي لاثاني ڪهاڻي آهي ۽ هن ڪهاڻيءِ پڙهندڙ کي اجاين ءِ ٻاهرين رهڻ رسمن کان جند ڇڏائڻ جي ترغيب ملي ٿي ۽

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 166

پنج

تعارف :-

جڏهن به سنڌ جي ادبي تاريخ ڏي ڪهاڻي جي اوسر جو ڏس ڏيو ويندو ته ڪراچي جي اشاعتي ادارن جي خدمتن کي ڪڏهن به نظرانداز نه ڪري سگهبو . آڪاسا ساهت منڊل به انهن مان هڪ آهي . هن اداري طرفان ۱۹۴۳ع ۾ "پنج" نالي ڪهاڻين جو هڪ مجموعو شايع ٿيو . جنهن هيٺ ڄاڻايل ڪهاڻيون هيون :

نمبر	نالو	ليکڪ	مترجمہ
۰۱	"اهو پٽ"	ويرندر ڪمار	نانڪ ڪوراڻي
۰۲	"سنڌ جو سنان"	منياڻيڪ	ديو سپاڻي
۰۳	"لکيو ڪين ٿيڻ"	امرلال ڪوراڻي	
۰۴	"ٻيڪ"	موپاسان	نانڪ ڪوراڻي
۰۵	"بابلو"	؟	سندي ٽهلراماڻي .

هن مجموعي ۾ ڏنل ترجمو ٿيل ڪهاڻين جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

پلاٽ :-

هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي "اهو پٽ" آهي . ڪهاڻي جو خلاصو هي آهي ته بابوَ جي پائي ۾ ديوڪيَ جو گهر هوندو هو . ديوڪي پاڻ پوڙهو هو ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 167

سندس گھر ۾ نوجوان نھن کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ساٿي نہ رھندو ھو • ديوڪيءَ جي نھن ھالپٽي ۾ئي رنڊ ٿي وئي ھئي • ھڪ ڏينھن رينو بابو پنھنجي ڪوٽي جڙھي شھر جو نظارو ڏسي رھيو ھو بي خيالي ۾ ڇنھئي ٿي وڃي ھڪ لڪس • ڇنھئي ٿي ڇوڪر ٻيو ھو، جو وڃي ھيٺ ٻئي گھر ۾ ڪريو • اھو گھر ھو ديوڪيءَ جو، ۽ ان وقت سندس نھن ھيٺان وينڊي ھئي • ڇوڪر وڃي ڪيس لڳو • ڇوڪيءَ ڪي ڇوڪر جو اھڙو ڏڪ نہ لڳو، ڇر ڇاڻ ڪي ٽاڙ وڃي ڇڏيائين • ماٿھن ۾ اھو ڇوھول مچي ويو تہ ڇوڪر رينوءَ ڏسي واسي ھنيو آھي • ڪالھ مان ڪالھڙو ٿي ويو • ڇوڪري بابو ڪي اڪ ۾ئي چاھيندي ھئي، ۽ ھي سندن ميلاپ جو ھڪ ٻھانو ٻڌجي ٻيو • ٿورن ڏھاڙن ڪان پوءِ ڇوڪيءَ ڪي گھر ڇڏڻو ٻيو، ۽ اھا وينڊي رينو بابوءَ ڪي ساڻيو ڇوڪر موڪلي وئي • ڪھاڻي ۾ان جو پلاٽ ھنڊو ھاشي جي جيڪي جاڳندي تصوير پيش ڪري ٿو • پلاٽ جي ڪنن ٻہ واقعي ڪي غير فطري يا مافوق الفطرت سڏي نہ ٿو سگھجي • ڪھاڻي ۾ شروع کان وٺي آخر ڌاڻين تسلسل تجسس قائم رھي ٿو • ڪنھن ھنڌ ٻہ جھول نظر نہ ٿو اچي • ڪھاڻي پڙھندو ئي آخر ۾ ڀرپور تاثر ڇڏي ٿي، ۽ پڙھڻ وارو رنڊ ڇوڪرين ڪي وھاڻ واري رسم ڪي نفرت جي نگاھن سان ڏسڻ ئي مجبور ٿي پئي ٿو •

"سنڌ جو سنان":-

مجموعي جي ٻي ڪھاڻي آھي • ھن ڪھاڻي جو مول مقصد اھو آھي تہ نندڙا ٻار ٻيءَ جي شفقت جي باوجود ٻہ ماءُ ڏي ڏاڍو لاڙو رکن ٿا، ۽ عورتون ئي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 168

هارن جي نفسيات کان پلي پٽ واقف آهن • هن سلسلي ۾ مرد عورت جي جتي ۽ پير پاڪي نه ٿو سگهي • کهاڻي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هڪ عورت پرهه ڦٽي ۽ محل سمنڊ ۾ وهجڻ وڃي ٿي ، ۽ هارن جي خيال رکڻ لاءِ مڙس کي چارت ڪري ٿي • عورت گهر مان پيرس ڏي ڏيو ته هڪ کان پوءِ ٻيو ، ۽ ٻئي کان ٻوڙهين ٽيون هار اڻي ٿو • اهڙي ريت چار هار ماڻڪ کي کولهڻ ۽ سنياڻ ۾ پي ڏکي رت ڪري چڏين ٿا ۽ ۾ هو ڪنهن کي به پرچائي نه ٿو سگهي •

" سمنڊ جو سنان " هڪ مذاقي کهاڻي آهي • جنهن کي ليکڪ سهڻي نموني سان نپايو آهي • کهاڻيءَ ۾ ڦٽي خوبين مڪمل طور تي موجود آهن کهاڻيءَ جي پيشڪش تعريف جي قابل آهي •

هن مجموعي جي ٽين کهاڻي آهي " بيگ " جنهن ۾ هڪ ڪردار جي واتان پنهنجيون يادگيريون بيان ڪرايون ويون آهن • کهاڻيءَ جو ٿتاهو آهي ته به دوست پاڻ ۾ گفتگو ڪري رهيا هئا ته هڪ فقير اچي ڪانئن خيرات گهري انهن مان هڪڙو دوست فقير کي ڪجهي خيرات ڏئي ٿو ٻيا ٻه دوست کي انهي ءَ سخا جو پس منظر ٻڌائي ٿو ته ڪيئن سندس چاچو هنن جي چوري ڪري وڃي عيش عشرت جي زندگي گذارڻ لڳو ، ۽ پوءِ ٿوري وقت ۾ ايترو ڪنگال ٿي پيو جو ڏسڻ کانپوءِ ڏندين آنگرين اچي وڃن • خيرات ڏيندڙ پنهنجي دوست کي اهو پس منظر ٻڌائي پوءِ چوي ٿو ته جڏهن کو فقير ڏسندو آهيان ته چاچو ياد اچي ويندو اٿم ، ۽ انهي ڪري فقير کي ڪجهي خيرات ڏيندو آهيان •

هيءَ کهاڻي هلڪي ڦلڪي موضوع تي لکي وئي آهي ، ۽ ان جو پڙهندڙ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 169

ٿي خوخاص اثر نه ٿو ٿئي • ڪهاڻي جي پيشڪش به ڏا هياري درجي جي ڪاڻ آهي •

هن مجموعي جي چوٿين ڪهاڻي آهي " بابلو " بابلو هڪ غريب ڪوچوان هو • ڪجهه سال اڳ جي آکڙ ٿي عجيب رونق لڳي پئي هوندي هئي ، نندڙا وڏڙا ، مرد عورتون سڀ سکي زندگي گذارينڊا هئا • قدرت کي ائين وٺيو جو گهرجا سڀ ڀاتي هڪٻئي پٺيان راهه رباني وٽي رمندا رهيا • بابلوءَ کي وڃي وندر لاءِ هڪ ڀوٽي ڇڏي ، پر سا به گهٽو وقت گهاري نه سگهي •

ڪوٺ ۾ " اميدان " نالي هڪ چوڪريءَ ٽي نظر پئجي ويس • هو ڪيس پوٽي چاٽي پيار ڪرڻ لڳو • هر روز ڪيس پنهنجي ٽانگي ٽي ڪٽي شهر جو چڪر هڻائيندو هوس • نيٺ چوڪري اچي جوان ٽي ، ۽ ٻئي ڪوٺ ۾ پرڻجي وئي چوڪريءَ جي شادي اميد گهر ۾ ٽي • هن گهر جو ڪوچوان نوڪري ڇڏي ويو ۽ اميدان پنهنجي ور جي صلاح سان بابلوءَ کي گهرائي ورتو • اميدان جي مڙس ڀهرين ٽي ڏينهن بابلو جو اٽڪاءِ ڇڏيو • شايد هن ائين ٽي سمجهيو ته بابلو ۽ اميدان جا سالن کان وٽي ڪي ڪجها رشتا آهن •

هي غلطفهميءَ جي موضوع ٽي لکيل بهترين ڪهاڻي آهي • ڪهاڻي جي شروع کان وٽي ڦٽي اوسر ٿئي ٽي • ڦني نقطه نگاهه کان به پلاٽ يا ڪهاڻي ۾ڪنهن هنڌ ڪو به جهول نظر نٿو ٿواچي •

ڪردار نگاري :-

" اهو پٽر " ڪهاڻي ۾ رهنوار بابو ۽ رنڊ چوڪري مرڪزي ڪردار

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 170

آهن • کھاڻيڪار رينو جي ڪردارنگاري ۾ صاف ۽ واضح نمونو سان ڪئي آهي ، مگر ديوڪي ۽ جي رنڌ نهن سان ڀرپور انصاف نه ڪيو آهي ، جوڪي ۽ جو ڪردار بلڪل مبهم ۽ غير واضح نظر اچي ٿو • ايتري قدر جو ڪردار جو ڪنهن هنڌ ۾ نالو نه ڏنو ويو آهي • انهي ۽ هوندي ۾ هن کاڻي جا ڪردار عام رواجي انسانن جهڙا آهن ، ۽ هنن جي قول ۽ فعل ۾ ڪو ۾ تضاد نظر نه ٿو اچي •

کاڻي " سنڌ جو سنان " ۾ مرڪزي حيثيت گهر جي ٻارڻ کي حاصل آهي ، کاڻيڪار عجيب نموني سان نندن ٻارن جي نفسيات جو خاڪو پيش ڪيو آهي •

" بيڪ " کاڻي ۾ فلپ ۽ جولس جا ڪردار مکيه اهميت رکن ٿا • کاڻيڪار پنهنجي ڪردارن مان فلپ جي ڪردار ڏي وڌيڪ توجه ڏنو آهي • ان هوندي ۾ جولس جي ڪردار کي صفا اونداهو ۾ نه رکيو آهي •

هن کاڻي جو ڪردار فلپ ، هڪ غريب شخص آهي ، هو پنهنجي ريتن ۽ رسمن مطابق پنهنجي ڪٽنب کي سٺو ڏسڻ ڏي وڌي ٿو وڃي ٿو ، پر غربت کي ڏيان ۾ رکندي هڪ ڪاڻ نه ٿو ٿئي • سندس ٻاڏ هن کي دلاب ڏئي وڃي ٿو ته ۾ فلپ کيس پنهنجو همدرد ٻاڏ جائي ٿو • هن جي قول ۽ فعل مان شرافت ۽ غربت بکندي رهي ٿي • هي ڪردار پڙهندڙ کي چڪو متاثر ڪري ٿو •

بابلو ، خود " بابلو " کاڻي جو مظلوم ۽ بدنصيب ڪردار آهي • هڪ طرف قدرت سندس گهر کي خالي ڪري ڇڏيو ، ۽ ٻئي طرف غربت سندس کيسا خالي ڪري ڇڏيا هئا • هو غريب هئو ، پر بد چلن نه هو • قدرت کيس

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 171

غربت جي سورن سان گڏ شرافت جي سوغات به ڏني هئي • هو پنهنجي عزيزن ۽ مائٽن جي پيار جو بکيو هو • اميدان کي به پوئي ڪري ڏسندو هو • مگر اميدان جي مڙس کي هن لاءِ ڪا به محبت ڪا نه هئي • هوکيس شڪي نگاهن سان ڏسندو هو، ۽ نيٺ وچاري جوانت به آندائين •

هي پوري ڪهاڻي هڪ ئي ڪردار جي چوڌاري ڦري ٿي • ڪهاڻي ۾ نظري کان وڌيڪ شخصيت ڏي توجه ڏنو ويو آهي • ان ڪري پوري ڪهاڻي ڪردارنگاري جو بهترين مثال آهي •

ٻولي :-

هي مجموعو مختلف ٻولين جي ڪهاڻين جو ترجمو آهي • مترجمن سهڻي ۽ سندر نموني سان ڪهاڻين کي سنڌي ٻوليءَ جو ويس پهرايو آهي • ڪهاڻين جي ٻولي سليس، سولي ۽ با محاورا آهي، ۽ انهن جو انداز بيان نيارو ۽ پيارو آهي • پر جيئن ته مختلف ڪهاڻين مختلف مترجمن ترجمو ڪيون آهن ۽ انهي ڪري هر هڪ ڪهاڻيءَ جي ٻولي جي رس ۽ چس مختلف آهي • جيئن ته هن مجموعي ۾ نانڪ هڪوراڻي جون هڪ کان وڌيڪ ڪهاڻيون ترجمو ٿيل آهن ۽ انهيءَ ڪري سندس ترجمي ڪيل هڪ ڪهاڻي مان عبارت جو مثال ڏجي ٿو :

" جولس منهنجو ڀاءُ ڇاجو هو • مان ننڍي هوندي کان ئي هن جو نالو ٻڌندو آيو هوس • اڄ منهنجي ذهن ۾ هن جي ياد گيري ايتري ڇٽي آهي جو هن جي سامهن اچڻ ئي مان هوند ڪيس ترت سڃاڻي ويان !

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 172

مان هن جي وشي ۾ سڀ کجهه ٻڌي چڪو هوس. هو آمريڪا جو ويو؟ ڪڏهن ويو ؟ ڇا لاءِ ويو ؟ سڀئي ڳالهيون مون کي ٻڌايون ويون هيون . منهنجو چاچو منهنجي پيءُ جي ساري ميڙي چونڊي ڪڍي آمريڪا پڄي ويو ."(۱)

گفتگو :-

مڙني کاڻين جي گفتگو تي خاص توجه ڏنو ٿو محسوس ٿئي . ڪردارن جي واتان جو کجهه ڇورايو ويو آهي ، اهو سندن ڪردار سان ڏاهي اچي ٿو . سنڌ جو سنان " ۾ ٻارڻ جو گفتگو ته اهڙي انداز ۾ ڏنو ويو آهي جو کاڻي پڙهندي نندڻ نندڻ ٻارن جوڀي تصوير ذهن ۾ گردش ڪرڻ لڳي ٿو.

کاڻين جو گفتگو وقتائتو ۽ اثرائتو آهي . جنهن ۾ کاڻي ۾ اهڙو ماحول نه ڏنو ويو آهي جنهن جي پڙهڻ کان پوءِ ڪا بوريت محسوس ٿئي . هر هڪ کاڻي جو گفتگو مناسب ، مختصر ۽ جامع آهي .

Gul Hayat Institute

مقصد پنت :-

مجموعي ۾ مختلف موضوعن تي کاڻيون ڏنيون ويون آهن . "سنڌ جو سنان " هڪ مزاحيه کاڻي آهي . جنهن جي پڙهڻ سان ماڻهو وندر ۾ وڃي ۽ دل جو بار هلڪو ٿي وڃي ٿو . "بيڪ " کاڻي هلڪي ڦلڪي موضوع تي لکيل آهي ۽ ان

---

(۱) ڏسو " پنج " آشا ساهت منڊل ، ڪراچي ، سال ۱۹۴۳ع ص ۴۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 173

ڪي منجهس فڪري پهلو ڪي قدر گهٽ آهي ۰

"بابلو" هڪ هياري ڪهاڻي آهي مگر انهيءَ ڪي فني نقطه نگاهه کان اهڙي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي جو جنهن مان فڪري پهلو مجروح ٿيندي نظر اچي ٿو ۰ ڪهاڻي پڙهندڙن کي بابلوءَ تي قياس ۾ رحم ئي اچڻ لڳي ٿو، مگر انهي ءَ جو تاثر پڙهندڙ کي ڪنهن نظري جي پوئلڳي، يا عملي ڪم ڪرڻ جي ترغيب نه ٿو ڏئي ۰

"اهو پٽر،" هن مجموعي جي هياري ۾ نظرياتي ڪهاڻي آهي ۰ هن ڪهاڻي ۾ ڀرپور تاثر موجود آهي ۰ ڪهاڻي رنڊڪ چوڪرين کي نه پرڻائيندڙ مان نڪرندڙ اڳرن نتيجن جي موضوع تي روشني وڌهي ٿي ۰ موضوع کي اهڙي نئين انداز ۾ نباهيو ويو آهي، ۽ مواد کي ائين نئين ترتيب ڏني وئي آهي جو پڙهندڙ هن ظلمي رسم (جي نتيجي) جو مطالعو ڪري اڻ چرڪي اٿي ٿو ۰

انهيءَ اصلاحي پهلوءَ کانسواءِ ڪهاڻي ۾ ڪي تاريڪ پهلو به نظر اچن ٿا ۰ ڪنهن ڪنهن هنڌ تي ڪهاڻيڪار ابهرو ٿي اڪثر وڌي ويو آهي جو ڪهاڻي جنسياتي ادب جو شاهڪار محسوس ٿيڻ لڳي ٿي ۰ مثال هيٺ ڏجي ٿو :

"مان هلي رهيو هوس ۰ منهنجي رگ رگ ۾ هڪ اديت شدت اچي ويئي هئي ۰ ڪهرجون سپ ڏاڙهيون پار ڪري مان ڪوئي تي پهتس ۰ ننڍي پٽ ٽپي پاڙيسري جي ڪڍ تي آيس ۰ اوچتو مان روڪجي ويس ۰ سامنهن ڪمري جو دروازو ڪليل هو، ديوار ۾ هڪ لالٽين ٽنگيل هو فرش تي ديوار ۾ پرسان هڪ فراسي وڇايل هئي ۰ هوءَ اڪيلي بيٺي ۰ اڄ هن ۾ ڪنهن به قسم جي لڄ يا شرم نه هئي اڄ هوءَ منهنجي سامهون پڌري پٽ بيٺي هئي ۰ درواڻي جي چانڊ وڏ هوءَ بيٺي هئي ۰ ڪنيرنا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 174

ڇ شانتيءَ جي مورتيءَ مثل ! اڄ سنسار اسان جي ڇ ۾ نه هو ۽ مان ٻنان ٻپ ٻاڏ جي هيڪ هليو آيس ۽ منهنجي ٻر ۾ هوءَ ٻهٽي هئي اچل ڇ سچ ٻڌجي ! ڪن پل اڳ ۾ اسان جي ڇ ۾ آڪاس تائين اوجو پهاڙ ڪڙو هئو ۽ مگر هينئر هن جي ڇ منهنجي ڇاتيءَ ڇ ۾ هڪ آنچل جي وٽي هئي ۽ ۰۰۰ اسين ٻئي هڪ ٻيا سين ۰۰۰۰ " (۱)

Gul Hayat Institute

---

(۱) ڏسو ، " پنج " آشا ساهت منڊل ، حيدرآباد ، سال ۱۹۴۲ع ، ص ۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 175

باب ٻيو

ناول نويسيءَ جي اوسر ۽ تاريخ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ناول جي اوسر ۽ تاريخ

سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي تاريخ جا مڙئي محقق ۽ عالم انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته ، سنڌي ٻوليءَ ۾ " راسيلاس " پهريون ترجمو ٿيل ناول آهي ، ۽ انهيءَ جي اشاعت ٿوڙي ترجمي سان اسان جي ادب ۾ ناول نگاريءَ جي ابتدا ٿئي ٿي ، هي ناول اصل ۾ " باهشرجانسن جو لکيل آهي ، جيڪو ۱۸۶۸ع ۾ ساڈوٽولرام ۾ منشي اڌارام تانورداس ڪڏجي انگريزيءَ مان ترجمو ڪيو هو ، جيڪو ته منشي اڌارام تانورداس تن ڏينهن ۾ نوڪري ڪندي هراڄيءَ ۾ هوندو هو ، ان هي " راسيلاس " نه رڳو سنڌي ادب جو پهريون ناول آهي ، پر هراڄيءَ جي ادبي تاريخ ۾ به انهيءَ کي اوليت حاصل آهي ۱۸۶۸ع کان وٺي ونديءَ ۱۹۴۷ع تائين هراڄيءَ ۾ مقيم ليکڪن پڻي ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا آهن ، ناول نويسي جي اوسر انفرادي طور تي به ٿي ته ادارتي طور تي به ٿي ،

هون ته ۱۸۶۸ع کان وٺي هراڄيءَ ۾ ناول نويسي جي ابتدا ٿئي ٿي ، ليڪن هن صنف جي باقاعدي اوسر ۱۹۰۲ع کان ٿئي ٿي ، جڏهن ۱۹۰۱ع ۾ هراڄيءَ مان ، سنائتن ڏوهه سيا وارن سوڀراج شرما جيايڊيٽريءَ هيٺ ، ماهوار رسالو " سنائتن ڏوهه پرچارڪ پتر " جاري ڪيو ، ته ان ۾ ۱۹۰۲ع کان وٺي " هندو هٽنب " جي نالي سان هڪ ناول قسطوار شايع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

شيخ لکو • هي ناول هنديءَ تان چينانند رتنسي ترجمو ڪيو هو • ساڳيو ناول ۱۹۰۹ع ۾ ڪتابي صورت ۾ به هن اداري شايع ڪرايو • هن اداري طرفان ڇپجڻ واري ناول شايع ٿيا ، جن جو ذڪر اڳتي هلي ڪيو ويندو • اداري جي ناولن ٻڌي ، "اڪهاڙ جو الزام لڳايو ويندو هو ، پر حقيقت ۾ انهن جو مقصد اخلاقي ۽ ڌرمي پرچار هوندو هو ، ۽ منجهن جيوت جي عام هلي‌ءَ چلي‌ءَ بابت آکاڻين دوران ، سماجي ۽ گرهستي اوڻاين جي اوگهڙ ڪري ، انهن کي سڌارڻ جي مراد رکيل هوندي هئي • اهي ناول مڙئسي ٻين هندستاني ٻولين تان ترجمو ڪيل هوندا هئا ، ۽ انهن جي عبارت اڪثر سليس ۽ سلوڻي هوندي هئي ، ۽ٿوڻي منجهن ڪي هندي لفظ ڪتب آندل هوندا هئا جي تن ڏينهين غير رواجي ۽ ڏکيا لڳندا هئا •"(۱)

ڪراچي‌ءَ جي ادبي تاريخ ۾ " چوٿ جو چند " يا " پرڀو جي پلائي " پهرون سڌريل ۽ اصلوڪو ناول آهي • هي ناول سنڌي ٻولي جي مشهور محسن لڀڻ اڙي‌ل لکيو هو • هو ماڳ به تن ڏينهين نوڪري سانگي ڪراچي‌ءَ ۾ رهندو هو • سندس هي ناول ۱۹۰۵ع کان ويسي ۱۹۰۶ع تائين حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ سرسوتي مخزن ۾ قسطوار شايع ٿيو•

---

(۱) پروفيسر منڪهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ،" ڪونج پبليڪيشن بمبئي ، ۱۹۶۸ع ، ص ۷۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 178

"هن دلياں جوڙيل ناول جو مسئلو غير رواجي هو ۽ تن ڏينهين جڏهن زال ذات اڃا پردي مان نڪري مرد سان لڙهه وڃڙ ۾ نه آئي هئي ، تڏهن ويچارا نوجوان پنهنجي دلين جي اپرندڙ محبت همجنس دوستن سان ئي وڊيندا هٿا ؛ ۽ اهڙن ٻن نوجوان دوستن جي ڪ ۾ ٻي طبع ۾ سليس سڪ جو ورڻن هن ناول ۾ نهايت نفيس نموني ۾ ڪيل هو ۽ تنهن ڪان سواءِ ، منجهس حيدرآباد جي هندو سماج جا ڀيرا ، سنسا ۾ ٻيون ڪُريتون پوليءَ پٽ ڏيکاريل هيون ۽"(۱)

۱۹۱۰ع ڌاري ٻيرومل مهرچند آڏواڻي جو اصلوڪو ناول "آنند سندريڪا" شايع ٿيو ۽ ناول ۾ هندو سماج ۾ ڪهڙو جوت ٿي روشني وڏل هئي ، ۾ اهي ناول هو ۽

۱۹۱۵ع ۾ سنڌن ڏوڪ سڀا وارن جا ٻه ناول شايع ٿيا ، جنهن مان هڪڙو هئو "نٽڻو" ۽ پاڪو پهريون ، جيڪو جينانند رتنسيءَ گجراتي مان ترجمو ڪيو هو ۽ ٻيو هو "ا [illegible] جو سڏارو ۽" جنهنجو مترجم هو ٽيجورام شرما ۽ هن سال جو اصلوڪو ۾ هيايي ناول هو ۽ "نورجهان" جيڪو ڀاڻجي هوتچند گربخشاڻيءَ لکيو هو ۽ هن ناول ۾ گربخشاڻي صاحب هيايي ادبي عبارت استعمال ڪئي هئي ، سندس پوليءَ ۽ ٽي سنڌي-فارسيءَ

---

(۱) پروفيسر منڪهارام ملڪاڻي : "سنڌي نثر جي تاريخ ، " جونج پبليڪيشن بمبئي ، ۱۹۶۸ع ، ص ، ۸۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جي آميزش جو رنگ چڑهيل هو • ناول ۾ مکيه ڪردارن جي سيرت نگاري • محبت ۾ جنگ جا چٽر نهايت رنگين چٽيل هئا • ايترن خوبين جي باوجود به ناول غلط تاريخي روايتن تي ٻڌل آهي • پر ان هوندي به هي ناول سنڌي ٻولي ۾ علم ادب ۾ پهرين تاريخي ناول آهي •

۱۹۱۶ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻي جي لکيل اصلوحي ناول " وريل ۾ نصيب " جي پوئين قسط شايع ٿي • هي ناول ۱۹۱۷ع " جاسوس " جي نالي سان اڪيتي هلي پيهر شايع ٿيو • ناول جو تفصيلي تنقيدي جائزو اٽڪل صفحن ۾ ورتو ويو آهي • هن سال کان وٺي هيرومل پريم چند " سنسار چڪر " نالي ڪراچيءَ مان ماهوار ناولن جو رسالو جاري ڪيو • جنهن ۾ قسطوار ناول شايع ٿيندا هئا • پيرومل مهرچند آڏواڻي ۱۹۱۷ع ۾ وري هڪ ٻيو ناول "موهني ٻاڻي " ٻه لکيو •

۱۹۱۹ع ۾ سندن ٽيون ناول " هيرومل هيمون مل ملاڻيءَ جو ترجمو ڪيل ناول " يوگني ۾ سرسوتيءَ جي جيوت جي خوشبوءِ " جو پهرين حصو شايع ڪيو • ناول ۾ ڪٿي خوبيون گهٽ • مگر سماجي مسئلن ڏي ڪجهه زياده ڌيان هو • ۱۹۲۱ع ۾ جڏهن ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻي ڪراچيءَ ۾ رهندو هو • تڏهن هن انگريزي ليکڪ مسز هينري وڊ جي هڪ ناول جو ترجمو " بينسبي آهه جو قصو " نالي سان ڪيو • هي ناول دل ڇاڪائيندڙ پنڌستي موضوع تي لکيل هو ۾ سندس ترجمو سليس سنڌيءَ ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

هيو وير هو .

۱۹۲۲ع ڌاڻين سنڌ جي ڌرتيءَ هندو مسلم نفاق سان پر ٿي چڪي هئي . غير مسلم ليکڪن طرفان مسلمانن جي مذهبي ۽ تاريخي اکوٽن ۽ حوالن کي ٽوڙي موڙي پيش هيو ويو . مسلمان ليکڪن به رد عمل ۾ قلمي ڪاوائي ڪئي . حڪيم عبدالخالق موراڻي هڪڙي پنهنجي " سنڌي " " سستيءَ جي ستيا " ۾ " جتر پتي " ناول لکي ورتا . ناولن جو تاريخي مواد " چچ نامي " تان ورتل ٿو هلوم ٿئي . ۽ اهي ٻولي ۽ جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ آهن . [illegible]

۱۹۲۲ع ۾ "سفاڪ ڏرم سيا" وارن به ناول ترجمو ڪري شايع ڪرايا . جي هئا : ٽيجوراڻ شرما جو ترجمو ٿيل ، "بگڙي جو سڌارو " ۽ جينانند رٽسي جو ترجمو ٿيل " ٿيل جمنا " ٻئي سماجي ناول هئا . هن ئي سال اين - ايچ ماڻڪاڻي [illegible] ناول " سدامون " شايع ڪرايو . رينالڊ جو لکيل ۽ منڪهاراڻ ملڪاڻي جو ترجمو ٿيل " ڪم ٿيل صندوقڙي . " به هن سال شايع ٿيو .

۱۹۲۵ع ۾ لطچند امرڏني مل ، ايڊيٽر جي لکيل ناول جو ترجمو " سون ورنيون دليون " جي ناڙي سان هيو . [illegible]

۱۹۲۶ع ۾ ليلاراڻ ولايت راءِ سپاهيملاڻي مسز هيني وٽ جي هڪ ٻئي ناول " ايسٽلن " جو ساڪي ئي ناڙي سان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ترجمو ڪيو ، جيڪو چيٽمل پرسرام شايع ڪرايو .

۱۹۲۶ع ۾ خليفو مورائي " فاتح سنڌ " نالي هڪ تاريخي ناول لکيو ۾ ساڪي سال ميلارام واسواڻي ۽ وري جادوناٿ سرڌار جو لکيل ناول " راڻو پرتاب سنگهه " لکي پنهنجي اشاعتي اداري طرفان شايع ڪرايو . پنهي ناولن ۾ تاريخي ڪردار نگاري ڪئي ويئي هئي .

۱۹۲۷ع ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ ساڌو هيرانند جي باقي رهيل ناول " طلسم " جو پورائو ڪيو . هي ناول پوليس توڙي فن جي لحاظ کان ڪڏهن به " نورجهان " يا " سندي " کان گهٽ ڪونهي . منجهس غازي صلاح الدين جي ڪهاڻي نموني سان ڪردار نگاري ڪئي ويئي آهي . ساڪي سال ميلارام واسواڻي ۽ وري هڪ ٻيو تاريخي ناول " شيواجي " ترجمو ڪري شايع ڪرايو . هن ئي سال ليلارام ولايت راءِ ، مشهور انگريزي مصنف سر والٽر اسڪاٽ جي ناول " دي هرٽ آف مڊلوٿين " جو ترجمو " دلير نينگر " جي نالي سان ڪيو ، جيڪو چيٽمل پرسرام شايع ڪرايو .

۱۹۲۸ع ۾ شخصيت نگاري جي موضوع تي به ناول شايع ٿيا ، انهن مان پهرين هو ميلارام واسواڻي ۽ جو ترجمو ٿيل ، " راجا اشوڪ " ۽ ٻيو هو " سڪ ٽرئڪٽ سوسائٽي " ڪراچي وارن جو شايع ڪرايل قسطوار ناول ، " دليرڪور ، " حاجي پيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ انهي ۽ سال ، ظالم جي آزادي ۽ بابت مشهور آمريڪي ناول " انڪل ٽامس ڪيبن " جو ترجمو سنڌي ۽ ۾ " گولن جا گوندر " نالي سان ڪيو ، هي ناول مسز اسٽو جو لکيل هو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

لطيفند امرڏني مل جو ترجمو ٿيل ناول "سون ورنيون دليون" ورپي هن سال ٻيهر شايع ٿيو ٠

۱۹۲۹ع ۾ پريمداس پاونداس شعائيءَ جا ٻه ناول "هٽا" ۽ "چندرا" شايع ٿيا ٠ ۾ ساڪي سال ظاهر احمد نظاماڻيءَ جو ناول "خون دمشق" ٻه ادبي ميدان ۾ آيو ٠ ۱۹۳۰ع ۾ پرنسپال صاحب سنگهه شاهاڻي جا ترجمو ٿيل ٻه ناول شايع ٿيا ٠ انهن مان پهرين هو "بلبو ڪوڪر" جهڙو "دي ميئر آف ڪاسٽربرج" جو ترجمو هو ٠ ۾ منجهس سنڌي ڪوٺائي سڄي زندگيءَ ڪي سمايو ويو هو ٠ ۾ ٻيو هو "تارن جو اپياس" جهڙو "ٽو آن اي ٽاور" جو اٿلو هو ٠ ۾ منجهس هندو جيوت جي جهلڪ ڏيکاري ڳئي آهي ٠ هي ٻئي ناول اصل ۾ ٽامس هارڊي جا لکيل هٿا ٠ پنهنجي ناولن منجهان پهرئين جي سلاستيءَ روانيءَ "بلو ڪوڪر" ۾ زياده آهي ٠ باقي "تارن جو اپياس" ناول جو ترجمو اڪثر ۾ الوڙو آهي ٠ هن سال جي مڪمل ناولن منجهان ٻيو ناول هو "رمضاني" ۽ ان جو اصل ۾ ڪاٺيا وارسماد جو لکيل هو ٠ ۾ ان کي ميلارام واسوانيءَ ترجمو ڪري پنهنجي اشاعتي اداري طرفان شايع ڪرايو ٠

۱۹۳۱ع ۾ سنڌين ڏوهه سيا وارن عجوباڻ ڏوڪا جو ترجمو ٿيل ناول "پاپ پراڇٽ" پهرين پاڪستان ۾ شايع ڪرايو ٠ هن ئي سال ميلارام واسوانيءَ منشي پريم چند جو ناول ترجمو ڪري "نرملا" جي نالي سان شايع ڪرايو ٠ هڪ سال پوءِ يعني ۱۹۳۲ع ۾ "سندر ساهتيه" طرفان پريم چند جو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 183

ٻيو ناول "چندر پال" ٻه شايع ٿيو ، جنهن جو ترجمو ٻه ميلارام واسواڻي هو .

۱۹۳۳ع ۾ شايع ٿيل ناولن مان مکيه ناول آهن : "ٻه سکيون ، "داد شياه" ۾ "آشيرواد" ، پهريون ناول پريم چند جو لکيل هو جنهن کي ميلارام واسواڻيءَ ترجمو ڪيو هو ، ۾ ٻيا هٿا اصلوڪا ناول ، جيڪي شيوڪ پوجراج لکيا هٿا .

"آشيرواد" هڪ عالیشان اصلوڪو ناول هو ، جنهن کي نئين جڳ جو حقيقت نگاري سان هڏل پهريون اهم ناول سمجهڻ ڪپي . هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچل جو اثر سنڌ ۾ ٻڌڻ ۾ پڄي چڪو هو ، ۾ مهاتما گانديءَ جي ستياگرهه ۾ ٻهرو ونڊي شيوڪ صاحب کي اونها اندر جا آزمودا پرايا جن تي هي ناول ٻڌو هٿائين . ۾ اهو ثابت ڪري ڏيکاريائين ته روزمره جي جيوت جو جيڪي جاڻ سان اڀياس ڪري ۾ ان کي ڪاماياءَ سان پيش ڪري سان زندگي ۽ جي مسئلن ۽ واقعن مان ٻه دلچسپ ڪهاڻيون بنائي سگهجن ٿيون ، جي گهمساڻي حادثن جون محتاج نه آهن ، ناول جي عبارت هالو چالو روزمره واري پر اثرائتي ٻولي هڻي ." سنڌ ٻيو ناول "داد شياه" اسکولي جيوت بابت لکيل هو ، " پر ان ۾ هڪ ماسٽر ۽ سنڌ شاگردياڻين جو ناتو بلڪل ڇڙواڪ ۽ اڇلڻ ڏيکاريائين ، جو شيخي ۽ ڪان ٻاهر ۾ اڻ وٽندڙ ٻي لڳو . هن ناول جي ٻولي ٻه ذرا اڻ گهڙي ٿي لڳي جنهن ۾ روانيءَ گهٽ هڻي . هي ٻيو ناول "ڪوڙل ساهت منڊل"

LIBRARY INSTITUTE OF SINDOLOGY, SIND, HYDERABAD (SIND)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

وارن شايع كرايا هتا ." (۱)

۱۹۳۴ع ۾ "سندر ساهتيه" طرفان ٻه ترجمو ٿيل ناول "روپما ديوي جو" ستياما ." ۾ منشي پريم چند جو " خوني سماج " شايع ٿيا . هنن پنهي ناولن جو مترجم ميارام واسواڻي هو . هن سال "سناتن ڌرم سيا" طرفان ٽيجوراڻ شروع جو ترجمو ٿيل ناول "سندري" ٻن ڀاڱن ۾ شايع ٿيو . هڪ سال پوءِ ، يعني ۱۹۳۵ع ۾ ساڳي ئي اداري ۾ ساڳي ئي مترجم جا ٻه ناول ." هندو ناري " ۽ " سلوچنا " شايع ٿيا .

۱۹۳۶ع ۾ مختلف اشاعتي ادارن طرفان هل اٽ مڪيه ناول شايع ٿيا ، جي هي آهن .

" الف " :

منشي پريم چند جو لکيل ۽ ميارام واسواڻي ۽ امير علي دوست علي جو ترجمو ٿيل ، "منورما" رميش چندر وٽ جو لکيل ۽ ميارام واسواڻي ۽ جو ترجمو ٿيل ، " آکري جي ياترا " جادو ناٿ سرڪار جو لکيل ۽ ميارام واسواڻي جو ترجمو ٿيل ، " شيواجي " ۽ امير علي دوست علي جو " تارا سندري"

---

(۱) پروفيسر منگهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " خوش پبليڪيشن بمبئي ، ۱۹۶۸ع ، ص ۱۰۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سچ "سندر ساهتيه" طرفان شايع ڪيا ويا . "سناتن ڌرم سيا" طرفان : "ستي لڪشمي" ، "آدرش ڏسپتي" ، ۽ "هندو مارشلا" جيڪي سڀ ٽيجوراما شرما جا ترجمو ٿيل هئا . رتن ساهتيه منڊل طرفان : رويندرناٿ جو لکيل ۽ چوهڙمل هندوجا جو ترجمو ٿيل ، "مايا" .

مٿي ڏنل ناول اڏر ڪي سماج جي اهميه نازڪ مسئلن تي ٻڌل ناول هئا . مگر انهن مان "شيواجي" ۽ "آڪبر جي ٻانهي" تاريخي ناول هئا . "آڪبر جي ٻانهيءَ" ۾ شهزادي سليم ۽ مهرالنساء جي محبت جو داستان بيان ڪيو ويو هو .

۱۹۳۷ع ۾ ڪراچي جي بوٽ سيلر "هوندراج پهلاجراءِ جاسوسي ناولن جو ماهوار سلسلو جاري ڪيو ، جنهن هيٺراڪي ناول شايع ڪرايا . هن صاحب ساڪي سال جي ناول شايع ڪرايا ، تن ۾ "لعل چٽي" ، "موت جو ٽجلو" ، "پيالو زهر" ، "بدمعاش جي چوري" ، "وچٽر ٽنگ" ، "خون جو پياسي" ۽ "خون جي ٻلي" قابل ذڪر آهن . اهي ناول اڏر ڪي انگريزي ٻولي ءَ مان ترجمو ٿيل هوندا هئا ، ۽ انهن جو مکيه مترجم ماسٽر هاسومل پيسومل هوندو هو . هن سال ٻين اشاعتي ادارن طرفان شايع ٿيل ناولن مان مکيه ناول هئا : "آنند ٻون يڪي ٻهروپي مهنت" ، "ٽيجوراما شرما جو ترجمو ٿيل ۽ "سناتن ڌرم سيا" جو شايع ٿيل "سوشيلا" ، "منشي پريم چند جو لکيل ۽ ميلارام واسواڻي جو ترجمو ٿيل "ڪل ڪماري" ، "رويش چندر دت جو لکيل ۽ ميلارام واسواڻيءَ جو ترجمو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 186

شيل • پئي "سندر ساهتيه" طرفان شايع شيل ، ۽ " أشا ، " بنڌ چندر چٽرجي جو لکيل ، پارول ڏيولاماڻي جو ترجمو شيل ۽ "رتن ساهتيه" طرفان شايع شيل •

۱۹۳۸ع ۾ جيڪي مکيه ناول شايع ٿيا ، سي هي آهن :

" الف " سندر ساهتيه طرفان :

نمبر	ناول	ليکڪ	مترجمه
(۱)	" رنگ محل ، "	جادو ناٿ سرڪار	ميلارام واسواڻي
(۲)	" شيش محل "	ايضا	ايضا
(۳)	" پريم ليلا "	سدرشن	ايضا
(۴)	" نند ڪارکي ناسي"	چندي چرڻ سين	ايضا

(ب) رتن ساهتيه طرفان :

(۱)	" چندر شيکر "	بنڌ چندر چٽرجي	پارول ڏيولاماڻي
(۲)	" پتي پريم "	ايضا	دولت وشانت

(ب) هوندراج پهلاجراءِ بڪ سيلر طرفان :

(۱)	" پيانٽ پيڊي "	
(۲)	سفيد " پوٽ "	

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 187

(۳) "خوني اک "

(۴) "پيانڪ بدھاش" وغيره .

مٿي ذڪر ڪيل ناول مان ، هوندراج پھلاجراءِ طرفان شايع ٿيل سموراناول ، جاسوسي ناول هٿا ، ۽ باقي ٻئي اٺئر ڪي ساجي مسئلن تي لکيل هٿا . هن سال جي سمورن ناولن منجھان " نند ڪمارڪي ٿاسي " نالي ناول هڪ مڪمل تاريخي ناول هو . هن ناول ۾ آڪاڻيءَ جو ڍنگ خير ڪو هو ، باقي ڪمپنيءَ جي ڏينھن ۾ ، انگريزن جا هندستانين تي ظلم ، انڪن اکرن ۾ حقيقت سميت ، اھڙا ته بيان ڪيل هٿا جو دل ڏاڙهو ٿي ڇڏيائون ."(۱)

۱۹۳۹ع ۾ مختلف اديبن طرفان جيڪي ناول شايع ٿيا ، سي سموراني ترجمو ٿيل هٿا . "منورما" ڪيجوراڻ شرما ترجمو ڪيو ، ۽ شرت چندر چٽرجي جو لکيل "لتا للتا" وري پارومل ڪيولراماڻيءَ ترجمو ڪيو . اهي ٻئي ناول "سنڌ ساهت ڪيندر سيريز" مان شايع ٿيا . "رتن ساهتيه منڊل" طرفان مڪمل ٿي ناول شايع ٿيا ، اهي هٿا : بنڪم چندر جا لکيل ، "للتا" جو پارومل ڪيولراماڻي ترجمو ڪيو ، ۽ " دادي " جو چوهڙمل هندوجا ترجمو ڪيو ۽ ٻيون " ديوداس" جيڪو شرت چندر جو لکيل هو ۽ سانول چيلاڻي ترجمو ڪيو هو . "سندر ساهتيه" منڊل طرفان به مڪمل ناول شايع ٿيا ، اهي هٿا : جادوناٿ سرڪار جو لکيل ، ۽ ميلارام واسواڻيءَ جو ترجمو ٿيل " راڻو پرتاب سنگ " ٻيو موهن لعل جو لکيل ۽ ساڳي ئي مترجمه جو ترجمو ٿيل

---

(۱) پروفيسر منگھارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " ڪونج پبليڪيشن بمبئي ، ۱۹۶۸ع ص ۹۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

"سنجيوني" هن ئي سال پروفيسر رام پنجواڻيءَ هال ڪين جي ناول "اسٽرنل سي" جو ترجمو "پدما" نالي سان ڏيو.

۱۹۴۰ع ۾ مکيه پارهن ناول شايع ٿيا. انهن مان ٻه ذاتي طور مترجمن پاڻ شايع ڪرايا. ۾ باقي ناول ادارن طرفان شايع ٿيا. هن سال "پاپ ۾ پاڻيزگي" هڪ ئي ترجمو ناول هيو جيڪو نارائڻداس ميوارام ڀيمپاڻي ڏيوڻ پاڻ شايع ڪرايو. هي ناول، شاهڪار ناول جو ترجمو هو، جيڪو مترجم ڏيهي حالتن ۾ آندو. ناول نهايت دلڪشائڪ آهي. ڪارڊينل وائيزمين جو لکيل ناول "سچ ٻڌان صدقي" لعلچند امرڏنيمل ترجمو ڪري شايع ڪرايو. هن ناول ۾ آڪاشي روپي ڪرسٽائن جي ڏوهه ٻڌان صدقي ٿيڻ جي ڪهاڻي بيان ڪيل هئي. مختلف ادارن طرفان شايع ٿيل ٻئي ناول هي هيا:

"الف" سندرساهت طرفان شايع ٿيل:

نمبر	ناول	ليکڪ	مترجم
(۱)	"سڪدا"	منشي پريم چند	ميلارام واسواڻي
(۲)	"منورما"	ايضا	ايضا
(۳)	"حرم پوسي"	ايضا	ايضا
(۴)	"مايا جار"	ايضا	ايضا

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۵) انارڪلي جادو ناٽ سرڪار ميلارام واسواڻي

(٦) انقلاب جو چڪر ايضا

(۷) (ب) رتن ساهتيه منڊل طرفان :

---

(۱) "سڏا" رميش چندر دت مينگهراج ايڊن مرشواڻي

(۲) "شباڪ" نروپما ديوي پاروتي ڀيولراماڻي

(۳) "آزادي جا اپاسڪ" شرت چندر چوهڙمل هندوجا

(ج) هوندراج پهلاجراءِ طرفان :

---

(۱) "طوفان" هاسومل پيسومل ناٽاڻي

مٿي ذڪر ڪيل ناولن ۾ "سڪدا" "منورما" "ڪوپيوي" "مايا جارو" ۽ "شباڪ" سماجي ناول هئا. "سڏا" ناول تنديءَ ۽ شادي جڙيل واري مسئلي تي لکيل ڊاڪٽري ناول هوڻ سبب خوبيون لڪن جي بهترين ناولن مان ڳڻي سگهجي ٿو. "طوفان" جاسوسي ناول هو. "آزادي جا اپاسڪ" قومي آزادي جي موضوع تي لکيل اينگلو واري ناول هو. جنهن ۾ لکيل بنگالي نوجوان جوبرڀا ۽ نوڪري ڪندي لکيل اعليٰ خيال عيسائي ڇوڪري سان پيار جي زنجيرن ۾ ڳاڻي پوڻ جو مسئلو لکيل هو. هن ناول ۾ راجنيتي بحث مباحثا مباحثا ۾ انقلابي ڪارنامن گهڻي انداز ۾ ذڪر ڪيل آهن.

۱۹۴۱ع ۾ مٿي اصلوڪا ناول شايع ٿيا. جن ۾ پهريون هو نارائڻداس

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 190

پسپائي جو ناول "مالهن" جيڪو جهوني زماني واري موٽن ۾ خودڪشين سان شمار هو ، ٿوٿي منجهس خيال فيلسوفانا هٿا ۾ عبارت علميت واري هئي ۰ ٻيو اصلوڪو ناول هو " شاعر " جيڪو آسانند ماسترا لکيو هو ۰ هن ناول ادبي مرڪز ۾ هلچل آڻي ڇڏي ۰ هن جهڙو آدرشي ناول سنڌ ۾ ڪو نه نڪتو ، جو پڙهندڙن کي ڏرتيءَ جي ڏوڙ مان مٿي کڻي عرش ۾ پهچائي. منجهس ڪشمير جي فردوسي وادي‌ءَ جا بيان ۾ گهڻا فلسوفانا ويچار، موزن ۾ مائيدار سنڌي‌ءَ ۾ ظاهر ڪيل هٿا ۰ جنهن ۾ جيڏن هندي ۾ فارسي لفظن جو خوش‌آواز ميلاپ هو ۰ هن ناول ۾ ڪردارن جي خاص طور هندو نائڪ جي، جو مسلمان ڪشميري جوڙي‌ءَ سان پيار ڪري ٿو ۰ من کوڃنا ايتري ته اونهي ڪيل هئي، ۾ ٻئي پاسي ظاهري واقعا اهڙا ته ماڻا آندل هٿا ، جو ائين ڪٿي ڇڄي ته جيڪا به ڪاروائي هن ناول ۾هئي سا اندر جي اونهاڻ ۾ ٿي ٿي ۰ سنڌي ساهت ۾ هي ڏهرون ٿوورگهاٽ ناول هو جنهن ثابت ڪري ڏيکاريو ته حالتن ۾ اڻڄاڻ بدلاءُ ، صورت ۽ سيرتن ۾ ٿي پئ دلپذير ناول پڌي سگهجن ۰" (۱) ٽيون اصلوڪو ناول هو "اتحاد" جو گلي سدارنگاڻي لکيو هو ۰

---

(۱) پروفيسر ڏنڪهارا ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ،" ڪونج پبليڪيشن بمبئي، ۱۹۶۸ع ، ص ۱۰۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

هن سال جيڪي ٻڌي ترجمو ٿيل ناول شايع ٿيا ، تن مان مکيه هٿا : ڪي- ايه منشي جو لکيل ۽ ٿيرٿ سياڻي جو ترجمو ٿيل ناول " بدلو "، هي ناول " آشا ساهت منڈل " وارن شايع ڪرايو • ٻيءَ پال جو لکيل ۽ گوبند مالهي ۽ جو ترجمو ٿيل ناول " ساڻي " جيڪو ٽئين زندگي پبليڪيشن وارن شايع ڪرايو • هن اداري طرفان ساڳي ئي ليکڪ ۽ ساڳي ئي مترجمه جو هڪ ٻيو ناول " زندگي " به شايع ڪرايو ويو • هن سال رتن ساهتيه منڈل طرفان " لگن " نالي هڪ ناول شايع ٿيو ، جيڪو رمڻ لال ديسائي جو لکيل هو ، ۽ ان جو ترجمو گوبند مالهي ۽ ڪيو هو • سندر ساهتيه منڈل طرفان به ٻڌ هن سال هڪڙو ناول شايع ڪرايا ويا جن مان ميلارام واسواڻي جا ترجمو ڪيل ٻه ناول : " ٻڌي ٻڪتي " ۽ " سماج درپڻ " قابل ذڪر آهن •

۱۹۴۲ع ۾ " ائين نه ؟ " نالي اصلوڪو ناول شايع ٿيو، جيڪو موتيرام ڪشنداس آهوجا لکيو هو • باقي ٻڌي ڏل ناول اڃڪر ڪي ترجمو ڪيل هٿا ۽ مختلف ادارن طرفان شايع ڪيا ويا هٿي هٿا :

(الف) سندر ساهتيه منڈل طرفان :

نمبر	ناول	ليکڪ	مترجمه
—	—	—	—
(۱)	" سوامي ڪار "	شرت چندر	دولت وشانت
(۲)	"دڪي هاري "	پريم چندر	ايضا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۳) " پريم بندن " پيامر ڪشناڻي

(ب) آشا ساهت منڈل طرفان :

---

(۱) " گرهست آشرم " چندر چڏرجي نانڪ هنڪواڻي

(۲) " اڏهار " چارو چندر ديو سياڻي

(۳) "سدا سهاڳڻ " شرت چندر ايڏا

(۴) " چنگاري " ايڏا ايڏا

(ب) رتن ساهت طرفان :

---

(۱) "ممتا " شرت چندر هري هنڪواڻي آشا

۱۹۴۲ع ۾ نارائڻداس بيساڻي جو ناول " مالهڻ " ڇپجن ڏنهو شايع ٿيو • ساڳي ليکڪ جو ٻيو اصلوڪو ناول "وڏو" به شايع ٿيو، جيڪو بيساڻي صاحب جي مڃيل ناولن مان هڪ بهترين ناول هو. هن ناول ۾ هڪ نوجوان تعليمياڦتم هندو وڏو جا ڪشمڪ ۾ اٽڪ چٽيل هئا، جا نيڪ ساجي رڪاوٽن کي رهي هڪ نوجوان سان ٻي شادي رچائي ٿي • رام پنجواڻي جو اصلوڪو ناول " قيدي " به هن ئي سال شايع ٿيو، جڏهن ۾ هڪ راڪيندڙ جا اٽڪ ۾ آدرش ٻرپل هئا، ۾ نائڪا ۾ نائڪ جي ڇ ۾ محبت جو ناٽڪو نهايت نفسياتي سان بيان ڪيل هو • هن سال مختلف ادارن طرفان ترجمو ٿيل ناول به ڇپ شايع ٿيا، جن ۾ مکيه هي آهن :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(الف) آشا ساهت منڈل :

نمبر	ناول	ليکڪ	مترجم
—	—	—	—
(۱)	ڏاسي	وشنو هيگو	نانڪ هنکوراڻي
(۲)	پاپي	شرت چندر	ايڏا
(۳)	پرڪ	جئيندر ڪمار	ڪماري اندرا هيراجاڻي
(۴)	وصيت	شرت چندر	دولت ٽهلراماڻي

(ب) رتن ساهت منڈل طرفان :

(۱)	شري ڪانت	چندر چٽرجي	پارول ڪيولراماڻي

(ج) سندر ساهت منڈل طرفان :

(۱)	هارجيت	شرت بابو	موهن ميلاراما واسواڻي
(۲)	سنسار ليلا	هيمندر ڪمار	ميلاراما واسواڻي .

۱۹۴۴ع ۾ سر والٽر اسڪاٽ جو لکيل ۽ پيرول مهرچند آڏواڻي ۽ ساڏو هيرانند جو ترجمو ڪيل ناول " طلسم " ٽيون دفعو شايع ٿيو . سندر ساهت منڈل طرفان ۽ ترجمو ٿيل ناول چندر چٽرجي جو لکيل " سماج بلوو " ۽ جئيندر جاجي جادو ناٿ سرڪار جو لکيل " شيواجي "

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

شايع ٿيا • هنن پنهي ناولن جو مترجمہ ميلارام واسواڻي هو •ي هنن مان " شيواجي " قومي ناول هو • هن سال ئي نيهارباالا جو لکيل ۾ ديو سياڻي جو ترجمو هيل ناول " واپسي " بہ"آشا ساهت منڈل" وارن شايع ڪرايو • ساڳي سال رام پنجواڻي جو اصلوهو ناول " شرميلا " بہ ظاهر ٿيو• جنهن ۾ هن صاحب بمبئي جي گجراتي جيوت جي هڪ جهلڪ ڏيکاري اٿس•

۱۹۴۵ع ۾ رام پنجواڻيءَ جو هڪ اصلوهو ناول " لطيفہ " شايع ٿيو • باقي شايع ٿيل پٽي ناول اڇڙ ڪري ترجمو ٿيل هٿا • انهن ناولن مان مڪمل ناول هي هٿا :

(الف) سندر ساهتيہ منڈل طرفان :

نمبر	ناول	ليکڪ	مترجمہ
(۱)	دولت جو دوکو	بنڪم چندر	جي -اين ڪپڙ
(۲)	چندر پال	پريم چند	ميلارام واسواڻي
(۳)	ستياما	نروپما ديوي	ايضا
(۴)	ديش پريمي	پرل بڪ	ٽيرٿ سياڻي

(ب) آشا ساهت منڈل طرفان :

(۱)	قسمت	سورج ڪماري	ديو سياڻي •

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۲) ڏهار تارا شنکر ديو سياڻي

(ب) زندگي پبليڪيشن طرفان :

---

(۱) نيا سنسار خواجه احمد عباس ڀڳواني لال چاهڙا

(ب) ايڊيوڪيشنل پبلشنگ طرفان :

---

(۱) سالڪ جو سفر جان بينن پريداس آڏواڻي

۱۹۲۶ع ۾ نارائڻداس ڀيساڻي جو اصلوڪو ناول "غريبن جو ورثو" شايع ٿيو . هن ناول ۾ ناول نگار هڪ غريب ڪوڙائي ڏڪمنشي جي ڏکن ۾ سڙن جو بيان ڪيو آهي . ۽ ٻڌايو آهي ته وڃا ۾ ڏک ئي غريب جو ورثو ٿئي ٿو . هن سال راءِ پنجواڻي جو ناول "اسان جو گهر" به شايع ٿيو . هي ناول مشهور فلمي اداڪار ۽ ناٽڪي هدايتڪار پرٿويراج ڪپور جي مشهور قومي هندي فلم "ديوار" جو ڪاوڙ مناظر ڏئي لکيو ويو هو . هن ناول جي رٿا اصلوڪي هئي ۽ جنهن ۾ تمثيلي طور هندستان جي آزادي ۽ ورهاڱي جي چٽي تصوير چٽيل هئي . هن سال ترجمو ٿيل ناولن جو مختصر وڃور هن ريت ٿئي ٿو :

(الف) زندگي پبليڪيشن طرفان :

نمبر	ناول	ليکڪ	مترجم
(۱)	پرڀا	سردار گربخش سنگهه	ڀڳواني ڪال چاهڙا

INSTITUTE OF SINDOLOGY
LIBRARY,
UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SINDH).
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۲)	" چندرناٿ "	شرت بابو	ڀڳواڻي لال چاڙا
(۳)	" سوال "	ايڏا	؟
(۴)	" ناري "	؟	؟
(۵)	" پراشچت "	سوپان	؟

(ب) سندر ساهتيه منڊل طرفان :

---

(۱)	" پريم جيون "	پرل بڪ	ڪماري چندري آڏواڻي
(۲)	" غريب جي دنيا "	رمڻ لال ديسائي	ميلارام واسواڻي

(ب) آشا ساهتيه منڊل :

---

(۱)	" ڪانتا "	ڪجانند ماڌگولڪر	ڪماري اندرا هيمراجاڻي
(۲)	" پرڻي ولي "	ڪي - ايڇ منشي	نانڪ هنڪوراڻي

(ب) رتن ساهتيه منڊل طرفان :

---

(۱)	ڀڳندڙ سوڀ "	هري نارايڻ آپٽي	نانڪ هنڪوراڻي

۱۹۴۷ع ۾ هيٺراڻي ناول شايع ٿيا ، جن ۾ لعلچند امرڏني مل جو " ڇوٽ جو ڇند " ڀيماڻي جو ناول " غريبن جو ورثو " ۽ ڀيرومل مهر چند آڏواڻي جو " جاسوس " اصلوڪا ناول هٿا جن جي اشاعت هن سال ڪان ا ڳ ٻه ٿي چڪي هئي ۰ باقي ٻئي ناول ڪهڙو ڪي ترجمو ٿيل ئي هٿا ۰ انهن

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ناولن مان مکيہ ناول هي هڪا :

(الف) سندر ساهتيہ منڈل طرفان :

نمبر	ناول	ليکڪ	مترجمہ
(۱)	" آشا ڪال "	هري نارائڻ آپٽي	ميلارام واسواڻي
(۲)	" پورنما "	رمڻ لال بيساڻي	ايضا

(ب) آشا ساهت منڈل طرفان :

(۱)	" شارڏا "	مراڏا هرڻن	ڀڳواڻي انديرا هيمراجاڻي
(۲)	" چرتر هين "	شرت چندر	ديو سپاڻي
(۳)	" پ دليون "	آر-ايس-شرما	ڀڳواڻي انديرا هيمراجاڻي

(پ) هندستان ساهتيہ آسنان طرفان :

(۱)	" ڏاسي جي ڏوٺڙي "	گوبند مالهي
(۲)	" جهل جي چوديواري " موهن لال اڪروال	
(۳)	" انقلابي سپاهي " هشنداس	گوبند مالهي
(۴)	" انقلابي شاهراہ " آنجل	ايضا

(پ) نئين زندگي پبليڪيشن طرفان :

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۱)	" وپرداس "	شرت بابو	بهاري لال چاٻڙا
(۲)	" ٻه ٻيئر "	ٽاگور	ايڊا
(۳)	" آنسو "	؟	؟

(پ) رتن ساهتيه منڊل طرفان :

---

(۱)	" شريڪانت "	بنڪم چندر	چٽرجي هندوجا

اٿين ٿو نه آهي ته هراڇي ۽ ناول نويسيءَ جي تاريخ رکو مٿي ڄاڻايل ناولن ٽائين ئي محدود آهي . حقيقت اٿين کين آهي . دراصل مٿي اهڙن ناولن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ، جن جو ذڪر سنڌي علم ادب جي تاريخن ۾ ملي ٿو ، ۽ اهي ناول خود اڄ ٻه موجود آهن . پر ڪتاب ٻيڻيءَ مان هلوه ٿيي ٿو ته مختلف ادارن انهن ناولن کان سواءِ ٻيا ٻه ڪيترا ناول شايع ڪرايا هٿا ، مگر انهن متعلق وڌيڪ معلومات ملي نه سگهي اهي ناول مطالعي هيٺ آڻڻ دور ۽ مختلف وقتن تي ڇپي شايع ڪيا ويا . اهڙن ناولن جو ذڪر اشاعتي ادارن واري باب ۾ اچي وڃي ٿو .

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 199

تنقیدی جائزہ

"اتحاد"

"ماسونس"

"تعلیف"

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 200

اتحاد

تعارف :-

ويهين صدي ۾ جي چوٿين ڏهاڪي ٽائين ، ڏيهي ۽ پرڏيهي سياسي، سماجي ۽ مذهبي تحريڪون سنڌ ۾ چڪيءَ طرح پير پختا ڪري چڪيون هيون • انهن سڌي ۽ اڻ سڌي طرح سنڌي علم ادب کي به متاثر ڪيو • اهڙين حالتن ۾ سنڌ جي لکيل پڙهيل طبقي ۾ اهڙن ماڻهن کي به پيدا ڪيو جيڪي رنگ ، نسل ذات پات ۽ دين ڌرم جي فرق ميٽڻ پنهنجي زندگيءَ جو قيمتي سرمايو سمجهڻ لڳا • انهن انسانيت ۽ ڌرتيءَ جي تقسيم بدران اتحاد جا نعرا وڄايا • هي ناول انهيءَ مڪتب فڪر جي پوئلڳ ڪلي ڪلي سدا رنگائيءَ جو لکيل آهي •

ناول جو تفصيلي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

آڪاشي :-

ناول جي آڪاشي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ جي هڪ مسلمان اميد علي لکنوءَ مان شادي ڪئي هئي • ڪيس حامد نالي هڪ ٻيڻگر ڄائو جنهن کي ننڍپڻ کان وٺي سڄو ماحول ۾ چڪي تعليم ملي • اميد علي انهن سنڌين مان هڪ هو جن کي انگريز سرڪار ۾ وڏيون نوڪريون ملينديون • جيڪڏهن ته اميد علي پڙهيو ڪڙهيو ماڻهو هو ، تنهن ڪري سندس گهر ۾ اڃا ايترن رسمن جي بادشاهي ڪانه هلندي هئي • حامد کي ننڍپڻ ۾ لکنوءَ ۾ ڇڏيو ويو • ورڻو ۾ ماحول هن جي حق ۾ هڻا • ان ڪري هو ايڏ-

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

اي ڪري يورپ روانو ٿي ويو، جتان بار ايٽ لا ڪري واپس آيو ۽ لکنو جي جنهن ڪالج ۾ هو پڙهيو هو تنهن ۾ ئي ڪيس پروفيسري جي جاءِ ملي وئي ۽

حامد ڪجهه وقت نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڪالج ۾ ڪڏ پڙهيا هئا ۽ وچ وچالت شروع ٿئي ۽ حامد وري پروفيسري ڪئي ۽ وچ آلمورا ۾ رهندو هو ۽ حامد ڪڏهن ڪڏهن ڏانهن ويندو به هو ۽ حامد هڪ دفعي جڏهن آلمورا ويو ته سندس ملاقات آشا نالي هڪ چوڏري سان ٿي ۽ حامد آشا کي ڏسندي ئي دل ڏئي ويٺو، ساڳي حالت وري آشا سان به ٿي ۽

آشا ، وچ جي وچهي مائٽياڻي هئي ۽ سندس والدين ڪٽر قسم جا هندو هئا ، پر هي ۽ پاڻ آزاد خيال چوڏري هئي ۽ آلمورا ۾ هنهي جون ٻه ملاقاتون ٿيون ته هميشه هميشه لاءِ هلڻ ٿي ويا ۽ انهي دوران ۾ اهم واقعا رونما ٿيا جن هنهي جي ۽ ۾ ڏوري ۽ ڪهڙي ۽ جي جدائي وچهي ڇڏي ۽ هڪ طرف آشا جي پيءُ سان شادي ۽ جي مسئلي جي ڳالهه ٿي ۽ انهي ڪري حامد سان ملاقات ڪرڻ جو وچهه نه ملي ۽ ٻئي طرف وري سندس ڪان حامد جي والدين ڪيس خط لکيو ته هڪدم منهن ڏيکاري وڃين ته جيئن سندس شادي ۽ جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ اتفاق سان هنهي جي جدا ٿيڻ کان اڳ هڪ ملاقات ٿي وئي ۽ هن ملاقات جو احوال اڳ ٿيو ته وچ ڪي هنن جي پريم ۾ پوءِ جي خبر پئجي وئي ۽

حامد ، سندس موٽي آيو ۽ ڪهڙي سندس شادي ۽ جون ڳالهيون هليون جيڪي هن عقل ۾ سياڻپ سان نٽائي ڇڏيون ۽ هي اڃا سندس ٻڌي هو ته ڪيس وچ ، آشا جي پيءُ جي مني وڃڻ جو اطلاع ڏنو ۽ حامد ڪي پوءِ روس ڪهڻ جو شوق ٿيو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

شيو جنهن لاءِ هن تياري ڪري ڏني • جڏهن وقت کان پوءِ هو پيءُ ماءُ کان موڪلائي وڃي وارن کان موڪلائڻ ويو • اڳي پڇڻ ۽ ڪيس پستو پيو ته آشا جي ماءُ به مري وئي آهي • تنهن ڪري هو وڃي سان گڏجي آشا وٽ آيو • جلدئي پوءِ سندن سول ميرج ٿي وئي • آشا ، هڪ وڏ ڪهراڻي جي وارث هئي ، ڪيس ته ورڻي ۽ جڏهن نه ٿي ملي سگهيو پر حامد هڪ رات ۾ هڪ وڏو امير ٿي سگهيو ٿي • مگر هن پنهنجي ساهرن جي ڏن ۾ دولت ۽ قبضي جمائڻ بدران ، اهو وڃي جي حوالي ڪري ڇڏيو • ۽ پاڻ گهر واري ۽ سوڏو روس جي دوري ۽ ٿي هليو ويو •

ناول جي آڪاڻي سادي ۽ هڪ اڌ ولڪي ٿي • ليکڪا ، وقت جي حالتن جو اثر قبول ڪري جهڙي نموني پنهنجي معاشري کي تبديل ڪرڻ گهري پئي ، تنهن جو خاڪو هن ناول ۾ ڏنو آهي • آڪاڻي هڪ اڌ ضرور آهي ، تنهن جو مگر ڪيس نامڪمل چئي نه ٿو سگهجي ڇو ته اهڙا واقعا تنهن دور ۾ اڪثر ڪري نظر اينداهئا. ناول جو پلاٽ مضبوط آهي ۽ ان جي ننڍڙن ننڍڙن واقعن ۾ سلسلو ۽ رابطو حد درجي جو بهتر ۽ موزون نظر اچي ٿو •

ڪردار نگاري :-

ليکڪا ، پنهنجي ناول جي ڪردارن تي گهٽو توجه ڏنو آهي • ناول جو هر هڪ مکيه ڪردار هڪ مڪمل شخصيت جي حيثيت ۾ اسان جي ذهن جي پڙدي تي جڙ ڇڻجي بيهي ٿو • ليکڪا ، هر ممڪن ڪوشش ڪري پنهنجي ناول جي ڪردارن جي مڪمل تصوير چٽي آهي • ڪردار جو خاندان ، سندس عادتون ، اٺڻ ويهڻ ، ڪائڻ پيئڻ وغيره جو پورو پورو بيان ڏنو آهي • ناول جا ٻئي ڏني

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 203

جزا ڪردارن کي چڪي طرح اجاگر ڪن ٿا • مکيہ ڪردارن جو ڏڪر هيٺ ڏجي ٿو :

(۱) حامد : حامد سنڌ جي هڪ آزاد خيال ۽ صوفي مت خاندان جو چشمو چراغ هو • سندس والد اميرعلي وڏو سرڪاري آفيسر هو • اهو پهرين سنڌي مسلمان هو جنهن کي سنڌ ۾ ڪليڪٽريءَ جو عهدو مليو هو. حامد جو پيءُ اميد علي نهايت نيڪ ۽ شريف انسان هو • جهڙو هو رحمدل ٿهڙو ئي هو انصاف پسند ۽ مذهب پٺي جي مرض ۾ مبتلا هو، نہ وري رشوت خوري جي رنگ ۾ رڪيل هو • هو خدا ترس انسان هو • اميد علي جي بيگم روشن آرا ، يو - پي علائقي جي آزاد خيال خاندان مان هئي •

حامد کي ننڍپڻ ۾ لکنوءَ ۾ نانائي گهر ڇڏيو ويو ، هن عليحدگيءَ ئي ورتي • هوا يه - اي ڪرڪ ڪان پوءِ يورپ مان ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن جي بدلي ٿي آيو • جلدئي ڪيس لکنوءَ جي ڪالج ۾ پروفيسري مقرر ڪيو ويو • حامد سياڻو جو جيتوڻيڪ نازڪ ۽ نفيس هو، ۽ بچپڻ ۾ ڪمزور ۽ بيمار به رهندو هو، پر سندس حسن ۽ نزاڪت، ڇا وري سندس اعمال ۽ تهذيب ! . جنهن سان به اکر ٻولينڊو هو، جنهن کي پنهنجي ميٺاج سان موهي وجهندو هو • شاعرانہ ذات ڪيس ۾ الهڻي ۽ ملي هئي • ڪيس سنڌي ءَ ڪانسواءِ انگريزي ، گجراتي ۽ بنگالي ۾ به اهڙي ۽ مهارت هئي جهڙوڪ سندس مادري ٻولين • مذهب ، رنگ نسل ، ۽ ذات پات جي ليکن ۾ سنڌن ۾ اصلي ايمان کوڻ هئس •

حامد جڏهن هڪ دفعي آلمورا ۾ وڃي وڏ ڪهڙ آيو ته سندس ملاقات آشا سان ٿي • آشا سونهن ۽ سيرت جي ديوي هئي • پهرين ءَ نظر ڪيس هڪ ٻئي جو ٿي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 204

چڏيو • سندن پريت جو پڇ پيوئي مس ۾ وقتي طور تي کين جدائي ڏسڻي پيئي • حامد کي سڌ مان گهران خط آيو ۽ هو جلدي اوڏانهن هليو ويو • حامد جي ماءُ کيس سڌ جي مسلمان گهراڻي مان شادي ڪرائڻ ٿي گهري • مگر حامد نابري واري بيهي رهيو • سندس والدين بحث مباحثو ضرور ڪيو ، مگر ضد نه ڪيو چو ته اهي آزاد خيال هئا • حامد اڃا ڪوٺ ئي هيو ته کيس آشا جي پي ايڇ ڊي جي وڃڻ جي خبر پئي . حامد خطن وسيلي وچ ۾ سان صلاح مصلحت ڪري آشا کي رابندر ناٿ ٽئگور جي آشرم " شانتينڪيتان " ۾ داخلا وٺي ڏني • انهي ڪري حامد کي روس گهمڻ جو شوق ٿيو • هن ڪالج مان ڇهن مهينن جي موڪل ورتي ، گهران سنيهي نڪتو ۽ باقي کيس وچ ۾ آشا وارن کان موڪلائڻو هو • هوائي پڪٽ ته آشا جي ماءُ ۽ ٻه ڏڻي کي پياري ٿي وڃي • اهڙين حالتن ۾ هن آشا کي اڪيلو ڇڏڻ مناسب نه ڄاتو ، تنهن ڪري ساڻس شادي رچائي کيس پاڻ سان گڏ روس وٺي ويو •

حامد ، اسان پڙهندڙن اڳيان هڪ پڙهيو لکهيو سلجهيل ۽ وفادار جي حيثيت ۾ پيش ڪيو • هو مارڪسواري نظريي جو پوئلڳ هو ۽ رنگ نسل ۽ ذات پات جو ازلي دشمن هو • سندس ڪردار معمولي ضرور آهي پر ان هوندي به فڪري ٽوڙي عملي طور تي اهو متاثر ضرور ڪري ٿو • ليڪڻا حامد جي ڪردار کي پرپور انداز نه سگهي آهي ان ڪري اهو سانتيڪولڪي ٿو •

(۲) آشـــا :-

آشا ، آلمورا جي هڪ امير هندو خاندان جي چوڪري هئي • سندس والدين ۾ هن جي ۽ نظرياتي ٽوڙ عملي طور تي زمين آسمان جو فرق هو •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

آشا ديڳي جڏهن ٻار هئي تڏهن کان ئي سندس لاڙو چتر طلا ڏانهن هو ۔ تڏهن ڪنهن سکول جو در به ڪو نه ڏٺائين ، پر ته به ويٺي ويٺي ازخود شعر ۽ ڪوتائون رچي وهندي هئي ۔ ڪائڻ ته وري سندس اهڙو شيرين ۽ دل سوز هوندو هو جو ٻڌندڙ ڪيڏو به ڪاهيل هجي ته به ٻڌڻ سان هڪ دفعو سندس روح کي راحت اچي وڃي ۔ هو هڪ اهڙي گهر ۾ جائي ، جيڪو نسورو جيل هو ۔ جتي گهر جي چوديواري هئي ۽ ان ڪٿيون ڪڏيون ۽ ڪاريون ريتون رسمون هيون ۔

آشا جا ماءُ پيءُ تنگ دل ۽ درد آچاري هوا ۔ هو پراچين سمي جي ڪهڪڻين ريتن ۽ رسمن جا پابند هوا ۔ هنن جو فقط بت پرستي ۽ عناصر پوجا ۽ ٽي وشواس هو ۔ هٽي علم جي نور جا دشمن هٿا ۔ انگريزي ۽ جي تعليم کي ته بلڪل خطرناڪ سمجهندا هوا ۔ آشا جو پيءُ هڪ زبردست ۽ شوخ طبع جاگيردار هو ۔ هو هٽر ۽ ضدي به هڪڙو ئي هو ۔ پاڻ کان مٿيرن جي خوشامند ڪرڻ ۽ پاڻ کان هيٺ کي هيسائڻ ته سندس مرڪ هو ۔ جي ڪنهن خشامند ڪيس ته گهر ويري چڏيندو هوئس ، پر جي ڪنهن پل ۾ به سچ چيس ته تڏا ڪٽائي ڏيڻ تي هوندو هو ۔ آشا جي ماءُ ٻي طالم هئي ۔

آشا لاڏ آلمورا جي سنگ صفت ماحول ۾ هڪ ئي سهارو هو ، اهو هو وڃيه جو گهر ڀڻي وڃي ۽ سندس زال اروڻا ۔ آشا لاڏ وڃيه ته پنهنجو رت هو مگر اروڻا رنگ ۽ نسل جي خيال کان ڏاڍي هئي ۔ رنگ نسل ۾ ته آشا جو به ود ايمان ڪو نه هوندو هو ۔ آشا هن گهر جي سهاري ٽي ڏهني ۽ نظرياتي طور تي گهڻي ترقي ڪئي ۔ انهن جي وسيلي ئي هن جي حامد سان ڏيڻ ٽي ۔ حامد هن جو آدرش نڪتو ، ان ڪري ڪيس پنهن جو هٿ ۽ آشا کي هو وقت ئي ڏو نه لڳو ۔ عين انهن ئي ڏهاڙن ۾ آشا جي پنهنجي پيءُ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 206

سان شادي جي مسئلي تي گرما گرم بحث ٿيو ۽ انهي جو نتيجو ڪجهه وقت جي گهر وڃڻ کان منع ڪئي وئي ۽

حامد سنڌ هليو ويو ته هن جي پي ايڇ ڊي ڪرڻ جو خواب هن جي قيد جون ديوارون ٽڻي پيون ۽ ڪجهه حامد جو صلاح ڪري " شانتينڪيتن " ۾ داخلا ورتي ڏني ۽ هوءَ ويچاري اتي اڪيلي دل ۾ نه وندراڻي چڪي هئي ته اوچتو سندس ماءُ ۽ هن کان هميشه هميشه لاءِ موڪلائي وئي ۽ اهڙي ڏکئي وقت حامد اڇي هن جي ڀر ورتي ۽ يا شادي رچائي ويهي رهي ۽

حامد جي ڪردار جيان آشا ديبي جو ڪردار به هلڪو ڦلڪو ڪردار آهي ۽ ان هوندي به هن جي عمل ۾ سندس گهرو ماحول جو گڏي جائزو وٺجي ٿو ته سندس ڪردار غير معمولي ۽ ترقي پسند نظر اچي ٿو ۽ هوءَ عورت هئي ، هن لاءِ هڪ طرف گهر جي چوديواري ۽ ٻئي طرف ضدي والدين هن لاءِ هڪ طرف ٻي علمي ۽ تعليمي جو فقدان ۽ ٻئي طرف وري صدين جون ڪاريون ۽ ڪڌيون ريتون رسمون ۽ انهن جي ۾ ۽ هن جو ڪردار هڪ وفادار ، پيار جي ٻکئي ۽ ساڻي ۽ ڪا ڪمزور ۽ ڪڌڻهي ۽ هن جي اندر ۾ آگ ئي گهٽو ڪجهه هو جنهن کي وجهه ملائي ڏئي ڇڏيو پر جڏهن هڪ دفعو حامد کي ڏسائين ته سندس جذبا ۽ امنگ وڌي وڻ ٽي ٻيهي رهيا ، ۽ آخر ۾ هوءَ اهو ڪجهه ڪري ڇڪي جيڪو ٻنهن زماني ۾ ناممڪن ته نه هو پر مشڪل ضرور هو ۽

(۳) وجيه :-

وجيه ، هن ناول جو ٻيون مکيه ڪردار آهي ۽ هو نڊ پڙ کان وٺي حامد جو دوست هو ۽ آشا سان سندس رت جا رشتا هئا ۽ وجيه جا والدين هن جي ٻالپڻي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 207

ڇڪڏايو ويو هئا • ان ڪري هن کي دين ڏرڻ نظريا ۽ اصول ورثي ۾ ڪو نه ملڻا. مگر اهي هن جي مطالعي، جائزي ۽ ماحول جي پيداوار هئا • عظيم پوري ڪرڻ بعد وچيه وڃي وڪالت ڪئي، پر جڏهن برصغير جي سياست ۾ مهاتما گانڌي جي شخصيت حاوي ٿيندي وئي ته هن به ان جو اثر قبول ڪيو •

مهاتما گانڌي ۽ ستياگرهه جو ڏنڪو وڄايو ته هن جوشيلي جوان سر سهائي، آئيندو وساري ڪٽي سياست ۾ قدم رکيو • ڪيس جيل چلترا به ڪرڻي پئي • جڏهن سياگرهه تحريڪ ڏڻي ڇڏي وئي ته هي ڏڻ نه ٿيو • وچيه کي هميشه غريبن جو اونو ۽ آزادي ۽ جو عشق هوندو هو • هو چوندو ته اها منزل آسان کي ڏڻ ملي سگهي ٿي جڏهن اسان رنگ نسل، ذات پات ۽ دين ڏرم جا ليکا لتائي هڪ ٿي وڃون، هن کي جڏهن به موقعو ملندو هو ته پيو اتحاد جو پرچار ڪندو هو • آشا جي ذهن ۾ هن ئي انقلاب آندو •

هن حامد ۽ آشا کي وڃهي آڻڻ ۾ اهم پارٽ ادا ڪيو. هن کي خبر هئي ته هندو قانون مطابق پٽ ۽ ڌيءَ جو ورثا ۾ برابر حصو ٿيندو آهي • ان هوندي به هن آشا سان شادي نه ڪئي. پر جڏهن آشا ۽ حامد جي شادي ۽ انهن پوري دولت هن کي ڏيڻ جو ارادو ڪيو ته وچيه عظيم انسان جو شبوت ڏيندي اهڙي آڇ ٺڪرائي ڇڏي •

وچيه هڪ آزاد خيال، اتحاد جو حامي ۽ با عمل انسان جي حيثيت سان پڙهندڙن کي متاثر ڪري ٿو • هن انسانيت جي هڪ ڏوکي، سچي ۽ وفادار ڪردار کي پڙهندڙ ڏڻ به ٿڪو وساري نه ٿو سگهي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 208

ناولي :-

ناول ، سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب ۾ اصلوڪي تخليق جي حيثيت رکي ٿو . جيئن ته هي ناول هڪ سنڌي عورت جو لکيل آهي ، ان ڪري منجهس ٻوليءَ جو مزاج ، سلاست ۽ سادگي جو هئڻ هڪ فطري امر آهي . اسلوب ۽ انداز بيان جي اندازي لڳائڻ لاءِ هتي ناول جو هڪ اقتباس ڏجي ٿو :

" پريم جي ظاهري صورت شڪل نه موهيو ۽ هرڪائيندڙ ! هرڪو پياسي سندس ظاهري رنگ روپ تي ڏاڙجي ، سندس طبقاندر پير پائڻ چاهيندو آهي . سمجهندو آهي ته پريم ۾ ازحد آنند هوندو ، پريم ئي لطف ۽ راحت جي ڪاڻ هوندي پر نه جنهن سندس پڙ ۾ هڪ واري پير پاتو هوندو ، تنهن کي ئي سندس سار سمجهند هوندا . محبت اها چيز آهي ، جنهن کان نه پاڻ ڇڏائي سگهه نه وري ان کي پڇجي سگهه . پريم جي ليلا وچتر آهي . پريمي ان جي هڪ لحظي جو لطف ماڻڻ لاءِ ، ساري زندگي جا ڪشالا ۽ سجايا سڻڻ سمجهڻ ۾ (۱)"

ناول جي ٻولي ٻا محاوري ۽ ٻا اصطلاح آهي ، ان ۾ پهاڻن جي ٻه ڪا ڪمي ڪانهي . هن هيڊ اصطلاحن ۽ پهاڻن جو وچور ڏجي ٿو .

الف - اصطلاح :-

ڏڪو ڪٽائڻ ، مڙدي ۽ ساهه ٽوڙڻ ، واهون ڪولڻ سڏ سٽڻ ، پاڻ هڻڻ ،

---

(۱) ڪي سدا رنگاڻي : " اتحاد ، " ڪراچي ، ۱۹۴۱ع ص ۳۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سڻ سڃاڻ ، پڙ ۽ پير پائڻ ، سومو پائڻ پڙهڻي ٻيهڻ ، وغيره .

ب - پهاڪا ۽ چوٽيون :-

ڏڏو ڪير ٽڻين نه پوي ، تقدير اڳيان تدبير هلي ئي ڪانه ، همت مردان مدد خدا ، ٻندي جي من ۽ هڪڙي ته صاحب جي من ۽ سهي .

جيئن ته ليکڪا جو تعلق هڪ شهري هندو گهراڻي سان هو ، ان ڪري ٻولي ۾ ڪٿي اهو رنگ صاف ظاهر نظر اچي ٿو . ليکڪا ڪثرت سان هندي لفظ استعمال ڪيا آهن جيئن : شوپينڊ ، ڏرمشٽ ، پرتڪيا ، ونجوگ ، سمپادڪ ، درپلتا ، پرڏينتا ، انگيڪار ، انتر پرانتڪ ، نمسڪار ۽ اڏيا پڪ وغيره .

گفتگو :-

ناول ۾ مڪالمي جي جڏي ڪي گهڻي قدر استعمال ڪيو ويو آهي . جيئن ته هي ناول " شرڻي پسند قوميت " جي نظري کي سامهون رکي تخليق ڪيو ويو آهي انهي ڪري ليکڪا پنهنجي نظريي جي پرچار لاءِ مڪالمي جو سهارو ورتو آهي . اهوئي سبب آهي جو گهڻن هنڌن تي گفتگو جي لمبي چوڙي تقرير لڳي ٿو . ان هوندي به ناول جو گفتگو وقتائتو ، عام فهم ۽ سليس ۽ ڪردارن جي عين مطابق آهي . گفتگو نه رڳو سليس آهي ، مگر انهي ۾ سان گڏ سلوڻو ۽ سنو به آهي . مثال طور وڃه ۽ آشا جو هڪ موقعي تي ٿيل گفتگو جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

وڃه : " آشا ، هي اسٽي منهنجو سنڌي دوست ..... "

آشا : " جنهن جي ساراهه مان ٿوهين يا پندائي ڪونه آيو ؟

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 210

وچي : " ها ، اهوئي ، حامد ۰ اسين سنڌ ديش کي سڪل ۽ ويران ملڪ سڏيندا آهيون ، پر ان سنڌ جي بيابانن جو پيدا ڪيل گل اسان جي برساتي گلن کان به سونهن ۽ سرهاڻ ۾ سرس اٿيئي ۰(۱)

فطرت نگاري :-

ناول جا ٻه ڪيئي ڪردار فطرت ڏانهن جي ٻن روپن جا ڏيواسي ڏيکاريا ويا آهن ۰ آشا ، آلورا جي پهاڙن جي دامن جي جائي ۽ نينهن ، ۽ حامد سنڌ جي بيابانن جنم ڏنو ۰ ليڪڪا شعوري طور تي فطرت نگاري يا منظر ڪشيءَ تي ڪو توجه ڏيڻ نٿو آهي ، پر ڪٿن ڪٿن هنڌ تي ناول ۾ فطرت نگاري جي جهلڪ نظر اچي ٿي ۰ انهيءَ جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو :

" ٻيٽ اچي هڪ چشمي وٽ پهتو ، جتي جبلن جي لاهن تان آبشار گجگوڙ ڪندو ، پٿر چيرندو ۽ پي وهيو ۰ نرمل نهر جو ڏيدار ڪنڊي ڪيس به پياس اچي ماندو وهيو ۰۰۰ ٻڌي هير پي لڳي ، پکين ۽ ٻيون ٻيون لاٽيون پي لنوبون ، ساون ۽ سبز درختن اکين تي ٺار پي وڏو ، آسمان ۾ بادلن بڌ بوڙ پي پاتي ۰"(۲)

مقصديت :-

انگريزن جي سوسالہ - ظلم و تشدد جي راڄ ۾ سنڌ واسين ڪهڙو ڪجهہ

---

(۱) گلي سدا رنگائي : " اتحاد ، " ڪراچي ، ۱۹۴۱ع ص ۸

(۲) ايضاً ص ۱۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 211

ڏسڻو ڪهڙو ڏجهو سڻو • انهي عرصي دوران سنڌ ۾ڪي باقي دنيا کان ڪيترائي عجيب تحريڪون ۽ ڪيترين ئي تنظيمون قائم ٿيون • ڪيترا ئي فرقا وجود ۾ آيا • اڻ ڳڻيون جماعتون ٺهيون ۽ بي انت نظريا وجود ۾ آيا • ويهين صدي ۾ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب ترقي پسند تحريڪ جو چڪي طرح اثر قبول ڪيو • انهي ۾ نظريي، ليکڪن ۽ پڙهندڙن ۾ " ترقي پسند قوم پرست " جو گروهه پيدا ڪيو • هن ناول جي ليکڪ انهي ۾ گروهه سان واسطو رکندي هئي • ليکڪا ، معاڪ ۾ ئي لکي ٿي ته " هند - ستاني سماجڪ سرشتي جون اوڻايون ، جهڙوڪ ساهوڪار جو غريب تي ظلم ، مرد جو استري ۾ ڪ سان انياءُ ۽ جاتي نفاق جا ڦير ، اهڙن مسئلن تي ويچار ڪندي منهن جي من کي ماپوسي ويڙهي ويندي آهي • ڏرمجي ڀهاني جو اسان جي ملڪ ۾ اڏرم ٺهلجي رهيو آهي ، سوڏسي ۾ڊي لڪ ڪانهار جو ٽا وچن ••• هندو مسلم جهيڙي ۽ فساد جا پڙلاءُ جڏهن منهنجي ڪن تي پوندا آهن تڏهن اندر ۾ اهائي آس اٿندي اٿم ٿ اهڙو ڪو نوجوان جاڳي جو هندو مسلم اتحاد جو ناد وڄائي •• اسان جي سنڌ ، جا صوفين جو مرڪز آهي ، ڪا ڏينهن ۾ پنهنجو فرض سمجهائيندي ۽ پنهنجو سنيهو سڄي هندستان جي ڪنڊ ڪڇ ۾ پهچائيندي •" (۱)

ليکڪا ، پنهنجي نظرين جو ناول ۾ وهي چپي چپي تي اظهار ڪيو آهي • اقتباس هيٺ ڏجي ٿو :

(۱) " هندو مسلمان کي هڪ ٻئي خلاف برگشتا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ، ٿ مون کي يقين آهي ٿ اسين ڪامياب ٿيندا سين •"(۲)

---

(۱) گلي سدا رنگاڻي : " اتحاد ، " ڪراچي ، ۱۹۴۱ع ، معاڪ

(۲) ايضا ص ۵۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 212

(۲) " ماستر، پروفيسر ۽ ليڪڪ، مصنف، سمپادڪ وغيره سڀئي پنهنجي لاءِ فقط مطلبي رڃ سان، ڪم ڪري رهيا آهن ۽ عام جي جوابداري پاڻ تي ڪيرئي نه ٿو سمجهي ۽"(۱)

(۳) هندو مسلمانن کي هڪ ٻئي خلاف چيڙ واري آهن ئي وچولي ۽ مٿين درجي واري مطلبي انسان جنجو اهڙي قسم جي چيڙ چاڙ مان پنهنجو مطلب ٿو پورو ڪري(۲)

(۴) سڀ ڀڄ هي ڪهڙو نه اندر چٽيو جو جيڪي ان پيدا ڪن سي پيٽ بکيا رهن، جيڪي ڪپڙو تيار ڪن سي ننگ اگهاڙا گهمن، جيڪي محل ماڙيون ٺاهين سي اجهي لاءِ واجهائين ٿا هي ۽ ڪهڙي اندير ننگري چٽجي جي ڪن وڏاڻ سڀي ملڪيت موجود ٿي پئي پائي لاءِ پنن ٿا (۲)

---

(۱) گلي سدارنگاڻي: "اتحاد،" ڪراچي، ۱۹۴۱ع، ص ۵۹

(۲) ايضاً، ص ۱۲۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جـــاســـوس

تعارف :

ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي ادب جا ڪهڙا پرپا آهن ، سي ڪنهن کان به ڳجها ڪو نه آهن • هن سنڌي ٻوليءَ ۽ تاريخ جي ڪوجنا ۾ ڪم ڪري سان گڏ ادب جي ٻين صنفن ڏانهن به توجه ڏنو • سندس هي ناول پهريون ۱۹۱۵ع ۾ ڇپيو ڏنهو ويو ۱۹۴۷ع ۾ شايع ٿيو •

آڪـــاڻـــي :-

پوري آڪاڻي جاسوسي رنگ ۾ رڱل آهي • ٻڌايو ويو آهي ته هيمور شهر ۾ بنگل خان نالي هڪ غريب شخص رهندو هو • هن کي به ٻار هئا • هڪڙو پٽ ۾ ئي نياڻي • پٽ جو نالو الهداد ۽ ڌيئر جو نالو ساران هو • ملڪ ۾ ڏڪراچي ٻيو ٿ ڪيس وطن جا وڻ ڇڏڻا پيا • هو ٻار ٻڇا وٽي گهر کان نڪتو • ويڪي اميري منظور ٿيل جو سندس گهر واري گذاري وئي ۽ ٻاڻ ٻارن سوڏو اڇي وڻ پٽ ۾ ٽاڻو • نه اوهي نه واهي ۽ پنهنجو ، نه پرائو • اڄ ۾ ٻڪ ٻاهه ڪري ڇڏين • اوچتو هڪ لشکر اچي نڪتو ، جنهن جي سردار تلسي مهراج کين ٻاڌي ۽ مائي ڏني • ۽ ڇڏ ڪين ٻاڻ سان وٽي ويو • تلسي مهراج وڃي هڪ ٻيلي ۾ آستان ڪيو • بنگل خان به اتي ئي رهجي ٻيو • ساران جڏهن جواني ڏڪي پهتي ته سندس حسن جي هاڪ ٻيلي کي ئي واسي ڇڏيو • ائين ئي انگ لڪيل هو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 214

جو هن جو وڃي ولي محمد سان نيهن لڳو • معراج کي جڏهن خبر پئي ته هن بنگل خان کان چوڻي ڏجو سڪ گهريو • هڪڙي رات سخت پهري جي باوجود بنگل خان ، ولي محمد جي مدد سان پنهنجي اولاد وٽي پڳو ڪنهن پنڊ ٿي ساران کي اڃ لڳي تنهن ڪري ولي محمد ۽ الهداد پاڻي سانگي ڪنهن ڪسيءَ جي ڪولها ۾ نڪي ويا ، ۽ ويندي ويندي کين هڪ غار ۾ لڪائي ويا • واپسي ٿي اچي ڏسن ته کاريءَ وارا ڪڪ ! بنگل خان سڀيو رڪ ٿيو پيو آهي ۽ ساران ليپي نه جڙي !! . عاشق کي انتقام جي باهه وڪوڙي وڌي سو الهداد سوڙو وڃي ٻيلي ۾ پهتو • ساران به نه ملڻ لاءِ وڃوڙو ڪيو هو !. هنن جي پهچڻ کان مٿڙ اڳ وڃي موت جي جهوليءَ ۾ پئي • ولي محمد مٿيءَ جو اچي منهن ڏٺو • ساران جي منڌيءَ لاهي ڪٽي نشانيءَ طور پائي ڇڏيائين • ولي محمد جڏهن ڏٺو ته ساران ۽ ان جي پيءَ بنگل خان جو موتمير جيءَ ۽ نرسيءَ جهڙن شيطان طبيعت انسانن ڪري ٿيو آهي ته هن پاڻ ۾ ڳالهايو ۽ پوءِ ڇڏيو • آخرڪار اچي انند پور ۾ انهن جو اٽڪ آندائين •

انند پور ۾ ولي محمد اهي ٻڌي خون مختلف هندن ٿي ڪيا • پوليس ته پاڻ پتوڙيو پر هو جوابدار هٿ ڪرڻ جهڙا هٿا ئي ڪو نه . ان ڪري ورپلسل جي مدد ورتائون • هي شخص عقل ۽ حرفت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو . سو اهڙي نموني جاسوسي ڪيائين جو ٻڌڻ سان ڏندين آڱريون اچي وڃن • آخرڪار هن جاسوس جي مدد سان ولي محمد پڪڙيو ويو • قدرت ڪيس ٺاهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 215

جوڻڻو ۽ نہ ڏيکاريو • ٽاڻي پهچندي ئي ساهم چڏيائين •

ڪردار نگاري :-

پورو ناول بياني طريقي تي لکيو ويو آهي • ناول نگار ڪهڻوڻو پنهنجي قلم تي ئي پاڻيو آهي ۽ پاڻ وهي ڪردارن تي روشني وڌي اٿس • انهي ڪري سواءِ ڪٽي ڪٽي ڪردارن کان پنهنجي متعلق ڪجهه نہ ڪجهه چورايو اٿس ۽ انهن ئي ڪردارن کان پين ڪردارن تي روشني وجهرائي اٿس •

بياني طريقي موجب هن تفصيل سان وهي ڪردار نگاري ڪئي آهي • مثال طور هن ناول جي مرڪزي ڪردار (وريل " متعلق لکي ٿو :

" منهنجو سنگتي وريل ٿي هڪ عجيب اسرار هو • آئون ڏسندو هوس ٿي رات جو ڪنهن ڪجهه ڪم سوچي رهيو هوندو هو ، ۽ صبح جو سراءِ ۾ اڃا ٻيا ننڊ ۾ ئي هوندا هوا ٿي هونيرن ڪي ٻاهر نڪري ويندو هو • ڪجهه وقت ڪتب خانن ۾ ڪجهه وقت دواخانن ۾ ڪائيندو هو ۽ ڏڻهن ڏڻهن ٿي جهر جهنگ ٻيو جهريندو هو • مون ڪهڻا ڪهڙا جاچيو مانس ٿي ڏڻهين ڏڻهين اهڙا اڇي پور چڙهندا هئس جو نڪي ڪلندو نڪي ڳالهائيندو هو • رات ڏينهن چپن ڪي چنو لائي پلٽي ماري ڪٽ تي ويٺو هوندو هو • وريل ۾ چڱو مڙس هو • اشرافت ۾ نيڪي ۽ جون نشانيون

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 216

سندس پيشانيءَ ۾ سڏيون هيون . هن جو نڪ سنهو ڇڪاڙي ويڻل هڻي جنهن مان ڏاڙو هوتم ماڻهو پنهنجي ارادي ۾ پڪو ڇڪ ڪوڙ آهي . شڪل ۾ ڏاڍي شاندار هيس ." (۱)

ليڪڪ ، ناول جي ٻئي مکيه ڪردار " ولي محمد " واڻان پنهنجي متعلق چورائي ٿو :

" آڻون غريب هوس ، ... جڏهين هٽي آيس تڏهين مون وٽ هڪ ٽامي جي پائي ۽ ڪانءَ واري وٽ وڃي نوڪر ٻيٺس . مون کي سڪو پڪو پڪهار ملندو هو پر آڻون ڪٽي سٽي پيو پورائي ڪندو هوس ." (۲)

ناول ۾ مختلف ڪردارن کان پين ڪردارن متعلق ۽ ڪالهرايو ۾ آهي جيئن تلسي مهراڻ ، بنگل خان سان گفتگو ڪندي هڪ هنڌ چوي ٿو :

" جڪي خان آهي ته بڻ اسان جو تابعدار آهين ا ڏ پٽ ۾ جيڪر ڪجهن جو ڪاهم ٿئين هان پر اسان توکي بچايو . جتي پائي ملڻ مشڪل هوائتي اسان پنهنجي لشڪرکان پائي وانجي ۽ توکي ڏنو ، انگ ۾ سجو ڪپڙو نه هوءَ تہ اسان توکي پهرايو ، هٽي اڇڻ سان توکي زمين ٽڪر ڏنوسون جنهن ڪري اڄ تون گهٽن کان سکي آهين ." (۳)

---

(۱) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي : " جاسوس " ڪهاڻي ساهتيه مندر حيدرآباد ، ۱۹۴۷ع ، ص ۸ ـ ۹

(۲) ايضاً ص ، ۵۳

(۳) ايضاً ص ، ۸۲

LIBRARY, INSTITUTE OF SINDHOLOGY, HYDERABAD (SIND)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 217

ناول جي ڪردارن ۾ " هيرجي ۽" " نرسو ۽ " " بنگل خان ۽ " " ساران ۽ " " وريل " " الهداد ۽ " " يارمحمد " ۽ " دوست محمد " قابل ذڪر آهن ۽ ليڪن پوري آڪاڻي جو دارومدار " وريل " " ولي محمدُ ۽ " ساران " تي ٻڌل آهي ۽ انهن سڀني ڪردارن جو تفصيلي احوال هيٺ ڏجي ٿو :

" وريلمل " :-

پورو ناول هن ئي ڪردار جي عقل ۽ سياڻپ جي هڪ انوکي ڪهاڻي آهي ۽ اهو " ريلمل " ئي آهي جنهنجي ڪردار تي هن ناول جي ڪهاڻي لکي وئي آهي ۽ هڪ طرف سائين ڪيس سهڻي صورت ڏني هئي ۽ ٻئي طرف وري سياڻپ ۽ انند پور جي پوليس جو جن هڪ سهارو هو ۽ جو به ڏوهه جو ڪيس ائين صاف ڪري ڏين جن ته اهو واقعو هن جي اکين آڏو ٿيو هو ۽ هن جي حرفت ڏسي پوليس جي ماڻهن کي ڏندن ۾ آڱريون اچي ويندڙ هيون ۽

هي ڪردار ۽ انند پور ۾ رهندو هو ۽ پر هڪ نئين دوست سان سندس گهر ۾ رهڻ لڳو ۽ سويرسمهڻ ۾ سهر اٿڻ ، ڏينهن جو ڪتب خانا ۾ دواخانا ڏسڻ سندس عادت بڻجي چڪا هئا ۽ هوڪهڙي وقت ڪان وٺي جاسوسي ۽ جو ڪم ڪندو هو. جڏهن ڪنهي وٽ هيرجي ڪي مٺو ڏئو ويو ته پوليس هن جي ئي مدد طلب ڪئي ۽ " وريل " خوني ۽ جي جاسوسي ڪرڻ شروع ڪئي ته ڪنهن دوران وري " نرسوَ " کي ڪنهن گمنام شخص سرانءِ ۾ ماري وڌو ۽ " وريل " جي حرفت ، عقل ۽ جاسوسيءَ سبب ٻنهي خونن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جو ڏوهي " ولي محمد " پڪڑجي پيو .

وريل جو ڪردار پوري ناول ۾ چانيو پيو آهي . ناول نويس هن کي نهن کان ونڊي چوٽيءَ تائين سڄو پڄو جاسوس ڪري پيش ڪيو آهي . ليڪن هن جي عام رواجي زندگي اهڙي نموني ويهي چٽي اٿس جو پڙهندڙ جي دل ۾ اهو گمان ويهي ٿو ته اهڙن ڪردارن جو اسان جي هاڻي ۾ وجود ئي نظر نه ٿو اچي . وريل کي ڏيکاريو ويو آهي ته هو پهرئين اڌ پور جي هڪ سراءِ ۾ رهندو هو . پوءِ هڪ دوست سان گڏجي رهڻ لڳو . ناول جي پڙهڻ مان ائين هلوڪ ٿئي ٿو ته هو ڪو سرڪاري جاسوس ڪو نه هو ، ڪو وري ڪو روزگار ڪندو هو . هاڻي سان جڏ سندس لاڪاپا ائين هيا جڏ ڪنهن کي پاڙ . اهڙا ماڻهو ڪهڙ ۾ ڪهڙ اسان جي هاڻي ۾ ملي نه سگهن . جيڪي شوقيه طرح جاسوسي ڪن ۽ ٻيا ڪمائڻ ڪٽڻ جي ڪاڻ ندا پئندا رهن .

ســـاران :-

" ساران " سنڌين سڌي طرح ته هيروئن ناهي ، مگر ان هوندي به هن وجودئي اصلي ڪهاڻي جو بنياد آهي . هن جي ڪري ئي سندس پيءَ کي سر تان هٿ ڪٽڻو پيو ۽ " نرسو " ٽوڙي " هيرجي " قتل ٿيا . ولي محمد کي خوني بنائڻ ۾ " ساران " جي محبت کي وڏو هٿ هو .

" ساران " جو ڪردار اهڙي نموني ته صاف ۽ واضح طور تي چٽيو ويو آهي جو سندس جهڙ جو نقشو اکين اڳيان ٿي اچي ٿو . " ساران "

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

هڪ غريب " بنگل خان "جي ڏيڻ هئي.پاڻ اڃا ننڍي هئي جو سندن ملڪ
ڇڏي ڏهر پيو . " بنگل خان " پنهنجا ٻه ٻار " ساران " ۽ " الهداد "سان
وٺي پيٽ گذر لاءِ نڪري پيو . اڏ واٽ ۾ سندس وڻيءَ کي صاحب جو سڏ
ٿيو ۽ هوءَ گذاري وئي . هي مصيبتن جا ماريل اڃي هڪ رڻ پٽ ۽ ڏاڻا .
ڏاڙل تلسي مهراج جو استان گذر ٿيو ته هن ساران جو آئيندو نظر ۾ رکي
مٽن قياس ڪيو . کين کاڏو پيتو ڏنو ۽ پاڻ سان گڏ ٻيلي ۾ وٺي وين .
" ساران " ٻيلي ۾ ٻلجي جوان ٿي وئي ماڻهو ۽ مرڪهه جڻ سندس ٻڌي
ڪئي . هڪ دفعو " ساران " جي " ولي محمد " سان ڏيڻ ڏيڻ ڇا
هئي ، جڻ سون جو سودو هو . هنن جي محبت رنگ لائيندي رهي ستان جو
اهو وقت به آيو جو ٻيلي جي ظالم سردار " تلسي مهراج " به هن پريت
جون عجيب ڪهاڻيون ٻڌيون ، " تلسي مهراج " ته بنگل خان " کي وٺي ئي
ان لاءِ آيو ته جيئن هو " ساران " جي سونهن واري سمنڊ مان سپون ميڻي .
ليڪن هتي ته جڻ ماروئي ٻيو ئي ويو . " تلسي مهراج " ، " " ساران " جي
ٻيءَ کي مارڻ لاءِ منصوبو رڙي ڇڏيو.ليڪن " بنگل خان " ، " " ولي محمد " جي
مدد سان هڪ دفعو هن موت جي منهن مان جند ڇڏائي وٺي ٻيڪو . جيئن رڻ
پٽ هنن ۾ رحم ڪيو هو سو ساڻي نموني هڪ ٻيو رڻ پٽ وري هنن لاءِ
مصيبت ٻڌجي آيو . " ساران " کي اڃي اڃ ورايو . پيار جو ماريو " ولي محمد "
ڀهن جو ٻاهُ سان ڪي ڪٽان پاڻي هڪ ڪري ويا . موٽي اڃي ڏسن ته ڪاري ڏ
وارا ڪڪ لڳا پيا آهن . " بنگل خان " " خاڪ جي ڏيڻي لڳو پيو آهي ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 220

"ساران" ليپي نہ جڙي ا. "ساران" وچي "تلسي مهراج" جي حوٺ ۾ بند ٿي ، ۽ اتي ئي پوءِ پنهنجي ساک ، عزت ۽ آبرو بچائي وچي موت جي جهولي ۾ سرهي ٿي .

ساران جي ڪردار ۾ هڪ سنڌي عورت جا سمورا گڻ نظر اچن ٿا . پهلي ۾ پهلي جوان ٿي هئي . هن آزاد ماحول ڪيس آزاد ۽ چنچل طبيعت بخشي هئي . جڏهن نيهن جا نيزا لڳس تہ سندس انگ انگ ٽڙي پيو ۽ سندس پيار ۾ محبت جي ڪمائي وچي "تلسي مهراج" جي ڪن ۾ پئي ، "تلسي مهراج" جڏهن ڪيس پنهنجي ڪرڻ لاءِ حيلا هلايا تہ پنهنجي سڃڻ جي ساڻ سان ٻاهر نڪري پئي . قسمت ڪيس رڻ ۾ رلائي ڇڏيو . پيءَ کي اکين آڏو سڙندو ڏسائين ۽ پنهنجي ٻاهُ ۾ محبوب ڪان هٽ ڏوئي وچي مارئي جيان مهراج جي حوٺ ۾ بند ٿي . پنهنجي سڃڻ لاءِ سڪندي ساهم ڏنائين پر مهراج آڏو جهڪي نہ جهڪي .

ولسي محمد :-

ناول ۾ ولي محمد اهم حيثيت رکي ٿو . هو پهرين دفعو شڪاريءَ جي حيثيت ۾ اسان اکيان اڳيان ٿو . ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هڪ دفعي "ساران" پنهنجي خچر کي ٻاڦ پياري لاءِ ٿي وئي تہ خچر ڪيس ڪنيو . جيڪڏهن "ولي محمد" شڪار سانگي اتي موجود نہ هجي ها تہ هوند "ساران" جا الائي ڪهڙا حال ٿين ها . هنن جي پهرئين ملاقات ئي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

عجيب رنگ لاتو . " ولي محمد " بندوق کڻي شڪار تي ضرور نڪتو هو
پر هٿي اچي پاڻ " ساران " جي هٿان شڪار ٿي ويو . ساڪي نمونسي
" ساران " خبر کي پاڻي پيارڻ بدران چئ " ولي محمد " کي دل ڏيئ
آئي هئي . " ولي محمد " پڇ هن سان گڏجي سندس گهر وڃي ٿو . هن
هڪ دفعو ڊگ ڏئو ٿ پڇ منهن ئي نه مٽيائين . پهلي جي ظالم سردار
کي خبر پئي ۽ هن اکين بدلايون ٿ " ولي محمد " " ساران " وارن جو
سڄڻ ۽ ساٿي ٿي ٻيهو ۽ هڪ رات لهي چپي ٻيلو چڏي ويو . مگر " تلسي
مهراج " به هو گهٽ ظالم نه هيو . هن جي ماڻهن به سندن پيڇو ڪيو .
واٽ تي " ولي محمد " ۽ " الهداد " پاڻ جي تلاش ڪرڻ لاءِ نڪري پيا
ٿ " ساران " ۽ " بنگل خان " وڃائي ويٺا . جڏهن " ولي محمد " وارن
موٽي اچي ڏٺو ٿ " بنگل خان " سڀو رڳ ٽيو ٻيو آهي ٿ ۽ " ساران "
گم آهي ٿ کين پڪ ٿي ٿ هي قهر " تلسي مهراج " ڪيو آهي . " ولي
محمد " سڄي عاشق جو ٻيهر ڏسڻ ٻيلي ڏي منهن ڪيو . هن جي ٻڌڻ
کان اڳ ئي موت " ساران " جي سار لهي چڪو هو . پڇ " ولي محمد "
جي دل ۾ بدلي ڇڏ باهه ۽ انتقام جي آگ ٻرڻ لڳي . دل ۾ شعراءُ
ڪيائين ٿ جيستائين هن جهان ۾ جيئرو آهيان اوستائين هنن خونن کان انتقام
ضرور وٺندس . هن ڏٺو ٿ هي سارو ڪلهه " نرسو " ۽ " هيرجي " ڪري ئي
ستو آهي . ان ڪري هن سندن ئي پيڇو شروع ڪيو . هن طرف هنن کي به
خبر پڇجي وئي ٿ " ولي محمد " ملڪ الموت ٻڌيو ٻيو وڃهه ڪولي . ان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 222

هي کيس ڏاڍا شهر ٻنايائون • آخر ۾ اچي ٻڌي ڏيون اتندپور ۾ پهتيون هي شهر " ولي محمد " لاءِ بلڪل نئون هيو • اتي کيس هڪ نامي جسي ڪاري ٻڌائي ٻه ڪا نه هئي • تنهن هي گاڏيءَ واري وٽ وڃي نوڪر ٿيو • اتي ئي کيس وڃهه ملیو ۽ ٻنهي جو انت اندائين • هن ٻهريون خون ڪيو ته " ورڻ " جهڙو سياڻو جاسوس تحرڪ ۾ اچي ويو ، ان کان پوءِ ٻيو خون ڪيائين ، ته ٻه تنهن نه ڏٺس نه ٻڌس • آخرڪار ورڻ جي " جاسوسي " وڃي رنگ لاتو ۽ هي گرفتار ٿي ٻيو ، ۽ جيل پهچندي ساهه ڏنائين •

ولي محمد ، سنڌ جو هڪ جيڙو ، اڃاڪندو ڪردار آهي • هن ۾ ٻهرائيءَ جي هڪ غيرت مند عاشق جا سموريائي ڪ موجود آهن • هو وفا جو پڪو ٻه آهي ته مرسي ءَ جو مجسمو ٻه • هن جو وڃهه ڪيو سو ڪيس محبت ۾ ورٿوئي هيو • هن جيئن وڃهه ڪيو سو ورڻ جي مڻن ٻه هيو • هن جي زندگي " ساران " جي امانت هئي ۽ هن اها ولي ءَ ڪي نيڪنيتي سان استعمال ڪيائين • هن ظالمن جو انت آندو ۽ ڪيترن ڪي خون ڪيو اهائي سندس حسرت هئي ۽ زندگي ءَ جو مقصد •

نظرت نگاري :-

ناول ۾ ڪهڻو ڪٿو زور آکاڻي ۽ ڪردارن جي ڏنو ويو آهي • ڪتاب جي ورڻن اٽلائڻ مان هلوه ٿئي ٿو ته نظرت نگاري ۽ منظرڪشي هن ۾ اڻي ۽ لوڻ برابر آهي • تنهن تنهن هنڌ ڪٿي جيڪڏهن سڌڏيڏ ڏني

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 223

وٹي آهي ۽ واهه نه ۽ خاص ويهي چڻ هوڻ جهڙيا اکيون • فطرت نگاري ۽ جو مثال هيٺ ڏجي ٿو :

" انهيءَ ڏينهن آسمان ۾ غبار هو • سرلي وڃان سڀ صاف هين ٿي ڏسڻو ۾ ڀ پڻي هر ڪنڌيءَ واڌايون ڏنيون • راتوڪي مينهن ڪري وڻ ٽڻ ڏوهي ڇڇ ٿي پيا هوا • ۽ اهڙو نرمل نظارو هو جو آڻون سائين جي سارهم هرڻ ڏاران رهي نه سگهيس • " (۱)

ٻولي :-

ڪاڪو پيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي ٻوليءَ ڪي " سنڌي " ڪري ٿي سڃاڻندو هو • هن ڪڏهن به ٻوليءَ ٿي مذهبي رنگ آڻڻهيو ۽ نه ٿي ڏيڻ انهي جو حامي هو • سندس ٻولي سلوٽي ۽ صاف ، سهل ۽ سليس هوندي هئي • هن ناول ۾ به سڀي ۽ مڃادار ٻولي استعمال ڪري جا وس ڪيا اٿس ۽ ان ۾ مڪمل طور تي ڪامياب نظر اچي ٿو • سندس انداز ۽ اسلوب جو مثال هيٺ ڏجي ٿو :

" ساران " جنهن وقت ميان ولي محمد گهر ۾ ايندو ڏسندي

---

(۱) پيرومل مهرچند آڏواڻي :" جاسوس " ڪهاڻي ساهتيه مندر ، حيدرآباد ، ۱۹۴۷ع ، ص ۱۳ •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 224

هئي ٿنهن وقت جيتوڻيڪ ماڻهو هوندي هئي ٿڌهين به سندس ڪل ٻي چپ مرڪ مرڪ ڪان ڪين رهندا هٿا • سندس انهيءَ وقت جي رفتار ۾ گفتار اهڙي هوندي هئي جنهن مان جيڪر جهٽ سمجهي سگهجي ٿو هوءَ وس ڪان ٻيوس آهي ••• ميان ولي محمد جو ساران لاءِ اندر ۾ پتنگ جيان پيو پچندو هو سو اهي عشق جا اکر پرائين پڙهي سگهندو هو • هو گهر ۾ گهڻ سان فڪر جي نرمي ٿان سورن جا سبق پڙهي پنهنجي دل ۾ پيو وجهندو هو •" (۱)

جيئن ٿو ڏسو پيرومل هندو هيو ان ڪري لاشعوري طور تي هن ڪجهه هندي لفظ به ڪم آندا آهن ، پر اهي لفظ هڪ ٿو آنکڙين تي ڪٽ جيترا آهن ۽ پيو وري آسان به آهن • جيئن وينتي ، ڏيان ، پرن وغيره • هن ڪانسواءِ ناول کي مطالعي ڪرڻ مان هلوم ٿئي ٿو ته پاڻ ڏيترائي اصطلاح ، پهاڪا ۽ چوٽيون استعمال ڪري پوليءَ ۾ سونهن پيدا ڪئي اٿس • انهن اصطلاحن ، پهاڪن ۽ ناوڻن جو مختصر ڪجهه تاثر هيٺ ڏنل آهي ٿو :

" چپن کي چنو لڳڻ ، "

" واهو پيارڻ ، "

---

(۱) پيرومل مهرچند آڊواڻي : " جاسوس ، " ڪهاڻي ساهتيه مندر ، حيدرآباد ، ۱۹۴۷ع ، ص ۸۰ •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

" ٻارنھن وڃائي ڇڏ ، "

" ٻيڙو ٻڏا ھڻ ، "

" چور نہ ٿ چاھئي ، "

" آھ غريبان ڦھر خدائي ، "

" اک نہ ڏسي ڇ ڪي ، "

" چور جي ماءُ ھنڌ ڇ روئي ، "

" ڪوھ ڪي ڪٽي ڪٽي ٿ شڪارين جا گھر ڪولھي "

گفتگو :-

ناول جو ھي جزو ليکڪ ڪمال خوبي سان نپايو آھي • ڪردارن جو گفتگو پورو پنو ، وتائتو ڇ سڏن شخصيت ڇ ڪردار مطابق آھي • ناول ڇ ھڪ ھنڌ تي جڏھن " ولي محمد " پنھنجي سورن جو داستان ٻڌائي ٿو ٿ ھن جو گفتگو ھي قدر لمبو ٿي ويو آھي ، جو پڙھندڙ جڏھن بہ بور نہ ٿو ٿئي ڇ ان جي دلچسپي قائم رھي ٿي • " ورھل " جي جي گفتگو ڇ سندس سياڻپ جون جھلڪيون نظر اچن ٿيون ٿ " ٽلسي مھراج " جي گفتگو مان ورھي ڏاڍ ڇ ڏمر جي ڀرڻ اچي ٿي ، پر جڏھن ڪنھن سپاھي ۽ جو گفتگو ڏ نو اٿس ٿ ان مان ڪاموڙا شاھي جڻ ٽپا ٽپا ڏي پئي ٿي ڪٿي. مثال طور ھيٺ " ورھل " ڇ سپاھي جو گفتگو ڏجي ٿو :

ورھل : ٻٽ ٿي ڇڙا ڪڙا ھوس ؟

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 226

سپاهي : هڪ لباتو چڙهيل هوس ، پيو ته خدا جاڻي چا هوس .

وريل : بس بس ا مون کي پڇڻو ئي ايترو هو . چهبوڪ هوس ؟

سپاهي : چهبوڪ چا جو . هو مست فقير هو ۽ ائين نه سمجهو ته هو

هو خوني هو . جون ۽ لڇن لفنگن کي سهي ڪرڻ جا

اسين بہ استاد آهيون . نيٺ ته پوليس جا ماڻهو آهيون ۽ ڀ

(۱)

مقصد يت :

جاسوسي ناول هڪ طرف پڙهندڙ جي وقت کي سهڻي نموني ڀائڻ جو ذريعو آهن ۽ ٻئي طرف ريي پڙهندڙ جي عقل ۽ حرفت ۾ تحرڪ پيدا ڪن ٿا . هن ناول ۾ انهن ٻنهي خوبين ۽ فائدن کانسواءِ وڏي ۽ اهم ڪالهه اها بہ آهي ته منجهس سنڌي معاشري جي هڪ اهم مسئلي تي روشني وڏي وڃي آهي . هن جي پڙهڻ کان پوءِ هلوڪي سٽ ۾ سنڌ ۾ گهٽ ڪاڻ کاڻا خون پنيءَ کانسواءِ ونيءَ تي بہ ٿين ٿا . " ساران " اڃا " ولي محمد " سان سڪ ڏونہ ڪيو هو ، پر انهن جوازلي انگ اڪ ۽ لکجي چڪو هو . تقدير جي هن تحرير کي جڏهن ريٽيو ويو ته انهن ريٽيندڙن هٿن کي هميشه هميشه لاءِ ختم ڪيو ويو .

---

(۱) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي : " جاسوس ، " ڪهاڻي ساهتيه مندر ، حيدرآباد ، ۱۹۴۷ع ، ص ۲۸ .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 227

لطيفه

تعارف :-

مطالعي هيٺ آيل دور ۾ حيترن قلم ڏٺين تخليقي ادب ۾ ايترو توجه ڏنو، جيترو ٻنهن زماني ۾ ترجمي ۾ ڏنو هو • مختلف ادب ۾ مختلف ٻولين جي شاهپارن کي ترجمو ڪرڻ ٻنهن زماني جو رواج هو، پر انهي رواج کي گهڻن ريتي نٽين راهه ۾ اختيار ڪئي • ناولنويسي جي ميدان ۾ راهه پرتابراءِ پنجواڻي ۽ به انهي نٽين راهه جو راهي هو • هن صاحب" قيدي " " شرميلا " " پکي ۽ پدمڻي ۽ " لطيفه " ناول لکيا • انهي ناول اصلوڪا هٿا ۽ "پارت جيون ساهتيه منڊل" طرفان شايع ٿيا هٿا • سندس " لطيفه " ناول ۱۹۴۵ع ۾ پهريون دفعو شايع ٿيو هو • هن هيٺ انهي جو تفصيلي تنقيدي جائزو پيش ڪجي ٿو •

آڪاڻي :-

ناول جي آڪاڻي، سنڌ جي هڪ وڏيري جو سماجي جيون چرتر آهي • وڏيرو، سنڌ ۾ مڙهيل دائمي مصيبت مان هڪ آهي • هي انسان جي هاڻي لئي عذاب ۽ برابن جي پاڙ آهي •

آڪاڻي ۽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته درمحمد نالي هڪ وڏيري گهر ۾ نياڻو نينگر ساماڻو • ڪيس پنهنجي گندي ذهنيت ۽ اندي فطرت سنڌين راهه تان ٽپڪائي ڇڏيو • سندس پي ۽ اڳ مي ڇڪو هوان ڪري پنهنجي چاچي وٽ رهندو هو • چاچڻس جڏهن هن جي پرڀارن کان واقف ٿيو ته شادي ۾ پڌڻ جي خوشخبائيس

هن جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

هن جي شراب خراب ۾ ميل ملاکڻي ۽ پابندين پيون ۽ نئين راهه اختيار ڪيائين ا.
پنهنجي چاچي کي موسي ماچي ۽ ڪان مارائي ارڪي ٽرڪي جو مالڪ بڻجي ويو ۰
سندس چاچي کي ماريو موسي ماچي ، پر ٽاسي ويو محمد ابراهيم جهڙو
نيڪ نماڻي ۽ شريف ماڻهو ۰ هڪ ابراهيم جي قسمت اهڙي جو حالتون هن جي خلاف ٿي
ويئيون ، ويو وري چڙهيو سنڌ جي سکر ري ۽ پوليس جي ور ا. وڃاري کي ٻليون وڏا ٿين
ماڻهوڙيون ڏن سان ٻڌائين ۽ اوجاڳا ڏنائونس ۰ غريب ابراهيم کي خيال آيو ۽ هڪڙي نمڻي
نموني ذليل ٿي مرڻ کان جيڪڏهن ٽاسي ۽ جي ٽوڙهي ۽ هڪڏم ساهه وڃي ٿو ته
ڀلو ۰ ان ڪري ڏوڙ ٿي سندرا ٻڌي ٻيهي رهيو ۽ پنهنجو پاڻ کي خوني قرار ڏنائين
ڪيس ٽاهي ٿو نه آئي ، پر ڪاري پاڻي ۽ جي سزا ملي ۰

هن کان پوءِ ڏهاڙي کي ته موڙ ملن ٿا ۰ يعني هڪ ابراهيم جو گهر ،
۽ ٻيو وڏيرو در محمد ۰ ابراهيم ٻني ٻاري وارو ٻيو ڪيس هڪ اڪيلي لطيفه نالي ڏي ۽
هڪي جيڪا هن مڙل کي ڏيڻي ڪئي هئي ۰ جيل ۾ پوڻ وقت ابراهيم پنهنجي ٻاڪ کي
پارٽ ڪئي ٿو سنڌ سڏي ۽ لطيفه جي شادي مڙل سان ڪرائي ڇڏي ۽ ٻني ٻارو مڙل
جي نالي ڪري ۰ هن طرف رمضان جي گهر واري کي اڃي ٻيٽ ۾ سور ٻيو سو ڇيائين
ته ٻني ٻاري ٿي ڪٽي قبضو پاڻ ڪجي ۽ مڙل کي ويو لطيفه جي بدران پنهنجي
ڏي ۽ سان شادي ڪرائجي ۰ جڏهن انهي ۽ ڏانڻ ڏنو ته سنڌ سڙس رمضان ساڻس
ساڻ نه ٿو ڏئي ته اڪيلي سر منصوبا سڻڻ لڳي ۰ هڪ ڏينهن ڪوڙ جي ڪنير جي
ڏي ۽ ڇڄي وئي ، سو ڇڏي اڃي لطيفه کي ڇيائين ته ڪنير جي ڏي ۽ مڙل ڇڄائي
ويو ۰ لطيفه جا جڙ ٽڪڙا ٿي نڪري ويا ۰ هڪڙو مڙل ٿي ڏي ۽ سهارو هيس سو ٻه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سمجھیائین ٿ هٽن کان نڪري ويو ۽ دورو چڙهي ويس ۽ جڏهن رمضان گهر آيو ٿ سندس گهرواري کيس حڪيم طبيب نه ڏيکارڻ لاءِ هڪ سٽ سٽي ۽ چيائينس ٿ لطيف کي جن ٿيو آهي!. رمضان ان هوندي به نه مڙيو وڃي ٻي ستي وٽي آيو ۽ جڏهن ٽئين فرق ڏيو ٿ لطيف جي همٿ جواب ڏئي ڏيئي ۽ سوچيائين ٿ باقي جهان ۾ ڇا رکيو آهي ؟ ان ڏري رات جو گهر ڇڏي جندڻي عمان جند ڇڏائڻ لاءِ نڪري پئي ۽ پاڻ مارڻ ٿي هئي ٿ هڪ غريب مگر شريف انسان جي ور چڙهي وئي ۽ رب بچايس ٻر سهارو ان غريب جو ملیس ۽ انهيءَ غريب چوڌري لطيف اچي ملان صادق جي حوالي ڪئي. جنهن وري ڏيءُ ڏري پاڻ وٽ رکيس ۽ هاڻي لطيف پنهنجن کان رکي ٻه ٽي ڏوهه ٻڌي هڪ نئين زندگي گهارڻ لڳي ۽

هن طرف رمضان جي گهرواريءَ کي صبر نه آيو ۽ مٽل وٽ لنگهي وئي ۽ وڃي هڙڙيون سڄيون ڪالهيون هڏ ٻڌ ويٺس ۽ مگر مٽل هڪ به نه ٻڌس ۽ اتان موٽندي کيس چٽي ڏٺي ڪاڏو ڇڏي وئي ۽

هوڏانهن درمحمد کي پٽ جو اولاد ٿي ۽ سندس اڳ ئي غريب گهر ٻاري ڏياري هن ۽ وڏيرا وري شهر ٻاري ڏياري هن ۽ درمحمد پٽ جي خوشيءَ ۾ گهٽو ڪجهه ڏيو ۽ ترجي مشهور راڪشي به گهرائي ورتائين هن ٻاڻي جيان دولت کي وهايو فن جي داد کان وٽي حسن جي تحسين تائين سپ ليڪا لنگهي ويو ۽ درمحمد رات جو وڃي راڪشيءَ حوالي ٿيو ۽ ڪوٽ ٽوڙي ٻاڙو ٻنجو وري ڪڍي جي ور چڙهيو. ساري رات ۾ ڪڍي نه ڇڏيو هو گهريا گهاٽ ۽ فصل يا ٻني!. ڏي گهٽ ڏوڏ ڪي ڪي به نه ٽوڙي ڇڏيو ويو ۽ هارين نارين جون به به ويون ٿ جهڙ به ويون ۽ ٻيا فصل تباهه ٿي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

وين ۾ ڪائڻ لاءِ ڪو ڏاڙو نه بچين • ڏينهن جو جڏهن وڏيري منهن نه ڏٺن ته ويا واٽيئي وٽ • پاڻ ته قرض جا ڪوٽ چاڙهائي ان ڪٽا وٽي آيا • مثل مڃي ڏماڻي لائق هو ، هن کي جڏهن پنهنجي ڪوٽ واسين جي هڻي بي درد نموني خبر پئي ته ڪٽي ميڙ سڏايائين ۽ کين ٻڌايائين ته هن ڏکي وقت وڏيري کي ٿي بار ڪٽو آهي • چاپلوسن وڃي وڏيري کي چيو ڏني جهيڙو ٿيندي ٿي ويو •

درمحمد وري هڪ پراڻي چال چلڻ گهري • يعني مثل کي ميدان مان باهر ڪڍائڻ لاءِ وڃي موسي ماڃي ڏکي لالڃايو ويو • هڪ دفعي مثل ملان صادق جي ڪوٽ کان ٿي گذريو ته مٿس موسي ماڃي ڏخوني حملو ڪيو • مثل بچي ويو ، مگر کيس ڏڪ ٻاهوڪو لڳو • دانهن ۽ ڪوڪن ٿي ملان صادق ڏانهي اچي مثل جي ورٿي • موسو پڇي ويو ۽ ملان صادق بي هوش مثل کي گهلي گهر ڪٽي آيو • لطيف جڏهن ڏسو ته هي اهوئي مثل آهي ته اڪ ٻه ڀا نه پڪس ملان جي نياپي تي مثل جا ڪوٽائي ۽ خود رمضان ٻه اڃي ملان صادق وٽ سڏيا • ملان صادق کي لطيف اڳ ۾ گهٽو ٻڌائي ڇڏي هئي ، هن طرف وري مثل ۽ رمضان ٻه اڃي هڪ هنڌ گڏيا • ملان سڏو وڃڻ ڏسي رمضان کان اوڪر ڪيو ، ۽ چوڻ کيس ٻڌايائين ته اها لطيف هن جي گهر ۾ محفوظ آهي • ويڙيا ملي ويا ۽ ڏاڍي خوشي ٿين •

هن طرف درمحمد جڏهن ڏسو ته نشانو ٺيڪ ٺڪ هنڌ تي نه لڳو ته لوڏ لڃا کان مثل کان ڇڏي ويو • ان وقت مثل اڃان ملان صادق وٽ هو • اتي وڏيري درمحمد جي نظر وڃي لطيف تي پيئي • ڪوٽ موٽي آيو ٽڪ سٽائين ته لطيف کي زوري کڻي پاڻ وٽ قابو ڪيو ۽ مثل هڻڻو درد سهي نه سگهندو نه درد سهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سگھندو ۽ نہ پچي سگھندو ۔ وچي پنھنجي ھٿن سان پنھنجو مٿو ڦاڑيندو ۔ نيٺ ھوانھي ڪ منصوبي ۾ ڪامياب ٿيو ۔ لطيف ساڻي ئي موسي ماڃي ڪ جي مدد سان ھن وٽ پھچي وئي ۔ درمحمد وڏيرو ڪٿو ڪجھ ڏي چڪو ھو ۔ ھن ڏي ڪھڻ جا پلئہ پلئہ رھيل ھٿا ۔ ابراھيم جو پلاند ، مٽل جو پلاند ، لطيف جو پلاند ۽ سچي راڄ جو پلاند ! اتفاق سان ھن ھڪ ڪاريھر ۾ ماريو ھو ۔ جڏ انھي ڪ ڪاريھر جو ۾ پلئہ پلاند رھيل ھيس، ٻيو ڪوئي ڪونہ پڪس ، رکو ڪاريھر پنھنجو ھڏيڪاريو ۔ ھين انھي ڪ وقت جڏھن لطيف ۽ وڏيرو اڪيلا ھڪ ڪوٹي ۾ عزت ۽ وھشت جي جيت لاءِ پاڻ ۾ ڪتوڻي رھيا ھٿا ۽ اوچتي ڪاريھر اچي درمحمد کي ڇڪ ھنيو ۔ درمحمد مرڻ کان اڳ ۾ نانگ جي زھر سان گڏ پنھنجو زھر ۾ اوکا ڇيو ويو ، ھڪ ھڪ ڏي برائي باسيائين ۔

درمحمد جي موت ڏي ھڪ طرف لطيف وچي مٽل سان ملي ۽ ٻئي طرف ابراھيم جا ۾ جلدي بند خلاص ٿيا ۔

ناول جي ڪھاڻي ھيٺ سنڌي آھي ۔ سنڌ جي ڪاشي ۽ وڏيرو جيڪو ۾ ڪردار جو پارٽ ادا ڪري رھيو آھي ، تنھن کي فاضل ناولنويسن حسن خوبي ڪ سان نياپو آھي ۔ ناولنويس واقعن ۽ حالتن جي چونڊ پنھنجي نج سنڌي ڪاشي مان ڪئي آھي ۔ آکاڻي ۾ تسلسل آخر تائين برقرار رھي ٿو ۔ آکاڻي آخر تائين دلچسپ انداز ۾ وڌندي رھي ٿي ۔ ناول جي ڪھاڻي جو ڪلائيميڪس جيتوڻيڪ ھٽرادو ۽ ڇڙتو نظر اچي ٿو ان ھوندي ۾ ناولنگار انھي ڪ ڇڙتو ڪلائيميڪس سان ۾ ڀرپور انصاف ڪيو آھي ۔

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪردار نگاري :-

هون ٿو هي ناول سنڌ جي پوري هاشري جي جيري جاڪندي ڏاڍي آهي ۽ ان ۾ ٽنهن ڪري اڪثين ڪردارن جو ذڪر ازخود اچي وڃي ٿو • مگر هن ناول جي مکيه ڪردارن ۾ وڏيرو درمحمد ، محمد ابراهيم ، ملان صادق، موسو ماچي لطيفه ۽ مٽل ، رمضان ۽ سندس گهرواري ڏڪجا نالا قابل ذڪر آهن • حقيقت ۾ اهي ڪردار ئي گهٽ اسان جي پوري هاشري جي عڪاسي ڪن ٿا • فاضل ناولنويس ڪنهن به ڪردار جي پاس خاطري نه ڪئي آهي ۽ نه ئي ڪنهن نظريه يا ساڙ وڃان ڪنهن ڪردار کي ذليل وخوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي • هر هڪ ڪردار پنهنجي فطرت جي مڪمل عڪاسي ڪري ٿو •

سنڌ جي عورت اڪثر ڪري ان پڙهي ڪٿي ٿي • اڄڪري سياڻي هڻڻ باوجود به ڪن هنڌن تي عقل جي دشمن هڻڻ جو ثبوت ڏئي ٿي • هن ناول ۾ لطيفه به هڪ اهڙو ڪردار آهي • هوءَ پنهنجي ڏاڍي ڏاڍي ڪوڙين ڪالهين تي ڪنڌ ٻڌي بيهي رهي • ساڳي نموني عورت کي جڏهن پنهنجو اولاد هجي ۽ ان سان گڏ وري نڏڪو ويي آسود و پائڻيو يا پائڻي هجي ته اڪثر ڪري اها عورت رمضان جي گهر واري جهڙي چالاڪ ، حريف ۽ مڪار ڪٿي ٿي ٿي • ساڳي نموني جتي وڏيرا هجن ته اتي موسي جهڙن ماڻهن جو هڻڻ به اوس ئي آهي • ناول جي اهم ڪردارن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو :

(۱) لطيفه :-

لطيفه هڪ عورت جو ڪردار آهي • عورت سنڌي هاشري جي مکيه مگر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مظلوم ڪردار جي حيثيت رکي ٿي • ناولنويس ماڻهوءَ جي انهيءَ اهم ڪردار کي پنهنجي ناول ۾ مرڪزي حيثيت ڏني آهي • ناول جو مطالعو ڪري ڏسبو ته لطيف کي جڏ ظاهري طرح آڪاڻي ۾ڪا به خاص اهميت حاصل ناهي • ظاهري طور ظلم ۽ تشدد ٿئي ٿو ته پڻ ئي مگر حقيقت ۾ اها لطيف ئي آهي جنهن تي وڏيري درمحمد جي ظلم جو سڌيءَ طرح ٿوڙي اڻ سڌيءَ طرح اثر پوي ٿو • اها لطيف ئي آهي جنهن کي پراوا ته چا ، پر پنهنجا به نه ٿا سهن • خود سندس چاچي به هن جي دشمن ٿي بيهي ٿي •

ڏاڻي ۽ سڌايو ويو آهي ته محمد ابراهيم جي جبل وڃڻ کان پوءِ لطيف جي ڏکن ڏاکڻ جا ڏينهن شروع ٿين ٿا • هن کي پيءَ جي جدائي کان وڌيڪ چاچيءَ جي حرفتن ۽ اٽڪل بازين تنگ ڪري ڇڏيو • جڏهن کيس سڌايو ويو ته سندس منڪيندو مٽل ڪنير جي ڏيءَ ڀڃائي ويو ته هن جي صبر جي طاقت ٽٽي پئي • هن آپا گهات ڪري جو فيصلو ڪيو ، مگر قدرت کي اڃين منظور نه هو • حادثي طور ٿي هوءَ ملان صادق جي گهر ۾ رهڻ لڳي ، جتي هيڪر ٻه مهينا به مس گذريا ته سندس غلط فهميون ختم ٿي ويون • ان وقت سندس هڪ حريف ، يعني چاچي جس جوانٽ اچي چڪو هو • ملان صادق وٽ ئي هئي جو وڏيري درمحمد جي مٿس نظر پئي جيستائين وڏيري درمحمد جون نظرون کيس ڪائن ٿي ڪائن ، ان ڪان اڳ وڏيري کي ڪاري ءَ ڪائي وڌو •

لطيف جي ڪردار جو مطالعو ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هوءَ پنهنجي ڪردار ، گفتگو ۽ اٽڪي ويهڻ ۾ بلڪل فطري نظر اچي ٿي • هن ڪوبه اهڙو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 234

اهڙوهه نه هيو هو جنهن کي مافوق الفطرت عمل چئجي • هوءَ ڪوشائي ۽ ان پڙهي چوڪري هئي • ان ڪري سنڌ س چاچهنس ڪيس جلدئي ۽ غلطفهمي ءَ جو شڪار بڻائي ويندي هئي • فاضل ناولنويس هن ڪردار سان پورپور انصاف ڪيو آهي •

(۱) مسئلو :-

مسئلو هن ناول جو هيرو آهي • لطيفه جيان هن کي ناول جي ڪهاڻي ۾ اهميت ضرور حاصل آهي ، مگر هو پوري ءَ طرح سڄي ڪهاڻي ءَ ۾ چانٽيل نه ٿو رهي •

ناول جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هو لطيفه جو مڙيندو هو • قدرت کيس نه رکو سڄي ءَ مانيءَ لائق بڻايو هو ، مگر کيس زندهه دل ۽ غريبن جو هڏ ڏوکي ۾ بڻايو هو • لطيفه جڏهن غلطفهميءَ جو شڪار ٿي گهر ڇڏي ٿو مسئلو کيس ڪڏهن به وساري نه ويندو • ٻن مهينن گذرڻ بعد جڏهن لطيفه جي چاچي ءَ اچي سنڌ س ڪن پريا ٿو هن پيرڪوڙن ٿي هوڻ ڏنس •

جڏهن هڪ طرف ڪڻي ۽ ڪوڻان ، ۽ ٻئي طرف وڏيري ۽ واڻي غريبن ڪوڻائن جورت چوسڻ شروع ڪيو ٿو مسئلو جو من اڏما ڪائي اٿيو • ماڻهن کي موڪي ظلم ۽ استحصال خلاف گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو • هن وڏيري ۽ واڻي خلاف ڀا بغاوت ڀا نه ڪرائي ، مگر سنڌ س اها خوشي جنهن کارنامي کان گهٽ ڀا نه هئي ، هن لاءِ ڪيس ڪري قيمت ڏيڻي پئي • جيڪڏهن اڄان ڏاڙو پاڻي لڪيل نه هجيس ها ته هوند ڪهڙو اڄي موسي ماڇي ءَ جي ڪهاڻين جو ٻل ٿي وڃي ها • جڏهن ڪهاڻين جي منهن مان ٻڌجي ويو ته وري سنڌ س جيون ساٿي کي نشانو بڻايو ويو •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 235

مثل جو ڪردار هڪ آدرشي ڪردار آهي • هن جي دل ۾ پنهنجي دلبر لاءِ وفا سان گڏ غريب ۽ مظلوم عوام لاءِ پيار ۽ پريت به آهي • هو هڪ عملي ۽ نظرياتي عاشق آهي • اهڙا ڪردار هر انهي ۽ هاشي ۽ جنم وٺندا رهندا آهن ، جتي وڏيري جو وجود باقي هوندو آهي • فاضل ناولنويس هن ڪردار سان فن ۽ فڪر جي نقطه نگاهه کان ۾ پورو انصاف ڪيو آهي •

(۳) وڏيرو درمحمد :-

هي پاڻ ڏهن ورهين جو هو ته سندس پي ۽ وفات ڪئي ، اڌري پنهن جي چاچي وٽ رهڻ لڳو • وڏيرڪو پيار هوائنجي دنيا جي هر برائي کيس ورثي ۾ ملي هئي • سندس چاچو هاشي جي عام برائين کان بچيل هو • هن پنهنجي انڌ جي ابتدا شراب ، جوا ، گهر ، ويڙهه ۽ چ سان ڪئي • چاچڻس کي خبر پئي ته هن کيس جلدي پرڻائي ڇڏيو ، جڏهن هن جي انڌ جي ڪهوڙي کي لڳام ڏني ويو ته پاڻ نسورو ظالم ٻڪجي بيهي رهيو • لڪ چپ ۾ چاچي جوانت آڻائي چڏيائين • هن پنهنجي حرڪت ، ٽهڪي ۽ بي ايماني ۽ سان هڪ بي قصور شريف انسان درمحمد (ابراهيم) جي پنهنجي چاچي جي قتل ۾ (هن ڏوهه) ڪاري پائي جي سزا ڏياري چڏي •

وڏيرو درمحمد نه رڳو بد ڪردار هو ، مگر حد درجي جو ظالم به هو • جڏهن هن جي هارين جو فصل ڪٽي ۾ مينهن جو پل ٽي ويو ته هن انهن جي ڪا به مدد ڪانه ڪئي • ويتر اهي جڏهن مٽل جي اڪواٽي ۽ هن وٽ مٽي آيا ته هن ڪٽن جي ڪچي وڏيري حد کان وڌيڪ بد تهذيبي ۽ جو ثبوت ڏنو • سندس هنيان تڏهن به هين ٿيو ، هن سڀ سٽي مٽل کي ماڻ ڪهيو • مگر قدرت کي اڻين منظور نه هو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ان کان پوءِ هن وري لطيفہ کي نشانو بڻايو. مگر ان کان اڳ ڪيس کاڀ ڪائي وڃو ۔

فاضل نويس ، هڪ وڏيري جي ڪردار نگاري ڪرڻ سان انصاف ڪيو آهي ۔ هن نڍن کان وٺي چوٿين ڏهائين هڪ وڏيري جي مڪمل ۽ پوري پني تصوير چٽي آهي ۔ غريب ۽ مظلوم هاڻرن ۽ وڏيرن جو جڙ ۽ بڻ مصيبت ۽ منحوسي ڏکان ڪهڻ ڪونهي ۔ هو جڙ کان وٺي مرڻ تائين هاڻي لاءِ آزار ۽ عذاب ثابت ٿئي ٿو ۔ نياڻيءَ وڏيرو جڏهن ٿي اوڙو پاڙو سڏي تڏهن هن جا وڏا ڏياري ڏن! . مري ٿي به غريبن لاءِ مصيبت ۔ وڏيرو هاڻي جو اهو بدترين وجود آهي ، جنهن جي ڪاري سماج کي عجيب ۽ انيڪ ناسور ٿيو پون ٿا ۔ هن ناول ۾ ناولنگار ترجيحي به وڏيري سان بي رحمي ڪانه ڪئي آهي ، مگر جيئن ڪو ٻئين ڪري جڙ هڪ وڏيري جي جنم پٽي لڳي آهي ۔

پهرلي :-

ناول نج ۽ اصلوڪو آهي ۔ ناولنويس نه رڳو سنڌي آهي ، مگر سنڌي پولي ڏجو استاد هو ۔ ان ڪري ناول جي پولي سولي ، سلوڻي ۽ پياري نظر اچي ٿي ۔ ناول ۾ نه رڳو پلاٽ يا ڪهاڻي ئي توجهه ڏنو ويو آهي ، مگر ان سان گڏ پولي ڏي به ڇڪتو خاص ڏيان ڏنو ويو آهي ۔ عبارت ڪي حسين ۽ دلڪش بڻائڻ لاءِ فاضل ليکڪ اصطلاحن ، پهاڻن ۽ چوٽين جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي ۔ انهن استعمال ٿيل اصطلاحن ۽ پهاڻن جو مختصر وچور هن هيٺ ڏجي ٿو ۔

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 237

(الف) اصطلاح :-

ڏند هرٽن ، ڪلي ڪيرو ٿين ، ٻيڙا پار ٿين ، اترڏين ، هٽ هٽن ، وايون ٻڌال ٿين ، ٽاڪ لڳي وڃن وغيره

(ب) پرڀاشا :-

ٻه ٻه وين ٿ ڇهه ٻه وين ، ڇڙيءَ کي ساس جي ڪاساڻي ءَ کي ماس جي ، جهڙي نيت ٽهڙي مراد ، هرڪا ڇڙي پنهنجي ٿاهي ٽنگجي ، نانگ ٻه مي لٽ ٻه ٻچي وغيره .

ٻولي ۽ اسلوب جو مثال هن هيٺ ڏجي ٿو :

" ٽنبورجون تارون جيڪڏهن يڪ رين هوندين آهن ته آواز خوب نڪرندو آهي ، پرحد کان ٻاهر تاڪيون آهن ته ٽٽي پونديون آهن ، تنهن ڪري جيڪڏهن خوڇاهي ته ساز مان سريلو آواز ڪڍڻ ۽ تارن کي پوري ميزان سان حد اندر ٽاڻي ، لڳاڻ اصل ۾ ڪنهن ڪي ڪڍڻ ۽ ڪنهن کي ڪسڻ ۾ سار کي وٽي ڪشندو يا ته پنهنجي لڳاڻ ۾ ٽاسي ٽاپو ڪائيندو ۽ جيڪڏهن تمام تيز ءَ سان ڪيس روڪيو ته ڪل چير جي پوندس(۱) .

مثال :-

ناول جي هن جزي جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته فاضل

---

(۱) رام پنجواڻي : " لطيفي " پارٽ جيون ساهتيه منڊل ، حيدرآباد ، ۱۹۴۵ع ص ۱۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 238

لیکڻ هن ڪتي جڙي سان پرپور انصاف ڪيو آهي ۰ ناول جو گفتگو هردارن جي شخصيت ، وقت ۽ حالتن مطابق آهي ۰ اهو نه صرف سليس ۽ عام فهم آهي ، مگر مختصر ۽ جامع به آهي ۰ هڪ به مثال هن هيٺ ڏجن ٿا :

(۱) مطالعي هيٺ آيل دور ۾ هندو ، سنڌ جي هاشري جو اهميت لازمي جز هو ۰ دولت مند هندو ۽ طاقتور وڏيرو سنڌ جي طبقاتي چڪتاڻ واري تاريخ جي هڪ ڪردار جا به نالا آهن. هِي ناول به اهڙي ڏٺي هاشري جي پيداوار آهي ۰ فاضل نول نويس هندو ڪردارواتان جيڪي مڪالمه چورايا آهن ،تن ۾ هندي مذهب ۽ ثقافت جو اثر نمايان طور تي نظر اچي ٿو ۰ جيئن هڪ موقعي ۾ ڪوڙ جو مکي هوندو ول چوي ٿو : " هن ميڙ ۾ هندن جي پاران مان وڏيري صاحب جي فراخدلي جي ڏنيواد ڏيندي ، اها ويٺي ٿو ڏيان ته وڻ واپار ڏي اسان جو ڏن ڏيڻو آهي سو وڏيري صاحب جي ملڪ آهي ۰۰۰ خانبهادر صاحب کي ايشور سڀ ڪي ڏنو آهي" (۱) ۰

(۲) وڏيري جي ساڻ ملڻ کي قبل هراڻ جي جوش ڏني ، مگر هو ان ۾ ڪامياب نه ٿيو ۰ لوڏ لچا کان ۾ پاڻ بچائڻ لاءِ هو مثل ڪان خيرآئيت

---

(۱) رام پنجواڻي : " لطيفه ، " پارٽ جيون ساهتيه منڊل ، حيدرآباد سال ۱۹۴۵ع ص ۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 239

پڇڻ ڏيو • مثل لاءِ هي وقت هو، ته وڏيري کي چوٽيون ٻڌائي ڇڏي هن طرف وڏيري لاءِ به اهو موقعو هو ته هڪ طرف هو پنهنجي صفائي به پيش ڪري ڇڏي طرف فطري طور تي پنهنجا وکا ٻڌرا ڪري • اهڙي موقعي ۾ محل تي هن ريت جي گفتگو ٿي سگهي ٿو •

درمحمد : پوليس ۾ فرياد ڪيو اٿيئي ؟

مثل : دنيا جي مالڪ ۽ منهنجي فرياد ڇوڙ کانسواءِ رسي وئي آهي •

درمحمد : حملي هندڙ کي تو سڃاتو ؟

مثل : جنهن حملو ڪيو هو تنهن کي ته ڏڪ هئي، پر ان کي سورش ڏيندڙ ماڻهوءَ جي شڪل ته ضرور سڃاڻي سگهيس • انهيءَ ڪري ڇڏيءَ ڏيڻ سڃاڻان •

درمحمد : ڪون ايڏان ٿيڪ نه ٿو ڏسجين (۱) •

فطرت نگاري :-

Gul Hayat Institute

جيڪڏهن اڄ ڪل ڇپجي ته هن ناول ۾ فطرت نگاريءَ جو جزو اڄ ڪلهوڙ برابر آهي ته خوبيءَ وڌاءُ ڏونهن ٿيندو • فاضل ناول نويس مڙئي هن فني جزي تي ايترو توجه ڏونه ڏنو آهي • ناول نويس هڪ ڏاڍ هنڌ جا منظر ڪشي ڪئي آهي، ان جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو :

---

(۱) رام پنجواڻي : " لطيفه " پارٽ جيون ساهتيه منڊل، حيدرآباد، ۱۹۴۵ع ص ۱۶۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 240

"وڏيرن وٽ ته هميشه هجوريون آهن ۽ خاص ڪري وڏي جي درمحمد جهڙو شوقين وڏيرو هجي ته مزائي مزا آهن • وڏيري غلام محمد جي وفات کان پوءِ درمحمد کي نڪا هئي جهل نڪا هئي پل • مالڪ مختيار هو ••• شراب جو واهپو اڳي کان زيادهه ٿيو هو، ناچ گاني جي ڏوهه لڳي پيئي هوندي هئي • درمحمد پٽي جي سلوار ۽ چمني جو پهراڻ پائي، طول وهائي کي ٽيڪ ڏيئي ڪٽ تي ويٺو هو • پرسان چاندي جو وٽو دارون سان ڀريو رکيو هوس جو سرڪي سرهي ڪري ويٺي پيتائين ۽ چرچا ڪيا پڏائين (۱)•

مقصديت :-

ناول ۾ پرپور مقصديت نظر اچي ٿي • فاضل ناول نويس هڪ طرف دولت مند هندو ۽ ٻئي طرف طاقت ور وڏيري جي گندي ذهنيت ۽ استحصالي فطرت جو پڙدو چاڪ ڪيو آهي • هن اسان کي پڏايو آهي ته هڪڙي نموني هندو دولت مند ، هندو ٿوڙي مسلمان غريب کي قرضن ۾ ڦاروڻ ۾ ڪيئن ٿوري ٻئي طرف وري ظلم و تشدد سان کين نپوڙي ساڻو ڪري ڇڏي ٿو • ناول جي وڏي کان وڏي ۽ اهم خوبي اها خوبي اها آهي ته عرس ۽ مسئل جا ڪردار اسان پڙهندڙن ۾ ترقي پسند سوچ جا پرتلڪ ، ڏاڍ ۽ ڏمر جو مقابلو ڪندڙ جوصورت ۾ اثر وجهن ٿا • هنن جي همت ۽ جرئت ڏسي پڙهندڙ فخر جي گهاٽي مان جنڊ ڇڏائي عمل جي ميدان ۾ ٽپي پون جو عزم ڪري ٿو •

---

(۱) رام پنجواڻي : " لطيفه ، " پارٽ جيون ساهتيه منڊل ، حيدرآباد ۱۹۴۵ع ص ۱۱۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 241

باب تیون

(الف) ناٹک منڈلیون :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 242

حراڇي ۽ جون ناٽڪ منڊليون ، سوسائٽيون ۽ ڪلبون ۽

پس منظر :-

انهي ۽ ۾ جو شڪ هونهي ته ناٽڪ مشرق جو ورثو آهي ، ۽ مشرق وارن ئي ناٽڪ نويسي يا ناٽڪ ڪاري ۽ جي فن کي عروج ڏي رسايو ۽ ليڪن جڏهن کان وٺي مشرق ، مغرب جو غلام ٿيڻ ڇڏيو ، تڏهن سماجي ، سياسي ۽ مذهبي ورثن سان گڏ ناٽڪ جو فن به مشرق وارن کان موڪلائڻ لڳو ۽ خاص ڪري هندستان ۾ جڏهن ڏارين پير پاتا ته هندواسين کي هزارين ورثن سان هٿ ڏوڪڻا پيا ۽

برصغير پاڪ - هند ۾ ڪهڙو وقت اڳ هندن طرفان " رام ليلائون " ملهايون ويندڙون هيون ، ۽ اهڙن موقعن ڏي هندو پنهنجي مذهبي ۽ تاريخي ڪردارن کي پنهنجي اداڪاري ۽ سان اجاگر ڪندا هئا ۽ انگريزن جي اچڻ بعد به ڪيترن هنڌن ڏي رام ليلائن جو سلسلو جاري رهيو ، پر جيئن ئي ڏينهن زماني ۾ ناٽڪ نويسي ڏوڏي ناٽڪ ڪاري ۽ جو فن ترقي ڪري چڪو هو ، ان ڪري رام ليلائن کي جديد ناٽڪ جو درجو ڏئي نه ٿو سگهجي ۽

رام ليلائن سان گڏ سنڌ ۾ " سانگ " به وڏا ويندا هئا ۽ " سانگ " سنڌ جو " ڊراما " آهي ، جنهن جي شروعات آڪاشي وقت کان ٿي ۽ مڪڪار ، پيٽ ، شيدي ۽ ٻيا خاص حرفتي ۽ هنرمند گروهه شادين ۽ محفلن جي موقعن ڏي سانگ وجهندا هئا ، جنهن ۾ مختلف ڪردارن جا روپ اختيار ڪري ، واقعي يا سماجي منظر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 243

جي جيڙي جاڪندي تصوير پيش‌ڪندا هئا • هنرمند عورتون ڏيي عورتن جي مجلس ۾ سانگ وڃهندڙيون هيون • اڄا تائين ڪن جاين تي اهي سانگ رڃايا وڃن ٿا (۱)

" سانگ " نج سنڌي ڊرامو آهي، انهيءَ جي ڪيس " جديد ڊرامو " چئي نه ٿو سگهجي •

" سانگ " يا " راملليلائون " کڻي جديد ڊرامي جي فني تقاضائن جو پورائو نه ٻه ڪن ، پر ان هوندي ٻه اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته " ڊرامو " سنڌ لاءِ ڪا نئين ۽ اڻ ڏٺي چيز نه هئي ، پرهن جون پاڙون اسان جي ماضي ۾ سندس تهذيب و تمدن جي پاتال ۾ ڪٽل هيون •

فرنگين جون هوشڪون :-

انگريزن سنڌ ۾ ٻه پنهنجي ناٽڪ ڪاريءَ جي ذوق ۽ شوق کي ٻه برقرار رکيو • ڪراچيءَ ۾ انگريزن جون اڪيچون تنظيمون هوندڙيون هيون ، جن طرفان وقت ٻه وقت انگريزيءَ ۾ ناٽڪ جي ڏيکاريا ويندا هئا • اهڙين تنظيمن مان هي هي هيون :

(الف) " دي ڪراچي فرينڊ ـ ان ـ نيڊ سوسائٽي " (۲)

---

(۱) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ : " مناظرا " سنڌي ادبي بورڊ ، ۱۹۶۱ع ص ۱۶

(۲) سنڌ گزيٽ : ۱۳ ـ ۱۲ ، ۱۸۸۴ع ص ۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 244

(ب) " پيني ريڊنگس اينڈ ڊراماٽڪ سوسائٽي ، " (۱)

(پ) " ڊراما ٽڪ ڪلب آف گولسٽر ريجينٽ " (۲)

(پ) " دي ڪراچي اميچوئر ڊراماٽڪ ڪلب ، " (۳)

(ٽ) "فرسٽ بٽالين بيلو - آر - ڊراماٽڪ ڪلب ، " (۴)

(ٽ) " ايس - بيلو - بارڊرس ريجينٽل اميچوئر ڊراماٽڪ ڪلب ، " (۵)

ازنسواءِ وقت سڀ وقت ڪراچيءَ ڪان ٻاهر جون ڊراما ڪمپنيون سڀ ڪراچيءَ ۾ اچي ناٽڪ ڪري ڏيکارينديون هيون ۽ اوائلي دور جي انهن ڊراما ڪمپنين ۾ ڪي ڪمپنيون اهڙيون هونديون هيون ، جيڪي محض انگريزيءَ ۾ ٻولينديون ڊراما ڪري ڏيکارينديون هيون جيئن :

(الف) " روزا ٿاورز ڪامڊي ڪمپني " (۶)

(ب) " پارسي اوپيجنل اوپيرا ڪمپني " (۷)

---

(۱) See, Sind Gazette, Karachi, dt. 11.6.1884, P.6

(۲) Ibid, dt. 5.6.1884, P.6

(۳) Ibid, dt. 9.1.1912, P.5

(۴) Ibid, dt. 15.12.1885, P.6

(۵) Ibid, dt. 26.3.1907, P.6

(۶) Ibid, dt. 27.1.1885, P.6

(۷) Ibid, dt. 1.12.1885, P.6.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 245

(ب) " دي اسٽينڈرڊ ڪمپني " (۱)

(پ) " دي آسٽريلين انٽر ٽيڊرز " (۲)

(ٽ) " واروڊ ميجرز ڪامڊي ڪمپني " (۳)

ٻيون اڻڙيون نائڪ ڪمپنيون به هونديون هيون ، جيڪي سنڌي ڪانسواءِ ٻين مشرقي ٻولين ۾ به ڊراما جي ڊيڪارينديون هيون • اڻڙين ڪمپنين مان ڪيترن ڪمپنين جو ذڪر ڪرڻ دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو •

(الف) " دي شنڪر وڪٽوريا هنڊ ٽيٽيڪل ڪمپني "

هي ءَ نائڪ ڪمپني پهرين دفعو ۱۹۰۲ع ۾ ڪراچيءَ ۾ آئي • ڏنجي شاهه هن ڪمپنيءَ جو مقامي مئنيجنگ ايجنٽ هوندو هو • ڪمپني ٻيو دفعو ۱۹۰۹ع ۾ ڪراچيءَ ۾ آئي • هن نائڪ ڪمپنيءَ جيڪي ڪراچيءَ ۾ ڊراما جي ڊيڪاريا تن ۾ " ميران ٻڌائي ، " " نرسي مهتا ، " " سڪيل ٻالا ، " ۽ " تخت سنگهه " قابل ذڪر آهن • ڪمپنيءَ جا ڊراما اڪثر ڪري مذهبي نوعيت جا هوندا هئا ، ۽ ڪراچيءَ جا هندو ۽ ٻيا مسلمان اهي ڊرامي دلچسپيءَ سان ڏسندا هئا (۴)

---

(1) See, "Sind Gazettee", Karachi, dt: 30.1.1897, P.6

(2) Ibid, dt: 9.4.1907, P.4

(3) Ibid, dt: 20.7.1910, P.5

(4) Ibid, dt: 18.10.1909, P.5

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(ب) "دي پارسي الفريڊ ٿيٽريڪل ڪمپني"

هن ڪمپنيءَ جو مالڪ بمبئي جو رهاڪو پي ـ ڪٽائو هوندو هو ۽ هن ڪمپنيءَ ڪراچي ۾ ڪيترائي ڊراما ڪيا ۽ رکو ۱۹۱۰ع ۾ هن ڪمپنيءَ جيڪي ڊراما ڏيکاريا، تن جو وچور هن ريت ڏئي ٿو:

ڊرامو	ڪهڙي تاريخ ۽ ڪيو ڏيکاريو
"طلاق الدين"	۱۴ ـ ۷ ـ ۱۹۱۰ع (۱)
"انتقام"	۲۴ ـ ۷ ـ ۱۹۱۰ع (۲)
"اسير حرص"	۲۳ ـ ۷ ـ ۱۹۱۰ع (۳)
"خون ناحق"	۲۴ ـ ۷ ـ ۱۹۱۰ع (۴)
"شهيد ناز"	۳۱ ـ ۷ ـ ۱۹۱۰ع (۵)

هن ڪمپنيءَ ڪي پنهنجو وقتي معاوضي ڏيئر ۾ هوندو هو ۽ هڪ ڊرامي جي ٽڪيٽ ڇٽن آنن کان وٺي پنجن روپين تائين هوندي هئي ۽ هن ناٽڪ ڪمپنيءَ ۱۹۲۵ع تائين ڪراچي جا خوب چڪر لڳايا.

---

(۱) See, "Sind Gazette, Karachi, dt. 11.7.1910, P.5
(۲) Ibid, dt: 13.7.1910, P.5
(۳) Ibid, dt: 13.7.1910, P.5
(۴) Ibid, dt: 22.7.1910, P.5
(۵) Ibid, dt: 27.7.1910, P.5

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 247

اهڙيءَ طرح ڪراچي ۾ ڏيهي ماڻهن ۽ ٻه ناٽڪ منڊلين ، سوسائٽين ۽ ڪلبن ناٽڪ جو شوق پيدا ٿيو ، جنهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو :

مقامي ڪوششون :-

ڪراچي واسي انگريزي ناٽڪ منڊلين جي نموني تي پنهنجيون منڊليون ، ڪلبون ، ڪمپنيون ۽ سائسٽيون ٺاهڻ ۾ لڳي ويا . اهڙين ڪوششن کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري هرهڪ جو تاريخوار احوال ڏجي ٿو :

(الف) " مشرقي پوليس (سنڌ ۾ڪ ڪانسواءِ) جون ناٽڪ منڊليون ، "

ڪراچيءَ ۾ انگريزي راڄ جي ابتدا کان وٺي مختلف قومون اچي آباد ٿيون ، جن جي تهذيب ۽ تمدن مقامي تهذيب کان بلڪل الڳ نرالي هئي . انهن قومن جون ريتون رسمون ، اٿڻ ويهڻ ۽ زبان سنڌين کان نرالي هئي . ڪراچي جي گجراتي ، مرهٽي ، مارواڙي ۽ اردو ڪالهائيندڙ ڪيترين ئي ناٽڪ منڊليون ٺاهيون جن مان هي قابل ذڪر آهن :

" دڪني ميوزڪ ڪلب " (۱)

" سندر ولاس ٿيٽريڪل ڪمپني " (۲)

" مراٺا امچوئر ڊراماٽڪ ڪلب " (۳)

" جمعدار جي ڪمپني "

---

(1) See, Sind Gazette, Karachi, dt: 11.10.1910, P.5 (۳)
(۲) Ibid, dt: 4.8.1910, P.5
(۳) Ibid, dt: 12.12.1919, P.5.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 248

" رازل جي ڪمپني " (۱)

" جميلہ جي ڪمپني "

" وديا ونود ناٽڪ سماج "

(ب) " سنڌي ناٽڪ منڊليون ، سوسائٽيون ۽ ڪلبون :

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ انگريزي راڄ جي شروع ۾ ڪيترين ئي قومون لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيون هيون ، پران هوندي بہ ڪراچي سنڌين جي نگري هئي ، ناٽڪ ڪاري ٿوڙي ناٽڪ نويسيءَ جي دنيا ۾ سندن پوئتي رهڻ جو ٿو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو . پر اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ٿي تہ نہ صرف ڪراچي ۾ پر پوريءَ سنڌ ۾ پهرين ڊراماٽڪ سوسائٽي جو بنياد بہ هن قوم جي فردن وڏو ، جن جو ذڪر اڳتي هلي ڪيو ويندو . مطالعي هيٺ آيل دور ۾ ڪجهہ سنڌي ناٽڪ منڊليون ، سوسائٽيون ۽ ڪلبون وجود ۾ آيون ، جن مان مکيہ سوسائٽيون ۽ ڪلبن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو :

(۱) " ڊيارامجيٽمل سنڌ ڪالج ايسوسئيشن ڊراماٽڪ ڪلب "

سنڌ جي هيءَ پهرين ناٽڪ منڊلي ، ڪراچيءَ واري ڊي-جي ڪالج

---

(۱) پير حسام الدين شاهہ راشدي : " ماڻهو پنا راڄيل ، " پاڪستان پبليڪيشن ،

ص ۱۳۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 249

جي انگريزي پرنسپال ڊاڪٽر جڪسن ۽ پارسي وائيس پرنسپال پادشا جي اُدم ۾ جفاڪشيءَ سان ۱۸۹۴ع ۾ ٻرپا ٿي. جنهنجو نالو "ڊيارام جيٺمل سنڌ ڪالج ايجوئر ڊراماٽڪ ڪلب" رکيائون، ۽ ساڳي سال ميڪارام هاسٽل جي اڏاوت به شروع ٿي، جنهن لاءِ فنڊ ڪٺو ڪرڻ سانگي ٻي ناٽڪ منڊلي ٺاهي هٿائون. هيءَ منڊلي ٻيا ويهه سال ناٽڪ جي موڪلن ۾، حيدرآباد ۾ مسلسل ٻي راتيون ڊراما ڪري ڏيکاريندي هئي، جن مان ٻه راتيون ڪو نئون نڪورو ناٽڪ اسٽيج ڪري ڏيکاريندي هئي، ۽ وڃڻين رات، اڳئين سال وارو ناٽڪ ٻيهر ڪري ڏيکاريندي هئي. "هن منڊليءَ عام جنتا ۾ سنڊي ناٽڪ لاءِ جاڪرتا ۽ چاهنا پيدا ڪئي، ماڻهن کي انتظار هوندو هو ته ناٽڪ جي موسم اچي ته نئون ناٽڪ ڏسجي. انهيءَ زماني ۾، اڄ وانگر منٽون مي‌ڻون ڪري ٽڪيٽون هو نه ٻڌائيبون (Reserved) هيون، ماڻهن جا ٽڪٽ، از خود ٽڪيٽن واپيءَ ڏيڻ کان کي ڪلاڪ اڳ اچي ڪاهڻ ٿيندا هئا، ۽ سون جي تعداد ۾ ماڻهن کي نراس ٿي موٽي وڃڻو پوندو هو، جو ته "پادشا هال" نالي شاهي ماڻڊي ۾ ترچڻ جيتري جاءِ خالي هوندي هئي.

هن منڊليءَ جو پهريون هدايتڪار ڪنولسنگ ملڪاڻي ۽ پهريون ڪيو ناٽڪ نويس ليلارام وٽسل هئا، ۽ منڊليءَ جيڪو پهريون ڊراما ڪري ڏيکاريو هو سو هو "نل دمينتي،" هن ڊراماٽڪ سوسائٽيءَ جيڪي ناٽڪ ڪري ڏيکاريا تن جو مختصر وڃور هن ريت آهي :

نمبر	عنوان	اصلي ليکڪ	مترجمه	سن
(۱)	"نل دمينتي"	مهابارت ڪان ورتل	جيٺانند ڪلڻداس	۱۸۹۴ع

(۱) منگهارام ملڪاڻي، "سنڌي نثر ۽ تاريخ" ڪونج پبليڪيشن، بمبئي، ۱۹۷۸ع، ص ۱۲۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 250

نمبر	عنوان	اصلي ليکڪ	مترجمہ	سن
۰۲	"هرشچندر"	مهابهارت ڪتان ورتل	ديوان ليلارام وطڪل	۱۸۹۵ع
۰۳	"لوبي ۽ شوڪي"	مرزا قليچ بيگ	-	۱۸۹۵ع
۰۴	"مهن تارڪا"	ديوان ليلارام وطڪل	-	۱۸۹۶ع
۰۵	"شڪنتلا"	ڪاليداس	قليچ بيگ	۱۸۹۶ع
۰۶	"سورجن راڌا"	ديوان ليلارام وطڪل	-	۱۸۹۷ع
۰۷	"حسنا دلدار"	شيڪسپيئر	قليچ بيگ	۱۸۹۷ع
۰۸	"راماين"	ديوان ليلارام	-	۱۸۹۸ع
۰۹	"شاهه ايليا"	شيڪسپيئر	قليچ بيگ	۱۹۰۰ع
۱۰	"شيخ چلي ۽ اڪبر مسخرو"	مرزا قليچ بيگ	-	۱۹۰۰ع
۱۱	"ڪشٽ"	شيريڊن	شيوا سنگ اجواڻي	۱۹۰۲ع
۱۲	"فيروز دل افروز"	لارڊ لٽن	قليچ بيگ	۱۹۰۵ع
۱۳	"نيه طبيب خطرجان"	مرزا قليچ بيگ		۱۹۰۵ع
۱۴	"حسنا دلدار"	شيڪسپيئر	قليچ بيگ	۱۹۰۵ع
۱۵	"شمشاد مرجانه"	" "	" "	۱۹۰۸ع
۱۶	"عزيز ۽ شريف"	" "	" "	۱۹۰۹ع
۱۷	"نيڪي ۽ بدي"	" "	" "	۱۹۱۱ع
۱۸	"حرڪت مان برڪت"	" "	-	۱۹۱۱ع
۱۹	"نيڪي ۽ بدي"	شيڪسپيئر	قليچ بيگ	۱۹۱۶ع

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 251

(۲) "عامل يونين برامانڊ انسٽيٽيوٽ :"

۱۹۱۴ع ۾ ڪراچيءَ جي سيوهاڻي عاملن ، " سيوهاڻي عامل ايسوسئيشن ،" نالي پنهنجي ڪميونٽيءَ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ جماعت ٺاهي • هن جماعت ٽنهن سال کان وٺي ، "عامل يونين برامانڊ انسٽيٽيوٽ " قائم ڪئي • جيڪا سال ۾ سال ايسوسئيشن جي سالگرهه جي موقعي تي برامو ڪري ڏيکاريندي هئي • برامن مان جيڪا ۾ آمدني ٿيندي هئي ، اها ڪميونٽيءَ جي سماجي تعليمي ڪمن ۾ صرف ڪئي ويندي هئي •

۱۹۱۴ع ۾ هن انسٽيٽيوٽ " ڪالي ناڱڻ " نالي هڪ برامو ڪيو ، جنهن مان ڪين پنجهٽ روپيا هڪ آنو آمدني ٿي ، جيڪا هن ريت تقسيم ڪيائون :

حيدرآباد جي بيوهه عورتن کي	سترهن روپيا
حيدرآباد جي اسپتال کي	پارهن روپيا
سيوهڻ جي پٽي پاٺشالا کي	ساڍا ست روپيا
حيدرآباد جي غريب شاگردن کي	ساڍا ست روپيا
يتيمن جو اسڪول شڪارپور کي	ساڍا ست روپيا
لاڙڪاڻي ڪٽو شالا کي	پنج روپيا هڪ آنو •
ڪراچي ۾ فقيرن کي مانيءَ کارائڻ ٿي	ساڍا اٺ روپيا (۱)

---

(1) See, "Sind Gazettee," Karachi, dt. 29.5.1914, P.8

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 252

جماعت جڏهن ۱۹۱۶ع ۾ ڊراموا سٽيج ٿيڪري ڏيکاريو ته ان جي اپٽ اٺ سو روپيا گاڏي کاتي واپي ريڊنگ روم کي ڏنائون (۱) هن جماعت جو پهريون ڊرامو " حملا " هو ۰

(۳) " نصرپور پرديسي سارسوت برهمڻ ڊرامٽڪ سوسائٽي ۰ "

هي ڊرامٽڪ سوسائٽي حراچي ۾ رهندڙ نصرپوري هندن ۾ برهمڻ ۱۹۱۷ع ۾ قائم ٿئي هئي ۰ ڪنٽمل پوهوميل ڏيتري وقت تائين ، هن سوسائٽيءَ جو آنريري سيڪريٽري ٿي رهيو ۰ هرومل پريم چند ۾ چانڊومل ڪتري سوسائٽيءَ جا مکيه ناٽڪ نويس هوندا هئا ۰ هن سوسائٽي طرفان سال ۾ هڪ ڀڻون ڊرامو ڏيکاريو ويندو هو (۲) اهي سڀئي ناٽڪ چڪا پسند ٿيا ۰ اهي ناٽڪ نالي ڪي برابر پنڪتي هئا ، سادارڻ جيوت جو چٽ منجهن خير هوٽ چٽيل هو جنهن مان هي پرائجي ۰ باقي پستول باني ۾ ٿيا هولناڪ حادثا منجهن جام هوندا هئا ۰ هن منڊليءَ جا مکيه اداڪار هئا : ناٽڪ معراج هوتچند تيجورام شرما ، ناٽڪ رامڪرشنا ۾ ڏاڍاڻي ۽ ناٽڪ (۳)

Gul Hayat Institute

---

(۱) See, "Sind Gazettea", Karachi, dt. 9.6.1916, P.4

(۲) Ibid, dt. 11.12.1920, P.7

(۳) منڱهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " ڪنج پبليڪيشن ، بمبئي ، ۱۹۶۸ع ، ص ۱۵۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 253

منڈلي ۽ طرفان جيڪي ٻه ناٽڪ کيا ويندا هئا ، انهن ۾ مذهبي ۽ قومي رنگ چڙهيل هوندو هو ، ۽ ناٽڪن جي اپٽ وري هنن خيرجي ڪه ۽ لکائي ويندي هئي • مثال طور ، هن منڈليءَ مهراج هرومل پريم چند جو ٻرامو " نول لڪشمي " ۱۹۲۰ ۾ چهه دفعا ڏيو ، جنهن مان کين ايائي هزار روپين جي آمدني ٿي • هنن پنهنجي جماعت طرفان اڳ ۾ ئي " مهراج هرومل پريم چند اسڪالرشپ " قائم ڪئي هئي ، ۽ هن ٻرامي جي سموري اپٽ نصرپوري ڪمپنيءَ جي شاگردن ۾ ئي اسڪالر پندرهين روپين جي حساب سان تقسيم ڪري ڇڏي (۱)

ساڪي نموني سان ۱۹۲۱ع ۾ " منوهر موهني " ٻرامو ڪري ، ان جي آمدني پنهنجي ڪمپنيءَ جي ٻيوهه زالن ۾ تقسيم ڪيائون •(۲) ، ۽ ۱۹۲۳ع ۾ ڪيل " وهمي وڪار " جي اپٽ وري " برهمڻ ايڊوڪيشن فنڈ " ۾ ڏنائون (۳)

هن ناٽڪ منڈلي طرفان ڪيل ٻرامن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو :

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجمه	سال
—	——	——	——	—
۰۱	"منوهر موهني"	چانڊومل ڪشري		۱۹۱۷ع
۰۲	"وهمي وڪار"	"	"	۱۹۱۸ع

(۱) See, "Sind Gazettee", Karachi, dt: 11.5.1920, P.7

(۲) Ibid, dt: 14.6.1921, P.5

(۳) Ibid, dt: 12.9.1923, P.5

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 254

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	سال
۰۳	"نل دمينتي"	چانڊومل ڪشپي		۱۹۱۹ع
۰۴	"نول لڪشمي"	هرومل پرمانند		۱۹۲۰ع
۰۵	"منوهر موهني"	چانڊومل ڪشپي		۱۹۲۱ع
۰۶	"وهمي وڪار"	" "		۱۹۲۳ع
۰۷	"منوهر موهني"	" "		۱۹۲۵ع
۰۸	"وهمي وڪار"	" "		۱۹۲۵ع
۰۹	"نل دمينتي"	" "		۱۹۲۵ع
۱۰	"نل دمينتي"	" "		۱۹۲۶ع

هن ناٽڪ مندلي ۾ چانڊومل ڪشپي جا ٻيا ناٽڪ : "موهن مها سندري"، "اڌ سين نيڻاوتي" ۽ "ڪنگ درپڻ" به ڪيترائي دفعا ڪري ڏيکاريا (۱)

(۲) "سوشل سروس برامٽڪ سوسائٽي :

هي برامٽڪ سوسائٽي، ڪراچي ۾ جي مشهور سماجي جماعت "سوشل سروس ليگ" قائم ڪئي هئي. هن برامٽڪ سوسائٽي ۾ جو سيڪريٽري جيئن راءِ قيمت راءِ هوندو هو. سوسائٽي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سماجي موضوعن تي ڪيترائي براما ڪري ڏيکاريا (۲)

---

(۱) حبيب مرزا : "سنڌي براما"، "نسيم بڪ ڊپو، حيدرآباد، ۱۹۶۸ع ص ۹۱

(۲) See, "Sind Gazettee", Karachi, dt: 5.1.1922, P.5.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 255

(۵) " رابيندر ناٿ ٽئگور ائنڈ ڊرامٽڪ ڪلب ، "

هي ڪلب ۱۹۲۳ع ۾ خانچند درياڻي ، هيرانند آڏواڻي ، لعلچند امرڏنيمل جيٺمل پرسرام ، ڊيڪلمل لعلواڻي ۽ منگهارام ملڪاڻي جي ڪوشش سان عمل ۾ آئي . هن ڪلب جون ٻه شاخون هونديون هيون : پهرين حيدرآباد ۾ ، جنهنجا پهريان منتري هيرانند ۽ رامچند ٽڪتراءِ ٿيا ، ۽ تن بعد وري ليلارام سنگهه وليراءِ ٿيا . ٻي شاخ ڪراچي ۾ هئي ، جنهن جا منتري خانچند درياڻي ۽ ڪوان رامچنداڻي هئا ، جن بعد هن شاخ جا منتري چانڊومل واڏواڻي ۽ پهلاجسنگ آڏواڻي ٿيا .(۱)

هن ڪلب جا ، خانچند درياڻي ، منگهارام ملڪاڻي ، راءِ پنجواڻي ۽ احمد چاڪلا مڪي ناٽڪ نويس هئا . ڪلب جي هڏ ماهرن جي ڪاميٽي ٻه هوندي هئي . جنهن ۾ منگهارام ملڪاڻي هدايتڪار جي حيثيت ۾ ، آ خانچند درياڻي اسٽيج ماهر جي حيثيت ۾ ۽ ڪوان رامچنداڻي سنگيت جي ماهر جي حيثيت ۾ ميمبر ٿي ڪم ڪندا هئا .

هن ڪلب جي حيدرآباد واري شاخ جو افتتاح خود مهاڪوي رابيندر ناٿ ٽئگور ڪيو هو . باقي ڪراچي شاخ جو افتتاح پندرهين مئي ۱۹۲۳ع تي فرئير هال ۾ جمشيد اين ـ آر مهتا ڪيو هو .(۲)

---

(۱) منگهارام ملڪاڻي : " سنڌي نٽرجي تاريخ " ڪونج پبليڪيشن ، بمبئي ۱۹۶۸ع ، ص ۱۵۶

(۲) See, "Sind Gazettee," Karachi, dt. 16.5.1923, P.5.

INSTITUTE OF SINDOLOGY UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 256

هن ڪلب جي ڪراچي واري شاخ جيڪي ڊراما ڪيا ، تن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو :

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجمہ	سال
٠١	"ملڪ جا مدبر"	ابسن	خانچند دريائي	١٩٢٣ع
٠٢	"غلط فهمي"	هينري ووڊ	" "	١٩٢٤ع
٠٣	"رتنا"	خانچند دريائي		١٩٢٤ع
٠٤	"عمر مارئي"	لعلچند امر ڏنومل		١٩٢٥ع
٠٥	"ديش صدقي"	ميٽرلنڪ	خانچند دريائي	١٩٢٧ع
٠٦	"زماني جي لهر"	خانچند دريائي		١٩٢٩ع
٠٧	"مايا جو انڊ"	"		١٩٣٠ع
٠٨	"ڪن جي خطا"	منڪهارام ملڪاڻي		١٩٣٠ع
٠٩	"بڪ جو شڪار"	خانچند دريائي		١٩٣٢ع
١٠	"زميندار ي ظلم"	"		١٩٣٤ع
١١	"انارڪلي"	منڪهارام ملڪاڻي		١٩٣٧ع
١٢	"ليڊيز ڪلب"	"		١٩٣٩ع

هن مڪيم ناٽڪ منڊلين ، ڪلب ۽ سوسائٽين کانسواءِ ڪيترا تعليمي ادارا ، سماجي جماعتون ۽ مذهبي منڊليون بہ وقت سر وقت پيون ڊراما ڪنديون هيون . انهن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو :

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 257

(۱) "بي-جي سنڌ ڪالج :"

بي-جي سنڌ ڪالج جا شاگرد ۽ استاد ، ڪالج جي سالياني اجلاس ۾ ڊراما ڪندا هئا . اهڙن ڊرامن جو مختصر وچور مثال طور هن هيٺ ڏجي ٿو .

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	سال
۰۱	"سچي سڪ"	خانچند دريائي		۱۹۲۵ع
۰۲	"مومل مينڊرو"	"		۱۹۲۸ع
۰۳	"غلط فهمي"	هينري ووڊ	خانچند دريائي	۱۹۳۱ع
۰۴	"سسئي پنهون"	منگل سنگ		۱۹۳۲ع
۰۵	"جٽ نه جمائ وجان ٿي ٻي واڻ"	شيڪسپيئر	نانڪرام ڏرمداس	۱۹۳۳ع

آخرين زماني ۾ هن ئي ڪالج ۾ سنڌي سرڪل قائم ٿئي وئي ، جنهن طرفان ڪيترا ڊراما کيڙيا ويندا هئا . هن سرڪل طرفان ۱۹۴۳ع ۾ رام پنجواڻي جو ناٽڪ "پکي پڌمڻي" کيڏيو ويو هو .

(۲) نيو هاءِ اسڪول ڪراچي :"

جڏهن لعلچند امرڏنومل هن اسڪول ۾ استاد هوندو هو تڏهن ۱۹۱۹ع ۾ پنهنجو قومي ناٽڪ "پارٽ جاوا اڻ اٿي جاڳ" کرايو هو .

(۳) "هندو اڪيڊمي :"

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 258

هندو اڪيڈمي به وقت به وقت ڊراما ڪرائيندي هئي . هن اڪيڈمي ۾ طرفان ۱۹۲۵ع ۾ " پنجاب ميل " ڊرامو ڏيو ويو ، ۽ ان جي اپٽ اڪيڈمي ۾ ئي خ ڪئي وئي .(۱)

(۴) پيرومل شاهرداس ڪنيا شالا :

هن ڪنيا شالا ۱۹۲۵ع ۾ " درگداس " ڊرامو ڪي ڏيکاريو (۲) ازسواءِ ڪراچي ۾ جوڻ ڪيترين ئي مذهبي ۽ سماجي جماعتون به ڊراما ڪنديون هيون ، جن مان نموني طور مختصر جماعتن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا :

(۱) ينگ سنڌيز ايسوسيئشن :

هي ۾ ڪراچي جي سنڌي نوجوانن جي علمي ۽ سماجي جماعت هوندي هئي ، هن جماعت ۱۹۱۲ع ۾ " سستي سڀيا " ناٽڪ ڏيو هو (۳)

(۲) " پريتم ڏره سڀا "

هي ۾ هندن جي هڪ مذهبي جماعت هوندي هئي ، جيڪا مختلف وقتن تي راڪ-روپ ، تقرير ۽ ڊرامن ڪرائڻ جو بندوبست ڪندي هئي . اهڙو

---

(۱) See, "Sind Gazettee," Karachi, dt: 27.2.1925, P.7
(۲) Ibid, dt: 1.6.1926, P.7
(۳) Ibid, dt: 19.10.1923, P.5

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 259

بندوبست اخبر جي سيا جي سالگرهه جي موقعي تي ڪيو ويندو هو • هڪ جماعت ۱۹۱۷ع ۾ قائم ٿي ، جو هڪ سال پوءِ ۱۹۱۸ع کان سالگرهه ملهائڻ لڳي • سيا ، اخبر جي مذهبي قسم جا پروگرام هلندي هئي • هن جماعت ۱۹۲۳ع ۾ " پيڪٽ پرهلاد " نالو ڏيو هو (۱)

(۳) " سوشل رفارم اينڊ ڊيتي ليتي ايسوسيئشن •"

هي هڪ جماعت اخبر جي ڊيتي ليتي ۾ پين سماجي مسئلن تي پروگرام هلندي هئي •

(۴) " پريم منڊلي •"

هي ڏهين جماعت پنهنجي سالياني ميڙ تي پروگرام هلندي هئي •

۱۹۲۴ع ۾ هن جماعت جي ٻارهين سال واري موقعي تي " ڪبير پيڪٽ " نالو ڏيو هو (۲) هنن جماعتن کان سوا ڪراچي جي ٻين مذهبي ، علمي ۽ سماجي جماعتون به اخبر جي پنهنجي سالياني جلسن تي راڳ روپ ۾ نالو ، شغل جو بندوبست هلنديون هيون •

ڪراچي هڪ وقت ۾ وقت بہ وقت اندرون سنڌ جون نالو منڊليون ، جماعتون ۽ طلبون ، سماجي سڀائون ، ۽ مذهبي سنڱائون به نالو ڪرڻ لاءِ ايندیون هيون •

---

(2) See, "Sind Gazettee", Karachi, dt: 18.8.1924, P.7
(1) Ibid, dt: 19.10.1923, P.5

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 260

آخر ۾ جيڪڏهن اهو ذهر نه ڪجي ته ، سنڌي ڊراما ڪهڙن هنڌن تي
ڪيا ويندا هئا ته تاريخ (ادارک) رهجي ويندي .

(الف) ٿيٽر :

---

(١) " پارسي ٿيٽر "

(٢) " پارسي نوروز ٿيٽر "

(٣) " دي پارسي انوپ ٿيٽر "

(٤) " حسن علي ٿيٽر "

(٥) " رام سنگ ٿيٽر "

(٦) " روبي ٿيٽر "

(٧) " شڪارپوري راما ٿيٽر "

(٨) " شيوارام ٿيٽر "

(ب) (ب) هال :

---

(١) " ٽيا ساڪيچل هال "

(٢) " خالقدنو هال "

(٣) " نيشنل هال "

(ب) مختلف اسڪول ۽ ڀي - جي هالن :

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 261

باب نیون

(ب) درایہ نویسی ءِ جوڑ اوسر ءِ تاریخ :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 262

ناٽڪ نويسيءَ جي اوسر ۾ تاريخ

سنڌي پوليءَ جي تاريخ ۾ ناٽڪ نويسي جي ابتدا ۱۸۷۹ع ۾ ٿي ، جڏهن حاجي امام بخش "خادم" "هير- رانجهو" برامو لکيو. سنڌ ۾ پهرين ناٽڪ منڊلي ۱۸۹۴ع ۾ قائم ٿي. تنهن کانپوءِ سنڌي ليکڪن ناٽڪ نويسيءَ ڏانهن توجه ڏنو.

عجيب اتفاق آهي ته پهرين سنڌي ناٽڪ منڊليءَ جو بنياد ته حيدرآباد ۾ پيو ، پر ناٽڪ نويسيءَ جي ميدان ۾ حيدرآباد باقي سنڌ کان پٺتي رهيو. هيءَ ڳالهه به قابل توجه آهي ته مرزا قليچ بيگ جو برامو "خورشيد" پهريون ۱۸۸۷ع ۾ حيدرآباد مان ئي شايع ٿيو.

اشاعتي ادارن مان ، "سناتن ڏرم سڀا" حيدرآباد جو پهرون ادارو آهي ، جنهن ناٽڪ جي ڪتابن جي ڇپائي پهرين ابتدا ڪئي. اها ته هڪ مڃيل حقيقت آهي ته ناٽڪ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اسان جي ننڍي کنڊ جي تهذيب ۾ تمدن جي خمير ۾ شامل رهيو آهي. هندن وٽ ته انهيءَ جي ڏاڍي گهڻ ڪيه ڏاڍي حيثيت پڻ رهي آهي. "سناتن ڏرم سڀا" جا خود هڪ مذهبي جماعت هئي ، تنهن ڪري پنهنجي اشاعتي پروگرام ۾ ناٽڪ کي ساڻيو درجو ڏنو. اداري جي اشاعتي سلسلو ۱۹۰۱ع کان شروع ٿيو ، ۽ مطالعي هيٺ آيل پوري دور

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

شائين قائم رهيو ۽ هن اداري ڏيتراڻي ناٽڪ شايع ڪرايا ، جن ۾ "سور تج ناٽڪ ، " " ويشا ناٽڪ ، " نل ديمنتي ، " " وهمي وچار " ۽ " منوهر موهني " قابل ذڪر آهن ۽

انفرادي ڪوشش ۾ پهرين نالو لعلچند امرڏني مل جو اچي ٿو ۽ هن صاحب ۱۹۰۶ع ۾ " سچ جي ويڙ " برامو لکيو ۽ ان کان پوءِ هن ئي صاحب ۱۹۱۱ع ۾ " نقد ڏوڪ " برامو لکيو ۽ اهي ٻئي ننڍا ناٽڪ هٿا ، ۾ ڏيتي ليتي ۽ جي موضوع تي لکيل هٿا ۽

ڪراچيءَ جي ناٽڪ منڊلين مان ، " ڏياراڻ جيئمل سنڌ خالج امچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي " اها پهرين ناٽڪي جماعت هئي جنهن ناٽڪ ڪاري کان سواءِ ناٽڪي ادب جي اشاعت جو به بندوبست ڪيو ۽ هن جماعت طرفان جيڪي به ناٽڪ ڪي ڏيکاريا ويندا هٿا ، سي ڏي پوءِ شايع به ڪرايا ويندا هٿا ۽ ليڪن هن جماعت جا مکيه ناٽڪ نويسي ڪراچيءَ واسي نه هٿا ۽

۱۹۱۷ع ۾ چانڊومل ڪشي " منوهر موهني " برامو لکيو جو هڪ اصلاحي ڊرامو هو ۽ ساڪيءَ ئي سال ساهت سوسائٽي جي ماهوار رسالي ۾ لعلچند امرڏني مل جو ننڍو ناٽڪ " ڪشنيءَ جو ڪشٽ " شايع ٿيو ۽ هن سال ماهوار " سنسار چڪر " رسالي ۾ " آڦت ٿي آئٽ " ۽ " نياڪيءَ جو پاڪ " ناٽڪ شايع ٿيا ، جن جي ليکڪ جا نالا ڏنا ئي نه ويا آهن ۽ ساڪيءَ ئي سال هرومل پريمچند جو لکيل ڊرامو " ستي سشيلا "

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

شايع ٿيو جو سماجي موضوع تي لکيل هو ۽ هن صاحب بعد ۾ "نول لڪشمي، " "موهن ڀاري، " "سورداس" ۽ "هرشچندر " ناٽڪ لکيا ۱۹۱۸ع ۾ چانڊيول منگهن مل کتريءَ " وهمي وڪار " ڊرامو لکيو ۽ هي ڊرامو نظمي انداز ۾ لکيل آهي ، ۽ ڇپي ڇپي شي ڪيترائي بيت ، مربيع ، مسدس ، رباعيون وغيره ڏنل اٿس ۽ منجهس سڀ ادبي خوبيون موجود آهن " (۱)

۱۹۱۹ع ۾ لعلچند امرڏني مل " ڀارت جاوا ، اڪ اڻي جاڳ" قومي آزاديءَ جي موضوع تي ناٽڪ لکيو ۽ ساڳي ئي سال چانڊيول کتري جو " نل ديمنتي " ڊرامو لکيو ۽

۱۹۲۰ع ۾ خانچند درياڻي " گلابي گل " نالي ناٽڪ لکيو ۽ " ڏيتي ليتيءَ جي بر خلاف هي پهريون مڪمل ناٽڪ هو، جنهن ۾ ڪهڙو جيوت جا سچ سياڻي واقعا ڏيکاريل هٿا ، ۽ سن نڀان جي لالچي ڪارنامن جا چٽ اهڙا ته هو بيحد چٽيل هٿا جو لوڪن جنسي ڀيڊ پي پريا " ۽(۲) هن ئي سال جي اين ناڪراڻيءَ " آزاد ڀارت، "۽ هرومل پريم چند " نول لڪشمي " ڊراما لکيا ۽

---

(۱) پروفيسر حبيب مرزا : " سنڌي ڊراما ، " نسيم بڪ ڊپو حيدرآباد ۱۹۶۸ع ص ۹۱

(۲) پروفيسر منڪهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " ڪونج پبليڪيشن ممبئي ، ۱۹۶۸ع ص ۱۵۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۱۹۲۱ع ۾ ٽيجوهل شروع جو نيو مذهبي ۽ نيم سماجي ڊرامو " وشيا ناٽڪ " شايع ٿيو . هن سال جي مختصر ۽ ننڍڙن ۾ سماجي خاڪ وارن ڊرامن مان ڪاموڻن جي قهر ۽ ظلم خلاف لعلچند امرڏني مل " عملدار ڪين رهيت آزار " ڊرامو لکيو ، جيڪو هن سال وارن سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي رسالن ۾ شايع ٿيو . ساڳي رسالي جي پرچن ۾ هن صاحب جو هڪ ٻيو ناٽڪ " ڏکن ڏڻي زندگي " به شايع ٿيو ، " عملدار ڪين رهيت آزار " جون ٻهريون قسطون ۱۹۲۲ع وارن پرچن ۾ شايع ٿيون .

۱۹۲۳ع ۾ ڪيترائي ڊراما لکيا ويا . هن سال جسي اصلوهي ڊرامن جا ليکڪ هٿا : خانچند دريائي ۽ آسانند ٻيتورام ۽ خانچند دريائي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل هڪ ڊرامو " موهل ۽ ميندرو " لکيو جيڪو سنڌي ساهت سوسائٽي جي ۱۹۲۲ع جي آخر ۽ ۱۹۲۳ع جي شروعاتي مهينن وارن پرچن ۾ قسطوار شايع ٿيو . هي ناٽڪ جيتوڻيڪ وچولي ڏيکهه وارو هو ته به منجهس ڪردار ۽ پردا اڃايا گهڻا ۽ ڏل هئا . بيت ۽ ڏوهڙا اڪثر هي سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف جا ڏنل هٿا . ڊرامي جا مڪالمه ڪردارن سان مناسب طرح ڪهڻي ايندڙ هٿا . هن ناٽڪ نويس جو ٻيو اصلوهو ڊرامو هو " موٽڻي جي مڪڻي " . هن ناٽڪ ۾ ڏيکاريل هو ته ننڍين زماني جي ننڍن ، سس جا سور سهي سهي مجبور ٿي پوي ٿي . نيٺ جا ٿي ڪي جو مڙس جي دل وڻي ، ڪيس پنهنجي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 266

ڏر ٿي بڻائي ۽ پوءِ سس جو مقابلو ڏي ٿي ، ۽ آخر ۾ فتح ۽ ڪاميابي هن جا قدم چمي ٿي • سماجي موضوع تي ڏياڻيءَ هن ٿي سال هڪ ٻيو ناٽڪ " پدمڻي يا مالڪ جي شيوا " ٻڌ لکيو • هن سال جو ٻيو اصلوڪو ناٽڪ هو " ڏيتي ليتي " جيڪو آسانند چترواڪ گيانائيءَ لکيو هو • نصرپور پرديسي سارسوت برهمڻ برامڻن ڪلب وارن ساڪي سال چاندوول ڪتي جو ناٽڪ " روپ سندر عرف وهمي وچار " شايع ڪرايو •

هن سال جي ترجمي ٿيل ناٽڪن مان پهرين هو " چٽ نه چماڻ وچان ٿي ٻڌي واڻ " جيڪو شيڪسپيئر جي " ٽيمنگ آف دي شريو " تان ورتل هو • هي ناٽڪ سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالن ۾ شايع ٿيو هو • هي هڪ سماجي ناٽڪ هو • ٻيو ترجمو ٿيل ناٽڪ هو " ملڪ جا مدبر " جيڪو هينرڪ ابسن جي " پلرس آف دي سوسائٽي " تان ورتل هو • هن ناٽڪ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪئين نه سرمائيدار غريبن جو رت چوسن ٿا • هن ناٽڪ جو هڪ سرمائيدار ڪردار دولت مند ٻڌ ڪيءَ سان ٿئي ٿو • هن کي پنهنجي دوست جي دولت هڻ اچي وڃي ٿي ، ۽ پوءِ هو دولت جي اصلي وارث يعني پنهنجي دوست جي پٽ کي نوڪرن ۽ مزدورن جيان وهائي ٿو • فتح نيٺ حق جي ٿئي ٿي •

۱۹۲۴ع ۾ جيڪي اصلي ۽ ترجمو ٿيل ڊراما لکيا ويا ، انهن مان ، " رتنا ، " " پريم پريڪشا " ۽ غلط فهمي " قابل ذڪر آهن • " رتنا ، " آ خانچند جولڪيل اصلوڪو ناول هو • هن صاحب ٿي " پريم

LIBRARY, INSTITUTE OF SINDHOLOGY, HYDERABAD (SIND)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 267

پريڪشا " ۾ "غلطفهمي " ناٽڪ ترجمو ڪيا هٿا . " پريم پريڪشا "
گجراتي ڪيل پول نو پوڪ جي آڌار تي لکيل هو ۾ " غلط فهمي "
وري مزهيني وري جي مشهور ناٽڪ " ايسٽ لين " جو ترجمو هو .
" رتنا " هڪ مثالي ناٽڪ هو ، جنهن ۾ مرد زال جي حق ۾ نرڻسن
تي روشني وڌي وڃي هئي . هن ۾ هڪ سڪهڙ زال ۾ نئين زماني جي هڪ
چور مگر نڪشن جي پوئلڳ چوڪي جا ڪردار سهڻي نموني چٽيا ويا آهن .
١٩٢٥ ۾ نندا ٿوڻي وڌا ، اصلوڪا ۾ ترجمو ٿيل ناٽڪ
شايع ٿيا . هن سال ڀي - جي سنڌ خالچ ميلني ۾ روپ چند ڪرپالاڻي
جو ترجمو ڪيل هڪ طنز پرڀو ناٽڪ " ٿيلي ۽ مان ٿنب " شايع ٿيو .
" منجهس ڪلائيندڙ نوع ۾ ظاهر ڪيل هو ته پهراڻي ۽ ڪوهه ٿان پاڻي
پيندي ، زالون ڪيئن ڪالهه مان ڪالهوڙو ڪري ڪلا خوبي ڏيکارين آهن ."
(٢٦)(١) خانچند دريائي جو هڪ نندو ناٽڪ " سچي سک " هن سال " سنڌ نند
هيرلڊ " اخبار ۾ شايع ٿيو . اهي واڪيون ڏوڪڙ ۾ محبت ۾ قرباني ۽
جي موضوع تي لکيل هو . هن سال جو ٻيون نندو ناٽڪ هو " قائداني
ٻاريڪي " جو موتي لعل لکشميداس لکيو هو . هي نندن اسٽولي ٻارن
لاءِ لکيل ڊرامو هو . سندس ٻولي دلڪش هئي . ٻيرومل مهرچند جو لکيل
نندڙو ناٽڪ " مڙس جي مڙسي " به هن ئي سال شايع ٿيو .

---

(١) پروفيسر منڪهاراڻ ملڪاڻي : سنڌي نثر جي تاريخ ، " جونج پبليڪيشن
بمبئي ، ١٩٦٨ع ، ص ١٩٩

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 268

هن سال جي ترجمي ۾ ناٽڪن مان هڪ مڪمل ناٽڪ هو
" عجيب انصاف يا مٽ هاري نيٺ " جيڪو خانچند دريائيءَ گجراتي ۾
مان ترجمو ڪيو هو ۽ هن ناٽڪ ۾ شيواجي جي دور ۾ مرهٽن جي جيوت
جي جهلڪ ڏني هئي ۽

۱۹۲۶ع ۾ اين - ايڇ اڪيدميءَ وارن مولير جي لکيل ۽
جهمٽ مل پاوناڻي جي ترجمي ۾ ناٽڪ " مڪر " کي شايع ڪرايو ۽ هي
ناٽڪ مولير جي " لواز دي بيسٽ پاسٽر " جو ترجمو هو ۽ نصرپور
پرديسي سارسوت برهمڻ برادريءَ سوسائٽي وارن وري چانڊول ڪتي جو
لکيل ناٽڪ " نل دمينتي " شايع ڪرايو ۽ هن ناٽڪ نويس پڻي جيڪي
ناٽڪ لکيا ، تن ۾ " موهن مها سندري ، " " اڪ سين نيٽا وتي " ۽ " ڪنگ
درپڻ " قابل ذڪر آهن ۽ (۱)

ساڪي سال آسودي مل شيڊچند گدواڻيءَ ، ٽنگور جي
ناٽڪ جو ترجمو " رڪ پاٺڪرا " ۽ سالڊاس جي ناٽڪ جو ڪمار سمبڪو "
نالي سان ڪيو ۽ هن سال جا مڪمل اصلوڪا ناٽڪ هٿا " انسان الور " ۽
" جيڻي ڇي جيڻي ، " پهرون ناٽڪ جي- اين ناگراڻي لکيو هو ، جنهن
جو موضوع هو قوميت ۽ تاريخ ، ۽ پيو ناٽڪ خانچند دريائيءَ لکيو هو ۽
هي ناٽڪ سماجي مسئلي ڇي لکيل هو ۽

---

(۱) پروفيسر حبيب مرزا : " سنڌي ڊراما ، " نسيم بڪ ڊيپو حيدرآباد ،
۱۹۶۸ع ، ص ۹۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 269

۱۹۲۷ع ۾ خانچند دريائي جو ترجمو ٿيل ناٽڪ " ديش صدقي " ظاهر ٿيو ۽ " هي ناول بيلجم جي نوبيل پرائيز ڪنندڙ ناٽڪ نويس مئٽرلنڪ جي مونا وانا ٽان وٽي راجپوت جيوت ۾ بيحد متاثر هو ۽ هن ۾ هڪ راجپوت راڻي، ديش کي دشمنن جي حملي ۾ سپاهيءَ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي عصمت قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿي ، پراندر جي سچائي ۾ آڻڻ ۾ ان عصمت جو ديش جو بچاءُ ، دشمن جي دل ۾ ڏيرو اچڻ سان ، ٿي ٿو ٻڌي " (۱)

هن ئي سال منڪهارام ملڪاڻي انگريزي ناٽڪ نويس نابلاڪ جي ناٽڪ " قسمت " جو اڪري ترجمو ڪيو ۽ هن ناٽڪ جي ٻولي ته سهل ۽ قابل فهم آهي ، ليڪن موضوع ۾ آکاڻي ايترو متاثر ڪندڙ نه آهن ۽ ناٽڪ ۾ خليفن جي زماني ۾ بغداد شهر جي هڪ فقير کي مرڪزي ڪردار بڻايو ويو آهي ۽

سا ئي سال ڀيرومل مهرچند آڏواڻي هڪ ننڍو مذاقي مگر اصلاحي ناٽڪ " پنڪٽي مقدمو " لکيو ۽

۱۹۲۸ع ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جا ٻه ننڍا اصلاحي ناٽڪ سنڌي ساهت سرسائٽي جي رسالن ۾ شايع ٿيا ۽ اهي هٿا : "

---

(۱) پروفيسر منڪهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " ڪوئن پبليڪيشن بمبئي ۱۹۶۸ع ، ص ۱۶۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 270

ڏيڻي ليڻي ائڻڪ " ۾ " بزازين جو ناڻڪ ، " ۾هرين ناڻڪ جو نالو ئي سندس موضوع جي چڪيءَ طرح نشاندهي ڪرائي ٿو . هن صاحب ٻئي ناڻڪ ۾ ڏيڻي پائيندڙ ، گهوريلن ۾ گهر گهر وڃي سامان کپائيندڙ ، مگر هاشري جي دشمنن ۾ ڏاڙيلن جي چڪيءَ طرح سان لاڪ لاٿي آهي . ٻئي ناڻڪ ساڪي ئي وقت اصلاحي ۽ آهن ٿ مذاقي ۽ .

هن ئي سال خانچند درياڻي " امانت ۾ خيانت " جسي نالي سان اصلوڪو ناڻڪ لکيو . جنهن ۾ هن ٻنهن جي ڏيوالي نڪرڻ واري موضوع کي هٿ ۾ کنيو هو . ان کانسوءِ هن صاحب زميندار ي ظلم ناڻڪ ۽ لکيو .

۱۹۲۹ع ۾ ساڪي ئي ناڻڪ نويس هڪ ٻيو اصلوڪو ڊرامو " زماني جي لهر " لکيو . هن ناڻڪ ۾ " ۾هڙيءَ-ڇوٽيءَ " واري مسئلي کي چيڙيو ويو آهي . انهيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ٿ هڪڙن پراڻي قسم جي والدين ۾ نئين قسم جي اولاد جي وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿئي ٿي .

۱۹۳۰ع ۾ هيٺين ئي ليکڪن ۾ مترجمن ناڻڪ نويسيءَ جي تاريخ ۾ ترقي ۾ ٻنهنجو پارٽ ادا ڪيو ، جن ۾ منگهاراءِ ملڪاڻي ، خانچند درياڻي ، جي-اين ناڪراڻي ، ۾ آسانند مامتورا قابل ذڪر آهن .

ملڪاڻيءَ جا ٿي ناڻڪ ميدان ۾ آيا ، اهي هٿا : " انار ڪلي ، " " خن جي خطا " ۾ " ايڪتا جو آلاپ ، " ۾هرين ناڻڪ صبراڻي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 271

ناٽڪ نويس زٽنگول جي " ميڪبٿ " جو ترجمو هو . هن ناٽڪ ۾ ملڪاڻي صاحب ٻڌايو آهي ته هندستان هڪ اها ٻڌي آهي جنهن ۾ هندواسين جون نفرتون ، ذاتيون پاٽيون ، رنگ نسل ۽ نند وڌايون سڀ خاڪ ٿي ويندين ۽ هندواسي اڇا اجرا ۽ سچا وطن دوست ۽ انسان پرست ٿي پوندا . هن ناٽڪ ٿي مترجمه کي انعام به ڏنو ويو هو .

"ڪن جي خطا " به ملڪاڻي صاحب جو ترجمو ٿيل ناٽڪ هو ، جو ڪنهن ديسي فلم ڪهاڻيءَ تان ورتل هو . هن ناٽڪ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ٽئين زماني جا ڪيترو ، بالغ ۽ نوجوان جوڙا ڪيئن ته چڙواڪ ٿي هڪٻئي جي قريب اچن ٿا ، ۽ پوءِ انهيءَ محبت ۾ ميلاپ مان ڇڏا نه خراب نتيجا نڪرن ٿا . هن ناٽڪ ٿي ٽنهن زماني ۾ ٿي سخت ۾ ڪئي تنقيد ڪئي ويئي هئي .

"انارڪلي " به ڪنهن فلمي ڪهاڻيءَ جو ترجمو ٿيل ناٽڪ هو . " هن ناٽڪ ۾ مغل تاريخ جي هڪ رومانوي ورق جو چتر چٽيل هو ، جنهن ۾ شهزادي سليم جي انارڪلي سان محبت جو اظهار ڪيل هو ، جا اڪبر اعظم جي حرم خاني ۾ ٻانهي هوندي هئي ، ۽ جنهن جي حسن ۽ حاضر جوابيءَ ٿي راضي ٿي بادشاهه سلامت خود ڪيس اهو خطاب ڏنو هو . "

ملڪاڻي پنهنجي ناٽڪ ۾ ان سان گڏوگڏ ، اڪبر جي راڄ ۾ هندو مسلم اتحاد جي اهميت تي نقش ڪئي هئي . هن ناٽڪ جي ٻولي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 272

ٻه هل درٻار جي شاهاڻي عبارت مطابق لکيل هئي ، جنهن ۾ شاعر ليکراج عزيز وڏي مدد ڪئي هئي "(۱)

هنن ٽن مکيه ناٽڪن کانسواءِ ملڪاڻيءَ " ٻاپ جو ڏيتو " نالي هڪ ننڍو ناٽڪ ٻه هن ئي سال لکيو هو ، جيڪو ٽنهن سال جي " ٽلواڻي " رسالي جي پهرين پرچي ۾ شايع ٿيو . هن ۾ ٽهي نه ٽهي وٺ رينگڻ جي مداق والدين جي انهيءَ پاليسيءَ جا اگر نتيجا ڏيکاريا ويا آهن ، جنهن وسيلي هو پنهنجي اولاد جي شادي سندن پسند يا صلاح کانسواءِ ڪرائيندا آهن .

انهيءَ ئي رسالي ۾ آسانند مامتورا جو ترجمو ٿيل ننڍو ناٽڪ " ماءُ ۽ ٻانڪ " شايع ٿيو . هي ناٽڪ هندو سماج ايڏنا ٿي لکيل هو ، منجهس ڏيکاريل هو ته هڪ هندو چوڪري ڪيئن وڃي مسلمان نوجوان سان شادي ڪري ٿي .

GulHayatInstitute

هن ناٽڪاڻي هر سال ڪا نه ڪا ڏيتراڻي مذاقي ۽ اصلاحي ڊراما لکيا ، جيڪي هندو سنسار ۽ هندواسي اخبارن ۾ شايع ٿيندا هٿا . اهڙن ناٽڪن ۾ " ڪامٽو ٻڙبٽر، " ڪامٽو ايڊيٽر، " ڪامٽو بانيئ، " ڪامٽو فلم ڪمپني ، " ڪامٽو ڊاڪٽر، " ۽ ڪامٽو مارڪيٽ " وغيره قابل ذڪر آهن .

---

(۱) پروفيسر منڪهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " هوٺ پبليڪيشن بمبئي، ۱۹۶۸ع ، ص ۱۷۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

هن ئي سال خانچند درياڻي جو اصلوحو ناٽڪ " مايا جو انڊ " به ميدان ۾ آيو . هن ناٽڪ ۾ طبقاتي چٽتاڻ کي موضوع بڻايو ويو هو ، ۾ منجهس سرمائيدار مل مالڪ جي ڪڙن ڪرتوتن جو عڪس چٽيو ويو هو .

۱۹۳۱ع واري ٻي - جي سنڌ ڪالج جي مسلينسيج ۾ ٿي ننڍا ناٽڪ شايع ٿيا ، جن مان ٻه " نا خلف پٽ " ۽ ٻاپ ڪين ٻڌ ؟" ڊراما منڪهاراڻ ملڪاڻيءَ جا لکيل هئا ، ۽ باقي هڪڙو ڊرامو " حسنا " وشنو گدواڻيءَ لکيو هو .

منڪهاراڻ ملڪاڻي جي ڊرامي " نا خلف پٽ " ۾ جاڻايل هو ته والدين کي پنهنجي اولاد ڪان پنهنجا نيهلا مڙهن نه ڪهڙن نه ته ڀٽي صورت ۾ جڏهن انهن جي انا پنهنجي بي عزتي محسوس ڪئي ته اهو پنهنجي والدين جو بي فرمان ٿي پوي ٿو . " ٻاپ ڪين ٻڌ ؟" ۾ وري هن صاحب ساڳي عورت کي هوڏانءَ بڻايو آهي ، جيڪا ننگ ٿي وڃي زهر کائي ٿي .

هن سال جي ترجمي ٿيل ڊرامن مان " خوني " ڊرامو سنڌي ادب جو عظيم شاهڪار آهي ، هي ڊراما احمد غلام علي چاڪلا ، روسي ڊرامي نگار ٽان ترجمو ڪيو هو . هن ناٽڪ جو تفصيلي تنقيدي جائزو اڳتي هلي ڏنو ويو آهي . خانچند درياڻي هن ئي سال ميري ڪاريلي جي ناٽڪ " ساروز سيٽن " جو ترجمو ڪيو . هي سمورو ناٽڪ مافوق الفطرت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 274

واقعن ئي پڌل هو ، ۽ ان هوندي به منجهس مٺ مقصديت گهٽي ئي هئي ۽

هن سال اشاعتي ادارن طرفان به ناٽڪ ۽ ناٽڪن جا مجموعا شايع ٿيا ۽ سڪ ٽرئڪٽ سوسائٽي وارن " صاحب ڪمالیت " ۽ برامو شايع ڪيو، ۽ سندر ساهتيه منڊل وارن ويي ناٽڪن جو هڪ مجموعو " انڊلڪ " جي نالي سان شايع ڪرايو ۽ هن مجموعي ۾ هيٺين ليکڪن ۽ مترجمن جا ناٽڪ شايع ٿيا :

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم
(۱)	" هوشن سڌامو "	پنڊت راڌي شيام	نانڪرام ڏرمداس
(۲)	" دروپدي "	نانڪرام ڏرمداس	
(۳)	" جگري قرباني "	ڪشنچند " بيوس "	
(۴)	" پوڙهي جو پرڻو "	ڪشنچند " بيوس "	
(۵)	" گامڙو بڻيسٽو "	جيٺانند ناگراڻي	
(۶)	" آني مڃسٽريٽ "	پنڊت سدرشن	ميلارام واسواڻي

۱۹۳۲ع ۾ منڪهارام ملڪاڻيءَ جا ننڍا ناٽڪ ۽ خانچند دريائي جو هڪ اصلوڪو ناٽڪ " بڪ جو شڪار " شايع ٿيو ۽ دريائيءَ جي هن ناٽڪ ۾ بڪ ۽ بروزگاري اهم موضوع بڻايو ويو هو ، ان ڪانسواءِ منجهس سوديشي تبليغ به شامل هئي ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 275

منگھاراڻ ملڻائي جو اصلوڪو ، مگر ننڍو ناٽڪ " ٻه ٻاهيون" هن سال ٻڌي- جي سنڌ ڪالج جي ميسلنيءَ ۾ شايع ٿيو • هن ناٽڪ ۾ ماڻيلي ماڻ کي مکيه ڪردار بڻائي سندس مسئلن تي روشني وڌي وئي هئي منگھاراڻ ملڻائي ڏ جو ٻيو ننڍو ناٽڪ "اولاد " ٻه ساڪي ئي سال واري ۾ ساڪي ميسلنيءَ جي پرچن ۾ شايع ٿيو • هي ناٽڪ جڏ ته روڊ وڃڻ جي ڪائڊي ۾ لکيو ويو هو ته ۾ ان ڪانسواءِ منجھس اڃ سڌي طرح اهو مطلب ٻه ڏهرايو ويو هو ته ليڪڻ کي پنهنجي محنت جو ڦل ڏنو وڃي •

۱۹۳۳ع ۾ ٻي- جي سنڌ ڪالج جي ميسلني جي پرچن ۾ ٻه ننڍا ناٽڪ شايع ٿيا • هڪڙو هو منگھاراڻ ملڻائي ڏ جو اصلوڪو ناٽڪ " سنڌ جي گجڪار " ۾ ٻيو هو " منهنجي نوڪري ، " جيڪو هڪندر ناٽڪ ڪمپنيا جي انگريزي ڊرامي " اپرنگ لئمپ " جو ترجمو هو •

ساڪي سال ڪوڙومل ساهت منڊل وارن ناٽڪن جو هڪ مجموعو " چار چھڻا " شايع ڪيو • هن مجموعي ۾ جي- اين ناڪرائي جو اصلوڪو مذاقي ناٽڪ " نسادي ٽوڪڙو " ٻه ٻيو هو • هي ناٽڪ ٻارن لاءِ لکيو ويو هو •

۱۹۳۴ع ۾ منگھاراڻ ملڻائي ڏ جا ٻه ننڍا ناٽڪ شايع ٿيا ، هڪڙو " ميلاپ " جو ستن سال جي ٻي-جي سنڌ ڪالج جي ميسلنيءَ ۾ ٻيو ۾ ٻيو هو " ضعيف انسان " جيڪو ستن سال " سنڌو " ۾ شايع ٿيو • پهرين ناٽڪ ۾ هندن جي ٻاهمي نفاق کي موضع بڻايو ويو

LIBRARY,
INSTITUTE OF PSYCHOLOGY,
UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SIND).

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 276

هو ، ۽ پهڻي ناٽڪ ۾ " سنڌي مسلمانن جي ڪوٺاڻي ۽ زندگي ۾ محبت ۽ شادي جي مسئلي تي هڪ ٽم - ڏنڊي ڏڪ انت ڏاڻي ڏنل هڻي ۽ ڪوٺاڻي محاوري ۾ لکيل هڻي ۰"(۱)

۱۹۳۵ع ۾ رتن ساهتيه منڊل طرفان " اتهاس جا پڙڦا " نالي ڊرامن جو هڪ مجموعو ظاهر ٿيو ۰ هن مجموعي ۾ چار ننڍا ناٽڪ ڏنل هٿا : " راوڻ جي دربار ، " " شڪنتلا ، " رتناولي " ۽ سيتاسوئمبر ، " ناٽڪ رتناولي ، " منڪهارام ملڪاڻي ۽ جو لکيل هو ۽ " سيتاسوئمبر" وا وري پارومل هيولراماڻي سنسڪرتي ڊرامو تان ترجمو ڪيوهو ۰ منڪهارام ملڪاڻي هن ئي سال هڪ ٻيو ناٽڪ " ٽي پارٽي " به لکيوهو ۰

۱۹۳۶ع جو بهترين ڊرامو هو ڊاڪٽر ليلارام ڪيرواڻي ۽ جو " هڪڙي رات " هي اصلوڪو ڊرامو سنڌي علم ادب جي تاريخ ۾ پهنجي منفرد حيثيت رکي ٿو ۰ هن ڊرامي ۾ ڪنرو جي اهڙي ٽم نموني ڪردار نگاري ڪئي ويئي آهي جو هوڻ ليلا جنسيءَ جي تعلي جو بي مثال ۽ مڪمل ڪردار ٻڌجي وڃي ٿي ۰

ساڳي سال اي - ايس ميرچنداڻي ۽ سماجي موضوع تي هڪ

---

(۱) پروفيسر منڪهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " ڪنج پبليڪيشن بمبئي ، ۱۹۶۸ع ، ص ۲۱۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

نندو ناٽڪ ، "راڻين جو راڄ" لکيو ، جيڪو ٽنهن سال جي سندر ساهت رسالي ۾ شايع ٿيو . هن ناٽڪ ۾ "مذاقي طرح پيشنگوئي ڪيل هڪي ٿو ڪو وقت ايندو جو پنگٽ ۾ مرد - زال جو رشتو الٽ پلٽ ٿي ويندو ، يعني زال ذات جو راڄ قائم ٿيندو ۽ مرد زالن ۾ گهر ٻار جي چاڪري ڪندا . (۱)

۱۹۳۷ع ۾ ڏيي گهٽ رکو منگهارام ملڪاڻي جا ناٽڪ ڪي ٻيو دفعو شايع ٿيا . سندس نندو ناٽڪ " پريت جي ريت " ٽنهن سال اين - جي - وي هاءِ اسڪول جي سلينيءَ ۾ شايع ٿيو . هن ناٽڪ ۾ ماڻهُ پنهنجي پياري پٽ کي پهرياڻين لاڙ ڪوڙ سان پرڻائي پوءِ ان سان ڪونسٽ لڳي ٿي ، ۽ پوءِ وري اهو ساڪيو سڀلڏو پٽ پنهنجي ڪهوراڻي ذات سريءَ سان ڇڏ پڇجي وڃي ٿو . ملڪاڻي جو ٻيو ناٽڪ "بنڪي" وري هن ڪي سال "سندو" رسالي ۾ شايع ٿيو . هن ناٽڪ ۾ زميندارِي ظلم جو عڪس چٽيو آهي . منگهارام ملڪاڻي ۽ هن سال پنهنجي ٽئين ناٽڪن جو مجموعو "پنج نندڙا ناٽڪ" نالي سان شايع ڪرايو . هن مجموعي ۾ "پاپ ڪين ڇڏ" ، "ٻه باهيون" ، "ڪي پارڻي" ، "پريت جي ريت" ۽ "بنڪي" ناٽڪ پيل هٿا . اهي ناٽڪ هن ڪان اڳ مختلف رسالن ۾ شايع ٿي چڪا هٿا .

---

(۱) پروفيسر منگهارام ملڪاڻي : "سنڌي نثر جي تاريخ" ، "ڪونج پبليڪيشن بمبئي ، ۱۹۶۸ع ، ص ۱۹۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ملارام واسواڻي وري پنهنجي سندرساهتيه منڊل طرفان "قومجا پوڄاري" ناٽڪ شايع ڪرايو ۽ هن ناٽڪ تفصيلي تنقيد اڳتي هلي ڪئي ويئي آهي ۽

۱۹۳۸ع ۾ رتن ساهتيه منڊل ، باقي ٻين منڊلين کان اڳتي رهيو ، ۽ هن "آزاديءَ جي ڪوڏي" "پنڪتي پڑدا ، "نل دمينتي" ۽ "پرڀا" ناٽڪ ۽ ناٽڪن جو مجموعا شايع ڪرايا ۽ "آزاديءَ جي ڪوڏي" ناٽڪ پيرويل مهر چند آڏواڻيءَ ٽڪسور جي ناٽڪ "پوسٽ آفيس" ۽ ٻاٻن ٽوريءَ ٿير کهير سان ترجمو ڪيو هو ۽ هن ناٽڪ جو حاصل مطلب اهو هو ته انسان جون صلاحيتون ۽ لياقتون آزاديءَ جي ماحول ۾ ئي وڌيڪ اڀاگر ٿي اسرن ٿيون ، ۽ غلامي يا قيد ۾ انسان ذهن ۽ دماغ بند ٿي وڃن ٿا ۽

رتن ساهتيه منڊل وارن "پنڪتي پڑدا" ناليي منڪهارام ملڪاڻيءَ جي ننڍن ناٽڪن جو هڪ مجموعو به شايع ڪرايو ۽ هن مجموعي ۾ "اڻيلي دل ، "پي زال ، "به پيار ۽ ايڪ طلب" ناٽڪ هٿا ۽ ناٽڪ "اڻيلي دل" ۾ جيڪي ته جيڪي شادي ڪرڻ جي مسئلي کي هٿ ۾ کنيو ويو هو ۽ "پي زال" ۾ وري اهو ٻرايو ويسو آهي ڪهڙا ماڻهو قبر ۾ پير وجهڻ تي هوندا آهن ته اڃي کين پي ءَ شاديءَ جو الهو لڪندو آهي ۽ نيٺ هو دل يا دولت جي طاقت پي شادي ڪندا آهن ۽ پر ڪالهه گهر جي جهيڙن کان وٺي ويندي ڪنوار جي عشق تائين پهچي ويندي آهي ۽ ڏڏهن ڏڏهن اهو عشق اڳ جائي پٽ سان به

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ٿي پوندو اٿس . " ۽ پينر " ۾ اهو مسئلو ڏکنيو ويو آهي ته
ڏهڻي نموني سان ڏڏهن ڏڏهن مرد استاد ۾ چوڪري شاگرديائي جو
رشتو علم ۾ ادب کان ٻڌي وڃي عشق ۽ پريت ۾ ٻڌجي ويندو آهي .
" ليڊيز ڪلب " ۾ وري وڏ گهراڻين عورتن جي ڏڏن ڪرتوتن ۾ گلاخوريءَ
جو ذڪر ڪيو ويو آهي . هن ئي سال منڪهارام ملڪاڻي ءَ جو هڪ ٻيو ناٽڪ
" ماستا جي مستا " سنڌو رسالي ۾ شايع ٿيو . هن ناٽڪ ۾ هڪ اهڙي
عورت جي ڪردار نگاري ڪئي ويئي آهي جنهن کي شاديءَ کان اڳ ٻڌجي
پئي ٿو . عورت جو پيءُ انهيءَ ڄاڻ ٻار کي مارڻ ڪهي ٿو . هو ائين
ڪري ئي ڪري ٿنهن کان عورت ٻنهنجو پيءُ ماري ڇڏي ٿي .
هن سال رتن ساهتيه منڊل طرفان جيڪي ٻئي ناٽڪ
شايع ٿيا اهي هٿا : " ٻرندا " ۽ " نل دمينتي . "
۱۹۳۹ع ۾ جيڪي ننڍا ناٽڪ رسالن ۾ مخزنن ۾ شايع ٿيا ،
انهن مان " شهنشاهه جهانگير ۽ ملڪه نورجهان جي اوائلي حياتيءَ ۾
هڪ افسانو ، " (دلسوز داستان " ۾ " ٻڌا جو ٻاپ " ذڪر ڪرڻ جي
قابل آهن . انهن مان ٻهريون ناٽڪ ساوتري جهانگياڻي جو لکيل هو ،
جو ٿنهن سال جي بي - جي سنڌ ڪالج مسلنيءَ ۾ شايع ٿيو هو ، ۽ باقي
ٻيا ٻه ناٽڪ منڪهارام ملڪاڻي ءَ جا لکيل هٿا ، جن مان ٻهريون ناٽڪ
شيڪسپيئر جي " هڪ سمر نائيٽس ڊريم " ڪان ورتل هو ۽ ٿنهن سال
جي بي - جي سنڌ ڪالج مسلنيءَ ۾ ٻڌايو هو . هن جو مٽي ذڪر آيل آهي .
ٻيو ناٽڪ وري ساڳئي سال " سنڌو " رسالي ۾ شايع ٿيو هو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 280

هن سال " سندر ساهتيہ منڈل " وارن وري ڪشنچند " بيوس " ۽ نانڪرام ڏوڏاس جي ناٽڪن جو مجموعو " انڊلڪ " ڇپجي شايع ڪرايو .

هن سال جي مختصر مگر اهلوڪي ناٽڪن ۾ " سهڻي ميهار " هڪ اهڙو ناٽڪ هو جو مشهور لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل هو . هي ناٽڪ لعل چند امرڏني مل ۽ ٻنگويل جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو هو .

۱۹۴۰ع ۾ منڪهارام ملڪاڻي جا ٻه ننڍا ناٽڪ شايع ٿيا . پهريون هو " ڪوڙو ڪلنڪ " ، جو ڊي - جي سنڌ ڪالج مسلني ۾ شايع ٿيو هو ۽ ٻيو وري " سنڌو " ۾ شايع ٿيو هو ، ۽ جنهن ۾ اهو ٻڌايو ويو هو ته سرڪار ٻڙاجن ٿي جيڪي ٻنڌ ٻڌائي ٿي ، تن ۾ هيٺيان عملدار اهڙي ته ڪٻڙي ڪ ۾ ٻي ايماني ڪن ٿا جو ٻوڏن ۾ ٻنڌ اٽان ٿي ٽٽن ٿا ۽ غريبن لاءِ مصيبت جو طوفان ٿين ٿا .

هن سال سندر ساهتيہ منڈل وارن ننڍن ناٽڪن جو هڪ مجموعو " رنگ برنگي ڪيل " شايع ڪرايو ، جنهن ۾ " راجپوت جي شڪست " ڇپڻ نرسو ، " نل دمينتي " ۽ " جوئا " ناٽڪ ڏنل هئا . " ڇپڻ نرسو " هوندراج دڪايل جو ۽ " نل دمينتي " ڪشنچند " بيوس " جا لکيل مذهبي ڊراما هئا . باقي ٻئي سڌرڻن جي ناٽڪن جا ترجما هئا .

۱۹۴۰ع ۾ رام پنجواڻيءَ " موهل راڻو " ڊرامو لکيو . هن ڊرامي ۾ تفصيلي تنقيد اڳتي هلي ڪئي وئي آهي . هن کان هڪ سال

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پڙهڻ پڻي ۱۹۴۱ع ۾ منڪهارام ملڪاڻي ڏ " جيون ناس " ناڪ لکيو ، جيڪو ٽنهن سال واري ٻي - جي سنڌ ڪالج مسلسي ۾ شايع ٿيو ٠

هن ئي سال چوهڙمل هندوجا ٽنگور جي ناڪ " واٽرنال " جو ترجمو " محبت ڏارا " نالي سان سنڌي ڏ ڪيو ٠ هن ناڪ جو مرڪزي خيال اهو هو ته حاڪم جو ڏاڍ رعيت جي نسخ جو ڪيو نالو آهي ٠ حاڪم جيڪڏهن ظلم ڪندو ته سندس پاڻ ماڻ پٽي وڃي شڪري ڏ ٿي لڳن ٿيون ٠

هن سال " آشا ساهت منڊل " جن ناڪن تي مشتمل هڪ مجموعو " ۾ پڙڏا " شايع ڪرايو ٠ جنهن ۾ ڏرمداس ماڪ جو " ماڻ جو فخر " ۾ ديارام سياڻي ڏ جو " منهنجي نوڪري " ناڪ هٿا ٠

۱۹۴۲ع ۾ رام پنجواڻي ڏ " پڪي ۾ پدمڻي " ناڪ لکيو جيڪو عمر مارئي جي داستان تي ٻڌل هو ٠ ساڳي سال منڪهارام ملڪاڻي جو ترجمو ٿيل ۾ ڪارنيلي ڪيل ناڪ " شانتا " رتن ساهت منڊل وارن شايع ڪيو ٠ هن ڊرامي ۾ احزين شادين تي روشني وڌل هڻي جيڪي نه ته دل جي سڌاري ڪيون وڃن ٿيون ، ۾ نه ويي اهي عمر يا جسم ۾ ڪجهڙايون رکن ٿيون ٠

۱۹۴۴ع ۾ هندستان ساهت آستان وارن " بڪابل بنگال " ناڪ شايع ڪرايو ٠ هي ناڪ انٽ جو لکيل هو ، ۾ ان جسو ترجمو آسن پيرواڻي ڏ ڪيو هو ٠ ساڳي ئي سال منڪهارام ملڪاڻي جو اڪ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 282

۾ لکيل نندو اصلوڪو ناٽڪ " ميلاپ " وري ٻيهر ٻارت جيون طرفان شايع ٿيل ڪتاب " سندر ڏهاڙيون " ۾ ڇپيو .

۱۹۴۵ع ۾ نارائڻداس ڀمبهاڻي "ادبي گلشن " نالي ڪتاب مرتب ڪيو ، جنهن ۾ هن صاحب منگهارام ملڪاڻي ۽ جو اڪ شايع ٿيل ناٽڪ " ٻڌڻي " ٻيهر ڏنو . هن سال جي آخرين مهيني وابي مهراڻ جي پرچي ۾ احمد غلام علي چاڪلا جو ترجمو ٿيل ناٽڪ " پوت " ، " ديوانو " جي نسالي سان شايع ٿيو . جنهن جي آخري قسط فيبروري ۱۹۴۶ع وابي پرچي ۾ شايع ٿي . هي ناٽڪ هينرڪ ابسن جي انگريزي ڊرامي "گوسٽس گوسٽس " جو ترجمو هو . چاڪلا صاحب هي ڊرامو ۱۹۳۰ع ڌاري لکيو هو "هي ڊرامو سماجي انقلاب جو مقصد رکي ٿو . هن ڊرامي ۾ مطالعي سان اها حقيقت بلڪل واضح ٿيو پئي ته ادب حياتيءَ جو آئينو آهي(۱)

۱۹۴۶ع ۾ لعلچند امرڏنومل جا ۾ نندا ناٽڪ "سهڄان جي سڪ " ۾ سسئي رل ڏئي " مهراڻ رسالي ۾ شايع ٿيا . پهرين ناٽڪ ۾ "ڊيڪاريل هو ته سسئي ڪان اڳ ، سهڄان نالي هڪ ڪوٽاڻي نينگر ڌنهون ڪي هڪ طرفو پيار ڪندي هئي . ناٽڪ ميناج پيءَ ڪوٽاڻي اصطلاح ۾ لکيل ، دل پچائيندڙ نندڙو شاهڪار هو ، " ٻيو ناٽڪ " سسئي جي ڏونگر ڏوڪ وارن

---

(۱) ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا : " سنڌي نثر جي تاريخ ، " ادبيات پبليڪيشن حيدرآباد ، ۱۹۶۶ع ، ص ، ۱۵۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 283

نظارن ۾ بيهاريل هو ، ۽ شاهه صاحب جي ڏوهيڙن جي منجهس پلٽ
پي پيئي ۽" (۱)

۱۹۴۷ع ۾ لعلچند امرڏنيمل جا ئي شي نندا ناٽڪ ظاهر ٿيا ،
جي هٿا : "وچن ، " "گانڌي ، " ۽ "بسنتي ديوي ، " ۽

Gul Hayat Institute

---

(۱) ڏ. ڳنگارام ملڪاڻي : سنڌي نثر جي تاريخ ، ڪوئڪ پبليڪيشن ، بمبئي ، ۱۹۶۸ء ، ص ۱۹۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 284

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

انسان ۾ شيطان

تعارف :-

مطالعي هيٺ آيل دور ۾ ، انساني ۾ ناول جي صنف جي پيٽ ۾ ڊرامي جي هڪ اهڙي صنف هئي ، جنهن ۾ خاص توجه ڏنو ويو :- هن دور ۾ اهڙو ڊرامو پاهرين پهرين مان ترجمو ڪيو ويو ، پر اصلي ۽ تخليقي ڊرامن جي گهٽائي ۾ هن ئي دور ۾ نظر آچي ٿي . " انسان ۾ شيطان " ترجمو ٿيل ڊرامي مان هڪ آهي . جنهن جو مترجم خانچند دريائي آهي . هي ناٽڪ پهريون دفعو "ساروز آف سڪسن" جو ترجمو آهي . ڊرامو پهريون دفعو ۱۹۲۸ع ۾ "حيدرآباد سيڪيولر ڊراماٽڪ سوسائٽي" طرفان شايع ٿيو . ڊرامي جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

آکاڻي :-

آکاڻي حضرت جبرائيل ۽ شيطان جي هڪ ملاقات ۽ گفتگو جو نتيجو آهي . ٻڌايو وڃي ٿو ته حضرت جبرائيل ۽ شيطان جو هڪ ملاقات ۾ بحث ٿيو ته " انسان ۾ شيطاني قوت يا رحماني جذبو داخلي آهن يا خارجي ". شيطان جو موقوف هيو ته انسان ۾ ذات خود برائين جي جڙ آهي ۽ حضرت جبرائيل جو يقين هو ته انسان کي برغلائڻ ۾ شيطان ئي مرڪزي حيثيت رکي ٿو . شيطان پنهنجي موقوف کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي قوتن کي استعمال ڪري ٿو جنهن سبب انور ۽ سندس گهر ۾ عجيب انقلاب پيدا ٿين ٿا . جن جو خلاصو هن ريت آهي :

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

انور ، بک ۾ بيروزگاري ، سوچ سختين کان تنگ ٿي ايمان مان نڪري وڃي ٿو ، ۽ آخرڪار هو خون ، ڏاڻي ۽ ٺرلٽ هڻڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو • سندس ڪهروايي گلنار ايمان ۾ قناعت واري عورت هئي جنهن ڪيس ابتدا ۾ ئي سمجهيو • انور اڃا هو عمل ڪري به نه ٿو ٿ شيطان انساني ويس وٺي انور کي نوڪو هار ڏئي ٿو •

هار ملڻ سان انور، جي سڌ نه چئي ٿ ٿي ويهان ضرور چئي • هڪ غلط راهه چڏي سهي خراب راهه ورتائين • هو پنهنجي ڏيءَ مرجانه ۽ زال گلنار کي ٿوهه جيان ٿوڪاري وڃي عيش عشرت ۾ لڪيو • هن رضيا نالي هڪ عورت سان شادي ڪئي • اها عورت ڏاڍي بي وفا نڪتي • هن مرس کي ڏوڪاري ساري ملڪيت ڪانئس لکرائي ورتي ۽ پوءِ وري شيطان ٿي ڦدا ٿي ڏئي • شيطان کي به مڙئي ٿيو سهن جو خانو خراب ڪرڻ سو ان انساني روپ ۾ هڪ عڪيه ۽ وفادار دوست جهڙو ثبوت ڏنو ۽ رضيا کي پاسي ۾ به نه ٻيهاريو. هن طرف وري انور جي دل ۾ وسواس وڄي ڪيس سمورو لقاءُ ڏيکاريائين ۽ ان ڪري ۽ ڪهڙو جوڙ ٻاري ويٺو • انور کي جنهن شيپ لڳي وئي • هن جي زال گلنار کي جڏهن خبر پئي ته هوءِ باقائدي جيل ۾ ساڻس ملاقات ڪندي رهي • وري هن جي قسمت ۾ ٿيرو آيو • وقت جي ڪاهه جي ڪاجهوشيءَ جي خوشي ۾ هو جيل مان آزاد ٿي ويو •

انور جڏهن جيل ۾ هو تڏهن سندس محل ماڙيون باغ باغيچا ۽ سموري ملڪيت رضيا جي سهيڙ جي ور چڙهي وئي هئي • مرجانه انهيءَ وٽ هڪ باغ ۾ مالهڻ ٿي پيٽ پالينديءَ هئي • انور جڏهن آزاد ٿي آيو ته جنهن خوشڪانسواءِ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

کيس سوريءَ ملڪيت ملي وئي ۽ هو جڏهن پنهنجي باغ ۾ آيو ته مالهوءَ کي نه سڃاڻي سگهيو ته هوءَ ڪا سندس ڏيءُ هئي ۽ انور پنهنجي انڊ جي ڪوڙي تي سوار هو ۽ هن حسين ۽ نوجوان چوڪري ڏسي ته پاڻي ۾ڪان نڪري ويو ۽ چوڪريءَ جڏهن خوبصورت ۽ دانهون ڏيون ته گلنار ۽ وڻي اچي واردات جي جاءِ تي پهتي ۽ پيءُ ۽ ڏيءُ کي ڏسي هن جا حوصلا ئي خطا ٿي ويا ۽

عين انهيءَ وقت حضرت جبرائيل ۽ عزرائيل به اچي ظاهر ٿين ٿا ۽ پڻي ڪيس سوريءَ کي حقيقت کان آگاهه ڪن ٿا ۽ انور پشيمان ٿي ڏيءُ ۽ جوءِ کي وٺي هليو وڃي ٿو ۽

فني نقطه نگاهه کان ڊرامي جي پلاٽ جي تشريح ۽ پيچيدگي ۽ عروج ۽ خاتمي واري جنن کي چڪيءَ ڪري نياپو ويو آهي ۽ سڄي پلاٽ ۾ابتدا به آهي ۽ انتها به ۾ ڇ به ۽

آکاڻي جو هيءُ مال پنهنجي ماحول ۽ معاشري مان ورتي ۽ فاضل ڊرامه نگار انهيءَ کي خواهه مخواهه زمين ۽ آسمان جي ڳنڍي ٻيهاريو ۽ جيڪا ڪاهه ڪاميابي ناهه ٿي هڪ داغ جيان لڳي ٿي ۽ فاضل ڊرامه نگار کي هڪ ڪامرواجي ڪاهه کي حضرت جبرائيل ۽ شيطان جو سهارو نه ڏيڻ کپندو هو ۽ هائي ائين پيو لڳي ته جڏ فاضل ڊرامه نگار وڌيڪ شيطان جي وڪالت ڪئي آهي ۽ ان کي ڀي قصور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ فاضل ڊرامه نگار جي اصلاحي نيت کي ڪڏهن به نظرانداز ڪري نه ٿو سگهجي پر بار بار سينيءَ سان ڊرامي جي مطالعي ڪرڻ مان ائين پيو لڳي ته هو اسان کي زوري نصيحت ڪندي حقيقت کان منهن موڙڻ ويو آهي ۽ هيترن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 288

هنڈن ۾ ائين پيو لکي ٿ فاضل ڊرامہ نگار حضرت جبرائيل کان وڌيڪ شيطان کي سياڻو ۽ ثابت ڪري پيش ڪيو آهي. ڇو ڇن هنڈن ۾ حضرت جبرائيل کان ٻه عجيب قسم جا بيان ڏياريا اٿس. جيئن پهرين ملاقات ۾ جبرائيل ۽ شيطان جو گفتگو هن ريت ٿئي ٿو :

عزرائيل : اي ايمان جا فرشتا ! ناحق هنهن ۾ شئولي نه ڪر ..... ليڪن سڀ شوچوان ٿا هاڻ آئون پنهنجي ويڙ کان بلڪل شرمسار آهيان.

جبرائيل : ... هرڪو آدمي ، جو ايمان ٿا محڪم رهي ، تنهنجي ٽيلايل جار کان پاسو هنڊو ، انجا پاڻ حردار ئي ٿوڪي تنهنجو وجايل مرتبو هٿ ڪري ڏيندا .(١)

حضرت جبرائيل جو مٿيون گفتگو ڏسو . هي مسلمانن جي عقيدي جي بلڪل خلاف آهي . ائين ڪونهي ٿ هو ماڻهو چڪا ڪه ڪري ٿو ٿ ان جو اثر شيطان جي رشبي ۾ پوي ٿو . حقيقت اها آهي ٿ شيطان نيڪ نيت انسانن کي ڏسي سڙندو آهي ، برائي ڏسي خوش ٿيندو آهي . هو چڪائي جو ازلي دشمن آهي ، ان کي چڪائي جو ڪهڙو اجورو ملندو ؟ سو وري چڪائي ڪري ماڻهو ڇڻل ملي شيطان کي .

حردار نگاري :-

ڊرامي ۾ ناول جي حردارن ۽ زمين آسمان جو فرق ٿئي ٿو . ناول نويس پنهنجي حردارن کي اپارڻ يا ڏهارڻ ۾ اڪيلي سو خود مختيار آهي ، ليڪن

---

(١) خانچند دريائي ، : " انسان هين شيطان " امپوئر ڊراماٽڪ سوسائٽي حيدرآباد ، سال ١٩٢٨ع ، ص ٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ليکن ڊراما نگار انهيءَ ڪردار نگاريءَ ۾ لاڳ مجبور آهي • ڊراما نگار جا ڪردار جيئن جاڪي انسانن جي صورت وٺي تماشبين اڳيان اچن ٿا • انهيءَ صورت ۾ ويڙهه ڊراما نگار کي ڪردار نگاريءَ ۾ خاص توجهه ڏيڻو پوي ٿو • ڊرامي ۾ اهڙو ڪردار چونڊڻ گهرجي ٿو • جيڪو ڪردار، پاڻ هڪ حقدار ۽ ٻئي ناحقدار، يا هڪ ظالم ته ٻيو مظلوم وغيره، ۽ ٻنهي ڪردارن ۾ ڪهڙي آهي طنز و مزاح جا ڪردار •

مطالعي هيٺ آيل ڊرامي ۾ جيڪي قسم جا ڪردار موجود آهن • هڪڙي ڏر آهي گلنار ۽ مرجانه جي، ٻي ڏر آهي رضا ۽ انور جي ۽ ٻئين ڏر آهي ٻين ڏين جي • انهن جيڪي قسم جي ڪردارن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي سو خلاصو هن ريت ڪئي ٿو :

(الف) خراب ڪردار :-

انور ۽ شيطان • هن ڊرامي جا اهي ڪردار آهن جن کي حقيقي سڃ جا ويڙهه ڏاڍ ۽ ڏمر جا هدايتي ۽ ظالم ڪردار چئي سگهجي ٿو • شيطان جو ٻيو ڪردار آهي • هو پڻ هڪ ڪردار ماڻهوءَ جي روپ ۾ هجڻ باوجود انسان بحث مباحثو ڪري ٿو ۽ ٻئي ڪردار موجب انساني روپ وٺي نه سگهڻ جي ناڪامي سان هڏا ڪرٽ ڪري ٿو •

شيطان ته ٿيو شيطان ان ڪري سندس ڪردار ۾ روشني وجهڻ اجائي آهي • باقي انور جي ڪردار ۾ گهٽو ڪجهه لکي سگهجي ٿو • انور سچو هو ته ٻه انسان اڳيان ڪائنڪ جي صورت ۾ اچي ٿو پر جڏهن دولت ملڻ ته حوصلي سان گڏ انور جون اکيون ۽ ڪردار ٻه وڃائي ويٺو • زال کي اهڙي نموني وساري ويٺو جو سندس جنهن ساڻي نه هئي • انور بي وفا، ظالم ۽ مڪار انسان هو •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باريڪ بيني ۽ سان مطالعي جي مان معلوم ٿئي ٿو ته ناڪل ڪردار ڪو نه آهي
هڪ قسم جي انهن ٻنهي ڪردارن سان ٻه طرفو برتاءُ ڪيو آهي ۽ سندس انور سان
جو اصلي سازهو ۽ هن شيطان جي اجايو پاسخاطري ڪئي آهي ۽ انور کان ڇپي
ڇپي ٿي غلطيون ڪرائي انسانذات جي وڏي مٿي پليد ڪئي آهي ۽ پئي طرف
شيطان کي هروقت صفائي جو موقعو نراهو ڪيو آهي ۽

(ب) سڌا ڪردار :-

گلنار ۽ مرجانه ۽ هن ڪراڻي جا آدرشي ڪردار آهن ۽ هنن ڪردارن جي
وجود سبب ئي ناڪل هڪ اصلاحي ناصحانه ۽ اخلاقي حيثيت وٺي سگهي ٿو ۽ ناڪل
ڪردار نويس هرممڪن ڪوشش ڪري انهن ڪردارن کي سجائي ۽ ۽ صفائي سان پيش
ڪيو آهي ۽ گلنار ۽ مرجانه جا سڌا ڪردار ڏسندڙ ڏي پڙهندڙ کي هڪ قسم جي
پسنديارن شا ۽ ۽ هر هڪ ائين سوچڻ ۾ مجبور ٿو ٿئي ته هوند اسان انهن کان
وٺي جوشيءَ ٻائين اهڙن ڪردارن جهڙا وفا ۽ سڄا ۽ اصول پرست انسان هجون ۽

(ب) مزاحي ڪردار :-

" سچي دين " ۽ ان جو نواب معرزاد ڪراڻي جا مزاحي ڪردار آهن ۽ انهن
جي اهميت اصلاحي نه ۽ پر محض مزاح ئي آهي ۽ ناڪل ڪردار نويس سندن ڪردار نگاري
سڌي نموني سان ڪئي آهي ۽ عملي دنيا ۽ ۾ اهڙن ٻيڪار جهڙن ۽ ۾ بي وقوف ڪردارن جي
نه اهميت آهي ۽ نه وري ئي هوسندن وجود ئي آهي ۽ پر ڪراڻي ۽ سندن وجود ۽ اهميت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

کان هڏهن ۾ منجر ٿي نه ٿو سگهي .

گفتگـــو :-

ڊرامو حقيقت ۾ جن جزن جو ميلاپ آهي، هڪ آهي " هدايتون " ۽ ٻيو " مڪالمو ". اهي ٻئي ڊرامي جي ٻولي ٻڌجن ٿا . مڪالمي هيٺ آيل ڊرامي ۾ هدايتون بلڪل مختصر طور تي ڏنيون ويون آهن . باقي پورو ڊرامو " مڪالمو " تي ٻڌل آهي .

ڊرامي جو هي فني جزو، ٻولي ٿوڙي ڦيرڦار سان جي نقطه نگاهه کان اهم آهي . ڊرامي جو گفتگو ٻڌندڙ، وڏندڙ، مختصر مگر جامع ٿاٻر ڏيندڙ آهي . فاضل ڊراما نويس هيٺين هنڌن تي " خود ڪلامي " جي ٽيڪنڪ به استعمال ڪئي آهي ۽ هوائعي ۽ ٽيڪنڪ جي استعمال جي ۾ پورپور طور تي ڪامياب ويو آهي . گفتگو جون اهم خاصيون ۽ خوبيون هي آهن :

(الف) فاضل ڊراما نگار گفتگو ۾ آسان ۽ عام فهم ٻولي استعمال ڪئي آهي . انهيءَ جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو :

" گلنار : يا خدا ! يا ، ٽڏهين آئون هميشه جيءِ لاءِ ورڪان وڃڻس ؟ اوائڊي دولت، ٽوڳهڻ ڳهرن جا هن ريٽ خانا خراب ڪيا هوندا ؟ مرجانه، مرجانه، جي ٽون نه هجين ها ته هيڏو ڏڪي ڏڪ هوند مون کي ڏهوڙي نٿي ها . هيڏي بي عزتي ۽ بي حرمتي ۽ ڪان بچڻ هن جهان ۾ جيئرو رهڻ مون لاءِ عجب ٿي پئي ها . پر ڏيڻي ، ٽو سانگي آئون اهي سور به سڀا ڪي سهندس ۽ ڏکيا ڏينهڙا به ڪاٽي ڇڏيندس . يا خدا ! آئون ڏهنجي در تي سوالڻ آهيان . ٽون منهنجي دعا سڃ ۽ منهنجي سهيڙي

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 292

ڏي ڏکي ٿا اوکي نه ڏيکاري (۱)

(ب) ڊرامه نگار مڪالمه ڇوڪيا ٻولي ڏاڍي آهي ، سا نه رڳو آسان پر عام فهم آهي بلڪ سهڻي پر سلوڻي به آهي ۰ هڪ هي مثال ڏسو :

عزرائيل : ..... مون برابر خودي ڏجي خمار پر ، خدا تعالي جواهر اورانگهي ، پاڻ کي خراب خوار ڪيو ، ليڪن آئون سڀ شوچوان ۽ هاڻ آئون پنهنجي هوڏ کان بلڪل شرمسار آهيان ۰(۲)

(ج) انهن خوبين هوندي به هن هنڌن تي مڪالمن ۾ فاضل ڊرامه نويس اهڙا ٽڪرا لفظ هڪ آندا آهن جن کي هوند آساني ڏ سان قبول ڪري نه ٿو سگهجي ۰ مثال انور :- نه مان لاچار آهيان ۰ جي ٿون مونسان گڏ هوندين ڏ ته پنهنجي ذليل خدا جي عبادت سان ، منهنجي خوشين جي منهن ڏ ماکي ڏ جي پيالي پر هڪ زهر جو قطرو ڪي پوندين ۰۰۰۰ (۳)

حوالي :-

Gul Hayat Institute

فاضل ڊرامه نگار ، ڊرامي جي ٻولي ۾ حد کان وڌيڪ ۾ تصنع جو ڪو

---

(۱) خانچند دريائي : " انسان جي شيطان ، " امپوئر ڊراماٽڪ سوسائٽي ، حيدرآباد ، سال ۱۹۲۸ع ، ص ۱۸

(۱) ايضاً ، ص ۷

(۳) ايضاً ، ص ۱۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

توجه ڏنو آهي . هن پنهنجي ڊرامي ۾ ايتري ته عام ۽ نڪ سولي ۽ سلوڻي ٻولي استعمال ڪئي آهي جو پڙهندڙ ، ٻڌندڙ يا ڏسندڙ ڪنهن به مونجهاري کانسوا ۽ سجهي ۽ان جو مزو مائي سگهجي ٿو . ٻولي ۽ جي هڪ مختصر جملي " گفتگو واري جڳهه تي تنقيد ڪندي ڏني وئي آهي . ٻولي جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته فاضل ڊرامه نگار " ۾ تجسس حرفي " کي خاص طرح استعمال ڪيو آهي . ان کانسوا ۽ هندو هوندي به ٻولي کي مذهبي رنگ کان پاڻ ڪيو آهي . ٻوڙي ڊرامي ۾ ڪٿي به ڪو هندي يا سنسڪرت لفظ ڪم نه آندو ويو آهي .

فاضل ڊرامه نگار ٻولي ۽ کي وڌيڪ مشيار ۽ محبوب بنائڻ لاءِ ڪيترائي اصطلاح ۽ پهاڪا ۽ چوٽيون استعمال ڪيون آهن . انهن جو مختصر وچور هن ريت ٿئي ٿو :

(الف) اصطلاح :-

امر اورانگهڻ ، پٽيون ويڙهڻ ، هٿ ڪڍڻ ، پير ڀرڻ ، پاڻ پاهرڪڍڻ ، وارونگو ڏيڻ ، ٽوڪ ڪٽا ڪرڻ ، پاڻي ڏيڻ ، ڪير ڪنڌ ڏيڻ ، جهنگ منهن ڏيڻ ، ڪنڌ ڪپڻ ، پير پائڻ .

(ب) پهاڪا :-

هڪ ڇ ۾ پاڇا ، ڇريا ڏيئن ڇي ويڙهون وڻ ، وغيره .

فاضل ڊرامه نگار پنهنجي ڊرامي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ شعر و شاعري جو سهارو به ورتو آهي . اها شاعري فني نقطه نگاهه کان ته اعليٰ حاڪي پر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 294

نٽرجي لحاظ کان ڊرامي جي ڪردارن جي جذبن جي مڪمل عڪاسي ڪري ٿي ۽ ڪهاڻي ۾ نئون رنگ ۽ مٽاج پيدا ڪري ٿي • ڊرامي ۾ ڏنل شعر و شاعري جو هڪ مثال هن هيٺ ڏجي ٿو :

ڏن مال ملهيو ازغيبي اسان

سڪ سوئي سچو ٽيرائي ويو

ٽيرائي ويو ، بدلائي ويو

ٻس ڪهڻي ٽسلائي ويو •

ڏسي مال مڙوئي اڇيجاراڻي

ٿيو خيال اڀا جو ويچاراڻي

هڏو حال ڏسي بيمارمون ڪي

هڏ هن جون ڏاڙهين ديدارمون ڪي

ڇڏ ٿه امڙ شيامسين درڇ ٻدر

ڏکيو ڏاڍو ٿيو اسان هاڻ گذر

اڀا ڪا نه رکي ڪا رحم نظر

ناڪو محبت جو مٽائي ويو (۱)

مزاج :-

ڊرامي ۾ طنز و مزاح وڏي اهميت رکن ٿا • فاضل ڊرامه نگار انهيءَ جي اهميت ۽ افاديت کي نظر ۾ رکندي خاص هن ڪردارن جي ڊرامي ۾ گنجائش رکي آهي •

(۱) خانچند ڏياڻي : " انسان هيءَ شيطان " امچور ڊراميٽڪ سوسائٽي حيدرآباد ۱۹۲۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 295

ڊرامه نگار هن پهلوءَ ۾ جيڪو توجه ڏنو آهي تنهنجي انداز لکائڻ لاءِ هن هيٺ لڌل جاءِ ۾ جو گفتگو ڏجي ٿو :

مهرزاد :- هلي آءُ ، هيڏانهن سولو ٿي ويهه .

جلال : نه سائين ، اوهين وهو . پهلي آپ

مهرزاد :- نه پيارا ، تون مزمان آهين . پهلي آپ

جلال : اها شيءِ نه آهي . اوهين مون کان عمر ۾ وڏا آهيو . پهلي آپ

مهرزاد :- مهمان واري جو حق آئون مورڻ نه ڏيندس . پهلي آپ

جلال : سچي ادبي جو ٺهو آئون سر تي هڏ هين هين کڻندس . پهلي آپ

مهرزاد : زمين آسمان هڪ ٿي وڃن ٿه به پهريائين آئون نه وهندس . پهلي آپ

جلال : دنيا نيست نابود ٿي وڃي ، ٿه به پهريائين آئون نه ويندس . پهلي آپ

مهرزاد :- تون مون کان ننڍو آهين ، توکي منهنجو چيو مڃڻ گهرجي . پهلي آپ

جلال : اوهين مون کي وڏا آهيو ، اوهان کي منهنجي دل رکڻ گهرجي . پهلي آپ

مهرزاد :- جي ٿون هروڀرو هٺ ڪندين ته حضرت ڪالهه ان کان ڪاهوڙو ٿي پوندو . پهلي آپ

جلال : جي اوهان جي هروڀرو جهيڙي ۾ خواهش آهي ته بندو لاچار آهي . پهلي آپ

مهرزاد :- جي ٿون منهنجي ڪالهه نه ٿو مڃين ، ته پوءِ اڪر به نه ڪالهائيو . پهلي آپ

جلال : جي اوهان کي به ناحق بحث هٿ ٿو آهي ته فدوي عرض به هي آخرين سلام آهي . پهلي آپ .

مهرزاد :- جي نه ، ته هي سامهون در کليو پيو اٿيئي . پهلي آپ .

(جلال هاڻي وڃڻ ٿي آهي ته ، ته بي دين ڏي ڏيڻ ٿو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 296

بي دين : جناب صدر صاحب ۽ هزز صاحبان ! آئون مجلس ۾ هڪ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو . آئون انهي ڳالهه تي تقرير ڪرڻ نٿو چاهيان ، في الحال فقط حال مطلب ۾ اوائلي مراد سمجهائيندس . قلم اول ۾ هن قسم جو ضد هزز دوستن جي شان وٽا نه آهي . قلم ڊيڍ ۾ عام رويت جي بهبودي ۽ جي مدنظر تي انهي ڳالهه تان ٻئي ڏينهن هڪ ئي وقت پنهنجي خرچي ڳالهه تي ويهن ، ۽ جيڪڏهن هروڀرو هنن جي اها خواهش آهي ته اوائل ۾ ٻيو هو آدمي کانئن اڳي وهي ، ته آئون اهو اولو فرض بجا آڻڻ لاءِ تيار آهيان . پهرئين آئون ٿو وهان ۽ پڪڙ اوهين ٻئي ٻه انهي ڳالهه مثال جي ٻڌائي ڏيو ، ۽ ناحق جهيڙي کي ختم ڪيو (۱)

مقصد پت :-

برامي جو عنوان ايڪي ڳالهه جو ڏسڻ ۾ ٿو آهي ته ناڪل ليڪ هاشري جي بد خردارن جي ڪل لاهڻ جي خوشش ڪئي آهي . برامو بنيادي طور تي هڪ اصلاحي برامي جي حيثيت رکي ٿو . برامو پنهنجي وقت ، حالتن ، ۽ نظرين ۾ سچين

---

(۱) خنجند درياڻي : " انسان ۽ شيطان " ، " اسڪوئر برادرز سوسائٽي ، حيدرآباد ، سال ۱۹۲۸ع ، ص ۶۲ - ۶۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 297

پڃين حقيقتن جي عين مطابق آهي . ليڪن سندس فڪري پهلو هڪ اهڙي نظريي جي رکيل آهي جنهن جي برامي کي آفاقي حيثيت نه ٿي ملي سگهي .

برام نگار ، پنهنجي مقصديت جي حصول خاطر هجهم لاشعوري عظيمون ڪيون آهن . هن جڏ شيطان جي پاسخاطري ڪئي آهي ۽ انسان کي مجرم ثابت ڪري ويٺو آهي .

انهيءَ ڪانسواءِ فڪري ۽ نظرياتي طور تي به هن ڪا غلطي ٿي وئي آهي . وڏو طبقو ۽ استحصالي قوت معاشري ۾ هڪ بي پائيءَ جي ول جيان انسان ذات جي ڀوٽي کي ويڙهي ويندي آهي . ان خلاف نفرت ۽ طبقاتي سچ انساني فلاح ۽ روشن مستقبل جو هڪ تيستي سرمايو آهي . انهيءَ طبقاتي چڪاڻ ، ۽ وڏي طبقي لاءِ نفرت جي تقدس ۽ پارسائي کي هڏهن ۾ نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي . ليڪن فاضل برام نگار انهيءَ مقدس نفرت ۽ انقلابي جذبي جي مٿي پليڪ ڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . انورجڏهن غريب هو ته فاضل برام نگار ڪانس چوائي ٿو :

"اڄ ڪان ۾ مان خوني ، چور ۽ لوٽو آهيان ..... تہ ڪان پنهنجو بدلو وٺندس ، جوري عيار ، فريب فنڊ ، ڏڪي ۽ خون ڪري به پاڻ کي آسودو ڪندس"

هن کي پنهنجي ڪردار کي ذات ڪان ٻاهر ڏيڻ گهرجي ها ۽ فڪري ٿوري نظريا ي طور تي ٻڪ ، ڏڪ ۽ بي روزگاري ۽ استحصال جي اصلي سببن ۽ انهن کي ختم ڪرڻ جي منظم سچ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ها .

انهيءَ هلڪي ڦلڪي غلطيءَ جي باوجود به برامي جي اصلاحي اهميت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 298

خـــونـــي

تـعـارف :-

سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب جو چمن ڏيسي ٻوٽي ٻوڏيسي گلن ۾ ٻوٽن سان سنوارل ۽ سينگاريل آهي . هتان جي عالمن ۾ اديبن وقت بہ وقت ٻٹي ٻنڌنجي ۾ ٻراون شعبن سان ٻوليءَ جي جهولي ڀري آهي . دنيا جي مختلف ٻولين مان هيترن ئي شاهڪارن جا ترجما ٻٹي ٿيندا رهيا آهن . انهن ترجمن ۾ ڪي ادبي ڪاوشون اهڙيون ٿ ٿين ٿيون جو پڙهڻ کان پوءِ دل انهن ٻولي ٿي ٿ مترجمه ٻ ڳالهين ٿي اٿو هاريو آهي . نہ ٻوليءَ ۾ مزو ، ۽ نہ وري مقصد جي پاڻهه . ڪي ٿيون وري اهڙي ٿ رنگ ۾ ٻ رنگ سان ترجمو ٿيون وڃن ٿيون جو پڙهڻ کان پوءِ اعتبار ئي نہ ٿو اچي ٿ هي ڪو ترجمو ٿيل آهن . مٿاڇري هيڊ آيل ناڪ " خوني " بہ اهڙن ترجمن منجهان هڪ آهي .

" هن ناڪ جي روپ ريکا ڪهڙي قدر " قاتل " نالي ترجي ناڪ سان هڪ آهي ... ترجي ۾ وارن بہ هي ناڪ جرمني ۾ جي هڪ نامياري ناڪ نويس رچرڊ ووس جي ناڪ سان ورتو آهي . پر ترجي ۾ وارن پنهنجي ناڪ ۾ ويس ڏارن جا نالا ٽيرايا ٿين آهن . اصلوڪا جرمن نالائي هلائي ڏنا اٿن ."(۱) مترجم احمد غلام علي چاڪلا هن ناڪ ۾ ڪهڙي هجمه ٽيرٽار ڪئي آهي ويس ڏاري جهڙي بہ چون ٿن ٿا اهو ، ٻوٽي معاڪ . هن جوئي رڪيل آهي . هن نہ رڳو نالا ٽيرايا آهن ، پر ٻٹي ۾ ٽئين باب ۾

---

(۱) احمد غلام علي چاڪلا : " خوني " ٽئگور ۽ راماناڪ هلب ، حيدرآباد سال ۱۹۳۱ع ص ۱۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

بلڪ روپ ريکا ڀرڻا ۽ جيڪي سوڪڙي سنڌي ڏانو ٿي ٻڌاري آهي .

هي ناڪ ۱۹۳۱ع ۾ " ٽئگور ۽ رامانند طلب " طرفان شايع ٿيو هو .

ناڪ جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

آکاڻي :-

خوني ، الميه ۽ راموآهي . ۽ رامي جو مضمون نهايت ئي رقت آميز ۽ درد انگيز آهي . لالچند امرڏنومل جڪتياڻي انهيءَ لاءِ لکي ٿو ته :

" ڪتاب اڄا ڇپيو ڪونه هو . حيدرآباد ۾ يار نظرمان ڀٽي هڏيو . آئون سانگي سان انهيءَ ڪاڻ حيدرآباد هوس . اتي هڪڙي پريت وٽ منهنجو وڃڻ ٿيو . منهنجي سڏ تي اڻي دروٽ آيو ، ۽ عجب ڪهڙو ، جو رڻائين ڀٽي ! ڇيرمانس ڇو ؟ ڪتاب جو دستخط ڏيکاري ، ڇپائيندڙ : هي ويٺو پڙهان .

" خوني ءَ " جو مضمون اکر به اکر خود احمد ڇاڪلا جي واٽون ڀڃي ءَ ڀڃي ءَ ٻڌو مون به هو ، ۽ ڏسي ڏسي ٿي اکيون ٻاڦي ءَ سان ڀرمنهنجيون به ٿيون هيون ، ۽ مون وڏيون مجرايون انهيءَ ويل احمد ڇاڪلا جي پڙهڻ کي ڀٽي ڏنيون . ڪالهه ۽ پنهنجو ذاتي ڪم هيٺرو هو ، انهيءَ ڪاري ۽ مون اڄا راءِ ٻڌائي نه هئي . هينئر مون کي پڇ ٿيڻ لڳي ته ڪالهه ۽ پنهنجو ذاتي ڪم نه ججهو ٿي آهي .

پوءِ ٿه " خوني ءَ " جو سارو مضمون اکر اکر هڪ مون کي اٽلائڻو پنهنجي سر ۾ پيو ... ۽ جيئن ٿي مون دستخط جا ورق واورايا ، جيئن ٿي مون قلم قلم ٿي اک ٽهرائي ، جيئن ٿي مون اکر اکر هڪ اٽلايو ، تئين ٿي مون کي ناڪ نويسي ءَ ۽ احمد ڇاڪلا جي قابل هاڻي ذهن نشين ٿي . آئون پاڻيان ٿو ته سنڌي ءَ ۾ ناڪ نويسي ءَ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 300

کي سچو پچو رنگ ۽ نگ احمد چاڪلا جو هي ۽ "خوني" نالي لکيل ٿي وڃائينـــدو ۔ انهي ۽ ڏس ۽ اداسي ۾ ڪيا هن ۔ سنڌي ۽ جا پيار وارا جوڪي ۔ قدر انهن جو ۾ هن پيا ۔ پر هن "خوني" واري کيل مان ڏسو ٿ احمد چاڪلا پنهنجو مٺ پاڻ آهي ۔" (۱)

هن ناشڪ جي آکاڻي هن ريت آهي ٿ رفيق نالي هڪ غريب پر شريف انسان پنهنجي سيٺ جي قتل جي الزام ۾ بيگناهه جنه ٿيپ کائي ٿو ۔ هو جڏهن پندرهن سال سزا ڪاٽي چڪو آهي ٿ ٽهن کان پوءِ اصلي خوني پنهنجو پاڻ ڏوهه قبـــول ڪري ٿو ۽ هن کي آزاد ڪيو وڃي ٿو ۔

هن جي جيل پوڻ ۽ سزا ڪاٽڻ دوران ، سندس اولاد ۔ لطيف ۽ شمسي ، ۽ زال ۔ بتول ، ڏکڻ ۽ ڏوهرن ۽ اچي پون ٿا ۔ بتول پنهنجي اولاد کي زنده رکڻ لاءِ پنهنجي جواني ۽ جو سودو ڪري ٿي ، ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ پاروءَ نالي هڪ عاشق نامراد جي حوالي ڪري ٿي ، ۽ ان سان گڏجي رهي ٿي ۔

رفيق جڏهن آزاد ٿي اچي ٿو ۽ پنهنجي سوڀيل هٿن کي هاڻي جي بي حياءِ بد ترين فرد ، پارو جي محاڪ ۽ واري قيد ۽ بند ۾ محسوس ڪري ٿو ۔ آخر ۾ پارو هن جي حسين ڌي ۽ شمسي ۽ جي پاڻهن رمزو نالي هڪ دولتمند کي وڪڻي ٿو ۔ بتول مخالفت ڪري ٿي ۔ پارو بتول کي مارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ، ۽ ٽنهن ۾ ۽ رفيق کان وڌيڪ صبر نه ٿئي ۔ هو غيرت ۽ اچي پاروءَ کي پنهنجي هٿن هڻي ڏي ٿو ، ۽

---

(۱) احمد غلام علي چاڪلا : "خوني" ٽڪور ۽ راماڻه حلب ، حيدرآباد ، ۱۹۳۱ع ، ص ۷ ـ ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 301

نقلي خوبيءَ ۽ مان اصلي خوبي شي پيدا ٿئي ٿو ۽

آکاڻي پنهنجي جاءِ تي اثرائتي ۽ بهترين آهي ۽ فاضل ناشد نويس آکاڻي کي چڪيءَ طرح نباهيو آهي ۽ هو آکاڻي کي طالبيءَ جي آڏي ختم ڪري ٿو ۽ ان ۾ محل ۽ ڀرپور تسلسل آهي ۽ واقعا موتين جي لڙهي جيان پوئيا پيا آهن ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿن ڪٿ به جهول نظر نه ٿو اچي ۽ ڪهاڻي فن ٿوري نڪرجي لحاظ کان هڪ ڪامياب آهي ۽

ڪردار نگاري :-

ڊرامي جا هوندا ٿي ڪيترائي ڪردار آهن ۽ ليڪن رفيق ۽ بتول ۽ پاڪيزه مرڪزي حيثيت رکن ٿا ۽ ياروءَ ۽ لطيف ۽ شمي ۽ شجاعت ۽ جبلر جي ڪردار کي به وساري نه ٿو سگهجي ۽ ليڪن انهي ڪردارن کي نظرانداز ڪري ٿئي ٿو ۽

چاچلا صاحب ڪردار نگاري ۾ ڊرامي ۾ پنهنجي ٿاڻ سان حق آهي ۽ پڙهندڙ ڊرامي جي ڪردارن سان پنهنجي نفرت يا محبت جي جذبن جو ڀرپور اظهار ڪرڻ ۾ مجبور ٿئي ٿو ۽ مکيه ڪردارن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو :

رفيق : رفيق هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار آهي ۽ رفيق شاهه لعل جوهريءَ جو ملازم هو ۽ هو غريبيءَ ۾ تنگ دستيءَ جي باوجود به ديانتداريءَ سان ڪم ڪندو هو. هن جي سيٺ شاهه لعل کي خبر پئي ته سندس ڪاروبار جو ذيوالو نڪرڻ وارو آهي ۽ انهي ڪري شاهه پنهنجي آفيس ۾ اچي باقي بچيل پونجي کي نرار ڪرڻ جي ڪوشش

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڏي رهيو هو • ان ڏينهن آفيس ۾ اڄا رفيق ۽ پاڪچند ڪم ڪري رهيا هئا • رفيق اڄا ويٺوئي هو ته پاڪچند ڪمرو وڃڻ جي ڪئي • پاڪچند جڏهن هيٺ لهي آيو ته مٽس سيٺ جي نظر پئجي وئي • قصو ڏوتاهم ، هوسيٺ کي ماري انهيءَ جي دولت لٽي وڃي پوليس ۾ اطلاع ڏنائين ته سيٺ کي ڪوئي ماري ويو آهي • پوليس جڏهن آفيس ۾ پهتي ته ان وقت هاڻي رفيق جي هٿ ۾ هئي • ان ڪري ڪيس ٿيڻ ۾ گرفتار ڪيو ويو • ڪورٽ ۾ پاڪچند مٽس شاهدي ڏني ۽ ويچاري کي جنب ٽيپ ملي وئي •

پندرهن سالن جي ڪنڊي وڃڻ بعد پاڪچند جو ڪير جاڻي پوي ٿو ۽ هو پنهنجو ڏوهه باسي ڦوان ڪري رفيق جي گناهه کي ڇڏيو وڃي ٿو • رفيق جڏهن پنهنجي قيد مان جند ڇڏائي باهر نڪري ٿو ته ڪيس پنهنجو پورو ڪنب هاڻي جي قيد ۾ بند ڏسڻو • يارو جي پاڻي ۽ جي دل جيان سندس سوري ڪنب جو رٽ چوسي رهيو هو • نيٺ اهو وقت به آيو جو يارو ، رفيق جي ذيءَ شمسيءَ کي وڃڻ جا سانباها ڪري ٿو • بستول جڏهن هن جي پينٽ جي پاڪيٽ ۾ ته يارو کيس مارڻ جي ڪري ٿو • رفيق انهيءَ وقت يارو کي ڏاڍون هڻي ماري وڃهي ٿو •

رفيق جو ڪردار هڪ عام رواجي ۽ روزانه زندگي ۾ نظر ايندڙ انسان جهڙو آهي • هو جو ڪجهه به ڪري ٿو ، اهو هن جو سڻ آهي • هن جي سڀ جي صحيح ڏارا صحيح ڏ ۾ وهندي رهي ٿي • هو شريف هٿ ۾ غريب هو ، ان ڪري سيٺ کي خون ڪرڻ هن جي وس جي ڳالهه نه هئي ، جو ته ڏن ڪان وڌيڪ طاقت وارو ڪير همیشه هن ٿي ڏڻي نظر رکندو ايندو هو • پر جڏهن جيل مان ڇٽي گهر اچي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 303

ٿو ته ايڏيون سختيون سهڻ جي باوجود به، هو ورِي جيل وڃڻ کان نٿو لهرائي ۽ غيرت ۽ اڇي ياروءَ کي ماري وڃهي ٿو . رفيق جو ڪردار هر موڙ تي انسان کان همدرديون حاصل ڪري وڃهي ٿو . انسان جي دل ۾ هن لاءِ پيار ۽ اکين ۾ ڪوڙا اڇي وڃن ٿا .

بستول : جيتحسڏهن رفيق کي ظلم وستم ڏسڻا پون ٿا ته بستول لاءِ دنيا وارن جا ڪهڻ ڪا نه هئي هئي . حقيقت جي نگاهه سان ڏسڻو وڃي ته رفيق ته وڃي جيل ۾ سوکهو ٿيو ، مگر مصيبتون وڇاريءَ بستول تي اڇي ويون . سڄي گهر جو بار هن معصوم ۽ مظلوم عورت تي اڇي پيو . رفيق کي ته جيل ۾ سرڪاري مانيُ ملندي هئي ، پر بستول کي ٻاهر ڪو به ڏسڻ وارو نه هو . هوءَ اڪيلي نه هئي ، پر نوجوان پٽ ۽ ڌيءَ به هيس . هوءَ زنده رهڻ لاءِ ياروسان سمجهوتو ڪري ٿي ۽ پنهنجي جان ۽ جسم سندس حوالي ڪري به ٻارن کي بچائي ٿي . جهڙيءَ طرح مرزا قليچ بيگ جي "زينت" ڏکڙا ڏسي ، زماني جي طمع ۽ حرص جو مقابلو جيئن هن سٽاتي ، ساڳيءَ طرح بستول ڪيو . شيخ چاڪلا صاحب جي "بستول" به زماني جي عميق بحر ۾ واڪن جي ور چڙهي ٿي ، سور سهي ٿي ، ۽ پنهنجن ٻچن جي عليه خاطر ڏک ڏسي ٿي .(۱)

پاڪچند : پاڪچند ، هن ٻراهي جو ٻيون مکيه ڪردار آهي . هن جي هٿن ڪرتوتن ۽ مايا جي اڻ سڌ هڪ پورو خاندان تباهه ۽ برباد ٿي ويو . پاڪچند

---

(۱) ڊاڪٽر غلام علي الانا : "سنڌي نثر جي تاريخ ،" ص ۱۶۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 304

رفيق سان گڏ، سيٺ شاه لعل جي ملازمت ڪندو هو ۽ هن ئي پنهنجي سيٺ جو قتل ڪيو ۽ ڏن دولت جو مالڪ بڻجي ويو ۽ رفيق جي هن ئي حورٽ ۽ شاهدي ڏني ۽ هنن جي هن مظلوميءَ غريب کي عمر قيد جي سزا لڳي وئي ۽ آخر وقت ۽ قدرت پنهنجو هرشمرن ڏيکاري ٿي ۽ سندس نوجوان پٽ مري وڃي ٿو ۽ هن جي ڏاڙي هنيل ڏن جو هو به وارث نه ٿو رهجي ۽ هن جو ضمير کيس جهنجهوڙي لڳي ٿو، سندس اندر وارو انسان اٿي ڪڙو ٿئي ٿو ۽ پاڻڪڍ جو سڀون ڪانئس رسي وڃي ٿو ۽ هو انهي ئي سڀ ۽ جرين جهڙي حالت ۽ جڙ پهچي وڃي ٿو ۽ هن دوستي ۽ جي ننگ کي ٽوڙي، انسانيت جو گلو ڪهيو ۽ پنهنجي سيٺ سان غداري ڪئي کيس ماري وڌو ۽ هن سوچيو ته رفيق جي وهه جهڙي حياتي به هن جي گناهن ۽ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيندي ۽ ان ڪري هن سرڪاري عملدارن کي اطلاع ڏنو ۽ پندرهن سالن جي عرصي کان پوءِ اڄي رفيق کي آزاد ڪرائڻ جو ٻڌايو ٿيو ۽ پاڻڪڍ انساني قانون کان ته جند ڇڏائي ويو ، پر قدرت جي اٽل قانون هن کي معاف نه ڪيو ۽

پاڻڪڍ جو ڪردار به فاضل ناٽڪ نويس اهڙي ته انداز ۽ جڙيو آهي جو ڪتاب جو پڙهندڙ ، يا ڊرامي جو ڏسندڙ اهڙي گناهه ڪرڻ کان هڻ رکي ٿوبه ڪرڻ ئي مجبور ٿئي ٿو ۽ پاڻڪڍ جي شخصيت يا ڪردار ۽ هنهن هنڌ به ٻناوٽي ٻولي يا انداز نظر نه ٿو اچي ۽ هو جو جهڙ ڪري ٿو اهڙا مثال دنيا ۽ ڪاڻي ملن ٿا ۽ ان ڪري اڄن جڙ ۽ هو به وڏائڙ نه ٿيندو ته پاڻڪڍ جو ڪردار اسان جي هاڻي ۽ ماحول جي عين مطابق آهي ۽

نوٽ :-

جيڪڏهن اڳ ۽ عرض ڪيو ويو آهي ته ڊرامو بنيادي طور تي ترجمو ڪيو ويو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 305

آهي . فاضل مترجم ترجمي جو حق چڪي ڏاڍ نباهيو آهي . " هن ڪراچي ۾ چاڪلا صاحب جي لکڻي ڏاڍ جي روانيءَ دلڪش آهي . اصليت کي اهڙي ٽه ڀنگ سان نمايان ڪيو اٿس ، جو پڙهندڙ پاڻ کي حقيقي ماحول ۾ گم ڪري ڇڏي ، ۽ پنهنجي تصور جي اک سان اصلي درد ، ڏک ۽ تڪليفون محسوس ڪري ٿو ، جن کي سندس دل سهي نه ٿي سگهي ."(۱)

هن ڪراچي جي عبارت پنهنجي مٽ پاڻ آهي . عبارت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

" رفيق : (دلسوزيءَ سان) سائين ، دنيا ۾ عدل آهي ؟ مالڪ الله وٽ انصاف آهي ؟ مونکي جيڪا پري آهي ، مونسان جيڪو اڌير ٿيو ، آئون ڏسو ٿا ، سڏ ڪڍو ، سهان ويٺو ، پر جڏهن خيال ٿو ڪريان ته ويچارن بارڻ ۽ سندن ماءُ جو مون کان پوءِ ڪهڙو حال ٿيو هوندو ، تڏهن دل چاهه چاهه ٿيو پوي . اهو درد آئون سهي نٿو سگهان . جوان ويچارا نازجا نهايل ڪهڙن واڪن جي واٽ پيا هوندا "(۲)

چاڪلا صاحب پنهنجي ڪردار جي ڪيفيت جي اظهار لاءِ ڪيترن ئي اصطلاحن محاورن ۽ پهاڻن کي استعمال ڪيو آهي . جيڪي ڪراچي جي هڪ عبارت ۾ چار چنڊ لڳائيون ويٺا آهن . هن هيٺ اصطلاحن جو مختصر وچور ڏجي ٿو .

---

(۱) ڊاڪٽر غلام علي الانا : " سنڌي نثر جي تاريخ ، ص ۱۶۱

(۲) احمد غلام علي چاڪلا : " خوني ، " شڪور ڪراماٽڪ ڪلب ، حيدرآباد ، سال ۱۹۳۱ ، ص ۲۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 306

پڑهائن ، ڏوڻ وجهن ، ڀتا ٽٽ کولن ، وڻ ڇڏڻ ، واڪن وات ٻوڙ ، سٽ سٽن ، پنيون لاهن ، ڏوهه ڏوئڻ ، پاڻي ڏيڻ ، ڏيهاڙن ، حياتي وهه شين ، اک پٽڻ وغيره ۰

گفتگو :-

هن ڊرامي جي گفتگو وارو فني جزو به پنهنجي مٽ پاڻ آهي ۰ چاڪلا صاحب ڊرامي جي مڪالمن ۾ گفتگو تي خاص توجه ڏنو آهي ۰ مڪالما ايترا ته سليس ۽ سٽ سنڌي ٻولي جي رنگ ۾ رڱل آهن جو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي مطلب ۽ مفهوم سمجهڻ ۾ ڪائي وقت ڪا نه ٿئي ٿي ۰

گفتگو ، نه رڳو سليس آهي ، مگر اثرائتو به آهي ۰ ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ هڪدم پنهنجي من ۾ جيئري جاڳندي شڪ محسوس ڪري ٿو ۰ هن جو من اچلن ڪائن تي آماده ٿي وڃي ٿو ۰ اهڙي دلسوز ۽ اثرائتي گفتگو جو مثال هيٺ ڏجي ٿو :

" ماجسٽريٽ : نه نيهوڙ ، تون برابر بيگناهه آهين ، آزاد آهين ، تنهنجي ڪي زندگي ۽ قدرت وري هي پيو ڪرشمو ٿي ڏيکاري ۰

رفيقه : (اڃا نٿو سمجهي) بيگناهه - پندرهن ورهيه گنهگارن جي دنيا ۾ داخل ، پوءِ بي گناهه ! آزاد - پندرهه ورهيه جيئي جهنم ۾ ، پوءِ آزاد ! نه نه ، ائين ڪٿن هوندو ؟ اهو رڳو منهنجو وهم آهي ۰

جيلر : (رفيقه ڪي هٿ کان وٺي) نه رفيقه ، تون سچ پچ آزاد آهين ۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 307

وٹيئي اوڏانهن وڃي سگهين ٿو ۔

رفيق : هيڏا نهن وڃان ؟ آزاد ۔ جڏهن آزادي ۽ جو آڻون مطلب ئي ٻلجي ويو آهيان ! آزاد ، جڏهين آزادي منهنجي لاءِ نهي !

ماجسٽريٽ ! رفيق !

رفيق : سائين ، اوهين ٻاڻ ڇڏو ، آزادي مون کي هاڻ هٿي هڻ ايندي ؟ نالو ويو ، (چاٽي ۽ ٿي زور سان هٿ هڻي) نمبر ملیو ، نمبر ملیو ، نالو ويو ۔ آزادي ! جن جي خاطر آزادي جي ڪواهش هئي ، آزادي ، جي طلب هئي ، تن سان الهجي چا ٿيو ! خدا ڄاڻي اهي هٿي رهيا ! نه سندن نالو نه نشان ! آزادي ! جڏهي جن جي ڪاڻ هئي ، جن جي خدمت ، جن جي ڀالنا ، منهنجو مرد هو ، انهن کان انهن کان ۔ بي وفا تست جڏي دار هيو ۔ انڊي انساني انصاف مون بي خطا ۽ بي جرم سندو گهر برباد هيو ۔ (خيال هڪ روئي ٿو) جيڪا تقدير ! (ڪن ماڻ) هاڻ اوهين خود ڇڏو ، منهنجا مشفق ، ٻاڻ ڇڏو منهنجا سڀاڳها سائين ته جڏهن جي سر تي وحشي الزام ۽ ۽ خوني ، جڏهن کي گهٽي ۽ کهٽي ۽ ۾ پچاري ڇون ، " خوني " " خوني " انهي ۽ ڪي هن سکٽي ۽ آزادي ۽ مان چا حاصل ؟ مون کي اهڙي آزادي مان هٿ ڏوسڪ ؟ (انهي ۽ سوال سڀڻون گڏ ٻانهون ڏڪهيي ٿو ٻيهي) " (۱)

---

(۱) احمد غلامعلي چڪلاڻ : " خوني ، " ٿڪور ۽ رامائڻ طلب ، حيدرآباد ۱۹۳۱ع ، صفحو ۳۸ ـ ۳۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 308

مقصديت:

هي ناٽڪ ، فن ۽ فڪر جو حسين سنگم آهي • ناٽڪ جي پڙهڻ کان پوءِ دل ۾ ڏک لڳي ٿي • من ۾ اڻين ٿو پوائي ته انسان ئي انسان ٿي وڏو ظلم ڪري ٿو • دنيا ۾ انسانن جي شڪاري نه ايترن پرندن ۽ جانورن کان ٿي ٿئي ٿي ، ۽ نه ئي آفتون ئي انسان کي ايترو تنگ ڪن ٿيون • جيترو خود انسان انسان کي تنگ يا تباهه ڪري ٿو •

ناٽڪ جي پڙهڻ کان پوءِ اهو تاثر ملي ٿو ته انسان بذات خود گندي فطرت جو مالڪ هين آهي ، مگر حالتون ئي کيس وحشي ۽ درندي کان وڌيڪ خطرناڪ بڻائي ڇڏين ٿيون •

ناٽڪ اهو به تاثر ڏئي ٿو ته هن دنيا ۾ جيڪڏهن هر حالت ۾ مظلوم جي ٿئي ٿي • ظلم ٿئي ضرور ٿو ، پر ظالم جي پڇاڙي به اوس ئي ٿئي ٿي • اهڙي پڇاڙي جا پيمانا به آهن ته مبرتناد به •

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 309

هڪڙي رات ۽

شعارف :-

عشق ۽ محبت ، سچ ۽ سونهن ، هر ديس جي ادب جي جان شين
ٿا ۽ حقيقت ۽ جيڪڏهن هنهن ڏرتيءَ تي هو پيار نه پلجي ، هو سچ جي
سوداگري نه ڪري ته هوند ادب جو ميدان ئي سچ شي وڃي ۽ سنڌ جي ڏرتيءَ
ٻه هيٺرن ئي روماني داستانن کي جنم ڏنو ، ۽ هتان جي ڏنڌارن وري انهن
داستانن کي هميشه جاودان بنائي ڇڏيو ۽ علم ادب جي دنيا سنوارينڌڙ ۽ سينگارينڌڙ
هميشه پٽي پنهنجن ۽ پراوڙ روماني داستانن ۾ لکندا رهندا آهن ۽ هر هڪ ڏات
ڏيندڙ کي پنهنجي لياقت ۽ صلاحيت آهر پٽي ڏن پلڪ ٻيو آهي ۽ ڪي حڪمان ٻه
لک جوڙي ڏيکارن ته هي آسمان کي ٻه آڱي سٽين پٽ حيراني رکن ۽

مطالعي هيٺ آيل ٻراميو جو سڏ " ليلا چنيسر " جي مشهور داستان سان
واسطو رکي ٿو ۽ ناٽڪ نويس ٻراميو لکڻ ۾ رنگ ۽ ڍنگ استعمال ڪيو آهي ۽ هن صاحب
" ليلا " ۽ " بدران " ۽ " هونرو " کي مرڪزي ڪردار بنايو آهي ، ۽ اهڙي نموني داستان
جوڙي داستان گوئي کي نئون موڙ ڏنو آهي ۽ انهيءَ ڪري وري هن جو ناٽڪ ٻه ناٽڪ
نويسيءَ جي تاريخ ۾ پنهنجي منفرد جاءِ ونڊي ٻيهي ٿو ۽

هي ناٽڪ ۱۹۳۶ع ۾ ليکڪ ٻاهٽر ليلا رام نرسنگهداس ٽهرواڻي پاڻ ئي شايع
ڪرايو ۽ هن ناٽڪ جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

آکاڻي :-

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 310

هي ناٽڪ راجا چنيسر ۽ راڻي ليلا جي قصي تي ٻڌل آهي . آڪاڻي ۾ ڪا نڪتن ڪالهه آيل ڪاڻ آهي . ناٽڪ نويس ، سنڌ جي عظيم ۽ لاثاني شاعر شاهه عبداللطيف جي جڳ ٻڌيل ڪٿي آهي . پر هن آڪاڻيءَ ۾ لکندڙ جي دل جي امنگ خيال ، جسي جرئت ۽ قلم جي چوهه جو رنگ ضرور رتو آهي .

آڪاڻيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هڪ دفعي ڪنهن ساهيڙيءَ "هونرو" کي سينگار ڪندي ڏسي چيو تہ : "سينگار ائين ٻڌي ڪرين ، جڳ چنيسر جي وٽي آهين ." بس انهن لفظن ئي هونرو جي اندر ۾ آڪ لڳائي ڇڏي ، ۽ هوءَ ان ڏٺي چنيسر تي عاشق ٿي پئي . ٻيءَ ماڻهو هن ٻالهي ۾ جي رستي جي روڪ نہ ٻڌيا ، پوءِ انهن هڪ ڪ اڪٿي وڃائي وڃي سنڌ س ساڻ ڏنو . ماڻهن سان گڏجي هلي . هو ٻڌيءَ جڳهين ڪاهي وڃي چنيسر جي نگريءَ ۾ پهتيون . هونرو پهنجي حرڪت ۾ ڪامياب ٿي ، هن جا ڏک ڏاکڙا ختم ٿي ويا . سوڻ جا سڀ لهي ويس . چنيسر کي پهنجي حرڪت ۾ ڪامياب ٿي . ليلا جي مڙس مصيبت جا پهاڙ اڇي ڪريا . رڻائين ۾ مڙئن ڀائين پر ڪجهه ٻه نہ ورين . ۽ ويو [illegible] رڻائي نہ سگهيو . ڪنهڪ اهو وقت ٻه آيو جو وڃڻا ملي ويا ۽ هميشه لاءِ هڪ ٿي ويا .

آڪاڻيءَ ۾ ناٽڪ نويس گهڻي حد ڪاڻين نواڻ پيدا ڪئي آهي ، ۽ انصاف جي ترازي کي ڪٿي ڪٿي ڪيو اٽس . هن هونرو کي ٻه ڪردار عورت جي روپ ۾ پيش نہ ڪيو آهي . ڪٿي سچي عاشق ۽ باڪردار عورت ثابت ڪيو آهي . هوءَ هار ڏئي پهنجي اخلاق جي هار نہ ٿي ڪرائي ، بلڪ هڪڙي رات لاءِ چنيسر سان شادي ڪري ٿي . ناٽڪ نويس ليلا سان انصاف ڪرڻ خاطر آڪاڻيءَ کي طويل ڪري ڏيو آهي . هون ۾

LIBRARY, INSTITUTE OF SINDOLOGY, UNIVERSITY OF SIND, JAMSHORO.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

شئ ائين ئي گھربو هو ته هونرو جي شادي شئ واري منظر ڪي ئي ڏيکاريو خته ڏيو وڃي ها • اڄ ئي آکاڻي ڀائيچس ڪي پهچي ٿي • پر ناٽڪ نويس آکاڻي ڪي جڏ زوري پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي • جنهن جو نتيجو اهو ٿو ٿئي ته هونرو جنهن جي ڪردارنگاري لاءِ ناٽڪ نويس آکاڻي ڪي ئي ٿئون موڙ ڏنو آهي • آکاڻي جي پوئين حصي ۾ منظر ٿان غائب ٿي رهي ٿي • ان جي اٿ جي جاڻ ئي نه ٿي پوي • بهرحال ان روايتي رنگ هوندي به آکاڻيءَ ۾ نواڻ آهي جنهن لاءِ ناٽڪ نويس کي جس ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي •

ڪردارنگاري :-

ناٽڪ نويس پاڻ لکي ٿو ٿئي :" آئون پاڻ ۾ ڪنهي اها قابليت ئي ٿو ساريان • نڪي اهو علم ئي نصيب ٿيو آهي • منهنجو ڏند و شاعري ، ساهتيه ۾ ناٽڪ نويسي کان مجبورا" ڀري آهي • پر جنهن هوندي به ، انسان ذات کي جاچي جونچي ، سندس اندرين سياڻپ ، امنگ ۽ جذبن کي جاڻڻ جو شوق ، شڪايابيءَ ۾ حاصلاتيءَ جي ڪنجي جاڻي ، هر وقت ان جي اپيڪس هندي ، پنهنجي من ورڻي ان درجي شي آندي آهي ، جڏي انساني ٻناوٽ جي ڪجهارت هلوه ڪرڻ هڪ خفت ئي ٻيو آهي • ۽ جنهن به ويس ڏاريءَ جي چال چلن جي نقشي ڏسڻ يا ڏيڻ مان لطف اچيه ٿو سو رواجي ڪهاڻيون ، هاڻ مون کي نٿيون ڏين • ان ڪري ورهين کان دل ۾ اهو شوق هيه ته جي ڪڏهن به ناٽڪ لکيه ته اهڙا رچندس جن ۾ هر هڪ ويس ڏاري ءَ جي هلت چلت ، پڙهندڙ يا ڏسندڙ اکيان اهڙو چٽو نڪ پيش ڪندس ، جو اهو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 312

ويس ڏاري خصلتن جو لاجواب مثال شي ٻيهندو ، ۽ دنيا جي دور ۾ جڏهن اهڙي روش، خيالات يا جذبات وارو هو نظر ايندو ته ٻي اختيار سندس پيٽ ۾ اهڙو هو نه هو ويس ڏاري اکين اڳيان شي ايندن ٠"(١)

ليلا ، چنيسر ۽ هونرو هن ناٽڪ جا مکيه ڪردار آهن ٠ انهن تاريخي ڪردارن جي تفصيل سان لکڻ اجايو وقت سڙائڻو ۽ پنا پيرڻا ٿيندا ٠ پر انهن لاءِ اجتماعي طور تي اهو چئي سگهجي ٿو ته ناٽڪ نويس هر هڪ ڪردار جو چٽ اجتماعي طور تي اهو چئي ڪاريگريءَ سان چٽيو آهي ٠ سڀني ۽ هونرو سان ناٽڪ رچندڙ خاص قرب ڏيو آهي ٠ هون ڪَ ليلا چنيسر جي قصي پڙهندي ، هونرو ڪَ کي هير ليکيندو به هونهي پر ناٽڪ نويس پنهنجي ڏاڍي فنڪاريءَ سان کيس لازوال بڻائي ڇڏيو آهي ٠

شيڪسپيئر جا مشهور ويس ڏاري ، هئملٽ ۽ آٿيلو ، ليئر ۽ مڪبيٿ ، روميو ۽ جوليٽ ، فالسٽاف ۽ ٻيا ڪي ايٽر ٻيٽر مغربي ادب ۽ ادبين جا ڪردار ، ٿوڻي پنهنجي ڏرڻيءَ جا سڀئي ، سماڻي ، ماڻي ۽ موڪل الڻا ڪردار آهن جي ڪي خاص خصلتن جا آخرين نقش ليکجن ٿا ٠ ساڳيو آدرش اکيان رکي ، ناٽڪ نويس هڪ مسڪين مگر حسين چوڪريءَ هونرو جي ڪردار نگاري ڪرڻ لاءِ هي ناٽڪ لکيو آهي ۽ هو انهيءَ ڪردارنگاري ۾ ڪهڙي قدر ڪامياب ٿيو آهي ٠

---

(١) ليلارام ٽيرواڻي : " هڪڙي رات ،" ڪراچي ، سال ١٩٣٦ع، ص ٢

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 313

انهي ڪانسواءِ هن صاحب باقي جيڪي ڪردارن جي ڪردار نگاري ۾ سٺي نموني ڪئي آهي. ۽ سڀ سان انصاف ڪيو آهي. هن جا سمورا ڪردار ـ ليلا، چنيسر، جڪرو وغيره سڀ اعليٰ درجي جا ڪردار آهن. هن کين اخلاق، ڀلائي، حسن شناسي ۽ پرهه نواڻي ۽ جو مجسمو ڪري پيش ڪيو آهي.

هن ناٽڪ ۾ ولين ڪير آهيڻي ڪونه. ان جو ڪري سبب ايهوئي آهي، جو جيئن شيڪسپيئر جي ٽريجڈي فقط ليلا جي اندر جي اوڻائي ڪري ٿئي ٿي. جيئن انهي ڪلاسائي ناٽڪ ۾ ٽريجڈي، انڊ جي ڪهوڙي ۾ چڙهي، پنهنجي پياري بادشاهه جو ٻي گناهه خون ڪري ٿو ۽ پنهنجي باقي زندگي زهر ڪري ٿو، تيئن هار ۾ هرڪي، ليلا سچ شان ڪري پنهنجي اچي پوي ٿي ."(١)

پهولي :-

هن ناٽڪ جي ٻولي نياري ۽ پياري آهي. ائين ڪٿي ڪٿي ناٽڪ نويس بلڪل نج ۽ سليس ٻولي استعمال ڪئي آهي. گهرو احوال گهرو ٻول چال ۽ ڪ درپاري احوال درپاري رنگ ڍنگ ۾ ڏنا اٿس. هر هڪ ڪردار جي اندر جو احوال کولي کولي ٻڌائي ٿو. ناٽڪ نويس پنهنجي شهپاري ۽ هيٺراڻي اصطلاح ۾ چوٽيون به استعمال ڪيون آهن. انهن هن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو :

---

(١) ليلارام نيروائي :" هڪڙي رات." حيدرآباد، سال ١٩٣٦ع، ص ٢

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 314

اصطلاح :- اهڙن چٽن شين ، رندا روڙڻ ، حوصلا خطا ڪرڻ ، لڀڻ لاهڻ ، تارا ٽمڻ ، ڏندن آڱريون اچڻ ، ڪمر ٽوڙڻ ، پهه پڇاڙڻ ، حياڻون ٿيڻ ، وڏ ٻوڙ وغيره .

چوٽيون : نڪا ڪمي ڪهوڙ ۽ نڪا منجهه هٿوار ، ترجي ڪٽي سو چوٽون ڪائي ، جيڪو چلهه ٿي سو دل ٿي وغيره .

ڏاڍي جي عبارت جو اندازو لڳائڻ لاءِ هن هيٺ ڪتاب مان هڪ اقتباس ڏجي ٿو :-

" ڇهه مهينا سڏون ڪندي گذري ويا . راتيون گذرون روڃ ٿيو ، ڏينهن وٽان پورهيو ڪندي ، هي ڪومل هٿڙا ، جن هڪ ڏينهن ڀاڻي ٻڌ ٻاڻ نه ڏيڻي ڏيٺو ، سي اڄ سانڍڻ جا ويس وڪا ٿاهن ، هار سينگار هراڻن ، ڇڏي ڏڃاڻي ٻڌڻي ٻيا آهن . اکيون ! ٽوهان جي ڇڏ ڪٽي ؟ اها ڇلڪ روڊن وڃائي وڏي ، جنهن ڪهڻ جوڇٽ ڇڙيو ڏيو ليلا ڪهڙو ڏوهه لڪ شاباسون جڪري ڪي . ڪنجي للاٽ ۽ شايد ڇنيسر لڪيل هينهين . افسوس من جواڻي نٿي . هي ڄاڻي ، هي ڄڻين ، چا ائين سڀي سڀي ونڊا . هاءِ ارمان ! ڏٺي مون نڊر ٿي هٽ نه رکندو ، نه رکندو ، نه رکندو ." (۱)

گفتگو :-

ناٽڪ نويس ، هوشي هي گفتگو کي هردارن جي عين مطابق استعمال

---

(۱) ليلارام ڏيرواڻي : " هڪڙي رات ، " حيدرآباد ، سال ۱۹۲۶ع ص ۵۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 315

هيو آهي • هن ٻراميءَ هونروءَ ليلا بنيادي اهميت رکن ٿيون ، ان کانسواءِ هونرو جي ماءُ ٻه ٻراميءَ جي آکاڻي ۾ مکيه جاءِ والاري ٿي • ناٽڪ نويس گهرو ٻولي استعمال ڪرڻ ۾ ڪمال ڪيو • ناٽڪ جا مڪالما پڙهڻ کانپوءِ اڻين هلوه ٿئي ٿو ته گفتگو ڪردارن جي عين مطابق آهي • هن هيٺ ڏنل مڪالمي جو مطالعو ڪري ڏسو • جيئن ته گفتگو جي لفظ لفظ مان ماءُ جي مامتا جي خوشبوءِ اچي رهي آهي •

"مرڪي : راڻا ، هونرو ته اسان کجي اکين جو نور آهي ، پر ڏي ڏُنيءَ ڏي ڏُ سو اڄ نه سڀان پراڻو گهرو وسائيندي • ايندڙ چنڊ ٿي هونروءَ جو سترهين سال ۾ پير پوندو • ننڊڙي برابر ڪانهي پر سائين اڃا ڪاڏه ڀيلي لڳي • البت نازجي ٻليل البيلي ، سو پورو اوشپ ٿي هوندهين • وري به استادي ءَ جي مائٽي مون کي سيني کان وڌيڪ پسند آهي • (اوچتو هونرو ٿي اک پٽجي ٿي وڃيس ، ڪيس روئڻ وڌو ڏسي ڏانهن ڏسي ڇڄ لڳيس ٿي) چو ! هونرو ، ڇڙي ڇاڪ آهين نه • (مڙس ڏانهن منهن ڪري) چا ڪندا آهيو • (نوڪرياڻي ڪي سڏ ڪري) چمبيلي ، ساڻس ليلا پاڻي تيار ڪ • (ڏي ڏانهن ڏسي) هونرو ، ڇ ٻڌ وڃي هٿ منهن ڌوئي اڇ • راڻو به آهي ٽڪل ، سوجهڻ ٻڌماني ڪائي هنڌ و آرام • (هونرو اتي اوچانگرون ڏيئي روئڻ لڳي ٿي) مان صدقي • اها جنهي آهي ٿي اهڙي • اڇن ته چورون ، لاهيان ته لهري • منهنجي مٺي ءَ ڪي ڏسو آهي جو اکر به ڪالهائي • بس ، نه ٻڌ ، مان صدقو • " (۱)

ٻراميءَ جو گفتگو الف ڪنهن ڪنهن هنڌ ٿي طويل نظر اچي ٿو ، جو ان کان

---

(۱) ليلارام ڪيرواڻي ، " هڪڙي راڻي " ڪراچي ، سال ۱۹۳۶ع ، ص ۱۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 316

سواءِ هڪ ڏاڏ هنڌ ۾ عجيب ۽ غريب محاڪما ٿيندا ويا آهن ۽ مثال طور جڏهن هونرو کي چنيسر جي چٽ ۾ چوٽ لڳي ٿي ته هوءَ اڃي پيءُ ماءُ اڪيان هنجون هاريِ ٿي ۽ ڇ اهي حيران پريشان ٿي وڃن ٿا ۽ هنن کان ڪاڏو پيٽو وسري وڃي ٿو پر آخر ۾ هونرو چوي ٿي : "او منهنجي مٺي امان ! ٿون آهين ته وڏي به آسرو آهي ۽ اٿي ٻلا هلون مانيءَ ڏي ۽ مانيِ وٽندي ته ڪاڪ ، پر بابيِ کي نه ٿو وڌيڪ خيال ٿي ٻيهندو ۽" (١) هن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ناٽڪ نويس هنن هنڌ ٿي محالمن ۾ وقت ۽ موقعي حالتن ۾ مطابقت پيدا ڪري نه سگهيو آهي ۽

مقصديت :-

ناٽڪ ۾ پرپور مقصديت آهي ۽ فاضل ليکڪ هن ناٽڪ جو نالو ئي رکيو آهي " هڪڙي رات " اهو نالو به وڏي ڏينهن وارو آهي ۽ " هن دنيا ۾ انسان ڪيڏا هڪ رات لاءِ مهمان آهي ۽ اڄ آهي ته سڀان هونهي ۽ انهيءَ ڏسي ٻڌا حياتيءَ ۾ جنهن مالڪ لاءِ محبت ڪاريِ ٿيندن ڪٿيرو ۽ ڇڏي ڏنل جي ڏنڊي ۾ ڦاسي ، مالڪ کان منهن موڙي ، دنيي حرص هوس جي پٺيان پيو ، تنهن هارايو اصلوڪي قصي ۾ به ائين آهي ۽ ليلا هار ٿي هرڪجي چنيسر ڏان هڪ رات لاءِ هٽ ڪنيون ته اها رات هن لاءِ قهر جي رات ثابت ٿي ، ڇ هميشه لاءِ ڏاڪ جا ڏک ڏيئا پيس ۽ هوڏانهن چنيسر سان رتيءَ جي رهاڻ لاءِ هونرو پنهنجي مال ٿوڻي حال قربان

---

(١) ليلارام ڏيرواڻي : " هڪڙي رات ، " حيدرآباد ، سال ١٩٣٦ع ، ص ١٨

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 317

هيو ، ۽ جنيسر جي در تي گولي ٿي گذاريائين ، ۽ هڪ رات ۽ اڌجي پيٽي ۽ هميشه لاءِ سمهاڪ-جا سڪ ماڻيائين ." (١)

منڊنجي نظر ۾ سپ کان وڏو سبق هن ناٽڪ يا ليلا جنيسر جي ڀائيءَ مان اهوئي ٿو نڪري ته هي طاقتون آهن جن سان راند ڪرڻ نه جڪائي . شاهه صاحب به فرمائي ٿو ته :

" عشق ناهي ڪا راند ، جو کيڏن کي کيڏو "

حقيقي عشق ته ٻي رهيو ، پر مجازي عشق ۾ئي ليلان ٿڪي ٿي سکهي . غوطا کاڌائين ۽ پار نه پهتي . (٢)

ليلا جو ڪردار ڏيکاري ٿو ته ، جي انسان ڪري ٿو ، ته نه فقط ان ڪي جو ڪو قدرت جو مٿس خاص ناراض هيو ، مگر وڏو حصو ان ڪي جو ڏئي ڏکان عطا ٿيل شخصيت ايڏنگي طرح ڪتبآڻي ٿو ، ۽ پنهنجي پاڪ-ڪي پان پنهنجن لڇڻ سان ڏهوڏئي ٿو .

Gul Hayat Institute

---

(١) ليلا رام ٻهراڻي : " هڪڙي رات " ڪراچي ، سال ١٩٣٦ع ، ص ٢

(٢) ايضاً ص ٥ (ڏيباچو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 318

باب چوٿون

(الف) باقي سنڌي شعر ادب جي اوسيئر تاريخ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 319

حراچي ضلعي ۾ باقي سنڌي نثري ادب جي ترقي ۽ اوسر

الف :- تاريخ

سنڌي ٻولي ۽ جي علم ۽ ادب جي جهولي صدين کان وٺي ڀريي پئي اچي . هر دور ۾ عالمن ، اديبن ، شاعرن ۽ دانشورن پئي ٻولي ۽ جي خدمت ڪئي آهي ، ليڪن وقتي حالتن ۽ تارين جي حصرائي ۽ سندن سنڌ جي تاريخ سان هٿ چراند ، ۽ پنهن جي علمي ۽ ادبي ميدان ۾ شينڊز اڻ لکي ڪوڄنا جي نتيجي سبب علم و ادب جي تاريخ جي سلسلي جون ڪڙيون ماضي ۽ جي ڀاڪال سان ملائي نه ٿيون سگهجن . ان هوندي ۽ جديد تحقيق جي روشني ۽ ۽ سنڌي نثر جي اڀار لاءِ راجا ڏاهر جي خط کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو (۱) انهي ۽ ڪانپو آخوند عزيز الله کي تاريخ جي روشني ۾ پهرين نثر نويس چئي سگهجي ٿو (۲)

مطالعي هيٺ آيل دور جي علمي ۽ ادبي ماڻهن ۾ عالم سنڌ پهرين عالم آهي جنهن ۱۸۴۹ع ۾ " سنڌي ڀاڪر " ڪتاب لکيو (۳) سنڌي صورتخطي ۽ جي سڌاري بعد ديوان نندرام پهرين ڏيهي نثر نويس چئي سگهجي ٿو ، جنهن ۱۸۵۳ع ۾ " بابتنامو " لکيو .

---

(۱) پروفيسر غلام علي الانا : " سنڌي نثر جي تاريخ " ، ابيات پبليڪيشن ، حيدرآباد ، ۱۹۶۶ع ، ص ۳

(۲) عبدالجبار جوڻيجو : " سنڌي ادب جي مختصر تاريخ " ، سرهه ڪتاب ، حيدرآباد ، ۱۹۷۲ع ، ص ۱۰۲

(۳) سنگهارام ملڪاڻي : " سنڌي نثر جي تاريخ " ، هوني پبليڪيشن ، بمبئي ، ۱۹۶۸ع ، ص ۱۱ (حاشيو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 320

سرڪاري خوشنن ، صحافت جي حصي ۾ " سنائن ڏرمسپا " طرفان شايع ٿيل ڏرمي ڪتابن کي نظرانداز ڪرڻ ڪانپوءِ ائين چئي سگھجي ٿو ته پيرومل مھر چند آڏواڻيءَ جي تصنيف : " غريب اللغات " ڪراچي ضلعي جو پھريون نثري ڪتاب آھي جو ۱۹۰۷ع ۾ شايع ٿيو • انھيءَ ڪانپوءِ جا سنڌي نثري ادب جي اوسر جي ڏھنجو سال وار ڏکر ھيٺ ڏجي ٿو • ۱۹۰۸ع ۾ ٻہ مکيہ ڪتاب شايع ٿيا ، جن مان پھريون ھو پيرومل مھرچند آڏواڻي جو " ھندستان جي تاريخ " ۽ ٻيو ھو حڪيم فتح محمد سيوھاڻيءَ جو سنڌي ڪرستان جي تصنيف جي جواب ۾ " فتح محمدي " ڪتاب لکيو • ساڳئي سال پھلاجراءِ واسواڻي جو ترجمو ٿيل شياسافي متي جي لکيل ڪتاب " پنرجنم " شايع ٿيو •

۱۹۱۱ع ۾ لالچند امرڏنيل ، حضرت محمد مصطفيٰ عليہ وسلم جي سوانح مبارڪ تي "محمد رسول الله " نالي ھڪ ڪتاب لکيو • ٽنھن سال پھلاجراءِ واسواڻي شياسافيءَ وارن جو ھڪ ٻيو ڪتاب " برھمودیا " ترجمو ڪيو • انھيءَ ئي سال نبي بخش محمد ابراھيم لکيل " ڪربلا جو گلدستو " نالي ھڪ ڪتاب شايع ٿيو ، جنھن ۾ مصنف موصوف دل کولي ڏاڙن جي تھذيب ۽ تمدن جي سراھ جا پل ٻڌيا •

۱۹۱۲ع ۾ پيرومل ھيمونمل ملاڻي ڏاڄ جي ٻڌيءَ رسم تي " ڏاڄ ڏوت " نالي ھڪ ڪتاب لکيو • انھيءَ ڪان ھڪ سال پوءِ ، يعني ۱۹۱۳ع ۾ لالچند امرڏنيل " رامبادشاھ " ۽ حڪيم فتح محمد سيوھاڻي " حياة النبي " ڪتاب لکيا • انھن ٻنھي تصنيفن جو موضوع سوانح نگاريءَ ھئو • ان ڪانپوءِ ساڳي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال لالچند امرڏ نيمل شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح ۽ ڪلام جي تنقيدي جائزي تي مبني " شاهائو شاهه " ڪتاب لکيو .

١٩١٥ع ۾ شايع ٿيندڙ ٻه مختصر پر مختلف موضوعن تي لکيل هياري ڪتاب هئا: " مسافري جيو مزو ۽ سفر جو رنگ " ۽ " هي هو ڇا ؟ " . انهن ٻنهي ڪتابن جو مصنف هو لالچند امرڏ نومل . پهرين ڪتاب سفر و سياحت ۽ پيون ڪتابي جنن پوٽن تي لکيل هئا .

١٩١٦ع ۾ ٻه شايع ٿيندڙ هياري ڪتابن مان لالچند امرڏ نيمل جا ٻه ڪتاب ذهر هڻڻ جي قابل آهن . اهي آهن " سچل سونهارو " ۽ " ولورام دشٽ " . هنن مان پهرين تصنيف جو عنوان " تنقيد ۽ ٻڌي جو لاڪاپو " سوانح " جي موضوع سان هو .

١٩١٧ع ۾ " سوانح جي موضوع تي ٻه ڪتاب شايع ٿيا . هڪ آسانند چترام ڪياناڻي جو " روچيرام لعلچند جو جيون چرتر " ۽ ٻيو لالچند امرڏ نيمل جو لکيل " مهاراجا جسونت سنگهه " . نالي سان ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سماجي موضوع تي " ڪهرو ڪنايت " نالي ڪتاب لکيو .

١٩١٨ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽيءَ طرفان محمد صالح محمد ابراهيم جو لکيل ڪتابڙو " بي بي رابع بصري " شايع ٿيو . ۽ انهيءَ ڪانسواءِ ساڳي سال آسانند چترام موسيقيءَ جي موضوع تي " نئون هارمونيم سيکارينڊر " نالي هڪ ڪتاب لکيو .

١٩١٩ع ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌ جي هندو عاملن جي سماجي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 322

جيوت ٿي " عالمن جو احوال " نالي ڪتاب لکيو، آسانند چتارام وري " استي سکيا " ڪتاب لکيو • انهيءَ کان هڪ سال پوءِ " سنڌي ساهت سوسائٽي " طرفان لالچند امرڏنيمل جو لکيل تنقيدي ڪتاب " بهرنگي باغ جو گل سنڌي " شايع ٿيو •

۱۹۲۱ع ۾ آسانند گيانائيءَ ٻه ڪتاب لکيا ، جن مان پهرين هو " جيامل مولچند جو جيون چرتر ۽ پهيو هو " پهکوت گيتا " جو ترجمو • ان کانسواءِ هن سال روچيرام سڌائي " انسان ۽ انسانيت " نالي اخلاقيات جي موضوع تي هڪ ڪتاب لکيو •

۱۹۲۲ع ۾ مڙئي ترجمو ٿيل ڪتاب شايع ٿيا ، جن مان مهاتما گانڌي ۽ سرلا ديوي جو لکيل ۽ جهنجهتل جو ترجمو ٿيل " اٺ جي اوٽ " ، " هرشنا مورتي " جو لکيل ۽ پهلاجرام واسواڻي جو ترجمو ٿيل " ودياٿم ٿيڻا " ليڊبيٽر جو لکيل ۽ لالچند امرڏنيمل جو ترجمو ٿيل " ماڻهن کي دلداريءَ " ۽ آتمارام ميناراما جو ترجمو ٿيل پنجابي شاعر جي سوانح حالات تي لکيل " شاهه حسين " قابل ذڪر آهن • ساڳئي سال منڪهارام ملڪاڻي " پريت جا گيت " ترجمو ڪيو ، جو اصل ۾ ٽئگور جو لکيل هو •

۱۹۲۳ع ۾ " سنڌي ساهت سوسائٽي " طرفان سنڌ جو پهريون ماهوار رسالي ۽ پيرومل مهرچند آڏواڻي جو ڪتاب " سنڌ جو سيلاني " ۽ ظامدستگير مرزا جو " چار يار " ۽ سندن ڪي عهدا قول " شايع ٿيا • هن سال جي نثر جا ٻيا ڪتاب شايع ٿيا ، تن ۾ منوهرداس هوڏومل جو " چمڪتاري ناري چرتر " پهلاجرام واسواڻي جو " نوان خيال سدا نهال " ، " پيرومل مهرچند جو ڪتابڙو " الف بي ڪيئن ٿهي " ۽ ابن خلدون جي " مقدمه ابن خلدون " تان ورتل ۽ حڪيم نصح محمد سيوهاڻي جو ترجمو ٿيل " حال ۽ زوال " شايع ٿيا • ان کانسواءِ باهڙ گربخشاڻي " شاهه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 323

جورسالو " جلد پهريون شايع ڪرايو، جنهن ۾ شاهه عبداللطيف جي سوانح ۽ شاعري
تي تفصيلي تنقيدي مواد ڏنو ويو هو ۰

۱۹۲۴ع ۾ ڀيرومل مهر چند آڏواڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ پهلاجراءِ
واسواڻي جا ڪجهه ڪتاب شايع ڪيا، جن مان تاريخ جي موضوع تي لکيل حڪيم فتح
محمد سيوهاڻي جو "ميون جي صاحبي" ۽ ڀيرومل مهر چند آڏواڻي جو "سومن جي
صاحبي" يا راڻن جو راڄ ۰" پهلاجراءِ واسواڻي جا "ڪهرو راجي دوائون ۽ علاج"
"ڏنا ٿريه پڪوان ۽ سندس چوويه گرو ۰" ٽي ڪتابي شاهاڻي جو "گوهلي جي حياتي"
۽ لسانيات جي موضوع تي لکيل ڀيرومل مهر چند آڏواڻي جو ڪتاب، "گلڏند" جا نالا قابل
قابل ذڪر آهن ۰

۱۹۲۵ع ۾ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ لسانيات
تي لکيل ڀيرومل مهر چند آڏواڻي جا ٻه ڪتاب "اڙو سندي ٻيا ڪرڻ" ۽ "سندي ٻولي"
سياسي موضوع تي لکيل آچاريه جيوت رام ڀريالاڻي جو "گانڌي طريقو" قابل ذڪر
آهن ۰ هن سال ٻارنهن [illegible] جا مضمون ڏيڻ "گل
ڏل" جي نالي سان هڪ ٻهريون مجموعو شايع ڪرايو ۰ ساڳي سال پهلاجراءِ واسواڻي
"ٻارن جا حق" ڪتاب لکيو ۰

۱۹۲۶ع ۾ ڀيرومل آڏواڻي راءِ ڪياڻي سوانح جي موضوع تي
"مها يوگي رشي اروند گهوش" نالي ڪتاب لکيو ۰ ڀيرومل مهر چند آڏواڻي پروفيسر
ڇهلاڻي جي اشتراڪ سان "انگلنڊ جي تاريخ ۰" جو ٻهريون ڀاڪو لکيو، ۽ ان
کانسواءِ سندي ساهت سوسائٽيءَ طرفان سندس "لطيفي سٽر" شايع ٿيو ۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 324

۱۹۲۷ع ۾ لالچند امرڏنيمل جو ڪتاب " ڏلن مٺ " پيروميل مهرچند آڏواڻي جا سفر و سياحت جي موضوع تي لکيل " هيلايا ۾ هينجهر " ۽ " دوارڪا جو درشن " ۽ آسودومل گدواڻي جو سوانح جي موضوع تي ترجمو ٿيل " ٻوڏي ستو " شايع ٿيا . آخرين ڪتاب اصل ۾ ڏرمانند مرهٽي جو لکيل هو .

۱۹۲۸ع ۾ پهلاجرام واسواڻي " نشو ندرو " نالي ڪتاب لکيو ۽ تنهن سال غلام احمد نظامي ۽ پنهنجي مرشد حسن نظامي جو تاريخ جي موضوع تي لکيل ڪتاب " تاريخ اسلام يعني مرحوم نامو " ترجمو ڪيو .

۱۹۲۹ع ۾ مختلف موضوعن تي لکيل هيترائي ڪتاب شايع ٿيا . سنيئه مدرسته الاسلام جي استاد مولوي عبدالرحيم ڇٽن جلدن ۾ " تاريخ اسلام " ترجمو ڪئي . جا اصل ۾ مصر جي محي الدين الخياط جي لکيل هئي . هن ڪانسواميءَ ساڪي ادیب " دلائل الايمان " نالي مذهبي ڪتاب به ڇپ لکيو . منوهرداس ڏوڙيمل جو " هند جو سفر " آ پيروميل مهرچند آڏواڻي جو ترتيب ڏنل " گلزار نشر " ۽ ڪانڊي ۽ جو لکيل ۽ پهلاجرام واسواڻي جو ترجمو ڪيل " تنڊ رستي ۽ جو رهبر " پاڪو ڪيولرام جو لکيل (داتا گورونانڪ " ۽ جگتراميءَ ايسرداس شوداساڻي جو لکيل " ماتا " به ساڪي ئي سال شايع ٿيا .

۱۹۳۰ع ۾ مولوي عبدالرحيم جا به ڪتاب " تاريخ اسلام " پاڪو پنجون ۽ " تحفته المومنات " شايع ٿيا . ان ڪانسواميءَ تنهن سال شايع ٿيل ڪتابن مان بولچند پرسرام جو " ودوان ناريون " منوهرداس ڏوڙيمل جو " سروجني " ۽ مولانا دين محمد وفائي جو " حضرت محمد مصطفيٰ " جا نالا قابل ذڪر آهن . آخرين ڪتاب احمدي نرقي جي هڪ عالم جو لکيل هو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 325

نالي

۱۹۳۱ع ۾ " سندر ساهتيه " طرفان "جوهر نشر" مضمونن جو هڪ مجموعو شايع ٿيو ، جنهن ۾ ٽنهن وقت جي جي مشهور مضمون نگارن جا نثر نمونا مضمون ڏنل هئا .

۱۹۳۲ع ۾ شايع ٿيل نثر جي ڪتابن مان ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جو ترتيب ڏنل " بهار نثر " پرتاب ايس شواڻي ۽ ٽيجپانداس بڌاڻي جي لکيل " هندستان جي تاريخ " ۽ روچيراما سڌاڻي جو ترجمو ڪتاب " منش جوانيه هتيو جا آهي " جا نالا قابل ذڪر آهن .

۱۹۳۳ع ۾ پرمانند ميوارام جو ترتيب ڏنل گل ڏل (پاڪتو پهريون) پيڙهر شايع ٿيو . هن سال بااختر هوتچند گربخشاڻي جو " رن رهاڻ " لکي شايع ڪرايو .

۱۹۳۴ع ۾ بااختر هوتچند گربخشاڻي جو هڪ ٻيو ڪتاب " لواڻي عڪ جا لال " به شايع ٿيو . ٽنهن سال نثر جي ٻين ڪتابن مان پرمانند ميوارام جو " اپاڻڪار جي هستي " ۽ پرسرام ٻيانداس شاهاڻي جو " جهٽي روح " جهڙا ڪتاب قابل ذڪر آهن . پرمانند ميوارام جو ڪتاب مذهبي نوعيت جو هو ۽ بااختر گربخشاڻي جو هڪ علمي ادبي ، تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب هو . هن سال ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جو لکيل " نند ڏو سنڌي ويا ڪرڻ " به پڻ شايع ٿيو .

۱۹۳۵ع ۾ شايع ٿيل سنڌي نثر جي ڪتابن مان جهاداس سڌاڻي ۽ ڏيارام وسڻمل جو ترتيب ڏنل "چونڊ سنڌي نثر" قابل ذڪر آهن جنهن ۾ ٽنهن وقت جي مشهور هندو ۽ ٻوڙي مسلمان ليکڪن جا مضمون ڏنا ويا هئا .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 326

۱۹۳۶ع ۾ پرمانند ميوارام جو ترتيب ڏنل گل ڦل (پاڪو پهرو) شايع ٿيو ۾ ان کانسواءِ ٽنهن سال جي ٻئي مکيه نثري ڪتاب شايع ٿيا ، ٽن ۾ پاڻ هوتچند گربخشاڻي جا "رڳ رهاڻ" ۾ "مقدمه لطيفي" ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو "ابو الفضل ۽ فيضي" ۽ آسانند چتارام جو "تاراچند هيمنمل جو جيون چرتر" قابل ذڪر آهن . ان کانسواءِ ٽنهن سال ٽيجورام شرما جو لکيل "پڪت مالا" ۽ پورومل چندپرام رام رکياڻي جو "پارٽ پوشڪ مدن موهن مالويه" به پڻ شايع ٿيا .

۱۹۳۷ع ۾ جيڪي نثري ڪتاب شايع ٿيا تن ۾ منوهرداس هوتچند جا "اخلاقي آواز" ، "پچمي ناريون جا جيون چرتر" ۽ "تالستاءِ جا اڻلي آزمودا ۽ خيال" ، آسانند چتارام جا "شيوارام ڊونگرمل جو جيون چرتر" ، "علم عروض" ۽ "هندي پنگل ۽ ساڌو ڏامودر سنگهه جو سوانح" جي موضوع تي لکيل "پورن ستگرو" قابل ذڪر آهن .

۱۹۳۸ع ۾ قاضي عبدالرزاق جا ٻه ڪتاب "دانائي جا سبق" ۽ "اسوه حسنه" ۽ پرمانند ميوارام جو "ملڪ جي جنگ" [illegible] شايع ٿيا .

۱۹۳۹ع ۾ مولچند گدواڻي ۽ ناڪرام ڏرمداس جو مرتب ڪيل "سنڌي ۽ عربي اپياس" شايع ٿيو .

۱۹۴۰ع ۾ شايع ٿيل نثري ڪتابن مان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو "آفتاب ادب" ۽ منڪهارام ملهاڻي جو ترجمو ٿيل "ٽنگور جو لکيل "پرت جا گيت" قابل ذڪر آهن . ان کانسواءِ پيرومل مهرچند آڏواڻي جو لسانيات تي لکيل "گلڪند" گوبند پاڻيه جي مضمون جو مجموعو "ورڪ" ۽ سردار تاراسنگهه جو صحت جي موضوع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 327

ٿي لکيل " سوڃي ڇڪتا " به هن سال ئي شايع ٿيا .

١٩٤١ع ۾ ٻيرومل مهر چند آڏواڻي جا لسانيات جي موضوع تي لکيل هڪ ڪتاب ۽ به جونپڙيون : " سنڌي ٻولي جي تاريخ ، " اعرابن جو مسئلو " ۽ اعرابن بابت مونجهاري جي سمجهاڻي " ۽ رامچند هرپالاڻي جو نفسيات جي موضوع تي لکيل " انسان جون ست اوستائون " شايع ٿيل ڪتابن مان ذڪر ڪيو ويو آهن .

١٩٤٢ع ۾ اڇر ڏيئي سوانح جي موضوع تي ئي ڪتاب شايع ٿيا . اهڙن ڪتابن ۾ ميلارام واسواڻي جو " راجا رنجيت سنگهه ، " ٻيرومل چندبراڻ رامرکياڻي جو " سياڻ چند ربوس " ۽ چيتن ماڙوالا جو " همايون جو خواب عرف اڪبر جو جنم " قابل ذڪر آهن .

١٩٤٣ع ۾ منوهرداس هوڙومل جو " ناري نرڪ-جيون ، " رامڪامڻاڻيءَ جو " ناٽڪ ، ستن ۾ پڇ " شايع ٿيا ، ان کانسواءِ ستنهن سال گوبند پاڻيءَ " جمنا لهر بجاج " جي ناٽي سان هڪ ڪتاب به ترجمو ڪيو ، جو اصل ۾ سيد ڪهنشامداس جو لکيل هو .

١٩٤٤ع ۾ نثر جا ڏيتراڻي ڪتاب شايع ٿيا ، جن ۾ هنومان پرساد جو لکيل ۽ منوهرداس هوڙومل جو ترجمو ٿيل " هاڻوڪي وديا جو انڌير ، " ۽ " هندستان همارا ، " ٻي-جي سنڌ ڪاليج جي ڇوڪرن جي مشترڪ پروفيسر لالسنگ اجواڻي جو ترتيب ڏنل مجموعو " ويچار ، " نارائڻ داس ڀيمياڻي جا " ادبي گلشن " ۽ " شاهه جون سورميون " ۽ ٻيرومل مهر چند آڏواڻي جو " قديم سنڌ " جا ناڙا قابل ذڪر آهن .

١٩٤٥ع ۾ منوهرداس هوڙومل " هندو قومڪي چٽاءُ " ناڙي ڪتاب ترجو

LIBRARY, INSTITUTE OF SINDOLOGY UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO (SINDH)
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 328

هيوجيڪو اصل ۾ ساوتري ديوي جو لکيل هو، ان کانسواءِ ڏنهن سال نارائنداس بميائي ۾ راه پنجواڻي جو ترتيب ڏنل "ادبي ڳنجو" ۾ نهالچند چٽائي جو نارائنداس بميائي جي اشتراڪ سان ترتيب ڏنل "ادبي گلشن" ناليي مضمونن جا مجموعا به ڇپ ڪيا ٠

۱۹۴۶ع ۾ شايع ٿيندڙ مکيه ڪتابن جو وچور هن ريت ڏجي ٿو :

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجمه	موضوع
---	----	----	----	---
٠۱	"تاريخي مضمون"	پروفيسر جيٺن مارواڙا		تاريخ
٠۲	"هندو مسلم فساد"	موهن اگروال	منوهر داس هوڙومل	سياست
٠۳	"قومي بلوو"	اشوڪ مهتا	پون پنجابي	تاريخ
٠۴	"چلو دهلي"	امدلهڏواڻي	موهن پنجابي	سياست
٠۵	"پاڪستان"	آسانند ماسترا		ايڏا
٠۶	"آئينده جا اکوڙ"	ڀڳواني لال چاهڙا		سوانح
٠۷	"ڪانگريس سوشلسٽ پارٽي"	آچاريه نريندر ديو	لالجائي منگهو	سياست
٠۸	"ڪانگريس سماجوادي جو"	جئي پرڪاش نارائڻ	" "	ايڏا
٠۹	"مقاصد الاسلام"	قاضي عبدالرزاق		مذهب
۱۰	"نهتاجي بوس"	ڀاروميل هيوڻاڻي		سوانح
۱۱	"مولانا ابوالڪلام آزاد"	هيرٽ ڀاڀاڻي		ايڏا

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 329

..	..ي جي آزادي -	جواهر لعل نهرو	پروفيسر ڪشن ڪلهنشاه تاريخ
١٣	" سنڌ جي هندن جي تاريخ "	پيرومل مهرچند	ايڊيٽر

١٩٤٧ع ۾ شايع ٿيندڙ نئين ڪتابن جو مختصر وچور هن هيڊ جي

ٽيو :

٠١	" ملهائتا موتي "	منوهرداس هوڙمل	اخلاقيات
٠٢	" ميرمحمد عربي "	امرلعل هنگوراڻي	سوانح
٠٣	" سنڌ جي هندن جي تاريخ	پيرومل مهرچند آڏواڻي	تاريخ
٠٤	" ميراڙجا موتي "	ڀلڪرام	سوانح
٠٥	" جئي هند "	پرسرام پاڻيا	تاريخ
٠٦	" جنگ سڀاڻي "	قادربخش نظاماڻي	ايڊيٽر
٠٧	" من ودياء "	بي - ايس شهاڻي	نفسيات
٠٨	" اسان جو ڪاڏو "	منوسائي	ليلورچنداڻي صحت
٠٩	" ويرداڪداس "	پيرومل هيرانندڻي	سوانح
١٠	" ويرڪرجنا سياڻ چندر "	ايڊيٽر	ايڊيٽر

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 330

ربِ تنقیدی جائزہ

"محمد رسول اللہ"

"میرے جیسے صاحبی"

"ورق"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 331

محمد رسول الله ٠

تعارف :-

مذهبي تنگ دلي ۽ تعصب ، سنڌ واسين جي داخلي اثرجو نتيجو ٿي نه ، پر خارجي اثرجي پيداوار ٿئي ٿو ٠ سنڌ جي صدين جي تاريخ انهيءَ حقيقت جو ٺوس ثبوت آهي ، ته سنڌ واسي سدائين امن ۽ سڪون ، پائپي ۽ پائيچاري جي اصولن جا قائل رهيا آهن ٠ هن ڌرتيءَ جي رنگ نسل جي راڄ کي هنهن لنبي عرصي تائين هلڻ نه ڏنو ويو آهي ٠ ذات پات جو رنگ سنڌ واسين ۾ سدائين ڇڙهيل نه رهيو آهي ٠ هتي مذهبي منافرت ۽ تعصب کي پير کپائڻ نه ڏنا ويا آهن ٠ سنڌ جي تاريخي ۽ تهذيبي روايت هن ڌرتي جي ٻولي ، علم ادب کي گهڻي حد تائين متاثر ڪيو آهي ، ۽ اڄ ته به هتي رهندي مطالعي هيٺ آيل ڪتاب " محمد رسول الله " عرف حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جو احوال " به اهڙيءَ روايت جي هڪ علمي ۽ ادبي جهلڪ آهي ٠ هي ڪتاب سنڌ جي امر ليکڪ ۽ اديب سرڪ واسي لالچند امرڏنومل جڪتياڻي جي ادبي ڪاوش آهي ٠ هي ڪتاب ١٩٤٩ع ۾ هن ئي صاحب لکي چپرايو هو ٠ ڪتاب جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

مواد :-

سنڌي ٻولي جي الفابيٽ ۾ هڪ ڪانپوڙ هندستان جي عالمن ۽ اديبن جو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 332

ادب ۾ ٻولي جي مختلف صنفن تي ڪتاب تيار ڪيا • اهي سمورا ڪتاب تخليق، ترجمي ۽ تحقيق تي مشتمل هئا • عالمن ۽ ادبين علم ادب جي صنفن ۾ جزوي صنفن تي ڪوڙهو توجه ڏنو • مطالعي هيٺ آيل ڪتاب " سوانح نگاري " جي موضوع تي لکيل آهي •هن ڪتاب ۾ خدا جي آخرين رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي پاڻ حياتيءَ تي تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي • لالچند امرڏنومل جي هيءَ ڪاوش ، هڪ طرف سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي خدمت جو سونهري مثال آهي ، ٻئي طرف وري مسلمانن لاءِ خير سگاليءَ جو نمونو آهي • انهيءَ ڪري هيءَ تخليق ۽ انهيءَ جو خالق سنڌي ٻولي ۽ علم ادب ۾ لائق شمار ٿيڻ جا •

لالچند امرڏنيل ڪي جن عوامل هن جذبي پيدا ڪرڻ ۾ هٿي ڏني تن جو آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو • ڪتاب جي " منڊ " جي مطالعي ڪرڻ کانپوءِ انهن عوامل جي هن طرح نشاندهي ڪري سگهجي ٿي :

(۱) مسلمانن جي نندي ٿهي کي باخبر ڪرڻ :

لالچند امرڏنيل ڪتاب جي منڊ ۾ لکيو ٿو ته : " هر سال ڪيڏ جهڙن مسلمان چوڪرن جون ڀانڊون مون کي سپرد ٿيون ٿين • ڏسان ٿو ته پنهنجي نبيءَ سڪوري جي نسبت گهٽوڪري جا ڪورا آهن • ڀيون ڪالهيون عجيب غريب روزمره ٻڌا ٻڌن ، پر نبيءَ سڪوريءَ جي احوال مان نهايت غيرواقف آهن • مون هي ڪتاب لکيو آهي ته مسلمانن ، خصوصي ، نندي ۽ ٿهيءَ وارن جون اکيون پٽجن ، ۽ پنهن جي نبيءَ سڪوري جو احوال پڙهي ڏاهيون ٿين •"(۱)

---

(۱) لالچند امرڏنيل: "محمد رسول الله" لالچند امرڏنومل، ڪراچي، ۱۹۱۹ع، ص ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 333

(٢) خيرسگالي جو جذبو :-

لالچند امرڏنومل ، وقت جي تقاضا کي محسوس ڪري ورتو هو ۽ هو عالم استاد ۽ سياستدان هو ۽ هن جو ايمان هو ته تنگدلي ۽ تعصب سنڌين جي اتحاد ۽ ترقي جو دشمن آهي ۽ هن سنڌ واسين ۾ پائپي ۽ پائچاري جي فضا پيدا ڪرڻ کي ئي گهڻن مسئلن جو حل ڪري ڇاڏو ۽ هي هڪ ادبي ڪوشش به انهي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي ۽ لالچند امرڏنومل ڪتاب جي منڊ ۾ لکي ٿو ته "مسلمان ته اسان جا ملڪي پائر آهن ، ۽ انهن جي قسمت اسان جي قسمت سان ڳنڍي پيئي آهي ۽ تڏهين ته ضرور آهي جو اسان هڪ ٻين جي بزرگن جي احوال مان واقف ٿيون ۽ انهي ڪري به پاڻ ۾ سلوڪ جو رستو وڌايون ۽" (١)

(٣) غلط فهمين جو سدباب ڪرڻ :-

هن ڪتاب جي ذريعي ڪافي عالمن ۽ ڏاهن سنڌ جي "ڪرسچن سوسائٽي" ۽ سنڌ جي ترقي ۽ سنڌي هولي ۽ جي ڀرين ۽ پهرين ڏينهن ۾ پيدا ٿيندڙ مڪر جارحانه نموني ۽ مسلمانن جي مذهب خلاف هڪ تحريڪ هلائي ۽ هن سوسائٽي طرفان "قرآن جو بنياد" نالي هڪ ٽريڪٽ لکيو ويو ، جنهن ۾ ٻين ٻي

---

(١) لالچند امرڏنومل : "محمد رسول الله ،" لالچند امرڏنومل ، حيدرآباد ، سال ١٩١٩ع ص ٢

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 334

-هوڏين ڪالھين سان ڳڻ ، پاڻ نبيءَ جي پاڻ ذات خلاف غلط بيانيءَ ڪئي • ھن ڪتاب مسلمانن جي جذبن ۽ امنگن کي آزاريو چڏيو • مطالعي ھيٺ آيل ڪتاب ، اھڙي دور ۾ لکيو ويو • لالچند امرڏنومل ھي ڪتاب لکي ، اھو ثابت ڪيو ٿو سڏ جا باشعور هندو علمي ۽ ادبي جنگ وجھاد ۾ مسلمانن سان ڳڻ آھن • لالچند امرڏنومل ھڪ قدم اڳتي کڻي ، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم متعلق ڏيڏرين ٿي غلط فھمين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي • سرڪاري ، ڪتاب جي مٿي ۾ لکي ٿو ٿم : " حضرت محمد بنسبت غير مسلم ماڻھن جي مٿي اھوائ ويڙل آھي ٿم ھن حضرت دين اسلام تلوار جي وسيلي ڦھلايو • ھن احوال جي پڙھندڙن کي پاڻيھي معلوم ٿيندو ٿم اھا سراسر سندن غلطي آھي • حضرت محمد جي ڪٽاھن نسبت به شايد ھن جي دل ۾ گمان اٿي • ان کي ھي ڪالھ جاڻ ڪھرجي ٿم عربستان ۾ ڪٽن ڏينھين رواج ھوندو ھو ٿم ڪا عورت ڪنھن مرد جي ساماجي ٿيندي ھئي ، ۽ ھو ڪنھن کي پنھنجي ڏيئ چاھيندو ھو ٿم ھو ڪٽي ساڻس نڪاح وجھندو ھو • ويچار جي ڪالھ آھي ٿم پنجاھ ۽ سٺ ورھين جون ٻوڙھيون عورتون ، نڪاح واريون ، ڪمن ، ڪاڻيون ، ٻانھيون پاڻ ۾ ھو پنجاھ ورھين ڪان ٻاھر • " (١)

لالچند امرڏنومل ، پاڻ سائين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي ٽيھٽ ورھين جي چمار کي ھڪ سو اٺيھ صفحن ۾ پکڙيل ڪتاب ۾ دل

---

(١) لالچند امرڏنومل : " محمد رسول الله ، " لالچند امرڏنومل ، حيدرآباد ، ١٩١٩ع ص ؟

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 335

کولي لکيو آهي • سرڪواسي ، حضور جي پوري حياتي کي بابن ۾ پاڪن ۽ ورهائڻ بدران مختصر مگر مناسب شڪل ۾ تقسيم ڪيو آهي ، اهي شڪل هن ريت ٿين ٿا :

آباڻا عرب ، عربن جو مذهب ، حضرت محمد جو اصل نسل ۽ پالڻهار ، بحيرو راهب ، خديجه سان نسبت ، اولاد ، ملڪ جو اڻو ، عثمان عيسائي ، سنگ اسود ، زيد ، واحد درويشن ، مشاهدو ، پهريان مسلمان ، قريشي قبيل ، قريشين جا قهر ، لڌ پلاڻ ۽ ڪاپاري ڏڪ ، طائف وارا ، بيبي عاشه سان ڪٺو ، هراج ، مديني وارن جي مرحبا ، قريشن جي ڪاوڙ ، مسجد جو مانڊاڻ ، عائشه سان نڪاح ، علي ۽ فاطمه جو ٻارو ، حضرت محمد جو ڪاڏو ۽ محمد جو ڪاڏو ۽ خوراڪ ، عبدالله بن اسبي جي عداوت ، بدر جي لڙائي ، ٻه ٻرڻا ، احد جي لڙائي ، يهودين جي اٺيڪڙ ، ٽئون دشمن ، خندق جي لڙائي ، سائيهه سنڌي سار ، حديبه جو عهد نامو ، ڪروڪ ، ام حبيبه سان نڪاح ، ميرٺ سان نڪاح ، موٽه جي لڙائي ، قريشي هوڙا ، مڪي تي چڙهي ، ٽي هٽلو ٽئون دشمن ، سال وڏو ، تبوڪ جي لڙائي ، علي وارن ۾ [illegible] ۽ هڏاب ، پڇائي وغيره •

Gul Hayat Institute

لالچند امرڏني مل ڏري ڪهڙ زندگي ڪ جي مڪمل ۽ اهم واقعن کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش آهي ۽ واقعن کي مختصر مگر جامع نموني سان ويهي بيان ڪيو آهي • سندس غير جانبدارانه رويو ۽ واقعن جي چنڊ چاڙ هٽاب جي تصديق ۽ مقبوليت جا ضامن آهن •

پهـــولـــي :-

---------- لالچند امرڏنيل بنيادي طور تي هندو هو • هن لاءِ هڪ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

غيرمذهب جي پيغمبر تي سند عهياري ڪتاب لکڻ جا اڄ جي ماکي لاهڻي
جا نه هئي، هن صاحب انهي ڏاڍي جي جاکوڑ ڪري ولوڙ هئي آهي • پورو ڪتاب
سندس وسيع مطالعي جو نتيجو آهي • ڪالجن امر ڏنوسل ڪتاب لکڻ کان اڳ هنن
ڪتابن جو مطالعو ڪيو آهي ۽ انهن ئي ڪتابن کي پنهنجي تحرير جو بنياد بنايو
آهي :

(الف) اردو ڪتاب :-

---

(١) " سوانح عمري حضرت محمد صلعم " مصنف بابو پرڪاش ديو •

(٢) " صحيح بخاري "

(ب) سنڌي ڪتاب :-

---

(١) " سدا سچو هو " مصنف مولي الله بخش ابوجهو

(ج) انگريزي ڪتاب :-

---

1. "Sayings of Muhammad" by Dr. Suhrawardy.
2. "Spirit of Islam" by Rt. Hon. Mr. Amir Ali.
3. "Four great Religions" by Mrs. Annie Besant.
4. "Life of Mohamet" by Washington Irving.
5. "Heroes and Hero Worship" by carlyle.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 337

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب نه رڳو هڪ ڪتاب جو ترجمو آهي ، پر ڏيي لالچند امر ڏنومل جي تخليق آهي ، بلڪ هڪ اهڙي ترتيب آهي جنهن ۾ هڪ ئي وقت تخليقي قوتن ، نيڪ نيتيءَ جي جذبن ۽ اسفاده حاصل ڪرڻ جي صلاحيتن جو دخل عمل آهي .

لالچند امر ڏنومل ، سنڌي ٻوليءَ جي چوٽيءَ جي ليکڪن مان هڪ آهي . سنڌي ٻوليءَ تي ڪيس استادا نه دسترس هئي . هن پنهنجي ڪتاب ۾ لفظن ، محاورن ۽ چوٽين جا موتي ڀري پوئيا آهن . ڪتاب جي ٻولي سليس ۽ با محاوره آهي . هن جو انداز بيان آسان ۽ سولو آهي ۽ اسلوب پيارو ۽ نرالو آهي . هن هيٺ ڪتاب مان هڪ انتباس ڏجي ٿو :

" محمد صاحب ، جي جهن سڀي وارن کي مڏني ۽ آئي پيرا ڇهه سال گذري ويا جنهن ۾ ڪوٽ جو هنن منهن ڏوئي ڏٺو . ڏٺيا ڏٺيا مني ۽ ويٺا هوا اٿي جي آب هوا سان هري مري ويا . جڏ جاوا ٻيٺا ئي اٿي هوا . پر آخر اچي سائيڪ سندي سار ٿين . پر ڏينهن ۾ ڪاهو ڀاڪي ڪهلو ٻي سڪيو آسودو هجي ؛ چاهي وڏن وڏن عالمان بنگلن ۾ رهندو هجي ، سوها سندس حاضريءَ ۾ هڪ ڏيو ٻيٺا رهن ، هزارها ڪٽي سندس در تي روز سلامي هجن ؛ تڏهن وطن جو ٻنڌو وسي ويندس ؟ اباڻو ڇنو ڇهونو پراڻو جنهن ۾ ڇاڻو هوندو ، ان جي ڏڏهن نه ڏڏهن اڻ ڇيو اچي اڏير ٿيندس . سار چا ، اصل هڪڙو اچي لڪندي ، ته جي هڪڙي اکين سان وڃي اهي وطن سندا وڻ ڏسان ، ۽ انهيءَ اباڻي ڇني ۾ سمهي ننڊون ڪريان .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 338

مڪي وارن کي سائيھ سندي سار جدا اچي ٿي ، ۽ حج جو چاھ
جدا اچي ٿين ٠ سائن انصاري ۾ شامل ٿيا ٠ مڙئي ڏيڍ هزار مڪي وارا ۽
انصاري سنبھي نھتا هٿيار ٻنوھار ساڻ ھو نہ ڪنيائون. حضرت محمد چين جنگ
جا نہ ھوڻي اٿئون ھلون تا زيارت ٿي ٠ ستان جنھن ول ٻوڙھہ جو وھپ ۾ وھاريو
آھي ٠"(١)

ھن ڪتاب ۾ جيڪي اصطلاح ، پھاڪا ۽ چوٽيون استعمال ٿيل آھن
انھن جو وچور ھن ھيٺ ڏجي ٿو :

(الف) اصطلاح :-

لڪ ڪاندارجڻ ، نڪي ڪ ٿي نھن ڏيڻ ، جھين ماڻ چنڻ من ۾ ڀرجي
اچڻ ، ڪھڙا ٻڙڻ ، ناسون ٽيڻ ، پاڻي ڪڍڻ ، چنڊي لاھڻ ، ڪير ڪنڊ ٽيڻ ، ھٿن
ونہ ماپڻ ، ٻوٽو ٻارڻ ، ڪلھي چڙھڻ ، ٻچ پاڻي ٻچڻ ، ڪڪ ۾ن ٽيڻ ، ڏينھن جا
تارا ٽيڪارڻ ، دربدر ٽيڻ ، ٻڙو پاڻي ٽيڻ ، منھن ٽپڻ سان لڳڻ ٠

(ب) پھاڪا ۽ چوٽيون :-

جتي ٻچڻ ناھي جاءِ ، اتي ٻچڻ ھوريا ڪوءِ ، لھ ۾ لڻي ٻوٽ ۾

---

(١) لالچند امرڈنومل : "محمد رسول الله ،" لالچند امرڈنومل ، حيدرآباد ١٩١٩ع ،
ص ١٠٢

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 339

بجاي ، سيڪا بجري پنهنجي ناهي تنگجي ، راڪي ريڙ ماري ڪون ، هيري ڏسندي هير ٽنگ پاڪي نه لهي ، ٻلي ٻلي پاڻ آئي سا ٻه نه ٻلي ، وغيره .

لالچند امر ڏنومل موضوع ۽ مضمون سان انصاف ڪندي ، پنهنجي ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ مولوي الله بخش "ابوجهو" جو ڪلام به موزون هنڌن تي ڏنو آهي . جيئن خندق جي لڙائيءَ ۾ حضرت علي ڪرم الله وجه ۽ عبدود جي مقابلي جو احوال ڏيندي ، شاهه جو هي بيت به ڏئي ٿو :

بهادر گڏيا بهادرن ، ڪڙڪ ڪلول ڪن ،
وڃن ڏرڻن ڇڏي ، ها هاريو هٿن ،
ڪرن ، ڪنڌ نهن ، رڻ ڪجهو راڙو ٿيو (١)

ڀٽ آڪاڻي عربستان جو ذڪر ڪندي "ابوجهي" جو حوالو ڏئي ٿو ٿي :

عرب هڪڙو اچيٽ دشت بلا هو
لڪايو انهيءَ جي ورن کان جدا هو
سڏاري جو سايو نه آيو ڏسڻ ۾
ڏاري جو نالو نه آيو ٻڌڻ ۾ ... الخ (٢)

---

(١) لالچند امر ڏنومل : "محمد رسول الله ،" لالچند اڏڻ ڏنومل ، حيدرآباد ١٩١٩ع ص ٩٦

(٢) ايضا ص ٥

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 340

ميرڻ جي صاحبي

تعارف :-

سنڌي ۾ چوڻي آهي ته " جت چڙهي سڄائي ۾ ٿي ته ڪڙهه ٿي ڪير پياري ." ساڳي نموني جيڪڏهن عالم ۽ اديب ، شاعر ۽ دانشور پنهنجي ۾ ٿي چڙهن ته سندن قلم تلوار کان وڌيڪ اثر ڏيکاري ۽ اهي ڏسندي ڏسندي قوم جي تقدير ئي بدلائي ڇڏن .

اسان جي تاريخ اهڙن قلم ڏئي هوندڙن سان ڀري پئي آهي ، پئي وڃڻ جو هو ضرور ئي هونهي . رڳو انگريزن جي دور جي سنڌي علم ادب جو مطالعو ڪجي ته ڏسڻ ۾ آنڪرين اڃن وڃن شين . ملڪ ۾ ڏاڍن جو راڄ هو . ڏيهي مٽين طبقو خانبهادر ۽ راءِ بهادر جي خالي لقبن جي بک ۽ سرڪار جي ٻڌن ٻانهن شيخ لاءِ تيار هو . ڪير ، امير ، نواب ۽ جاگيردار سرڪار جي ڇهين ۾ ٿي نهي رهيا هئا . نرنگيءَ جو زندگيءَ جي هر هڪ شعبي ۾ مڪمل قبضو هو . ڪنهن کي به سرڪار طرف اک کڻڻ جي مجال نه هوندي هئي . اهڙي ڏاڍ ، ڏمر ۽ ڏوڻ جي ڏهاڙن ۾ به سنڌي عالمن ، شاعرن اهو ڪجهه پئي ڪيو ، جو اهو اڄ اسين خواب خيال ۾ به ڪرڻ جي سگهه نه سارون .

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب "ميرن جي صاحبي " به اهڙن تصنيفن مان هڪ آهي . ڪتاب ، سنڌ جي نامياري عالم ، اديب ، شاعر ۽ صحافي حميد سنڌي محمد

INSTITUTE OF SINDOLOGY,
UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 341

سيوهاڻيءَ جي قلمي خاڪن جو نتيجو آهي • ڪتاب جو تفصيلي تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

مواد :-

ڪتاب صنف جي نقطه نگاهه کان "مضمون" ۽ موضوع جي لحاظ کان تاريخ جو هڪ اهم ۽ سرندڙ باب آهي • باريڪ بينيءَ سان مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪتاب ۾ تاريخي، مذهبي، ۽ سياسي مواد ڏنو ويو آهي • مواد جو تعارفي تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

تاريخي مواد :-

ڪتاب جي عنوان مان ئي ظاهر آهي ته هن ۾ ميرن جي صاحبي واري سنڌ ڪي روشني وڌي وئي آهي • ڪتاب ۾ انهن سوالن جا جواب ڏنا ويا آهن ته ميرن جي گذريل صاحبي وقت سنڌ جو حال هو ۽ انهن کي ڪيئن ڪيا ويا سگهيا ، ملڪ ڏاڍ هويا سڌار ، حڪومت ۾ انصاف هو يا اندير •

حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ ميرن جي دور جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي ۽ خاص ڪري هيٺين ڪالمن ۾ وضاحت سان روشني وڌي آهي •

"ميرن جي صاحبي ۾ هندو مسلمان جو پاڻ ۾ سلوڪ ،" "ميرن جي ڏينهن ،" هندو ۽ مسلمان حاڪمن جي پاڻ ۾ بي تعصبائي ،" "راڄ ڪاج جو پاڻ ۾ سلوڪ ،" "ميرن جي دور ۾ ماڻهن جي سياسي آزادي ،" "ميرن جي دور ۾ انصاف ،"

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 342

" ميرن جي حڪمراني جو طريقو" ميرن جي دور ۾ سزا جو طريقو" ملڪي حالت " ۽ مذهبي رواداري" ۽

حڪيم صاحب انگريزي اهو ثابت ڪيو آهي ته ميرن جي دور ۾ سنڌ سڪيو ۽ ساوڪ هو ۽ ڏوهي ڏڪ جو ته ڪٿي به نالو ڪونه هو ۽ هر هنڌ امن ۽ سڪون لڪو پيو هو ۽

حڪيم صاحب، ميرن جي دور واري تاريخ جو پڙدو هٽائيندي ڪيترن ئي تاريخي بهتانن جي مدبرانه انداز سان تردید ڪئي آهي ۽ انگريزن سنڌ تي قبضي ڪرڻ کانپوءِ جنهن انداز سان وهي تاريخي حقيقتن کي ٽوڙي پيش ڪيو هو حڪيم صاحب انهن مان اهڙن ڪوڙن تاريخ نويسن جا مثال به پيش ڪندا آهن پاڻ هڪ هنڌ لکي ٿو ته :

"اوهان کي معلوم هوندو ڪهڙي نه آرام ۽ اطمينان سان حڪومت هلائڻ ڪري هلائڻ لاءِ يورپي حڪومتن جي اصلي پراڻي عادت آهي ملڪ ۾ پروپيگنڈا ڦهلائي قومن کي ويڙهائڻ ۽ ۽ اڪثر حڪومت جي به خلاف ماڻهن ۾ خيال وهاري ۽ اڪثر حاڪم قوم جي گلا ۾ شڪايت ڪري ۽"(۱)

حڪيم صاحب هن ڪتاب ۾ " بمبئي گورنمينٽ جي رڪارڊ جو انتخاب "

---

(۱) حڪيم شيخ محمد سيوهاڻي : " ميرن جي صاحبي" شيخ عبدالسلام، ڪراچي ، سال ؟ ص ۲۱ ـ ۲۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۱۸۵۵ع) ۾ "اسسٽنٽ سرجن جي ـ ايف هيڊلي جي رپورٽ (۱۸۲۶ع) جو تفصيلي تنقيدي جائزو وٺي سندن بهستانن کي غلط قرار ڏنو آهي • مثال طور ڪتاب مان اقتباس هيٺ ڏجن ٿا :

" مٽي چاٽايل انگريزي ڪتاب (بمبئي گورنمينٽ جي رڪارڊ جو انتخاب) جي حصي ٻئي ، صفحو ۶۵۴ ۾ لفٽيننٽ آر ـ ايف ـ برٽن صاحب، ۱۸ فوج بمبئي جي ليفٽيننٽ هندو مسلمانن کي هڪ ٻئي سان وڙهائڻ ۾ هڪ ٻئي سان ويڙهڻ لاءِ اڀرا ۽ نوٽ لکيا آهن جن کي هندو پڙهي مسلمانن کان بيزار ٿيا ، ۽ مسلمان پڙهي هندن کان بيزار ٿيا • ۽ ٻيڪهي مٽي ڏارين جي • برٽن صاحب صفحو ۶۵۱ ۾ لکي ٿو ته (ميرن جي صاحبي ۾) هندو زوري مسلمان ڪيا ظهرايا ٿي ويا ، ۽ ڪن زوري ڪلمو پڙهايو ويو ٿي ۽ زوري مسجد ۾ آندو ويو ٿي ، ۽ زوري ڪٽون جو گوشت کارايو ويو ٿي ، هي آهي هڪ انگريزي آفيسر برٽن صاحب جو مسلمان حڪومت جي برخلاف اهو نوٽ جنهن مان سندس مطلب آهي اڃين ڪاهڪ قوم جي برخلاف هندن ۽ مذهبي جوش جا ڪاڻي ويڙهائڻ

Gul Hayat Institute

وري ساڳيو برٽن صاحب ساڳي ڪتاب جي صفحو ۶۵۲ ۾ هندو عاطن جي برخلاف مسلمانن ۾ بد ظني ۽ بد خيالي پيدا ڪرڻ لاءِ چا ٿو لکي سو به ٻڌجو •

لکي ٿو ته " آئون پنهنجي خاطري ڪان چوان ٿو ته دنيا جي جنهن به ايرندي ياڪي ۾ جيتري قدر هلوڪ آهي ، هندو عاطن کان و ڌيڪ ٻيو به قوم ڪيتي شڪ ۾ خوفناڪ ٻي ڪانهي • ڪيترا به قسم ڪٽن ته اعتبار ڪونهي ، جنهن به خوفناڪ ڪم ڪندي ڏسي نه ٿئين • پنهنجي خود غرضي وقت جنهن ٿي به رحم

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 344

هونہ ڏن • ڏسڻ ۾ ڏسڻ ۾ جلال سائي ڪري ٻوڙه ٿي ڏاڻ ڏندا آهن • ڏوڙ ٿي ڏسڻ ٻڌي ٻيهندڙ هوا ، پنهنجي للهِ سانتيڻن ۾ ٻجندڙ ماڻهن کي به پڙهائي پاڻ سان شامل ڪري وڃندا هوا •

اوهين انهن ٻنهي نوٽن کي پڙهي غور ڪريو ته ڏسڻ ۾ شرارت منجهن ڇپي وئي آهي • هندن کي مسلمانن کان پنهنجي منهن ڇپڙايو ٻو آهي ۽ مسلمانن کي هندن کان پنهنجي منهن بدڪان ڏيو ٻيو آهي •" (١)

مذهبي مواد :-

حڪيم فتح محمد سوهائي نه رڳو سياستدان ۽ دانشور هو ، پر ان سان گڏ هڪ باعمل عالم به هو • انهي ڪري شعوري يا لاشعوري طور سندس لکڻين ۾ مذهب جو اثر نظر اچي ٿو • مطالعي هيٺ ڪتاب ۾ به هن صاحب ڏيڻ وٺي مذهبي مواد ڏنو آهي • خاص ڪري هنن ڪالمن ۾ روشني وڌي اٿس •

"هندن پنهنجو ڌرم وڃائي ڇڏيو آهي ،" "هندو تصوف جي سخي عليه ،" "هندو ڌرمجي سڌاجهي عليه ،" "مسلمانن جي مذهبي حالت ،" "مسلمان جي مذهب ۾ توحيد ڇا آهي" ؟" "قرآن پاڪ جو حڪم آهي ته دين معاملي ۾ زور زبردستي نه ڪريو" •

---

(١) حڪيم فتح محمد سوهائي :" مون جي صاحبي ،" شيخ عبدالسلام ، ڪراچي ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 345

حڪيم نسخ محمد سيوهاڻي جي هن ڪتاب جو مذهبي مواد ڪتاب جي موضوع تحڻي مضمون جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي • حڪيم صاحب هن ڪتاب ۾ ماضيءَ ۽ حال جي پيڙ ڏني ، حال جي خامين جي نشاندهي ڪئي آهي • هي ڪتاب انهيءَ دور جي پيداوار آهي جڏهن "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" واري نرنگين جي پاليسي ڪامياب ٿي چڪي هئي • پوريءَ سنڌ ۾ ٻين اختلافن سان گڏ مذهبي چڪاڻ به پيدا ٿي چڪي هئي. حڪيم صاحب پاڻ هندو مسلم اتحاد جو حامي هئو • ان ڪري سندس تصنيف ۾ ساڳيو رنگ ڇڙهيل آهي • هن صاحب ڪتاب جي هنن ورقن وسيلي سنڌ واسي هندو مسلم کي پنهنجي باهمي اختلافن کي دور ڪري مشترڪ دشمن سان وڙهڻ جو ڀرپور تاثر ڏنو آهي •

سوانحي مواد :-

حڪيم صاحب نه رڳو قلم ڏني هو ، پر قدرت کيس وطن جي حب سان سرشار ڏڙڪندڙ دل به ڏني هئي • ڏيڪ جي انگ اڪاڻ ۾ پيڙ بکين انسانن سان کيس عقيدت ۽ الفت هئي • هو کين جيترو دل جي گهرائين سان چاهيندو هو اوترو ڏاڍين سان نفرت ڪندو هو • کيس وطن جا وڻ ۽ واهڻ ، ٻندون ۽ ٻورا ، شهر ۽ ٻر ، گليون ۽ ڪٽيون ۽ شهر ، گهر ۽ جهوپڙيون عزيز هيون • هو انهن ۽ آزاديءَ جا ترانا ٻڌڻ جو عاشق هو • هن نه ٿي چاهيو ته سرسبز ۽ شاداب سنڌ ۽ سهاڄڻ سنڌ واسين کي ڏاڍين تومون جڙن جهان جوسيڊيون رهن • هن صاحب انهيءَ ڪري هڪ طرف عملي سياست ۾ پير پاتو ۽ ٻئي طرف قلمي دنيا ۾ قدم رکيو • هي ڪتاب به

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 346

انهي ۽ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي .

حڪيم صاحب هن ڪتاب ۾ مين جي صاحبي ۽ انگريزن جي دور جي ڀيڪ ڪئي آهي ، ۽ چڏايو اٿس ته ڏاڍن جي راج ۾ سڄڻ واسيءِ روحاني جسماني ، مذهبي ۽ سياسي طور تي مڪمل برباد ٿيندا پيا وڃن . ترقيءَ جي نالي ۾ڪين شاهه پيو ڏيو وڃي . ڪين رنگ نسل ، ذات پات ۽ دين ڌرم جي ڪوڙن ليکن ۾ بند ڪري پاڻ ۾ ويڙهايو پيو وڃي . هن ڪتاب ۾ حڪيم صاحب ڏاڍن جي خلاف هن ريت مواد ڏنو آهي :

" يورپي حڪومتن جي عادت آهي پروپيگنڈا " . " هي جو سمجهو وڃي ٿو ته هن وقت سڪيا آهيون ، اهو نڪس جو ڏوهو آهي ، " " اڄ ڪلهه ڏڪار ۽ مهانگائي سبب ماڻهن جو ڇا حال آهي " ، " ڪامورا پاڻ کي رعيت جو سردار سمجهن ٿا پر آهن درحقيقت رعيت جا نوڪر ، " " ڏيرينل ملڪ ۾ ڏيرينل حڪومت جا ڪي ٻڌجي " " سوراج مان جيڪي ڪائنا ٿيڻا آهن تنهن جو مختصر بيان ، " " ۾ آزادي ۽ ظالمي جو فرق ۽ بابل جو عجيب مثال " .

ڪتاب جي سياسي مواد جو نمونو هيڏ جي ٿو :

" سوراج مان اخلاقي ۽ مذهبي ، ديني ۽ دنياوي ڪائنا ٿيڻا آهن . ملڪ جو انتظام قانون قدرت جي سرشتي موجب هلڻو آهي واجبي قدرتي ۽ انساني آزاديءَ ۾ خلل وجهڻ جهڙن قاعدن جو خاتمو ٿيڻو آهي . انتظام ايڪي جي مزي ۽ لذت سان حياتي گذارڻي آهي . علمت ۽ ڏرو ، ويرو ۽ ورڊ ڪافور ٿيڻو آهي . ملڪ ۾ خوشحالي ۽ سرسبزي اچڻي آهي . حياتي جي قدرتي حقن تان ضابطو ۽ پابندي کڻجي آهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 347

مائھن جي بانڻ جي پوڙھئي ۽ مڙ جي ڀائي تان ٽپجي لھندا آھن ۽ درياڻن ۽ ٻيلن مان ڦائڊي وڻڻ کان غريب تان بندشون لھڻيون آھن ۽ زمينن تان کيڙين ۽ موتمار بدلن کھنجڻيون آھن ۽ حاڪمن جا قھر ۽ ظلم وڌندا آھن ۽ ملڪ جي ھلائڻ ۽ چلائڻ جي واڳ مائھن جي ھٿ ۾ اچي آھي ۽" (١)

ٻولي :-

حڪيم فتح محمد سيوھاڻي پنھنجي دور جي نامياري عالمن، ادبين، شاعرن ۽ دانشورن مان ھڪ ھو ۽ سندس ڪلھ جڏھن ٻڌ ئي ڪنھن خيال، موضوع ۽ مسئلي کي ورڻ جي سڀني ئي آندوڻ ڪڍن سلاست ۽ روانيءَ، جدت ۽ جوش جون خوبيون ھانھون ٻڌي ان آکيان اڳي ئي حاضر ٿيون ۽ سندس ھر تحرير ۽ تصنيف ٻياڻي ۽ نياري آھي، ليڪن مطالعي ھيٺ آيل ڪتاب ۾ پنھنجي مٺ ٻاڻ آھي ۽ ڪتاب جي ٻولي ۽ ان جو اسلوب ملاحظہ فرمايو :

ڏاڍا اسان جي ملڪ ۾ اجوڻن مائھن ۽ ٻيلي مائھن اسان کي ھو اعتراض ڪونھي، پر اسين پنھنجي ئي ملڪ ۾ ٽاپا ڪائيندا وتون، اھا ڪالھ ھيٺي قدر نہ افسوس جھڙي آھي! ڏاڍا اسان جي ملڪ ۾ سڪيا گذارين ۽ ٻيلي گذارين، اسان کي ھو اعتراض ڪونھي، پر اسين پنھنجي ئي ملڪ ۾ ڏيکا رھون

---

(١) حڪيم فتح محمد سيوھاڻي : " سھون جي صاحبي،" شيخ عبدالسلام، ڪراچي، ص ١٢٠ - ١٢١

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 348

اها ڪالھ جونھ اعتراض جھڙي آھي ۔

ڏاڙھا اسان جي ملڪ ۾ اڄي ڏڏا وڏا ڦڪھار ڪٽن ، ٻلي ڪٽن ، اسان کي ھوند ھو اعتراض ھونھ ڏئي ، پر اسين پنھنجي ئي ملڪ ۾ سڄا ڇڪال ھجون ، آکرين ٿي ڪٽڻ جھڙا ڦڪھار ڪٽون اھا ڪالھ سخت بي انصافي ڏجھڙي آھي ۔

ڏاڙھا اسان جي ڏنل ڏڻ ۾ محصول مان ڦڪھار ڪٽي ، ۽ اسان جي خدمت لاءِ مقرر ٿين ، ڏاڍي چڪي ڪالھ آھي ۔۔ پر ھي ڏڪالھ اڃ وڌندڙ آھي ته ھو اسان جا خادم ٿي اسان کي ذليل ۽ ظالم سمجھن ۽ اسڙن سان ذلت جي ھلت ھلن" (۱)

حڪيم صاحب ٻولي تمام سليس ۽ عام فھم استعمال ڪئي آھي ۔ پاڻ عالم ھو جيڪڏھن روايتي عالمن جيان چاھي ھا ته دقيق لفظن جو ڪثرت سان استعمال ڪري سگھيو ۔ مگر ھو عوامي اديب ھو ، ڪير خبر ھئي ته ھن جي ذات عوام لاءِ آھي ، ھن جو قلم عوام جو آھي ۽ ھو عوام مان آھي ، ان ڪري ھن ٻولي ۾ عوامي ٿي ھلڻ آندي آھي ۔

حڪيم صاحب ٻولي ڏڪي يا محاورا بنائڻ ۾ ان ڀرپور جس پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ٻھاڪا ۽ جوڙيون استعمال ڪيون آھن جن مان ڪجھ مثال طور ھيٺ ڏجن ٿا :

گھرجا ۾ ڪھڙ ۾ پاڻ ۾ ٺھڻي ٻون ۔

---

(۱) حڪيم فتح محمد سيوھاڻي " ميرن جي صاحب ، " شيخ عبدالسلام ، ڪراچي ، سنہ؟ ص ۱۳۰ ـ ۱۳۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 349

هٽ جي هنڪڻ کي آرسي عجب هڙو ضرور

تندرستي هزار نعمت •

هراڙواٽ ۾ هنواٽ لهي •

هٽ هاڻ ۽ من مڙا ۽ •

آئين ۽ چاڙهين ڏٽ ڏهائي سوءِ •

هڙ سکڻي لوڻ کهڻي •

جنهن جي کهرپان جي پلي ، تنهن ذات سيڻ کان پلي •

جهڙا روح تهڙا خط •

مڻي ۾ ماڻ ، مڻي ۾ ماڻ •

هن تفصلي تنقيدي جائزي کان پوءِ اسين پاڻ لکجي ٿو ته حضيه

فتح محمد سيوهاڻي جو هي ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ هميشه لاءِ هڪ

شاهڪار جي حيثيت ۾ صورت ۾ ياد ڪيو ويندو ، ۽ سندس هي تصنيف حضيه صاحب جي

علم و دانش ، حب الوطني ۽ سچ ڪوڻي جي ساک پڻي ٿي •

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 350

ورڪ

شعارف :-

هر دور ۾ قومون پنهن وڏن ڏاڻن ۾ ورهايل ٿيندين آهن • پهرين ڏاڏو وڏن جو ، ۽ پيو ڏاڏو نئين نسل جو • ساڏيل قومون نئين نسل کي ٻڌائجو اصلي سرمايو سمجهي سندن قدرداني ۽ همت افزائي ڪندين آهن ، ۽ اڃ ساڏيون قومون هن ڏاڻي کي انائي ۽ جذبات جاڻي نظرانداز ڪندين رهندين آهن • اهڙين قومن جا وڏا پنهنجي دقياسي ۽ پراڻن خيالن ۽ عقيدن تي ڪٽڻ ٻڌي ويهندا آهن ۽ نئين نسل/وري انهن اڄاين زنجيرن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي • اها پيڙهيءَ وچوٽي نه رکو اڃ ساڏيل قومن ۾ ٿئي ٿي ، مگر ساڏيل قومن ۾ به ان جا اهڃاڻ ملندا • فرق رکو شدت ۾ نوعيت جو آهي •

سنڌ ۾ صدين کان ٻني جاڪيرداري ، وڏيرا شاهي ۽ پير شاهي جو راڄ ٿيو هليو آهي • اهڙي سماج ۾ نئين نسل کي ڪڏهن به اسرڻ جو موقعو نه ڏنو ويو آهي • اسان جي تاريخ ۾ اهڙا مثال رکو آنڪڙين ٿي ڪٽڻ جهڙا ملندا • هن ڏرتيءَ ٿي جيڪڏهن ڪنهن نئين نسل جي نمائندي/آواز/اڀار آهي ته ان ۾ ڪيترن ئي خارڻ جوهه ٿيو رهيو آهي •

علم ادب جي ميدان ۾ نئون نسل جيڪڏهن ڪنهن دور ۾ خالي نه رهيو آهي ته به هن دور نئين نسل جي نمائندن کان به خالي نه رهيو آهي • مطالعي هيٺ آيل ڪتاب 'ورڪ' به نئين نسل جي هڪ نمائندي جي قلمي ڪاوش آهي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 351

لیک لیکڪ ڪوبند پاڻيءَ هي ڪتاب ۲۱ سالن جي ڄمار ۾ لکيو ، ۽ ٽنهن وقت پاڻ ڪالیجي شاگرد هو ۽ هن ڪتاب لکڻ کان اڳ سندس مضمون ٽنهن وقت جي مخزن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا هٿا ۽ " ورڌ " سندس پهرين تصنيف آهي ۽ هن ڪتاب جو تنقيدي جائزو هيٺ ڏجي ٿو :

مـــــواد :-

شعر جو فن ڪٿي به ڏکيو پران جي باوجود ڏسبو ته شاعرن جي ڪمي ڪٿي ڪانهي ، هر دور ۾ علم ادب جو ميدان شاعرن سان ڀريو پيو هوندو ۽ نثر نويس جي ڏاڍي ڪمي جو احساس ٿيندو ۽ ان هوندي به هر دور ۾ ڪجهه نه ڪجهه اهڙا ليکڪ ضرور پيدا ٿيندا آهن جي ڪن ڪمي ڪجي پوڙائي جي شعوري ڪوشش ۽ رڌل ٿين ٿا ۽ مطالعي هيٺ آيل ڪتاب (ورڌ) به هڪ اهڙي ڪوشش آهي ۽ ان ۾ سمورو مواد نثري نوعيت جو آهي ۽ هن ڪتاب ۾ ڪل ۲۸ مضمون ۽ ڪي نج خط ڏنل آهن ۽ سمورا مضمون مختلف موضوعن تي لکيل آهن ، جيڪي داخلي نوعيت جا به آهن ته خارجي نوعيت جا ۽ داخلي نوعيت جي مضمونن ۾ ليکڪ پنهنجي دل جي امنگن ۽ جذبن جي ترجماني ڪئي آهي ، ۽ خارجي نوعيت واري مضمونن ۾ سندس مطالعي ۽ مشاهدي جو ردعمل نظر اچي ٿو ۽ انهن پنهي قسمن جي مضمونن جو مواد هن ريت آهي :

سياسي مـــواد :-

" رستي ۾ "، " ڏياري "، " نڪير گانڌي "، " گانڌجي ۽ اهنسا "،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

"ڪلهه ساڳر مان ٻه موتي ،" سامي واد ،" ڀارتواسي جاڳ ،" هندو مسلم اتحاد ،" جهڙا مضمون آهن جيڪي نج سياسي نوعيت جا آهن •

ليکڪ نوجوان هندو سنڌ واسي هو، ان ڪري فطري طور تي سنڌس همدرديون ڪانگريس پارٽيءَ سان هيون • انهيءَ ڪري هو پنهنجي قلم سان وڏي ڪانگريسي ليڊرن جي شخصيتن ۽ ڪردار کي اجاگر ڪري شوءِ ڪانگريسي نظري کي مقبول بنائڻ جو ذريعو بڻجي ٿو •

ڪتاب جي سياسي مواد پڙهڻ کانپوءِ، ليکڪ سنڌ جي هندو ڪانگريسي جي حيثيت ۽ صورت ۾ اسان اڳيان ظاهر ٿئي ٿو • جيڪڏهن ته سنڌ ، مسلمانن جي گهٽائي وارو خطو هو ان ڪري ڪانگريس کي هتي هندو مسلم اتحاد جي پاليسي اختيار ڪرڻي پئي • ساڳي جهلڪ ليکڪ جي مضمونن ۾ ملي ٿي • هو انهيءَ مسئلي تي لکي ٿو :

"اي ! اوهين هلو، ڳوٺن جو دورو لڳايو • اوهين محبت کي انساني جامي ۾ پسندا • هندو مسلم ننڍڙن ننڍڙن ٻارڙن ۾ ملي ٿي شان گهول گهول پيا وڃن • قرب ۽ دل جو دائره ڪيڏو وڏي جتي پهچ آهي اتي هو به تفاوت ڪرڻ جي ڳوٺن جا هندو مسلم هڪ ٻئي جا ڳهڪرو آهن • اتي ڪا به ترشي ڪانهي جو ته هنن دين ۽ ڌرم جو انهيو صحيح روپ ۾ ڏٺو آهي • هو سمجهن ٿا ته دين ۽ ڌرم جو مطلب آهي پيار ۽ همدردي نه ڌڪار ۽ نفرت • مٺڙو مسجد ۾ وڃي ٿو ۽ پيو مندر ۾ پر هڪ ٻئي کي روڪين نه ٿا • هو تنگ دلي کان پري آهن • سچ ته اهو شور ۽ شرارت اسان شهرين جي شيطاني دماغ جو نتيجو آهي • ڳوٺ ۾ انهي پوچائڻ لاءِ پيا اهي اجايا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 353

ٻوٽا ٻڌيون ۽ وڏي ۾ وڏي جي لالچ وس ٿي پاڻ کي هندو ۽ مسلمان سڏائي پنهنجو سوارٿ ٿا سڌ ڪرڻ چاهيون ۽ خبر نه ٿي پوئين ته جهڙي لالچ ٿا ڪهون ، پر لالچ چا نه ٿي ڪرائي ۽"(١)

ڪتاب جو سياسي مواد نه رکو ڪانگريس پارٽيءَ جي نڪري ۽ نظريي جي ترجماني ڪري ٿو ، مگر ان مان ليکڪ جي ذاتي سوچ ۽ سياست جي عام مڃيل اصولن جا اڇاڻ ملن ٿا ۽ مثال طور " سوشلزم " جي نظريي تي ليکڪ اها ذاتي راءِ ڏئي ٿو ته :

" پنهنجي پراڻي احساس تي نگاهه وجهندي ته مون کي ڏسڻ ۾ ڪجهه پراڻين پستڪن کي ورائيندي اڄ هلوڪو ٿيندو ته آءٌ به سوشلزم هو ۽ پارٽ جو ته خاص ڪري پراڻين راجنيتڪ پهلو سامهون وار جي آڏار تي الڳ نظر ايندو ۽ پراڻين هندستان جي قانوني عمارت سامهون واد جي پيڙهه تي ڪڏي ٽيل نظر ايندي ۽"(٢)

ليکڪ ، سياست جي عام مڃيل اصول " آزادي " تي هن طرح پيش ڪري ٿو :

جهان جي ستم نارو جو رنگ ڏسي
خراب تر ٿي وهو خانمان خراب جو رنگ.

"اسيرؔ" جو غمِ فرقت ۾ اهڙو حال ٿيو،
ٿي ٿو جهڙي طرح ماهي ۽ بي آب جو رنگ.(۱)

"عمرؔ" کبول :-

عمر کبول ڪٿونڪر لڪ پنهنجي نندڙي ڪوڙ ۾ رهي ٿو • هن وقت سندس چمار لڪ پڪ سٺ سال کن ٿيندي، اڻڄاڻي حساب سان هو ويهين صدي ۽ جي پهرين ڏهاڪي ۾ جائو •

عمر کبول بنيادي طور تي ڏورگو سکڙ آهي، پر پڌ ۾ سندي ادب کي جهونن سندي شاعرن جو ڪيترائي ڪلام ياد آهي • هن هيٺ سسئي جي داستان مان سندس هڪ بيت مثال طور ڏجي ٿو :

وڃي وٺي ويسورکي، هوءَ ڏونگر پٽي ڏاري،
سسئي جام پنهل لاءِ هنجون پٽي هاري،

---

(۱) علي محمد "اسيرؔ" جو ڪلام ۽ سندس زندگي جو احوال تاريخ ۲۳-۳-۱۹۷۶ع تي سندس فرزند محمد يعقوب کان ورتو ويو •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 416

ٻيئي اڇي ٻره، ٻڻي سا نڪي نهاري،
ڏنس والي وراڻي، ته ان تي لشڪر جي (۱)

غلام احمد نظامي :-

غلام احمد نظامي ولد حاجي محمد صديق ۱۸۹۵ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو . مولوي عليه پرائمري ڪانهي مختلف ڏندا ڪيائين . مرحوم محمد هاشم مخلص جي شاگرديءَ ۾ شعر و شاعري جي ابتدا ڪيائين . ۾ خواجه حسن نظامي جي مريد هئڻ ڪري " نظامي " تخلص اختيار ڪيائين .

نظامي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، عبد الله عبد ۽ علي محمد اسير جيان هن دور جو سرمور ۽ استاد شاعر هو . سندس شاگردن جو حلقو اڄ به سنڌي ادب جون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي . هي صاحب "بزم ادب" جو باني ۽ سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن جو نهال ڪارڪن هو . سندس وفات ۱۹۵۰ع ۾ ٿي (۲)

"نظامي جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

---

(۱) تاريخ ۲۷-۳-۱۹۷۶ع ڪنڊيارو جو دورو ڪيو هيو، جتي شاعر سان گڏجاڻي ٿي، ۽ ان کان سندس احوال ۽ ڪلام ورتو هيو .

(۲) غلام احمد نظامي جي زندگي جو احوال سندس فرزند کان ۲۹-۳-۱۹۷۶ع تي ورتو هيو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 417

غـــز ل

دل يار جي فرقت ۾ دلگير نظر آئي
هر ناز ادا جنهنجي شمشير نظر آئي ۽
ڪا سڌ نه پئي مون کي دل اوجتو ازجي وئي ،
زلفن جي جڏهن سامهون زنجير نظر آئي ۽
بي هوش ٿيس بلڪل سڀ ورڊ ويا وسري ،
جنهن وقت صنم جنهنجي تصوير نظر آئي ۽
سڀ يار شيدا ڀاڪي پرين ٻڌ ڏيو پاسو ،
گردش ۾ جڏهن منهنجي تقدير نظر آئي .
خاموش پيو رهڻو لاچار "نظامي" کي ،
ناڪام جڏهن هر ڪا تدبير نظر آئي (۱)

حـــا مـــــل :-

ڪامل بابت ڪٿان به تفصيلي بيان ملي نه ٿو سگهي ، ليڪن مختلف روايتن موجب ڪامل ڪراچي ضلعي جو رهواسي هوڻ مطالعي هيٺ آيل دور سان واسطو

---

(۱) غلام احمد "نظامي" : " گلزار عشق ، " ترقي بوڪ ڊپو ، ڪراچي ، ۱۹۳۱ع ص ۲۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 418

رکندو هو ۰ "ڪامل" جو ڪلام بهتن ٿي مبني آهي ، جنهن مان مثال طور هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو :(۱)

بيت

الله ڏر اهو ڏينهن ، ٿيان پنهون پاڻجي ،
اندر عشق اجاريو ، ٿيان ساجن ساڻ سجي ،
ڪهل لائق "ڪامل" ناهي ڪامڻ هيءَ ڪجي ،
سور سيڻي سون ٿيا ، پرين پور پجي ،
او پنهل پاڻ اچي ، رسجين مون ڪي راهه ۾ ۰

لائق :-

لائق اصل ۾ سيوهڻ جو ويهڻ هو ۰ مگر روزگار سانگي انگريزن جي آخري دور ۾ اچي ڏاڍائين ۰ سندس ذات، پات، ولادت ۽ وفات جي ڪا به سڌ نه ٿي پوي ۰ پاڻ سگهڙ شاعر هو ۰ سندس چيل منظوم "زال ۽ مڙس" جو آخرين بند هيٺ ڏجي ٿو :

پرين پرتا پاڻ ۾ لٽي لوڪ پچار

---

(۱) شاعر جو ڪلام ۽ مختصر احوال ڪٽنوڪر جي دوري دوران تاريخ ۱۳-۳-۱۹۷۶ع تي شمس الدين جوڪئي کان ملهيو ۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 419

ڪوڙو قصو ڪوڙ مان ، مون سڌدل ڪيو سيار

بخشيندو پاڻ ڏڻي ، باري بخشڻهار

خالق آهي خلق جو ، صاحب رب ستار

"لائق" ان لفظ جو ، آهيان عاصي عيبدار

اصل رهندڙ سيوهڻ جو ، جت شاهه آهي سردار

ڪني ڪراچي شهر ۾ ٿو گذاريان دشوار

منگهڻ ، ماڻوڙا مصيبت جهڙا ، ڪاڙا چنن ڪپار

مڪا وڏيڪ مڪين ڪان ، جي بيحد بيزار

پوڻي خاطر پيٽ جي ، لالچ ٿيڌو لاچار

قسمت واڪون چڪيون ، آهي ڏڻي ڏاڍهار

دعا ڪجو دل مان ، ته آئون دائم رهان درڪار

ڪريو الله ٿوهار ، جو ڪوڙو قصو پورو ٿيو ۰(۱)

Gul Hayat Institute

ليلارام مهراج :-

ليلارام ولد ٿوپڏاس جو جنم سنڌ ۱۹۳۷ ۾ ڪوٽ محراب پور چانديو ، تعلقي ٽنڈو باگو ، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو ۰ پاڻ سماجي ڪارڪن ، شاعر ،

---

(۱) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ : " مناظرا " سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي / حيدرآباد ، ۱۹۶۱ع ، ص ۲۰۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 420

مذهبي ، مبلغ ۽ قدرتي علاجن جو ماهر هو ۰ هن جي ئي کوشش سان ڪراچي مان "ستوڪيان" نالي ويدانتي متي ۾ پڌل رسالو جاري ٿيو ۰ ورهاڪي بعد پارت لڏي ويو ۰(۱)

سندس شاعري ۾ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

ڪافي

ٽلهم : عجب سڪ اندر ۾ لاهوتن لڪايو،
ويراڳي ڪنهن کي ، مزو تن مان آيو ۰
گرن گيان ڏاري ، پنهنجي من کي ماري،
اندر دل کي ٺاري ، سچو نيهن لايو،
رهي سپ کان نيارو ، ڪري پيائي پارو،
ميٺي من منجهارو ، ورتي کي واريو ،
سڀي سر جو سانگو ، ڪلا ڀائي ڪائنگهو،
تنهن کي تار تانگهو ، اٽڪ نه ڪا ايو،
"ليلا" لعل پائي ، محب من ملائي،
ورتي کي ورائي ، سماڻي سمايو (۲)

---

(۱) اڪل پارت سنڌي برهمڪتي پنڌجات پرواني مندي : "اڪل پارت سنڌي برهمڪتي پنڌجات جو سميلن ، " اڪل پارت سنڌي برهمڪتي پنڌجات ، جئپور ۱۹۶۵ع ص ۲۰
(۲) ايضاً ، ص ۲۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 421

محمد ابراهيم "خليل" :-

ڈاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" ولد محمد يوسف شيخ ، ۱۹۰۰ع ۾ ڪراچي ۾ جائو ۰ ابتدائي تعليم "سنڌ مدرسته الاسلام" ، ثانوي تعليم "اين - جي وي هاءِ اسڪول" ۾ اعليٰ تعليم "بي - جي سنڌ ڪالج" ۾ ورتائين. بمبئي مان ڈاڪٽريءَ پاس ڪري سرڪاري ملازمت ۾ ڪهڙيو ، جيڪو ۱۹۵۵ع ۾ رٽائر ٿيائين ۰

"خليل" صاحب ۱۹۱۲ع ۾ شاعري جي ابتدا ڪئي ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي شاعري ۾ سندس استاد هو ۰ پاڻ سالن جا سال سنڌ جي خانگي ۽ سرڪاري علمي توڙي ادبي ادارن جو ميمبر ۽ سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو آهي ۰ اڌ بڌن کان مٿي ڪتابن جو مصنف آهي (۱) سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

غـــزل

هٿن ۾ ڪن جي پيمانه ٿين ٿا ، اکين ۾ ڪن جي ميخانه ٿين ٿا ،
نظر جا ڏنگ مستانه ٿين ٿا ، ڏسي سڀ ان کي ديوانه ٿين ٿا ۰
رقابت کان ٿي ديوانا ٿين ٿا ، سڀ دشمن به پروانه ٿين ٿا ۰
نه ڇو شبنم کي ساقي مٿي بنائين گلن جا پي ٿه پيمانه ٿين ٿا ۰
سندءِ نظرن جو آهي فيض ساقي ، جو پيمانه به ميخانه ٿين ٿا ۰

---

(۱) ڏسو سه ماهي "مهراڻ" (شاعر نمبر) ، حيدرآباد جلد ۱۸ ، نمبر ۱ ۽ ۲ ، سال ۱۹۶۹ع ص ۴۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 422

سبق حاصل ڪرڻ دنيا مان انسان ، هتي عبرت جا افسانا ٿين ٿا

ڪري دنيا سان نفرت جو انسان ، جڏهن پنهنجا به بيگانا ٿين ٿا

گلن ٿا زندگي جا راز تن ٿي ، خرد کان جيڪي بيگانا ٿين ٿا .

انهي کي ئي ته دنيا ٿا چون سڀ ، جتي هشيار ديوانا ٿين ٿا .

زماني ۾ جي گذرن واقعا ٿا ، خليل اڄڪلهه سي افسانا ٿين ٿا (۱)

محمد حسين 'آتش' :-

محمد حسين 'آتش' بزم ادب جي پيدا ڪيل شاعرن مان هڪ هو . 'حبيب الله نحري' عبدالرحيم 'غمگين' ۽ 'محمد جمن هالڙ' سندس اهل بزم ۽ ساٿي شاعر هئا . سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

غـــزل

Gul Hayat Institute

حسن جوآب و تاب جا چڪجي ، عشقخانا خراب جا چڪجي .

اوجتو انقلاب جا چڪجي ، هاءِ ظالم شباب جا چڪجي .

زلف جهري ته ماهرو ٽنهنجا ، ابر ۾ ماهتاب جا چڪجي .

ٿي ويو انتخاب خود حيران ، يارجو انتخاب جا چڪجي .

---

(۱) ڏسو 'سڀ ماهي مهران' (شاعر نمبر) حيدرآباد جلد ۱۸ ، نمبر ۱ ۽ ۲ ، سال ۱۹۶۹ع ص ۵۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 423

اصل کي نقل آهي شرمايو ، خوب ٿي ويو خراب چا چئجي.
خاڪ پا يار جي اکر مون کي ، ٿي وڃي دستياب چا چئجي .
اي شمِ حسن تنهنجي شاهي ۾ ، عاشقن تي عذاب چا چئجي .
ٻوند هلڻي سهه سهه بادل جام ٽيڙيو شراب چا چئجي .
حسن جي بارگاهه مان آٽش ، ٿي اچي بارياب چا چئجي ۰(۱)

محمد حسين جهانگير :-

محمد حسين ولد حاجي حسين ونگورو ، ۱۹۲۰ع ڌاري ڪراچي ۾ڄائو ۰ پنهنجي ابائي ڳوٺ ، يعني مڇي ماري پيٽ ڪنڊران ڏي ٽر ۰ ٻالپڻي کان کيس ڪائڻ وڃائڻ جو شوق هوندو هو ۰ سيد غلام رسول شاهه ساڻرائيؒ جي شاگردي ۾ ڪائڻ ۾ شعر ٺاهڻ سکيو ۰ پاڻ حافظ ڪو شاعر آهي ۰ سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

---

(۱) سرور ڪيفي : " افڪارنو ، " مڪتبه فروغ ادب ، ڪراچي ۱۹۶۱ع ص ۴۳

(۲) شاعر جو ڪلام ۽ احوال تاريخ ۲۰-۱۹۷۶۵ع تي شيل ابراهيم حيدري ۽ ڇڇهري دران ڪانئس روبرو ورتو ويو ۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 424

شانئي

شلهم : منهنجو جام پنهل آهي آيو ، مان محبت آهيان مايي ،

اوٺي اڌ رات هليا ويا ٠

اچي اوجتو گهر ۾ ڏاڙو پيو ، ڪي سجو پنهل منهنجو پاڙو ويو ،

مون کي دلبر ڪي ويو ڏاري ٠

هين وٽن مون کي پنهور جون ماڙيون ، مان وڃي ٻ وسايان وندر ۾ واريون ،

رڇٽون لنگهي پنهل جي سواري ،

دمدمڪيان ٿي ڏرڻ جون ڏانهون ، جهانگير ٻڌي شل الله هي آهون ،

آئون آهيان انهي جي مايي ٠

محمد جمن هالو :-

محمد جمن پٽ احمد ذات هالو ، ۱۹۱۱ع ۾ تولد ٿيو ٠ سندس چئي ٿي جو نالو محمد حسين رکيو ويو پر جمع ڏينهن جمڻ ڪري مٽس محمد جمن نالو پئجي ويو ٠ ۱۹۲۶ع ۾ اچي ڪراچي ۾ آباد ٿيو ، جتي هن رازقي خدمان پنهنجي زندگي جو آغاز ڪيو ۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٺيڪدار بڻجي ويو ٠ سندس وفات ۱۹۷۷ع ۾ ٿي (۱)

---

(۱) شاعر جو ڪلام ۽ زندگي جو احوال تاريخ ۲۱-۵-۱۹۷۶ع تي ٿيل ساڻس ڪچهري ۾ ڪائنس ورتو ويو ٠

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 425

مرحوم هالي ويهين صدي عجي ٽئين ڏهاڪي کان ادبي دنيا ۾ قدم رکيو ۽ پوءِ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي دولت، عزت ۽ لياقت جي سڌاري سنڌ جي ادبي دنيا ۾ مانوس ٿيندو ويو ۰

پاڻ بنيادي طور تي عروضي شاعر هو، مگر ڪافي ڪوئي غزل پنهنجو مٽ پاڻ هو ۰ سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

ڪـــافـــي

ٽلهه :

اسين جو وسارين اوهين نٿا وسارين
ايندي ويندي دلبر نٿا اوهين نهارين

اميدن جي ٻيڙي درياهه منجهه آهي ، اوهان جي آمرضي ٻوڙيو يا ڪي تارين
پرين ديس پنهنجو ڇڏي جو ويا آ ج ، الله لڳ اسان ڏي ويي واڪ وارين
اجايل مان آهيان اڃا ڇ آهي ، پيالا مون کي پرٽئون پيارين
قضا کان ٿ ڪوئي ڇٽو ڪونہ آهي ، حياتي عجا ڏينهڙا اچي گڏ گذارين
ڏيو ڪا ٿ خيرات الفت جي مون کي سوالي کي پنهنجي نہ در تان ڏڪارين
هميشه هي هالو اوهان لئي اداسي سدا مهرسان ٿنهن کي ڪوئي وهارين ۰

محمد خان "سارنگ" :-

محمد خان ، تخلص "سارنگ" ذات ميمڻ ، ۱۹۳۹ع کان وٽي شاعري شروع ڪئي ۰ غلام احمد "نظامي" ۽ "سرشار عقيلي" سندس استاد هئا ۰ شاعري کان علاوه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 426

کيس هدايت ڪاري ۽ اداڪاريءَ جو به شوق رهيو • سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

غـــزل

اثر آهه کي جي عطا ٿي وجي ، نه ڇو پوي محشر ٻپا ٿي وجي .
اکر سنگدل دلربا ٿي وجي ، نه جيئر جوان چا ٿوري ٿي وجي .
اچي نيٺ جنبش ۾ ٿو عرش پيو ، اکر ظلم جي انتها ٿي وجي ،
جي تدبير جي شمع روشن ڪجي ، نه بخت سياه پر ضيا ٿي وجي .
خطا وار جي سا خطا چا خطا ، جي بخشش جي لائق خطا ٿي وجي .
قيامت قيامت جدائي جو غم ، نه هو شال ڪنهن کان جدا ٿي وجي .
اها رنگ آڻي ٿي سا رنگ ضرور ، جڏهن عرش ٿي تا دعا ٿي وجي (۱)

محمد رمضان دُلُ :-

Gul Hayat Institute

محمد رمضان تخلص دُلُ ولد سليمان مڱ ۱۹۱۷ع ڌاري نوآباد ڪراچي ۾ پيدا ٿيو • ڪيس شاعري جو شوق علي محمد اُسير جي صحبت ۾ سنگت ڏياريو • سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

---

(۱) سرور حيفي ، : " جلوو يار ، " فروغ ادب ، ڪراچي ، ۱۹۶۲ع ص ۴۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 427

غـــــزل

انسان جي ڪالهه هوءِ انسان جي ڪالهه هر - انسانِ حيات جي عنوان جي ڪالهه هر
دامن جي ڪالهه هر نه گريبان جي ڪالهه هر - وحشت ۾ صرف زلفِ پريشان جي ڪالهه هر
خلين جو ذڪر چڏ ۾ گلستان جي ڪالهه هر - هيءَ علاجِ تنگيِ دامان جي ڪالهه هر
دشوارين سفر جون ٿين ختم هن طرح - همراهه عشق منزلِ جانان جي ڪالهه هر
ديوانگي کي ذڪر گلستان سان ڇا غرض - وحشت زدن سان دوست بيابان جي ڪالهه هر
هيءَ جو ذڪر ديرِ جي انساني کي چڏ - مون سان واعظا ديرِ جانان جي ڪالهه هر
اي چارهه گر حبيب جون ڪالهيون سڏائي ٿي ، ڏل سان دل جي درد جي درمان جي
ڪالهه هر ۰(۱)

محمد رمضان "مشفق" :-

محمد رمضان "مشفق" جي زندگيءَ جا حال توهان کي سگهي ، پر
يقين سان اهو چئي سگهجي ٿو ته هي صاحب هڪ چي ضلعي جي شعر و شاعري واري
ٿئين دور جو عروضي شاعر هو ۰ سندس ڪلام تنهن وقت جي رسالن ۾ اخبارن ۾ ڪثرت
سان شايع ٿيندو هو ۰

---

(۱) سرور هيفي ، : " جلوه يار ، " فروغ ادب ، ڪراچي ، ۱۹۶۲ع ، ص ۵۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 428

"مشفق" جي حالم جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

غـــزل

خزان لطف سارو وڃايو چمن جو
ڏسي حال بلبل ٿي روئي گلن جو ٠

هوا جنهن کي لوڏيو ٿي نازو ادا سان ۽ ويو سو لڏي اڄ پنن جو
ڪيو نازجن ٿي ٽرو تازگي تي ۽ وڃي حال اڄ ڏوڏسي تن وٽن جو
نه ساوڪ نه دلبستگي جو ڪو سامان ۽ نه آواز دلڪش اهو بلبلن جو
سمون چئو طرف هو خموشي ءَ جو طاري ۽ زمين ٿي ڏسڻ لاءِ خالي ڪنڌن جو
ڇيڻ تفرقو جو ڏسي اي خزان تو ۽ ڪيو منتشر قافلو دوستن جو
ندا آئي "مشفق" فنا آهي سڀ ڪجهه ۽ سدا ڇڇڻو ڪو نه رهندو چمن جو (١)

"مسلم" ثانوي :-

سندس جنم ١٩٠٨ع ۾ شهر ٽاڻ ١٩٣٠ع ڌاري روزگار سانگي ڪراچي ۾ آيو ۽ هميشه لاءِ ئي اتي رهجي ويو ٠ زندگي جو ڪجهه حصو ماسٽريءَ ۾ گذاريس هن ڪراچي واري پڻ دور ۾ ٻهپور طريقي سان علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾

---

(١) ڏسو ماهوار "ڪامياب" ڪراچي ، جون ١٩٣٣ع ، ص ٢٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 429

حصو ورتو. پاڻ کيترو ئي ڪلام چيو آهي ۽ سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

غـــزل

نه ٿي مغرور اي غافل ڏسي هي دور دولت جو ،
چڏي ويندين اتي سارو اهو ساڻان راحت جو،
ڪٿي بلبل سندي ٻولي ، ڪٿي آڪل سندي رونق ،
چمن ويران ٿيو سارو نظارو آهي حيرت جو .
حسن ٿي ۽ جواني ٿي نه هر نادان وڃائي ٿون ،
قبر منجهه ڪنهن اينڊو ڪجهه آهو سينگار صورت جو .
اها دنيا هتي هوندي اسان کي نيٺ هلڻو آ ،
حقيقت ۾ اهو سنسار آهي نقش عبرت جو،
هري ٿو التجا مسلم ڏسي زحمت زمائي جي ،
الاهي فضل سان پنهنجي وسائي ابر رحمت جو .(١)

موتيلال " شـــرر "

موتي لال اصل ۾ جيڪب آباد جو رهواسي هو . پاڻ مالهي هيٺ

---

(١) ڏسو ماهوار "حاميابي" ، ڪراچي ، جون ١٩٣٢ع ص ٢٢

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 430

آيل دور جي آخر ۾ حيدرآباد ۾ رهندو هو، ۽ اتان نومبر ۱۹۴۳ع کان وٺي ماهوار "نلمستان" رسالو جاري ڪيائين .

موتي لال ڪيچپانداس مهتا "شرر" عروضي شاعر هو ۽ سندس شاعري فن تڪڙي نظر جي لحاظ کان اعليٰ ۾ پختي هئي، هن جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

وڏو نوجوان

هلیو

وڏو نوجوان وڏو نوجوانو ، جو اڄڪلي/آهه سارو زمانو

تون آزادگي جو بلند ڪر ترانو، اڄا آهه تو ۾ به پوري جواني

تون ترقي پسنديءَ جي ڪر ترجماني

تو ۾ آهه طاقت تو ۾ زور آهي ، سمندر جي لهرن ۾ جئن شور آهي .

دنيا هن کان اڄڪلي ڀائي اور آهي ، نڪ جا فرشتا ٿا تو ڏانهن نهارن

تنهنجي سنگ وارا ٿا توکي سنيارن

جڏهن خواب پنهنجي مان بيدار ٿيندين ، ظالم جا زنجير ٽوڙي ڇڏيندين

پراڻي مقدر کي موڙي ڇڏيندين ، غريبن جون اڄڪلي قطارون وڏن ٿيون ،

امير جا محلات مائيون ڏڏن ٿيون .

تون سيلاب آهين تون طوفان آهين ، جو نخرات پنهنجي ۾ غلطان آهين

تون فطرت ۾ قدرت جو سلطان آهين ، قدمڪي وڌائي هليو هل هليو هل

تون نعرو لڳائي هليو هلل هليو هل .

Gul Hayat Institute
INSTITUTE OF SINDOLOGY,
UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 431

غلامي کي ٿوڙي هلو نوجوانو ، ۽ ٿخن کي ٿوڙي هلو نوجوانو
قدم پنهنجا کوڙي هلو نوجوانو ، هلو نوجوانو ، هلو نوجوانو
" شرر " ٿو پڏائي نڏون ڏو ٿرانو ۰(۱)

" مومن " ملهرائي :

شفيع محمد " مومن " ملهرائي هن وقت حال حيات آهي ، جمار لڳ پڳ سٺ سال کن ٿيندس ، پاڻ مطالعي هيٺ آيل دورجي آخرين عرصي جو شاعر آهي ، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

لطيف جي شان ۽

رحمت جهاڙ ٿي اعلان آهي لطيف ٿنهنجو ـ ٿوتان ڪلام قربان آهي لطيف ٿنهنجو
اي مرشدِ مڪمل ٿون آهين مردِ ڪامل ـ الله منجهه ايمان آهي لطيف ٿنهنجو
اعلىٰ ڏسو ٿو نالو سهڻو ، اي رسالو ـ سنڌي زبان جي اعلان آهي لطيف ٿنهنجو ۰
شاعر ڏٺم هزارين ٿنهنجو مثال ناهي
شعر و سخن جو ميدان آهي لطيف ٿنهنجو
عاشق خدائي مجنون ۽ جان نثار صادق

---

(۱) ڏسو ، ماهوار " فلسطان " ، ڪراچي ، جلد ۱ ، نمبر ۲ ، ڊسمبر ۱۹۴۲ع ، ص ۱۸-۱۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 432

سنڌوجو هرڪو انسان آهي لطيف سنهنجو .

اي پيٽ ڏٽي پيارا "مومن" اڪيلو آهي،

عالم سجو شناخوان آهي لطيف سنهنجو .

نارائڻ "شيام" :-

نارائڻ "شيام" اصل ۾ نواب شاهه جو ويڙهل هو ۽ مالهي هيڻ آيل دور جي آخرين ڏهاڪي ۾ ڪيس تعليم حاصل ڪرڻ خاطر ڪراچي رهڻو پيو . "بي-جي سنڌ ڪالج" جي علمي ۽ ادبي ماحول ۾ دور جي مختلف شخصيتن کيس شيخ "اياز"، شيخ عبدالرزاق "راز"، ارجن "شاد" ، سکن "آهوجا" ۽ سنتولعل جيسان شعر و شاعري ڏانهن متوجه ڪيو . شيام پختو شاعر هو . سندس ڪلام ۾ فن ۽ فڪر حد درجي جا هئا . هن جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

غزل

نه نڊر ڪهڙي روڙ وارث ؟ـ چا رسن جو هو پڪارث ڪارث ،

ٿو جهاري ۾ ٿو ماري هڪ وقت ـ سنهنجو هڪ وقت وسارث سارث .

آڪ دل جي هو وسائڻ چواڄي ـ هن ته چاهيوئي ٿي پارث پارث .

ڪٽن نه رڳ رڳ ۾ پيرٽو نغمات ـ سنهن جو هو مرڪي اڃارث " چارث"

ٿي پئي فضل خدا سان ڪشتي "شيام" هر لهر اڃارث ڪارث (۱)

---

(۱) ڏسو "بي-جي سنڌ ڪالج ميگزين" ڪراچي جلد ۲۲، نمبر ۱، آڪٽوبر ۱۹۴۰ع، ص ۲۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 433

نورمحمد "نماڻو" :-

نورمحمد "نماڻو" ٺٽون آباد ڪراچي ۾ رهندو هو ۽ سندس زندگي جو گهڻو حصو عليڪ ڪاٽي ۽ گذريو . پاڻ ڪجهه وقت سنڌ مدرسته الاسلام ۾ به استاد ٿي رهيو . نورمحمد "نماڻو" عروضي شاعر هو ۽ سندس ڪلام ٽنهن دور جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪثرت سان شايع ٿيندو هو . سندس مدد جا به بند مثال طور هيٺ ڏجن ٿا :

حب وطن

اي وطن ، اي تون ته ٽنهنجو نالو ٿيو آرام جان،
اي ته ٽنهنجي حب ٿي ايمان اي جو نشان،
اي ته ٽنهنجي گود ۾ پلجي اسين ٿا ٿيون جوان،
اي اسان تي ماءُ پيار ۽ مامُ وانگر مهربان،
ٽنهنجو نالو آ اسان جي زندگاني جو دليل،
ٽنهنجي بهبودي ۾ اسان جي ڪاميابي جو دليل .
يا خدا هندستان کي شاد ۽ مسرور ڪر،
۽ هر هڪ اهل وطن جي درد ۽ غم کي دور ڪر،
هنر ۽ حڪمت ۾ منهنجي ديس کي مشهور ڪر،
۽ وطن جي ويرين کي جلدي چٽنا چور ڪر،
يا خدا حب وطن جو هر جوان کي جوش ڏي،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 434

ڀٽائيَ کي به پنهنجي لطف سان خوهوش ڏي ٠(۱)

وشيد راج :-

وشيد راج برهمچاري آکنڊ آنند جي جي ولادت اٺوهين صديءَ جي آخر ۾ شي ٠ ٻڌ رنجوڙ لائين ۾ رهندو هو، مگر پاڻ اصل کاشي جي طرف جو ويندل هو.

(۲)

وشيدراج مذهبي رنگ ۾ رنڊل شاعري ڪئي آهي ٠ "آکنڊ" تخلص اختيار ڪيو اٿس. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

حاشيو

ٽلهم : ڪڏي چڙ اندر جو رولو، وڃائي دوهيت ٿو ٻولو،

پسي پري برهم پاڻ ۾، جهم چيتن سندو چولو.

ڏس ٿون آهين جوڳ، ڪٿن ڀاءَ سندرائي ڏيرا،

چو ٿو پاڻ سڏائين سير، نڪو ماسو نڪي ٿولو.

---

(۱) ڏسو ماهوار "ڪامياب"، ڪراچي، آگسٽ / سيپٽمبر ۱۹۳۴ع، ص ۲۰

(۲) وشيدراج آکنڊ آنندجي : "نيتي درپڻ"، "ڏنوتري اوشدي پندار"، ڪراچي، ۱۹۳۹ع، فرنٽ ڪور پيج

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 435

وٽ ٽون سنتن جو پاسو ، وڃي ڏ هرانهن وٽ واسو ،

جنهن نهجهان ٿيئي سو پاسو ، ڪنڊ ۾ ڪليان ڏيئي الولو .

ڀڏي ڪا رامجي ٻولي ، لڳاءِ لٽون لٽون ۾ لولي ،

سند سڌ رجي ٿي ڪولي ، وڃائي جان منجهان جهولو .

پسي وٽ راه پنهنجو ٽون ، پري طولان ٽڪبر ڪوٽ ،

ماري من کي ڪڍ پٽون ، "اڪنڊ" هٿي هر هر ڪلولو (۱)

هـــارون "امير" :-

ماسٽر محمد هارون "امير" ڪراچي جي نوآباد محلي ۾ رهندو هو . ڪيس حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ عبد الله هبد سان گڏ گذارڻ ۾ ڪهڻي ڪهاڻ جو موقعو مليو ۾ انهن جو اثر سندس شاعري تي به نمايان طور تي نظر اچي ٿو . هنجي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

وطن کان وڇڙيل جو پيغام

گهر کان دور آهان وطن کان دور ، دل ۾ ناهي خوشي ۾ ناهي سرور .

اي صبا ، اي اسان جي غمجي رفيق ، درد وارن تي مهربان ۾ شفيق .

---

(۱) وڌيڪ اڀ آڪنڊ آنند جي :" نيتي درپڻ ، " شري ڏنوتي اوشدي پنڌار ڪراچي ، ۱۹۳۹ع صفحو ۶۱ ـ ۶۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 436

ديس وارن ڏانهن ڇ ، وطن ڏي ڇ ، باغ وارن ڏانهن ڇ ، چمن ڏانهن ڇ.

سڀ وطن جو وڃي نياپو ڏي ، سڀني جو وڃي نياپو ڏي ٠

عرض هڃ منهنجي ديسوارن کي ڏج سنيهو هي ، غمگسارن کي ٠

خوشگذار ٻو رهو وطن ۾ ٻلي ، بلبلن جيان گهمو چمن ۾ ٻلي ٠

پر وسارو نه ديسوارن کي ، ديس جي سڪ ۾ سڀني ڪارن کي ٠

اي وطن منهنجا عزيز وطن ، اي منهنجي شام صبح کان روشن ٠

اي ذرو منهنجو آفتاب جو مڪ ، منهنجو هر قطرو جوئي آب جو مڪ ٠

جڏهن ٿو منهنجي ٻي ڪري ڏس ، جڏهن ٿو هي منهنجي آهه و زاري ڏس ٠

منهنجو هڪ خار صد گلستان ٿيو ، جڏهن منهنجي ٿو منهن جو ايمان ٿيو ٠

)) جاءِ ڏي مون کي پنهنجي ٻيرن ۾ امن ڏي مون کي پنهنجي ديرن ۾ ٠

ڇ صبا جلد ، جلد ڇ هائي ، شل خدا توکي خير سان آڻي ٠

اي اميرؔ اي وطن کان دور ڇڏار ، زندگي هي هلي وطن ۾ گذار ٠(۱)

Gul Hayat Institute

هيرومل سدارنگاڻي " خادم " :-

هيرومل اسيرداس سدارنگاڻي جي ولادت ۱۹۱۲ع ۾ شهداد پور ۾ ٿي. پاڻ "سنڌي سڌار سوسائٽي" جي مکيه ڪارڪن شاعرن مان هڪ هو ٠ شاعري ۾ "خادم" تخلص

---

(۱) ڏسو هفتيوار "اصلاح" ، ڪراچي ، جلد ۱ ، نمبر ۳۱ ، مورخ ۲۵-۶-۱۹۳۷ع ، ص ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 437

اختيار ڪيائين • ورهاڪي بعد پارٽ لڏي ويو •

هروڀل خادم جي طلب جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

غـــــزل

غم ۾ ٿي منهنجو يار ٿون غمخوار ڪرڻ ڪر ۽ لاچار ٿي ٿون ڪيئن ٻ هي لاچار ڪرڻ ڪر.
دشنام نه ڏي مون مٺا جي پيار پچيئي ٻ خوش دل ٿي سڄڻ مون مٿي نثار ڪرڻ ڪر.
عاشق ٿي فقط ظلم جڪائي نه مطلقا ٻ پاسي ۾ وهاري ٿون هڏ هن پيار ڪرڻ ڪر •
فرقت کان سواءِ چاڪ ڇڏن منهنجا پرين ٿاڻ ٿون وصل جي مرهم سان جگر نثار ڪرڻ ڪر.
پروانه ڏسي شمع لڳائين ٿون جو ٿو خود ٻ هڏ ٿيندو جلي ٿو سان وفادار ڪرڻ ڪر.
خنجر هٿي ابرو جو وڻين جائي ٿون ٿئي دل ٻ مرهم ٿون رکي ان ٿي نڪو ڪار ڪرڻ ڪر.
دل جا ٿا چڙهي دود ۾ ٿا پار ڪڍن ٻ نيڻن مان وهن منهنجي ٿا جيئن نار ڪرڻ ڪر.
حاڪم ٿي هلائين ٿو ڇو هيڻن سان سڄڻ زور مرنت پنهنجي سپاهين ٿي اي سردار ڪرڻ ڪر.
بازار محبت ۾ وڏو ۽ پير پرين ٿم ٻ ٿو وڃ جي اڃان مان ٿم ٿون ڪيڏار ڪرڻ ڪر.
مشتاق مٺا ٿنهنجي لقا لاءِ رهان ٿو ٻ درسن جو ٿم طالب ٿي طرحدار ڪرڻ ڪر.
دنيا کي ڪيم ٿرڪ ضد ٿوکي ملڻ ڪان ٻ ڪولي مان ٿڪس ٿوکي ملي يار ڪرڻ ڪر.
مون عمر ولاسن ۾ وڃائي ٿنهنجي ٻ دل منهنجي ونڊي گاهي ڇو ٻڌبار ڪرڻ ڪر.
"خادم" ڪي زور قرب عطا دل سان ڪري اڄ ٻ ورهين جي وڇوڙيل ٿي وضحدار ڪرڻ ڪر.(۱)

---

(۱) ڏسو ماهوار "سنڌو" شڪارپور، نومبر ۱۹۳۲ع، ص ۳۴۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 438

حراڇي ضلعي ۾ سنڌي شاعري جي اوسيڪ ترقي جي تاريخ محض شاعرن
جي مختصر ذڪر ڪرڻ سان پوري ڪري نه ٿي سگهجي • شعر و شاعري جي اوسر
پاڙ ادبي ۽ علمي جماعتن ، رسالن ۽ اخبارن جي ڪردار کي ڏڪڻ ۾ نظرانداز نه
ٿو ڪري سگهجي • جيئن ته انهن جو ذڪر هن ئي مقالي ۾ پهئي هنڌ ڪيو ويو آهي ،
ان ڪري مواد جي ڏهرائڻ جي ڪري انهن جو ذڪر نه ٿو ڪجي • باقي
شعر و شاعري جي لکيل هنڌن جو وڌيڪ تفصيل نمبر ۾ ڏنو ويو آهي •

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 439

باب چهون

(الف) سنڌي صحافت جي اوسرڻ تاريخ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 440

ڪراچي ضلعي ۾ سنڌي صحافت جي اوسر ۽ ترقي

(الف) تاريخ :-

سنڌي زبان جي صحافت جي تاريخ انگريزن جي دور سان شروع ٿئي ٿي ۽ ان کان اڳ ، عربن جي دور ۾ ، منادي ۽ اعلان ، خطبي ۽ تقرير ، ۽ عربي زبان ۾ خط و ڪتابت سان ئي پنهنجا خيال ۽ تاثر پهچايا ويندا هئا ۽ ان کان پوءِ مسلم راج ۾ وقائع نگاري ۽ جو فن پيدا ٿيو ، جنهن کي صحافت جو بنياد چئي سگهجي ٿو ۽ ظلن جي دور ۾ اهو فن ڏي ڪهڻ اخبارن جي حيثيت وٺي چڪو هو ۽ حڪومت جا اهم اعلان ۽ مراسلا ٿوڻي خبرون چارون ، قلمبند ڪرائي ، دور دراز منزلن تي آفيسرن ۽ فوج ۾ ورهايا ويندا هئا ۽

سنڌ ۾ وقائع نگاري ۽ جو دور ڪلهوڙا خاندان کان آندو ۽ سندن گورنرن سنڌ جي حالات ۽ واقعات کي روزانه ڏاڪي وانگر لکائي ، ٻروقت بادشاهه ڏانهن موڪليندا هئا ۽ ان سلسلي ۾ بکر ، سيوستان ۽ ٺٽو وقائع نگاري ۽ جا مرڪز هئا (۱)

---

(۱) غلام محمد گرامي ، : " سنڌي ليٽو گراف ، " مقالو ، سماهي مهراڻ ، جلد ۱۲ نمبر ۱ سال ۱۹۶۴ع ، ص ۱۵۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 441

انهي روايت ۾ رسم ٿي انگريزن جي دور ۾ ٿائين عمل ٿيندو رهيو رهيو ." انگريزن جي دور ۾ نه فقط واقع نگاري جو پرائو فن به هلندو آيو ، پر ان فن ۾ اخبار نويسي ۽ صحافت جا آثار ۽ اصول به ملايائون "(۱)

سنڌ کان هندستان ۾ جديد صحافت جي ابتدا گهڻو اڳ ٿي چڪي هئي . جيمس آگسٽس هڪي پهريون پرڻيي ماڻهو هو ، جنهن ۱۷۸۰ ۾ دي بنگال گزيٽ نالي اخبار جاري ڪئي . جيڪا گورنر جنرل ۽ چيف جسٽس ٿي ڪئي تنقيدي ڪري باعث ۱۷۸۲ع ۾ سرڪار ضبط ڪرائي چڏي (۲)

سنڌ ۾ سڀ کان پهرين اخبار ڪراچي "ايڊورٽائيزر" ۱۸۴۵ع ۾ چارلس نيپئر جاري ڪئي ، جنهن وسيلي هو پنهنجي پاليسين ۽ پروگرامن جو دفاع ڪندو هو .(۳)

انهيءَ کان پوءِ ۱۸۵۸ع ۾ " فوائد الاخبار" نالي هڪ هفتيوار اخبار نڪتي ، جنهنجو پهريون پرچو پندرهين مئي ۱۸۵۸ع تي جاري ٿيو .

Gul Hayat Institute

---

(۱) غلام محمد گرامي : " سنڌي ليٽوگراف ، " مقالو ، سه ماهي مهراڻ جلد ۱۲ ، نمبر ۱ سال ۱۹۶۴ع ص ۱۵۲

(۲) Grover B.L. & Seth R.R.: "Studies in Modern Indian History" S. Chand & Co, New Delhi, 1963, P, 286

(۳) Azmuskan Haider: "History of Karachi" Azmuskan Karachi, 1974, P, 39

LIBRARY, INSTITUTE OF SINDOLOGY UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SIND)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 442

هي هڪ اخبار پارسي ۽ سنڌي ٻولي ۾ شايع ٿيندي هئي ، ۽ گورنمينٽ پريس ۾ ڇپبي هئي • منجهس مختلف موضوعن تي ليک ۽ مضمون شايع ٿيندا هئا ، جن مان اڪثر ڪري تعليم ، تعليم جي ترقي ۽ اوسر تي لکيل هوندا هئا •

هن اخبار جي پهرين پرچي ۾ سنڌ جي تاريخ ، زراعت ، سائنس ، برصغير توڙي يورپ جي واقعن ۽ حالتن تي مضمون ۽ خبرناما شايع ٿيا هئا • اخبار تعليم کاتي طرفان جاري ڪئي وئي هئي ، ۽ان جي تقسيم ذري گهٽ اسڪولن ۽ مڪتب تائين محدود هوندي هئي •

ڪراچي ضلعي جي پهرين سنڌي اخبار هئي ، "سنڌ سڌار" جا تعليم کاتي طرفان ۱۸۶۶ع ۾ جاري ٿي • اخبار هر جمع تي شايع ٿيندي هئي ، ۽ ان جو پهرين ايڊيٽر مرزا صادق علي بيگ هو • ۱۸۸۲ع ۾ هي اخبار سنڌ سڀا نالي ڪراچي جي هڪ سماجي جماعت جي حوالي ڪئي •

۱۸۶۸ع ۾ سرڪار طرفان "سنڌ آفيشل گزيٽ" نالي هفتيوار انگريزي سنڌي اخبار جاري ٿي ، جنهن ۾ سرڪاري پڌرنامن ۽ اهم اعلان وغيره ڏنا ويندا هئا •

۱۸۸۰ع ۾ مرزا صادق علي بيگ "هين الاسلام" نالي هفتيوار اخبار جاري ڪئي • هن اخبار متعلق سيد غلام مرتضيٰ شاهه لکيو، پنهنجي ڪتاب "زليخا" ۾ ساراهه ڪندي لکيو آهي ته :(۱)

---

(۱) لعلچند امرڏنومل : "سنڌي اخبار نويسيءَ جي تاريخ ،" مقالو ، ماهوار "سنڌو" شڪارپور ماهه ص ۲۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 443

ڪيو "خليل" جا اخبار عمدي ،
منجهان ران فارسي بسيار عمدي .
"هين" آهي سند س سنڌي جا اخبار ،
برابر آهي ساڃ ڪوهر يار .

۱۸۸۹ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام طرفان هفتيوار "حاڪم" اخبار جاري ٿي ، جنهن جو مقصد سنڌ جي مسلمانن کي جديد تعليم ڏانهن متوجه ڪرڻ هو (۱) هن اخبار جو پهريون ايڊيٽر مولوي محمد عثمان نورنگ زاده هو ، ۽ ڀان کان پوءِ شمس الدين بلبل ان جو ايڊيٽر ٿيو (۲) .

۱۸۹۶ع ۾ دو هفتي "جوت" اخبار جاري ٿي ، جيڪا پهرياڻين حيدرآباد مان شايع ٿيندي هئي ، ۽ پوءِ ڪراچيءَ منتقل ڪئي وئي . هن اخبار وسيلي عيسائي مذهب جو پرچار ڪيو ويندو هو . هن اخبار سنڌي ٻولي جي جا خدمت ڪئي آهي ، اها ڪا ٻي اخبار انداز ڪري نه سگهجي . اخبار ۾ شايع ٿيل مضمون جو يادگار اڄ به "گل ڏل" جي نالي سان سنڌي ادب ۾ موجود آهي . ان کانسواءِ هن اخبار ۾ شايع ٿيل نقل ، ٽوڪا ۽ آکاڻيون به ڪڏهن ڪڏهن حصن ۾ "دلبهار" نالي ڪتاب ۾ شايع ڪرايون ويون هيون . اخبار

---

(۱) حافظ خير محمد اوحدي ، "سنڌي صحافت جي مختصر تاريخ" (مقالو) "هراڻ" ڪي مجلس ، اسلاميه ڪاليج ، سکر ، ۱۹۶۹ع ، ص ۷

(۲) محمد ابراهيم خليل : "بلبل سنڌ" ، آزاد بڪ ڊپو ، حيدرآباد ، ۱۹۵۱ع ، ص ۲۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 444

جي روح روان ، پرمانند ميوارام ۱۹۳۸ع ۾ وفات ڪئي ، ان بعد فادر ڪولاسو ان جو ايڊيٽر ٿيو • اخبار ۱۹۴۶ع ۾ بند ٿي وئي •

۱۹۰۰ع ۾ سرڪار طرفان "رسالو زراعت" جاري ٿيو • جنهن ۾ زراعت جي موضوع تي معلوماتي مضمون ۽ زرعي خبرون شايع ٿيندڙ هيون • هي رسالو ماهوار هو •

۱۹۰۱ع ۾ بي-جي سنڌ شاڪالج طرفان جهڙ ماهي "مسيلني" جاري ٿي • هن مخزن جو باني ساڌو ٽانورنداس واسواڻي هو • هيءُ مخزن سنڌي ، گجراتي ۽ انگريزي حصن تي مشتمل هوندو هئي • هن مخزن جا ايڈيٽر ڪالج جا استاد ۽ اسسٽنٽ ايڈيٽر ڪالج جا شاگرد هوندا هئا • هي مخزن ۱۹۴۷ع تائين مسلسل نڪرندو رهي •

ساڪي ٽي سال مارچ مهيني ڪان ڪراچي جي مذهبي اداري "سناتن ڌرم سبها" طرفان "سناتن ڌرم پرچارڪ پترڪ" نالي ماهوار رسالو جاري ٿيو ، جنهن جو شروعاتي ايڈيٽر سوپراڄ لالچند شرما هو ۽ هن جي لاڏاڻي بعد اها ڄاڻ ڪيجوراام شرما ورتي • رسالو ۱۹۴۷ع تائين نڪرندو رهيو ، ۽ منجهس ڌرمي ، اخلاقي ۽ سماجي موضوعن تي مواد شايع ٿيندو هو •

۱۹۰۴ع ۾ سنڌ مدرسي جي سهاري هيٺ "رسالو مدرسه" جاري ٿيو .هن مخزن جي سنڌي حصي ۾ چڪي هيار جا ادبي ۽ معلوماتي مضمون هوندا هئا ، ۽ ان جي قابل ايڈيٽرن : مولوي الله بخش اوجهي ۽ مولوي عبدالرحيم سنڌي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 445

نشر جوڻي نظم جي خاصي خدمت ڪئي (۱)

۱۹۰۵ع ۾ محمد اسماعيل جان سرهندي "اصلاح" نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو ۰

۱۹۱۲ع ۾ محمد صالح پٽيءَ جي ايڊيٽريءَ هيٺ "الاسلام" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ٿيو، جنهن ۾ مذهبي، اخلاقي ۽ قومي نوعيت جو مواد شايع ٿيندو هو ۰ (۲)

جولاءِ ۱۹۱۳ع کان جيٺانند ٽڏومل واسواڻي "ماهوار ناول" نالي رسالو جاري ڪيو ۰ هن رسالي ۾ خبرن، ملڪي حالتن، ۽ شعر و شاعري کانسواءِ اصلوڪا ۽ ترجمو ٿيل ناول شايع ٿيندا هئا ۰ رسالي جو سالياڻو چندو سوا ٻه روپيا هوندو هو ۰

۱۹۱۴ع کان "سنڌي ساهت سوسائٽي جو ماهوار رسالو" جاري ٿيو جو پهريائين حيدرآباد مان ۽ پوءِ ڪراچي مان نڪرڻ لڳو ۰ هن رسالي جو پهرون ايڊيٽر جيٺمل پرسرام ۽ ٻيو ايڊيٽر لعلچند جڪتياڻي ٿيو. ۱۹۲۱ع ۾ هي رسالو اين - ايڇ پنجابي اڪيڈمي ۽ وارن خريد ڪيو ۰ جن ۱۹۲۷ع

---

(۱) منڪهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، هوٿج پبليڪيشن بمبئي، ۱۹۶۸ع ص ۲۵۴

(۲) الله بخش عقيلي: "مرحوم مولانا وفائي جي ياد" (مقالو) "نئين زندگي" جلد ۶، نمبر ۵ ڪراچي، مئي ۱۹۵۳ع، ص ۲۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 446

ٽائين هلايو • هن رسالي ۾ هر صفحي تي مواد شايع ٿيندو هو، جنهن جو مڪمل وچور اشاعتي ادارن واري باب ۾ ڏنو ويو آهي •

ساڪي ئي سال ماسٽر وٺل ملڪاڻي هفتيوار " سنڌ واسي " جاري ڪئي (۱) ۱۹۱۶ع ۾ چيٽمل پرسرام هفتيوار " هندواسي ۾ " پارٽ واسي " اخبارون جاري ڪيون (۲)

ساڪي ئي سال ۱۹۱۶ع جي اپريل مهيني کان وٺي هرومل پريم چند شروا جي ايڊيٽري هيٺ "سنسار چڪر" نالي ماهوار رسالو جاري ٿيو • جنهن ۾ اصلوڪا ۾ ترجمو ٿيل ناول قسطن ۾ ڏنا ويندا هئا • هي پنهنجي دور جو هڪ مقبول ماهوار رسالو هوندو هو • جنهن جا خريدار نه رڳو سنڌ ۾ باقي هندستان ۾ هوندا هئا ، پر امو آفريڪا ، آمريڪا ، برما ، جپان ، چين ۾ سلون ۾ ڪهڙايو ويندو هو •

۱۹۱۷ع ۾ پنڊت ايس طوطورام " سنڌ سماچار " اخبار جاري ڪئي ، جيڪا ڪانگريس پارٽي ۽ جي ترجماني ڪندي هئي • ۱۹۱۹ع ۾ هن اخبار ۾

---

(۱) غلام محمد گرامي : " سنڌي لٽريچر ڪراف " (مقالو) ، سه ماهي مهراڻ ، جلد ۱۲ ، نمبر ۱ ، سال ۱۹۶۴ع ، ص ۱۷۶

(۲) ايضاً ص ۱۷۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 447

سياکرهم جي ا فائدي ۾ مضمون شايع ٿيا ، جنهن ۾ سندس ايڈيٽر کان هڪ هزار روپين جي ضمانت ورتي وئي (۱)

ساڪي ئي سال نومبر مهيني کان "سنڌ شيوڪ سياڻ" طرفان "نالي ڏوم" نالي عورتن جو هڪ ماهوار رسالو جاري ٿيو، جيڪو هندي خط ۾ شايع ٿيندو هو ۰ رسالي جو دفتر بمبئي بازار ۾ هوندو هو ۽ ان جو سالياڻو چندو هڪ روپيه هو (۲) هن سال جي شروعات ۾ جي ـ ايس نندواڻي "سوکڙي" نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو جنهن ۾ مذهب اسلام جي تعليم اخلاق ۽ تصوف تي مبني مواد ڏنو ويندو هو جيڪو مضمون ۽ آکاڻين جي صورت ۾ هوندو هو ۰

۱۹۱۸ع ۾ اين ـ جي وي ـ هلڊ اسڪول طرفان چهڙ ماهي "مسيلني" جاري ٿي، جنهن ۾ انگريزي ٻولي کانسواءِ سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جو مواد به ڏنو ويندو هو. مخزن جي سنڌي حصي ۾ نوڪرو اسڪول جا استاد ۽ شاگرد حصو ونڊندا هئا ، پر ٿنهن زماني جا ٻاهريان سنڌي عالم ، اديب ۽ شاعر به ان ۾ دلچسپي ونڊندا هئا.

۱۹۲۰ع سنڌ جي صحافت جي تاريخ جو سونهري سال چئي سڏجي ٿو ، جو ته هن ئي سال جي فيبروري مهيني کان وٽي سنڌي ٻولي جي مشهور

---

(۱) See, "Daily Gazettee", Karachi, dt: 22.5.1919, P.5

(۲) Ibid, dt: 31.10.1917, P.4

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 448

۽مقبول اخبار "الوحيد" جاري ٿي . هي اخبار سيٺ حاجي عبد الله هارون خلافت ڪاميٽيءَ جي پاران جاري ڪرائي ، جنهن جو نالو ترڪي جي خليفي وحيد الدين جي نالي پٺيان رکو ويو هو . "الوحيد" سنڌ جي مسلمانن جي لاڳاپي ۽شاندار خدمت سرانجام ڏني . هن اخبار جي قابل ايڊيٽرن "خلافت تحريڪ" ، "هجرت تحريڪ" ۽ "سنڌ جي بمبئي کان آزادي واري تحريڪ" کي گهر گهر تائين پهچايو . قاضي عبدالرحمان ، دين محمد وفائي ، شيخ عبدالمجيد سنڌي ، نبي بخش ٽانوري ، شيخ عبدالسلام ، قاضي خدا بخش ، الله بخش تالپر ۽ مولانا دين محمد وفائي هن اخبار جي مکيه ايڊيٽرن منجهان هٿا . هي اخبار مطالعي هيٺ آيل دور کان پوءِ به جاري رهي .

۱۹۲۲ع کان وٺي سنڌ جي نامياري عالم ، اديب ۽ دانشور دين محمد وفائي "توحيد" رسالو جاري ڪيو ، جيڪو ٽن سالن جي عرصي کان پوءِ اٺن سالن تائين بند ڪيو ويو ، ۽ ان جو ٻيو دفعو اجراء ۱۹۳۲ع کان ٿيو . وفائي مرحوم هن رسالي ذريعي ٻين ، ٽئين ، هندن ، قاديانين ۽ شيعن خلاف گهڻو ڪجهه لکيو . رسالي ۾ علمي ادبي ، اصلاحي ، تاريخي ، مذهبي ، فقهي ، تبليغي ۽ منطقي قسم جو مواد شايع ٿيندو هو .

آڪٽوبر ۱۹۲۴ع کان وٺي حاجي جي شاگرد برادري طرفان هفتيوار "دي اسٽوڊنٽس هيرالڊ" نالي سنڌي - انگريزي اخبار جاري ٿي ، جنهن جو آنريري ايڊيٽر ايم - ايم ڪرپلاڻي هوندو هو . هن اخبار ۾ سنڌي ، شاگردن جي مسئلن ، سوديشي تحريڪ ، اسڪائوٽ موومينٽ ۽ نيشنل ڪانگريس جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 449

اوسر وغيره جهڙن موضون تي مضمون پوندا هٿا ۰(۱)

هن اخبار جي پهرين پرچي جي سنڌي حصي ۾ هين ليکڻ سان گڏ ، مرزا قليچ بيگ ، جينٽل پرسراڻ ۽ محمد صديق ميمڻ وغيره جا مضمون شايع ٿيا ۰ اخبار جو سالياڻو چندو ٽي روپيا هوندو هو ۰ اخبار جو پهرين پرچو ۲۲ آڪٽوبر تي ظاهر ٿيو (۲)

ساڪي ئي سال سوامي گووندانند ناٽاڻي "ڀيسي" اخبار جاري ڪئي ، جنهن پنهنجي پاليسي ۽ مواد جي چڪو ناڻو ڪيو ۰

آڪٽوبر ۱۹۲۵ع کان حڪيم عبدالخالق مرواڻي جي ايڊيٽريءَ هيٺ ماهوار "ترقي" رسالو جاري ٿيو ، هن رسالي ۾ مذهبي ، تاريخي ۽ ادبي مواد ڏنو ويندو هو ، ان کانسواءِ هن رسالي ۾ اردو شاعري به ڏني ويندي هئي ۰

هن ئي سال کان ميلارام واسواڻي پنهنجي اشاعتي اداري طرفان ماهوار "سندرساهتيه" رسالو جاري ڪيو ۰ جيڪو شروعات ۾ حيدرآباد مان نڪرندو هو ۽ پوءِ ڪراچي مان ظاهر ٿيڻ لڳو ۰ هن رسالي ۱۹۲۷ع تائين سنڌي ٻولي ۽ عط ادب جي جا خدمت ڪئي آهي ، تنهن کي ڪڏهن به نظرانداز ڪري نه

---

(۱) See, "Daily Gazettee", Karachi, dt. 8.10.1924, P. 9

(۲) Ibid, dt. 22.11.1924, P. 7

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 450

ٿو سگھجي ۽ هن رسالي ۾ سنڌي علم ادب جي هر هڪ صنف جي مواد پوندو هو ۽

ساڪي سال هندو پريس حيدرآباد وارن "هندي هندو" نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو، جنهن ۾ هندن جي مذهب ، قوميت ۽ سياست جي مواد پوندو هو هن رسالي جو سالياڻو چندو ٽي روپيا هوندو هو ۽

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي به ساڪي ئي سال کان "الجامع" نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو، جيڪو علمي ادبي ۽ مذهبي مواد ڏيڻ کانسوا ۽ جمعيت العلماء هند جو پارٽي آرگن ٿي به ڪم ايندو هو ۽

جنوري ۱۹۲۶ع کان ڪيچند شامداس جي ايڊيٽري هيٺ ٽ ماهي "جيون پاسڪر" رسالو جاري ٿيو، جنهن ۾ طب ، هنر، مذهب ۽ علم ادب جي مشتمل مواد پوندو هو ۽ هن رسالي جي پهرين پرچي کان "پريم جي پياس" جي عنوان سان هڪ ناول قسطوار شايع ٿيو ۽

Gul Hayat Institute

ساڪي مهيني ۾ ساڪي ئي سال کان عبد الله محمد قاسم عباسي "گلشن" نالي ادبي ، تعليمي ۽ تاريخي ماهوار رسالو جاري ڪيو ۽ رسالو ويهن صفحن جي مشتمل هوندو هو ، جنهن جي سالاني قيمت ڏيڍ روپيو هئي ، هي رسالو ٽن سالن تائين جاري رهيو ۽ رسالي جي پهرين پرچي ۾ مرزا قليچ بيگ ، پيرومل مهر چند ، ڏرمداس مير چنداڻي ، شاهرداس پوجراج هيرانندائي وغيره جا مضمون شايع ٿيا ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 451

مارچ ١٩٢٦ع کان مولچند "ناروملَ" گيان اڊيه سچترماسڪ پترَ" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو • هن رسالي ۾ مذهبي ، اخلاقي ، سماجي ۽ علمي ٿوڙي ادبي مواد شايع ٿيندو هو •

ساڳي ئي سال ڪراچي جي "ينگ سک ايسوسيشن" طرفان "سک ٽريڪٽ سوسائٽيَ" قائم ڪئي وئي ، جنهن طرفان "ماهوار ٽريڪٽ" شايع ٿيڻ لڳو • هن ٽريڪٽن ۾ محض سک ڌرم ئي بدل اخلاقي ، قومي ۽ مذهبي رنگ ۾ رڱل مضمون ، ڪهاڻيون ۽ قسطوار ناول شايع ٿيندا هئا •

ساڳي ئي سال مولچند ناروملَ برهمڻ ڪشتري جي ايڊيٽريءَ هيٺ ماهوار "سرسونتي ساهتيه" نالي رسالو جاري ڪيو ، جنهن ۾ رڳو قسطوار ترجمو ٿيل ۽ اصلوڪا ناول ڏنا ويندا هئا •

ماهوار " ماسٽر " به هن ئي سال جي جنوري مهيني کان جاري ٿيو ، جنهن جو ايڊيٽر نٿن مل طوطلداس وچاڻي هو • هي رسالو " سنڌ ماسٽر ايسوسيئيشن" جي سهاري هيٺ نڪرندو هو ، ۽ ڇاڻ ۾ شامل ۽ استادن جي مسئلن وغيره تي نثر ٿوڙي نظم ۾ مواد شايع ٿيو هو •

ٽوپڻ داس ٽي. ڪيموائيَ هن ئي سال کان " موتين جو هار " نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو • جنهن ۾ مذهبي ، سماجي ۽ ادبي موضوعن تي شعر و شاعري ۽ مضمون ٻوندا هئا •

١٩٢٧ع ۾ " الوحيدَ ۽ " ڪيسريَ" کان سواءِ "مائر ٻوميَ ۽ "هندو جاتيَ"

Gul Hayat Institute
INSTITUTE OF SINDOLOGY,
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 452

نالي روزانه اخبارون به شايع ٿيندڙ هيون ۽ "هندو جاتي" لوڪراڻ نهنارام شرما ڪيندو هو ۽ جيڪا ڇپجڻ وقت کان پوءِ سرڪار ضبط ڪري ڇڏي ۽ ان کان پوءِ ۱۹۳۲ع ۾ وري هي اخبار جاري ڪئي وئي ۽

۱۹۲۸ع کان وٺي پيرومل جي ڀراڻ رکياڻي جي ايڊيٽري هيٺ آڪاڻين جو هفتيوار "چوڏس" رسالو جاري ٿيو، جنهن ۾ اصلوڪين ۽ ترجمو ٿيل آڪاڻين ۾ ڪهاڻين کانسوا شاعري به ڏني ويندي هئي ۽ ان کانسوا رسالي ۾ هفتيوار خبرنامو ۽ حالتن جو جائزو به ڏنو ويندو هو ۽

هن ئي سال نهالچند وزيراڻي روزانه "سنسار سماچار" اخبار جاري ڪئي ۽

۱۹۲۹ع ۾ ڪراچي جي مشهور مسلمان شاعر نظامي "درد حيدري" نالي رسالو جاري ڪيو، جيڪو ۱۹۳۲ع ۾ ڪن مجبورين ڪاري بند ڪرڻو پيس(۱) ۽

۱۹۳۰ع ۾ مولوي خيرمحمد نظاماڻي هفتيوار اخبار "بيداري" ڪڍي، جيڪا ليٿو پريس ۾ ڇپبي هئي ۽ اخبار ۾ علوماتي مضمون سان گڏ علمي ۽ ادبي مضمون به شايع ٿيندا هئا ۽(۲)

Gul Hayat Institute

---

(۱) غلام احمد نظامي، : "بياض نظامي،" جمعيت الشعراء سنڌ، سال ۱۹۴۸ع، ص ۲۱۹

(۲) ايازقادري، : "منهنجي لڏو مان،" شيخ عبدالحليم جوش، ڪراچي، ۱۹۷۴ع ص ۴۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 453

هن سال" شري ويدانت پرڪاشڪ منڈل" طرفان ماهوار "تتوگيان" رسالو جاري ٿيو • رسالو لڳ ڀڳ ٽي سو صفحن تي مشتمل هوندو هوڳ انهي اڻٽر ڏي ويدانت جي مضمون ۽ شعر پوندا هٿا • ساڍو ليلارام هن رسالي جو ايڊيٽر هوندو هو •

قاضي عبدالرزاق هن سال جي پهرين مهيني کان "علمي دنيا" نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو، جيڪو عزت خان مدد خان جي لٻڙو پريس مان ڇپبو هو • رسالو اڻٽر ڏي چاليهن صفحن تي مشتمل هوندو هوڳ ان ۾ علمي، ادبي تاريخي ۽ مذهبي موضوعن تي شعر، مضمون ۽ ڪهاڻيون وغيره پوندڙيون هيون • رسالي جو سالياڻو چندو ٻه روپيا هوندو هو •

ساڳي ئي سال " سنڌ شيوڪ " نالي روزانه اخبار جاري ٿي، عبدالله محمد ۽ قاسم عباسي، هن اخبار جو ٻن سالن تائين سب ايڊيٽر ٿي رهيو •

۱۹۳۱ع کان ريجهومل اڪاڻي روزانه "هندو سنسار" جاري ڪئي •

۱۹۳۳ع ۾ هفتيوار "هندو جاتي" ٻهر جاري ڪئي وئي • انهي کانسواڳ هن سال ۾ ماهوار "ڪامياب" ۽ "ڪلشن" ٻه ڪڍيا ويا • ماهوار "ڪامياب" قاضي عبدالرزاق جي ايڊيٽري هيٺ مارچ مهيني کان شروع ٿيو • هي رسالو مسلمانن جي علمي ۽ عملي سڌاري توڙي سندن معلومات موڙائڻ لاءِ جاري ڪيو ويو هو • منجهس تاريخي، تجارتي، سائنسي، مذهبي ۽ ادبي مضمون، مقالا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 454

ڇ شعر پوندا هٿا .

"گلشن" رسالو هارون جي عملي ، ادبي سياسي ڇ مذهبي اوسر لاءِ جاري ٿيو ويو هو ، جنهن جو پهريون پرچو ۱۹۳۳ع ۾ ظاهر ٿيو . شيوڪ پوجراج داد هن رسالي جو روح روان هوندو هو . ڇ رسالي جو ايڊيٽوريل پورڊ ، پاور ۾ گدواڻي ڇ لعلچند امرڏنيمل جڪتياڻي ۾ مشتمل هوندو هو . هي رسالو سنڌي پوليٽ جو پهريون رسالو هو ، جنهن جي وسيلي منظم نموني سان هاڻ جي شخصيت ڇ ڪردار جي تعمير جي شعوري ڪوشش ڪئي ويندي هئي .

۱۹۳۴ع ۾ "انتي" ، "انڊس" ، "هالڪ" ، "توحيد" ، "پوشيده خزانو" "هندو" ، "رتن" اخبارون ڇ رسالا جاري ٿيا .

"انتي" هيرانند ڪومچند جي ايڊيٽري ۾ هيٺ نڪرندي هئي ، ڇ جڏهن وقت هن جي جيل وڃڻ دوران سندس گهر واري ۽ شريمتي ڪملا اخبار جي ايڊيٽري ۾ جو ڪم هلايو . هي اخبار ۱۹۳۸ع ۾ بند ٿي وئي .

"انڊس" ڪراچي رابيندرناٿ ٽئگور ۽ رامانند چٽرجي طرفان جاري ڪئي وئي هئي جنهن جو ايڊيٽر پروفيسر منڌارام ملڪاڻي هو . هي هڪ سالياني مخزن هئي جيڪا هڪ ئي وقت انگريزي ڇ سنڌي ٻولين ۾ ڇپبي هئي . هن مخزن ۾ ٿنهن دور جا نامياراعالم ، ادب ڇ شاعر لکندا هٿا ، جن ۾ جيٺمل پرسرام ، پيرومل مهر چند آڏواڻي ، منڌارام ملڪاڻي ، ليکراج عزيز ڇ آسانند ماسٽرا جا نالا قابل ذڪر آهن .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 455

ماهوار "بالڪ" هوپڻل انگلش اسڪول ۾ بٽڻ آف هوپ جي سڀاڻي هيڊ نڪرندو هو • جنهن جو ايڊيٽر عبدالله عباسي ۽ سب ايڊيٽر پاڻوان سدارنگاڻي هوندو هو • هن رسالي ۾ ٻارن جي پڙهڻ لائق مضمون ۽ شعر و شاعري پوندي هئي • رسالو ١٩٣٦ع ۾ بند ٿي ويو •

" توحيد " جيڪا ڪيترن عرصي کان وٺي نڪرڻ بند ٿي وئي ، تنهن جو ڇهين اجراع هن سال ٿي ٿيو • مولانا دين محمد وفائي ان جو ايڊيٽر رهيو •

مهاراج نارائڻداس بصرمل شروا جنوري ١٩٣٤ع کان "پوشيده غيبي خزانو" نالي هڪ ماهوار اخبار جاري ڪئي • اخبار جو مواد فني نقطه نگاهه کان شعر و شاعري ، مضمون ۽ آکاڻين تي مشتمل هوندو هو • ليکن پوري مواد جو موضوع هندو ڌرم جي اشاعت ۽ اسلام جي مخالفت هوندو هو •

ساڳي ئي سال "رتن ساهتيه منڊل" طرفان سيپٽمبر ١٩٣٤ع کان وٺي "رتن" نالي ماهوار رسالو جاري ٿيو ، جنهن جو ايڊيٽر پارومل ڪيولراماڻي هو • هن رسالي ۾ شعر و شاعري ، افسانو ، قسطوار ناٽڪ ۽ ناول ڏنا ويندا هئا • هي رسالو ١٩٤٧ع تائين جاري رهيو •

هن سال جي ٢٨ جون کان " هندو " اخبار ڪراچي مان شايع ٿيڻ لڳي •

١٩٣٥ع جي جولاءِ مهيني کان ڪوپراج واڌواڻي "مڪڻي" جي نالي سان ماهوار رسالو جاري ڪيو ، جنهن جو سب ايڊيٽر منڪهارام ٽلسياڻي هوندو هو •

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 456

رسالو ڊيمي سائيز جوڳ تقريبا ۳۰ صفحن تي مشتمل هوندو هو • هن ۾ علمي ادبي ، سماجي ۽ معلوماتي مواد ڏنو ويندو هو • (۱)

۱۹۳۶ع جي نومبر کان مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي سرپرستي هيٺ هفتيوار "اخبار جاري ٿي • عبدالغفور سيتائي محمد هاشم محراب پوري ۽ جمال الدين هن اخبار جا ايڊيٽر ٿي رهيا • عبدالله عبد به ڪيترو وقت سندن هٿون ٿي رهيو • اخبار علم ادب ، صحافت ۽ جمعيت العلماء هند جي پاليسين ۽ پروگرامن جو حصو سنگهوندي هئي •

۱۹۳۶ع جي آخر ۾ علي محمد شاهه راشدي جي ادارت هيٺ "صبح سنڌ" نالي هڪ روزانه اخبار جاري ٿي ، جا سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مطمحِ نظر ۽ ترجمان هئي • اخبار رڳو ۱۹۳۷ع واري اليڪشن تائين زنده رهي سگهي •

مئي ۱۹۳۷ع کان ڪراچي جي مشهور بڪ سيلر ۽ پبلشر هوندراج پهلاجراڻي "سنسار" جڙ نالي هڪ هفتيوار رسالو جاري ڪيو • هن رسالي ۾ اڪثر ڪري تسلسوار جاسوسي ناول ڏنا ويندا هئا ، جيڪي انگريزي ادب مان ترجمو ڪيل هوندا هئا •

ساڳئي ئي سال راجند ويروِل پنهنجي روزانه "قرباني" اخبار

---

(۱) حڪيم بخش خالد : "سنڌي صحافت ، "حبيب پبليڪيشن ، سکر ، ۱۹۵۵ع ص ۱۲۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 457

شڪارپور کان منتقل ڪري ڪراچي ڪڍي آيو • هن وقت ايڊ - آر مائيداساڻي اخبار جي ادارت ڪندو رهيو • هي اخبار به مهاڀاري لڙائي واري ڏهاڙن ۾ اخبار کي وري شڪارپور منتقل ڪيو ويو •

۱۹۳۸ع ۾ سنڌ صوبي مسلم ليگ جي پريزيڊنٽ پنهنجي پارٽي جي پروگرامن ۽ پاليسي جي نشر و اشاعت لاءِ هفتيوار "مسلم ليگ" جاري ڪرائي. هڪڙي اخبار ڊسمبر ۱۹۳۸ع کان وٺي سيپٽمبر ۱۹۳۹ع تائين جاري رهي • حافظ خيرمحمد اوحدي هن اخبار جو ايڊيٽر هو •

هن ئي زماني ڏاران علا والدين سمي هفتيوار "حريت" اخبار جاري ڪئي •

۱۹۳۹ع ۾ پيرالاهي بخش "اصلاح" ۾ ان جي پريس جڪيه فتح محمد سيوهاڻي کان خريد ڪئي ۽ ساڳي ئي سال تالي سان روزانه اخبار جاري ڪيائين • خيرمحمد اوحدي هن اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو • پيرالاهي بخش هن اخبار کي پنهنجي سياسي مقصدن خاطر استعمال ڪندو رهيو • ان ڪري ستٽئي ۱۹۴۱ع ۾ اخبار بند ٿي وئي •

هن ئي سال لعلچند امرڏنيمل انگريزي - سنڌي هفتيوار "سنڌي" جاري ڪئي • جنهن ۾ علمي ، ادبي ۽ تنقيدي مضمون ۽ مقالا شايع ٿيندا هئا هن اخبار ۾ فرقي پرستيءَ جو رنگ ڇڙهيل هوندو هو •

ساڳي ئي سال مولوي محمد شفيع ماهوار "مجاهد" رسالو جاري ڪيو جو سال ڪانپوءِ بند ٿي ويو •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 458

۱۹۴۰ع ۾ الله بخش سومري پنهنجي روزانه "آزاد" اخبار جاري
ڪئي ۽ مولوي عبدالڪريم، مولائي شيدائي ۽ مولانا دين محمد وفائي هن اخبار
جا ايڊيٽر ٿي رهيا ۽ هن اخبار کي بعد روزانه مان بدلائي هفتيوار بڻايو
ويو ۽

۱۹۴۱ع ۾ "آشا ساهت منڊل" طرفان "آشا" نالي ماهوار رسالو
جاري ٿيو، جنهن جي ادارت ديو سيائي ڪندو هو ۽ هن رسالي ۾ افسانا، ناول
۽ نانڪ قسطن ۾ يا مڪمل پوري پني حيثيت ۾ شايع ٿيندا هئا ۽ هي رسالو ۱۹۴۷ع
تائين سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي خدمت ڪندو رهيو ۽

پهرين سيپٽمبر ۱۹۴۱ع کان محمد اسماعيل زرگر جي ايڊيٽري ۾
هيڏ هفتيوار "تالپر" اخبار جاري ڪئي ۽ هي اخبار مذهبي، مت پيد کان پاڻ
۾ صحيح صحافت جو هڪ مثال هئي ۽

هن ئي سال کان ميلارام واسواڻي پنهنجي اشاعتي اداري "سندر
ساهت منڊل" طرفان پهريون ڀيرو "نالي ماهوار اکاڻين ۾ مضمونن جو رسالو جاري
جاري ڪيو ۽ جيڪو ۱۹۴۷ع تائين نڪرندو رهيو ۽

ساڳي سال ريجهومل "اکاڻي" سنسار سماچار" اخبار کان ڏار ٿي پنهن
جي روزانه اخبار "هندو سنسار" جاري ڪئي ۽

نومبر ۱۹۴۲ع کان وٺي موتي ٽيجپانداس مهتا ماهوار "فلستان"
رسالو جاري ڪيو ۽ جنهن ۾ فلمي قسم جي مواد کان سوا ۾ عملي ۽ ادبي مواد به ڏنو
ويندو هو ۽

LIBRARY,
INSTITUTE OF SINDHOLOGY,
UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SIND)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 459

۱۹۴۵ع جي آخر ۾ سيد غلام مرتضيٰ شاهه ، شڪارپور جي رامچند ويرومل کان " قرباني " اخبار خريد ڪري ڪراچي آندي . حافظ خير محمد اوحدي ميرمحمد شاهه ، ۽ مولوي عبدالڪريم هن اخبار جي ايڊيٽري منجهان هٿا . هي اخبار ۱۹۴۷ع ۾ ڪهڙي صاحب بند ڪرائي ڇڏي .

۱۹۴۶ع ۾ "رتن ساهتيه منڈل" طرفان "سدا بهار" نالي ٻارن لاءِ هڪ ماهوار رسالو جاري ٿيو . جنهن ۾ سهڻين سهڻين تصويرن ۽ ٻارن جي ڏنگ جو اخلاقي ۽ اصلاحي مواد شايع ٿيندو هو .

ساڳي ئي سال " سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ " جي سڀاڻي هيٺ " مهراڻ" رسالو جاري ٿيو . رسالي جي اشاعت جنوري ۱۹۴۶ع کان ٿي ، ۽ اهو ٻه سال ٻهڙي پرچي جي صورت ۾ شايع ٿيندو رهيو . رسالي جو ايڊيٽوريل بورڊ عثمان علي انصاري ، مولانا دين محمد وفائي ، لعلچند امرڈنومل ۽ ڊاڪٽر هرومل سدارانگاڻي تي مشتمل هوندو هو .

ساڳي سال ڪراچي مان شايع ٿيندڙ " هندو " اخبار جو نالو بدلائي " هندستان " رکيو ويو ۽ هيرانند خرچند هن روزانه اخبار جو ايڊيٽر ٿيو ، هي اخبار ۱۹۴۷ع تائين جاري رهي . اخبار ڪانگريس پارٽي جي ترجماني ڪندي هئي .

۱۹۴۷ع ۾ هڪ سنڌي " عصير " نالي ماهوار رسالو جاري ٿيو ۽ ان کانسواءِ هن سال ۾ جيڪي ٻيا ماهوار رسالا ظاهر ٿيا ، تن ۾ جينٽل پرسراء

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جو "رهاڻ" ۾ ڪنهيا لعل ڪابا جو "پرستان" جا نالا قابل ذڪر آهن .

جون ۱۹۴۷ع کان وٺي ديپڪ آشا پندرهن روزهه " جنرڪار " رسالو جاري ٿيو جنهن ۾ ٻه صفحا ڪن اردو ادب ۽ ڏنو ويندو هو ، جن رسالي ۾ فلمي بڇ خبرون ، ڪهاڻيون افسانا ، شعر ۽ فلمي ٽائيپ جا سوال جواب ٻوندا هئا .

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 461

ربِ تنقیدی جائزہ

"الوحید"

"سنگِ ستارہ"

"ترقی"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 462

الـــوحـــيـــد

تعـــارف :-

هي اخبار حاجي عبد الله هارون ۱۹۱۹ع ۾ جاري ڪئي ، جنهن تحريڪ شروع انگريزن خلاف ساهم ساري چڏي ، ان ڪري گورنمينٽ آف انڊيا جي "پريس ايڪٽ" هيٺ ، ساڪي ئي سال ۾ ، اخبار کي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ انهي ڪري باقاعدگيءَ سان قانون جون سڀ ضرورتون پوريون ڪندي ، " الوحيد " اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس جو بنياد وڌو ويو ۽ اخبار فيبروري ۱۹۲۰ع کان وري باقاعدي شايع ٿيڻ شروع ٿي (۱)

هي ڪاڏا اخبار حاجي عبد الله هارون جاري ڪئي ، پوءِ سندس جي خلافت حاميءَ جي حوالي ڪري چڏيائين ۽ هن اخبار جو نالو سلطان عبدالوحيد جي نالي ئي رکيو ويو ۽(۲)

مـــواد :-

الوحيد سندس جي صحافت جو هڪ اهم ۽ سرندڙ ۽ لافاني تاريخ جو سونهري

---

(۱) See, "Daily Gazette", Karachi, dt: 23.2.1920, P.5

(۲) شيخ عبدالرحيم : "روزانه الوحيد ، " مقالو ، نئين زندگي ، آگسٽ ۱۹۶۷ع ص ۶۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 463

باب آهي ، جڏهن کي هڏهن ۾ نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي • هن اخبار "خلافت تحريڪ" "هجرت تحريڪ" "سنڌ کي بمبئي کان آزاد ڪرڻ واري تحريڪ" "آزادي جي تحريڪ" کي گهر گهر پهچائڻ ۾ مقبول بنائڻ ۾ اهم پارٽ ادا ڪيو • هن اخبار جو مواد هڪ طرف سڄي سنڌ جي سياسي ادب ۾ هڪ وڏي طرف ڏيئي ، سماجي ، علمي ادب جي تاريخ آهي •

جيئن ته "الوحيد" خلافت تحريڪ جي پيداوار هئي ، ان ڪري هن جي اجراء سان گڏ منجهس اهڙو ته انگريز دشمني ۽ ديني مواد شايع ٿيڻ لڳو جو فرنگي سرڪار جون وايون بطال ڪي ويون • ستين ايڊيٽر کي "انڊين پينل ڪوڊ" جي "سيڪشن اي - ۱۲۴" ۾ "سيڪشن ۱۵۳" هيٺ گرفتار ڪيو ويو • انهي ۽ گرفتاريءَ جو ڪارڻ هي مواد هيو (۱)

نمبر	عنوان	شايع ٿيڻ جي تاريخ
۰۱	"اخبار ديلي گزيٽيئر"	۱۹۲۰ء
۰۲	"بغداد ؟"	۱۹-۸-۱۹۲۰ء
۰۳	"هوآپريٽو سوسائٽيون ۽ رواج"	۲۲-۸-۱۹۲۰ء
۰۴	"هندستان جو مستقبل"	۲۸-۸-۱۹۲۰ء

(۱) See, "Daily Gazettee", Karachi, dt: 5.1.1921, P. 5

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 464

نمبر	عنوان	شايع ٿيڻ جي تاريخ
---	---	---
۰۵	"تعليم جو سوال"	۲۱-۸-۱۹۲۰ع
۰۶	"مسلمانن جي حالت جي قسط"	۱۴-۹-۱۹۲۰ع
۰۷	"خلافت جو بچاءُ"	۱۸-۹-۱۹۲۰ع
۰۸	"انور پاشا جو خط"	۲۱-۹-۱۹۲۰ع
۰۹	"مسلمان ڪائونسلن جو القاب"	۶-۱۰-۱۹۲۰ع
۱۰	"هندو مسلمان ڀائي ڀائي"	۱۶-۱۰-۱۹۲۰ع
۱۱	"سرڪاري اسڪولن جو بائيڪاٽ جو ڪجي"	۱۶-۱۰-۱۹۲۰ع
۱۲	"لارڊ ميئر آسڪا"	۲۱-۱۰-۱۹۲۰ع
۱۳	"پرشيا جو لارڊ ڪرزن"	۸-۱۱-۱۹۲۰ع
۱۴	"ديوالي نه ملهائيو"	۱۰-۱۱-۱۹۲۰ع
۱۵	"ڪائونسلن جو بائيڪاٽ"	۱۰-۱۱-۱۹۲۰ع

Gul Hayat Institute

"خلافت تحريڪ" جو خاتمو ٿيو ته هن اخبار "بمبئي ڪان علحدگي ۽ واري تحريڪ" کي هٿ ۾ ڪنيو. شيخ عبد الوجيد سنڌي هن ڏس ۾ چڪي طرح پاڻ ملهايو، هن "الوحيد" ۾ قسط وار هن تحريڪ تي مسلمانن کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. شيخ عبدالمجيد سنڌي جي انهن قسطن مان اقتباس هيٺ ڏجي ٿو (۱)

---

(۱) جي-ايم-سيد "سنڌ جي بمبئي ڪان آزادي،" ارباب نور محمد پليجو، ٻنو، ۱۹۶۸ع، ص ۳۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 465

"هن وقت سنڌي مسلمانن جي سامهون سنڌ کي بمبئي علائقي کان جدا ڪري علحده صوبي بنائڻ جو سوال درپيش آهي • مسلمان ان مسئلي ۾ هندن جي مدد ۽ اعانت کان سواءِ مشڪل سان ڪامياب ٿي سگهندا • پر مون کي يقين آهي ته سنڌ کي جدا پرڪشي ڪرڻ جي تجويز اهڙي معقول ۽ لاجواب آهي ، جو هندو ضرور هڪ ڏينهن ان کي قبول ڪندا • هينئر ساري سنڌ مان فقط ٽي هندو بمبئي ڪائونسل ۾ ميمبر چونڊجي سگهن ٿا ، پر سنڌ جي جدا ڪائونسل قائم ٿيڻ بعد ان کي ٽيون حصو چونڊيل ميمبرن جو ملندو • ساڪيو حصو سنڌ جي ڪاروباري ڪائونسلن ۾ ملندن • سنڌي مسلمانن جهڙا غريب ، صلح پسند ۽ اشراف مسلمان هڪڏهن به جاڻي واڻي سائن ته نه ٺاهيندا • هن ڪشيدگيءَ ۾ بدمزگيءَ جي زماني ۾ ڪيترن بااثر لوڪلبورڊن ۽ ضلعي بورڊن ۾ هندو پرزيڊنٽ آهن ، ۽ بورڈن جون آفيسون هندن سان ڀريون پيئون آهن • جڏهن سندن علقات بهتر ٿيندا ، تڏهين مون کي اميد آهي ته هندو پنهنجي علمي لياقت ، قابليت ۽ وڏيل نمائندگيءَ ذريعي هڪ طرف بمبئي حڪومت ۽ ٻئي طرف سنڌ جي سياست ۾ مکيه مقام واري ويندا •"

جڏهن سنڌ جي مسلمانن جي محنت ۽ محبت هٿي هنڌ ڏيوڻ سنڌ بمبئي کان آزاد ٿي وئي ته هن اخبار "آزاد نمبر" ڪڍيو. جو ڪالهه جيان اڄ ۽ اڄ جيان سڀاڻي به سنڌي ٻولي ، علم ادب ۽ صحافت جي تاريخ جو هڪ غير فاني دستاويز جي حيثيت سان قبول ڪيو ويندو • هي نمبر انگريزي ۽ سنڌي ۾ گڏي ڪڍيو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 466

ڪاپيو ويو هٿو • هن هيٺ سنڌي حصي جي مکيه مواد جو وچور ڏجي ٿو :

نمبر	عنوان	ليکڪ جو نالو
۰۱	"سنڌ جي قديم تاريخ ۽ قديم تهذيب"	ادارو
۰۲	"اسلامي ڪاهن وقت سنڌ جي جغرافيه حالت"	"
۰۳	"فاتح سنڌ محمد بن قاسم جو موت"	"
۰۴	"فاتح سنڌ کان پوءِ اموي خلافت ۾ارن سنڌ جا گورنر"	"
۰۵	"سرزمين سنڌ"	مولانا سيد حسين احمد مدني
۰۶	"سنڌي زبان جي مختصر تاريخ"	ادارو
۰۷	"سنڌ جا ڪي مشهور بزرگ"	"
۰۸	"نظاره قلع حيدرآباد سنڌ" (شاعري)	منشي محمد موسيٰ راز
۰۹	"سنڌ جا پهريان مسلمان"	خاڪي
۱۰	"واپار"	سيد عبدالرحيم
۱۱	"سنڌ جي آزادي"	ادارو
۱۲	"سنڌ جدا ڪان پوءِ مسلمانن جو فرض"	حاجي خان وڪيل
۱۳	"قومي ترانو" (شاعري)	آغا سوني
۱۴	"لازمي تعليم"	شيخ عبدالحق
۱۵	"شيخ عبدالمجيد جي شخصيت"	محمد امين ڪوسو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 467

نمبر	عنوان	ليکڪ جو نالو
---	- -- -	-------
۱۶	"وڃهڻي زماني جا سنڌي ليڈر"	ادارو
۱۷	"سنڌ جا ڪي هندو ليڈر"	"
۱۸	"ياد رفتگان"	شيخ عبدالمجيد سنڌي
۱۹	"سنڌ جا مسلمان سنڌ کان ٻاهر"	"
۲۰	"الوحيد للاءِ اپيل" (شاعري)	محمد هاشم "مخلص"
۲۱	"سنڌ جا ڪي بزرگيده اولياء"	ادارو
۲۲	"آزاد سنڌ" (شاعري)	محمد هاشم "مخلص"
۲۳	"نالپن جي وقت ۾ ملڪي حالت"	محمد خان "غني"
۲۴	"مير جي ڏهاڙن ۾ مسلماني تعليم"	علام داؤد پوٽو
۲۵	"سنڌ جي علحدگيءَ جي تواريخ"	ميران محمد شاهه
۲۶	"تحفه آزاد سنڌ" (شاعري)	"بسمل" ٽڪڑائي
۲۷	"سنڌ کي آزاد ڪرڻ بنائڻ جي تحريڪ"	محمد ايوب خان کهڑو
۲۸	"هندو مسلم اتفاق جي تدبير"	مولوي محمد نورنگ زاده
۲۹	"اسان جو سنڌ ديس"	سيد حاجي علي اصغر شاهه
۳۰	"پياري سنڌ" (شاعري)	محمد صديق "مسافر"
۳۱	"سنڌ ۾ حڪومت برطانيه"	ادارو
۳۲	"اسلام ۾ ترقي"	؟

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 468

سرڪاري سختيون :-

جيئن هن ڪان اڳ عرض ڪيو ويو آهي الوحيد ، خلافت تحريڪ" جي پيدا ٿيڻ ۽ ان جي اثين ڇڻي سڪهجي ٿو ته تحريڪن هن اخبار کي جنم ڏنو ۽ هن اخبار وري تحريڪن ۾ جان پيدا ڪئي • خلافت جي تحريڪ جي يا هجرت تحريڪ سنڌ جي بمبئي کان آزادي واري تحريڪ هجي يا انگريزن کان آزادي جي تحريڪ مڙني تحريڪن جو بنياد انگريز دشمني ۾ استحصال ڪندي ڪندي ٿي ٻڌل هو • انهيءَ ڪري وقت به وقت اخبار جي ايڊيٽرن ۽ منيجرن کي سرڪاري سختيون ڏسڻيون پونديون هيون • ابتدائي دور ۾ هن اخبار تي جيڪي ڪيس هلايا ويا ، تن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو :

حاضر ٿيڻ جي تاريخ	ڪنهن وٽ حاضر ٿيڻو پيو	الزام
۲۷-۱۰-۱۹۲۰ع	ميٽي مجسٽريٽ ڪراچي	انڊين پينل ڪوڊ جو سيڪشن ۵۰۰ (۱)
۴-۱-۱۹۲۱ع	"	" ۱۵۳ ايف - ۱۲۴ (۲)
۲-۲-۱۹۲۱ع	"	" پريس ايڪٽ ۱ آف ۱۹۱۰ (۳)

(۱) See, "Daily Gazette", Karachi, dt: 2.10.1920, P. 7

(۲) Ibid, dt: 4.1.1921, P. 5

(۳) Ibid, dt: 3.2.1921 P.5

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۲۹-۱۱-۱۹۲۲ع	سٽي مئجسٽريٽ، ڪراچي	ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ ۱۰۸ (۱)
۲۹-۳-۱۹۲۳ع	"	انڊين پينل ڪوڊ جا سيڪشن اي ۱۵۳ ۽ اي ۱۲۴ (۲)
۶-۶-۱۹۲۳ع	فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ، حيدرآباد.	" ۵۰۰ (۳)
۲۹-۱۱-۱۹۲۵ع	سٽي مئجسٽريٽ، حيدرآباد	" " (۴)
۲۴-۷-۱۹۲۶ع	مختيارڪار، ميهڙ	" " (۵)

سرڪار پاران ٿيندڙ "الوحيد" جي انتظاميه ڪي ڪنهن نه ڪنهن ڪيس ۾ اڇائيندو هئي، يا وري پڇنجي چارٽن هيٺ اخبار تي بدناموسي جا ڪيس ڪرائيندي هئي، ليڪن الوحيد جي انتظاميه ڪڏهن به پاڻ نه جهڪايو.

---

(۱) See, "Daily Gazette", Karachi, dt. 30.11.1922, P.13
(۲) Ibid, dt. 26.3.1923. P.5
(۳) Ibid, dt. 6.6.1923. P.5
(۴) Ibid, dt. 3.11.1925. P.7
(۵) Ibid, dt. 24.7.1926. P.9

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 470

شروعات ۾ قاضي عبدالرحمان کي انگريزن خلاف بغاوت جرائم لاءِ مضمون لکڻ جي تڪوهه ۾ جيل موڪليو ويو. ان بعد شيخ عبدالمجيد سنڌي پاڻ ادارات جوڪم هٿ ۾ کنيو ليڪن سرڪار کيس به ڇوٽ نه ڏني ۔

ٽنهن کان پوءِ الوحيد جا جيڪي ايڊيٽر انگريزن خلاف آزادي جي جدوجهد ۾ سنڌ جي ماڻهن جي حق جي حفاظت خاطر سرڪاري مهمان خاني ڏانهن موڪليا ويا ، تن ۾ جيڪب آباد جي نبي بخش سرڪي ، قاضي خدا بخش ، دين محمد عليگ ۽ عبدالغفور سيتائي جا نالا قابل ذڪر آهن ۔ شيخ عبدالمجيد سنڌي ، الوحيد جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ به ڏيڍ سال جيل ويو ۔" (۱)

حريف اخبارون :-

الوحيد کي ابتدا کان ونئي پنهنجي هممصر حريف اخبارن جو به مقابلو ڪرڻو پيوندو ۔ "الوحيد" سنڌ ۾ ڪراچي ۾ ان وقت مسلمانن جي واحد ترجمان اخبار هئي ۔ جڏهن پاڪستان جي حصول جي منزل ويجهي ويندي وئي ، تيئن تيئن هندن جون اخبارون "الوحيد" لاءِ ۽ الوحيد هندن جي اخبارن لاءِ مسئلو بنجي وئي ۔

---

(۱) شيخ عبدالرحيم : "روزانه الوحيد ،" مقالو ، نئين زندگي ، آگسٽ ۱۹۶۷ع ص ۶۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 471

الوحيد کي مظالمي هيٺ آيل دورجي آخر ۾ حراڄي مان شايع
ٿيندڙ هندن جي ٻن سنڌي اخبارن : "هندستان" ۽ "سنسار سماچار" ۽ "هندو سنسار"
ٻن انگريزي اخبارن ، "سنڌ آبزرور" ۽ "ڊيلي گزيٽ" ۽ "حراڄي ڊيلي" ، جو ڀرپور
مقابلو ڪرڻو پيو . انهن مان "ڊيلي گزيٽ" ته الوحيد جي اجراع کان وٺي
سندس مخالفت ڪندي رهي .

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 472

سنڌ سڌار

شعارف : هيءَ اخبار ۱۸۶۶ع ۾ سنڌ جي شعليم کاتي جاري ڪئي ۰ اخبار سيڪنهن هفتي ۾ جمعي جي ڏينهن ڇپجي ويندي هئي ۰ وقت سان وقت اخبار جي قيمت ۾ ٿيرڦير ايندي رهندي هئي ۰ سال ۱۸۷۸ع ۾ اخبار جا اڳهه هن ريت هئا :

	حراچي ۾ رهندڙ لاءِ	حراچي کان ٻاهر رهندڙ لاءِ
(الف) سالياڻو	۰-۰-۳ روپيا	۰-۰-۴ روپيا
(ب) ڇهمياهي	۰-۸-۱ "	۰-۰-۲ "
(پ) سهه ماهي	۰-۱۲-۰ آنا	۰-۰-۱ "

اخبار جي خريدار کي اڳ ۾ ٽن مهينن جو چندو ڏيڻو پوندو هو ۰ جيڪو هنن ۾ شعلقي جي خزاني ۾ ٻارهو ويندو هو ۰ ان - کانسواءِ حيدرآباد ، سکر ، شڪارپور ۽ حراچي ۾ ٽن سرڪاري عملدارن کي ۾ هڪو هڪ چندو ڏني سگهجو هو ۰ اهڙن عملدارن جا نالا ۱۸۷۸ع واري اخبار ۾ هي لکيل آهن :

(الف) مسٽر غلام علي

هيڊ ماسٽر ، نارمل اسڪول ، حيدرآباد ۰

(ب) مسٽر جيٽن راءِ آوتراءِ ۰

هيڊ ماسٽر ، انگلو ورنيڪيولر اسڪول ، سکر ۰

(پ) مسٽر شهلنگ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 473

هيڈ ماستر ، ورنيڪيولر اسڪول ، شڪارپور ۰

اخبار ۾ نوٽيسن ۽ اشتهارن وغيرهه جي قيمت هن ريت هئي:

(الف) اٺ سٽون يا ان کان گهٽ لاءِ ۰-۰-۱ (روپيو)

(ب) اٺن سٽن کان مٿي باقي هڪ سٽ لاءِ ۰-۲-۰ (ٻه آنا)

(پ) سڄي ڀر ۾ ترجمو ٿيل مواد لاءِ چاڪاڻي رقم جي ٻيڻ (۱)

ايڊيٽر : اخبار جو پهريون ايڊيٽر مرزا صادق علي بيگ هو ۰ ۱۸۸۴ع ۾ هيءَ هفتيوار اخبار " سنڌ سڀا " نالي هڪ خانگي جماعت جي حوالي ڪئي وئي (۲) انهيءَ کان پوءِ ساڌو هيرانند هڪ پنجهتر روپيه درماهه تي، هن اخبار جو ۱۸۸۷ع نومبر تائين ، لڳاتار چار سال ايڊيٽر ٿي رهيو (۳) هن پنهنجي ايڊيٽريءَ واري زماني ۾ سنڌ جي ساڃي ڪوڙي سياسي حالتن تي بنا ڪنهن ڀ ڀاڙ جي ليک ۽ مضمون لکيا . هن هڪ ديوان ڏيارام گدومل سنڌ س ساڻي ٿي ٻيٽو ، ۽ هرحال ۾ پيو سنڌ سڌارڻ ڪندو هو ۰ پر ڪيس ساڌو هيرانند کان پنج مهينا اڳ حراڄي جڏي حيدرآباد واهيو ٻيو ۰ (۴)

تبصرو : سنڌ سڌار ، سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ هڪ آڪاٿي ۽ جهوني اخبار هئي: هن جي جاري ٿيڻ کان ٻارهن سال اڳ ئي سنڌ ۾ رسم الخط جي موجود هه الف - بي ٿهي هئي: انهيءَ ڪري اخبار جي پوليي سنڌي رسم الخط ۾ ان جي ارتقا جو سهڻو مثال هيڪ ڏجي ٿو:

---

(۱) ڏسو " سنڌ سڌار " نمبر ۹ ، جلد ۱۲ ، سال ۱۸۷۸ع ، اڳيون صفحو

(۲) عظيم الشان حيدر : هٽري آف حراڄي " حراڄي ، ۱۹۷۴ع ، ص - ۳۷

(۳) پي - ايل واڻي : " ساڌو هيرانند جي دٻنڊ وهي " بلوٽسڪي پريس ، حيدرآباد ، سال ؟ ص - ۳

(۴) ٽهڪرام ٽيڪچند ڏاڻي ۽ ڏيارام گدومل جو جيون چرٽ حيدرآباد ۱۹۳۲ ص - ۱۷ - ۱۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 474

"ڏسجي ٿوته ڪي ماڻهو اخبار جي قيمت يا نوٽيس جي ڇپائي جا پئسا تعليم وسيلي موڪلين تا پر اسانوٽ ڀاڱي تعليم جو ڪاهو نه آهي. تنهن جي سيني ماڻهن کي سڏ ٿي ڏجي ٿه جنهن ماڻهو کي اخبار سڏ سڏار جي قيمت بابت يا نوٽيس جي ڇپائي بابت اطلاع نه پئسا موڪليا هجن ٿه اهو اهي نقد پئسا تعلقي جي مختيارڪار جي آفيس ۾ اڻائجي پهچائڻ لاءِ جمع ڪرائڻ ٿه پاڻهي اسانکي پهچندا پر جيڪڏهن تنهن کي مختيارڪاري ۾ پئسا پهچائڻ اهنجا لکن يا تعلقه خزانو ٻئي شهر ۾ هجي -- -- الخ " (۱)

مواد : "سنڌ سڏار" اخبار ۾ ملڪي خبرون تعليمي سڌ سڌاءُ سان گڏ ادبي ۽ علمي معيار جا مضمون ۽ شعر به شايع ٿيندا هئا . جن جي علمي حيثيت ٿاڪاوچي هوندي هئي . اخبار جي مواد مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي زبان کي موزون شاعري کي رائج ڪرڻ لاءِ سنڌي زبان جا شاعر ڏاڍا خواهشمند هئا . "سنڌ سڏار" ۾ ان وقت - محمد قاسم هالائي، فاضل شاهه حيدرآبادي، غلام محمد گدا ، ميرعلي نواز علوي، محمد اسلم مشتاق معلوي، حافظ محمد ٽکڙائي ، محمد شاهه مجتبائي ۽ ٻين ڏيهرن ٽي شاعرن جا شعر شايع ٿيندا هئا . آخر ۾ لطف الله " لطف " جو هڪ شعر جو سنڌ سڏار ۾ ۱۸۸۰ع ۾ شايع ٿيو هو. هتي مثال طور ڏجي ٿو :

جيڏن ڪهوڙن سان دل ڪي ڪهائين ٿو.
تيڏن سڄڻ سڏڻ ساهه ڪي سهائين ٿو.

ڇاهي سوڀ ۽ چند چوڏهين جو. هڪ جلوي سان ٻئي جهپائين ٿو .
سو سو سرهش ٿون سڄڻ هر ساعت.
ناز نيڻ جي سان نمائين ٿو .

---

(۱) ڏسو " سنڌ سڏار " . جلد ۱۳ نمبر ۹ . ماهه سيپٽمبر ۱۸۷۸ع ص ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 475

راڳ رانجهن وٽيو رقيبن جي، ڪيئن نماڻن ڪان اڄ نمائين ٿو ٠

ڏئي دلا سا دليون ڪسي دلبر،
ميڙ محبت وري مٽائين ٿو ٠

رس رهائيون رکيو رقيبن سان - عاشق کي سڄڻ سڏائين ٿو.

پيءَ پهرين وصل جا ڏيو وعدا،
پوءِ گوشو ئي گسائين ٿو ٠

عاشقن کي عتاب جي منجهه آڪ، جيڏو جڙيا جي جگر جلائين ٿو.

قرب جي عاشقن جي قلبن ۾،
راز هنن ريز سان رلائين ٿو ٠

حلقه درگوش جڪ ٿئي، جاني، - هر طرح حڪم اڄ هلائين ٿو.

عيد ٿي اڄ عجيب منهنجي آڪ،
پرت جا پير پر جو پائين ٿو ٠

سچ سخن ۽ادا سخن پرور، - "لاسا" ڪيئا ڪمائين ٿو.

ٿي شفق ۽ مهربان منا،
لون جڏهن "لطف" سان لائين ٿو ٠"(۱)

---

(۱) "سر ماهي معراڻ - سوانح تجزيو" جلد، نمبر ۳ ۽ ۴
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سال ۱۹۵۷ع ص - ۳۸۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 476

ترقي

تعارف :-

هي ماهوار رسالو آڪٽوبر ١٩٢٥ع ڪان وٺي ، حڪيم عبدالخالق خليق مورائي جي ايڊيٽريءَ هيٺ جاري ٿيو . رسالو "ليٽو پرنٽنگ ورڪس" ڪراچيءَ ۾ ڇاپيو ويندو هو ۽ انهيءَ جو ڪاتب سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ادیب قاضي عبدالرزاق هوندو هو . رسالي جي آفيس وقت به وقت پئي ڪراچيءَ ۾ هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ تبديل ٿيندي هئي . ان هوندي به هي رسالو جن آفيسن مان ڪڍ وقت تائين جاري رهيو هو تن ۾ "رانگي واڙهه" "مٿودر" ۽ "بمبئي بازار" واريون آفيسون قابل ذڪر آهن .

رسالو ٣٦ صفحن تي مشتمل هوندو هو ۽ ان جي سالياني قيمت صرف سوا روپيو هوندي هئي، جنهن ۾ چار آنا ٽپال جو خرچ به شامل هوندو هو . رسالي جي پڙهندڙ ۽ خريدارن کي هن کانسواءِ سال ۾ هڪ دفعو "خاص نمبر" به ڏنو ويندو هو، جنهن جي ضخامت به ڏيڍ سو صفحن کان گهٽ نه هوندي هئي . جيڪڏهن ڪڏهن ڪڏهن ڪو سبب ٿي پوي ته اهو علوم ٿئي ٿو ته خريدارن کي سال ۾ ساڍن پنجن سون صفحن تي مشتمل مواد رکو سوا روپيه ۾ ڏنو ويندو هو .

رسالي جي پرچن پڙهڻ مان علوم ٿئي ٿو ته ان وقت جي مسلمانن لاءِ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 477

اهو "صدقي جهڙو" سوا روپيو ڏيڻ به هو ڏونگر ڏاڍ کان گهٽ نه هيو. ٽئين سال ڇپجي پائيندي ئي ايڊيٽر کي قلمڪٽو پيو ته: "اڳ حالتون اهڙيون اڇي پيدا ٿيون هيون جو سچ سچ هميشه جي واسطي هي آخري سلام ٿئي ها. ناظرين ڪرام کي کان مخفي نه آهي ته "رسالہ ترقي" مالي حالت جي خرابيءَ سبب جان بلب آهي ۽ جهڙيءَ طرح سندا جا ٻيا رسالا مالي مشڪلات جي ڪري قبل از وقت سرزمين بي قدريءَ ۾ زندهه دفن ٿي ڇڪا آهن. اهڙيءَ طرح هي رسالو به مسلمانان سنڌ جي سرد مهريءَ جي هٿان پنهنجي ناظرين ڏانهن حسرت ڀري نگاهن سان نهارينده امداد! امداد!! جو آواز بلند ڪندو ٻين رسالن جي قبرن جي برسان ڪنهن ڪنڌ پاسي ۾ زندهه دفن ٿي وڃي ها ۽ اسين به انا الله وانا اليه راجعون پڙهي به چار ڪوڙها ڪاڻي هميشه جي درد سريءَ کان ڇٽي پئون ها." (۱)

ٿوري عرصي کان پوءِ نيٺ سنڌ جي مسلمانن پنهنجي علم دوستيءَ ۽ ادب پروريءَ جو ثبوت ڏنو! ويچاري ايڊيٽر کي اجايو تڪليف ڏيڻ کان آجو ڪري ڇڏيو، ۽ هو رسالي بند ڪرڻ ۾ مجبور ٿيو.

---

(۱) ڏسو، "ترقي،" ڪراچي، ماهم آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۱۹۲۷ع، ص ۴۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 478

مـــواد :-

"ترقي" سنڌ جي مسلمانن جو قومي، مذهبي، اخلاقي، تاريخي ۽ تبليغي رسالو هو. "هي رسالو سڄن حمائتن جي مدد سان اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ لاءِ جاري ڪيو ويو هو."(۱) هي رسالو انهي دور جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن جي پيداوار هو. رسالي جو مواد جن موضوعن تي مشتمل هوندو هو انهن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو :

(الف) مذهبي مواد :-

سنڌ جا هندو مسلمان سياسي ميدان ۾ پنهنجن اختلافن جي ابتدا گهٽواڪ ڪري چڪا هئا. هن دور ۾ اختلاف سندن ذهنن مان ظاهر ٿي "قلم ۽ هٿ" جي نس نس ۾ سمائجي چڪا هئا. پنهنجي گروهن نه رکو سياسي، پر مذهبي چشمان جي نعرا پيدا ڪري جڏهن انهي دور جو ادب به اختلافي چشمان کان پنهنجي دامن بچائي نه سگهيو. نتيجو اهو نڪتو جو "مذهبي ادب" باقي "ادب" واري حصي ۾ ٿي چانڊجي ويو. ماهوار "ترقي" جي جاري ڪرڻ جو اهم مقصد ئي اهو هيو ته سنڌ جي مسلمانن ۾ "مذهبي شعور" پيدا ڪجي. انهي ڪري هن ۾ گهڻي کان گهڻو مذهبي مواد شايع ٿيو. رسالي جو طرفان سال ۾ هڪ دفعو "خاص" نمبر به

---

(۱) ڏسو، "ترقي"، ڪراچي، ماهه آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۱۹۲۶ع ص ۳۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 479

ڏيا ويندا هئا • جن ۾ "آخري رسول ،" "فاتح سنڌ ،" "آخرين مذهب ۽ "قرباني" نمبر قابل ذڪر آهن •

انهن "خاص نمبرن" کان سواءِ وقت بہ وقت ڏيترائي مذهبي مواد ٿي مبني مضمون رسالي ۾ ڇپيندا رهندا هئا • مثال طور :

عنوان	ليکڪ	ڪڏهن شايع ٿيو •
---	-- --	-- -- -- -- ---
"پيارو رسول"	قاضي جان محمد هالائي	آگسٽ - سيپٽمبر ۱۹۲۶ع
"خصوصيات اسلام"	مولانا رحمت الله هالائي	" "
"معجزات نبوي"	مولانا عبدالڪريم چشتي	جنوري ، فيبروري ۱۹۲۷ع
شق القمر جو معجزو"	خليفہ مورائي	اپريل - مارچ "
"ارشادات نبوي"	خليفہ مورائي	جولاءِ - آگسٽ "

پڙهندڙن کي مذهبي مواد اهڙي قسم جو ڏنو ويندو هيو، جيئن هو پنهنجي مقدس ۽ آخرين مذهب کي پاڻ لاءِ آسان ۽ نجات جو ذريعو ڄاڻن • جيئن منجهن مذهب اسلام لاءِ عزت ۽ احترام پيدا ٿئي ۽ هو انهيءَ تي عمل ڪرڻ ۾ پنهنجي عين سعادت ۽ ڪاميابي سمجهن •

(ب) تبليغي مواد :-

"هندستان مختلف مذاهب جي منڊي آهي ۽ دنيا ۾ جيترا بہ مذهب

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 480

آهن انهن جا پيروڪار ٿيڻ گهٽي تعداد ۾ هتي آهن ئي آهن • اهوئي سبب آهي جو انهن جي باهمي بحث ومباحثي ۾ مذهبي جنگ وجدل جي ڪري هندستان هڪ قسم جو مذهبي آکاڙو بنجي ويو آهي، ۽ جو رڳو بي تمني برپا آهي • هر هڪ مذهب جا پوئلڳ پنهنجي مذهب کي سچو ۽ عالمگير سڏي ٻئي مذهب جي خلاف طبع آزمائي ڪري رهيا آهن • بعضي اها طبع آزمائي زور آزمائي جي حد کي وڃي پهچي ٿي ۽ نتيجو هي نڪري ٿو ته مذهب جي نالي تي نفرت ۽ عداوت، بدامني ۽ خونريزي پيدا ٿيو پوي • مذهبي دنيا جو هي حال ڏسي ڪي محدود خيال ۽ سطحي نظر وارا آدمي ان جو سارو الزام مذهب تي مڙهين ٿا •" (۱) اهوئي سبب هو جنهن ڪري " ترقي" نه رڳو مذهبي رسالو هو پر ان سان گڏ هڪ تبليغي رسالو به هو • هن ۾ انهيءَ موضوع تي اڪثر لڪيان لڪ پوندا هئا ، جن مان چند مضمون جو ويچور مثال طور هيٺ ڏجي ٿو :

عنوان	ليکڪ	هڏهن شايع ٿيو
---	---	---
"تبليغ اسلام ۽ قرباني"	مولانا عبدالله هالائي	آگسٽ - سيپٽمبر ۱۹۲۶
"مغربي ملڪن ۾ اسلام"	خليفه مورائي	ايضا
"مشرقي دنيا ۾ زبردست انقلاب"	"	جنوري ، فبروري ۱۹۲۷

(۱) ڏسو، " ترقي، " ڪراچي ، ماهه ڊسمبر، ۱۹۲۶ع ص ۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 481

عنوان	ليکڪ	ڪڏهن شايع ٿيو
---	---	---
"اسلام ايشيا جو پاسبان"	خليفه مورائي	جنوري فبروري ۱۹۲۷
"اسلام ڇا آهي"	"	مئي جون ، "
"هندستان ۾ عيسائيت جي تبليغ"	مولانا عبد الله صاحب	جولاءِ آگسٽ ، "

تبليغي قلم جي مضمون ۾ اڪثر ڪري تحقيقي مضمون پيش ڪري پڙهندڙ کي مذهب اسلام جي اهميت ۽ افاديت جي قائل بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي . مضمون نه رڳو هيڪاري هوندا هئا ، بلڪ معلوماتي به هوندا هئا . مثال طور " مشرقي دنيا ۾ زبردست انقلاب " مضمون جو هڪ اقتباس ڏجي ٿو :

"چين ۾ اشاعت اسلام جي ابتدا جو ڪا خاص تاريخ مقرر ڪري نه ٿي سگهجي ./ مگر پهرين ٻي صدي جي جيئي تاريخن ۾ هن قسم جو ذڪر موجود آهي ته مسلمان سوداگر چين ۾ پهتا . انهن جي پرهيزگاري ۽ خدا پرستي ڏسي چيني مائهو سندن گرويده ٿي ويا ..... حضرت خليفه ثالث رضه جي عهد ۾ دربار خلافت ۽ شهنشاهه چين جي وچ ۾ سفارتي تعلقات قائم ٿي ڇڪا هئا ۽ ابن عبدالملڪ اموي جي زماني ۾ اسلامي سلطنت جون حدون چين جي سرحد سان ملي ويون هيون .... هي تعلقات خليفه ابو جعفر منصور

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 482

عباسي جي زماني ۾ هيڪاري زياده ترقي ڪري وئا ۽(١)

(ب) تاريخي مواد :-

رسالي ۾ وقت بہ وقت تاريخي ۽ معلوماتي نوعيت جا مضمون بہ ڇپيندا رهندا هئا ۽ انهن مان چند مضمونن جي لسٹ هيٺ ڏجي ٿي :

عنوان	ليکڪ	ڪڏهن شايع ٿيو
---	-----	--- ---------
"هبت الله جي حضور جي تاريخ"	خليفہ مورائي	آگسٹ سيپٹمبر ١٩٢٧
"چاند بيبي"	شيخ عبدالمجيد	جنوري ١٩٢٧ع
"روسي مسلمانن جي تعليمي ترقي"	ايضا	
"شاهان مڪليہ جي اسلامي رواداري"	خليفہ مورائي	مارچ ١٩٢٧ع
"عدل جهانگيري"	ايضا	جولاءِ آگسٹ ١٩٢٧

---

(١) ڏسو "ترقي" ڪراچي ، ماهم جنوري ۽ فيبروري ، ١٩٢٧ع ص ٥

LIBRARY, INSTITUTE OF ARCHAEOLOGY, UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO (SINDH)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(پ) فرقي پرست مواد :-

جيئن هن کان اڳ عرض ڪري چڪا آهيون ته رسالي جي جاري ٿيڻ جو دور مذهبي اختلاف ۽ چڪتاڻ جو دور هو . مختلف مذهبن جا پوئلڳ انسانذات کي امن ۽ سلامتي ، سک ۽ سکون ، قرب ۽ همدردي جي سٿي سنيهي ڏيڻ بدران انسان کي پٿي انسان جي رت وهائڻ لاءِ تيار ڪري رهيا هٿا . زندگي ڪجو هر هڪ شعبو هن باهم جي پيڙ ٿي چڪو هو . علم ادب به هن اثر کان اُنجهو رهي نه سگهيو . هن ماحول جا پرچا به اهڙي مواد سان ڀريا پيا آهن . مثال طور چند هيٺين جي فهرست ڏجي ٿي :

عنوان	ليکڪ	ڪڏهن شايع ٿيو
---	---	---
"شيواجي منصف مزاج هندو جي نظر ۾"	خليفه ورائي	مئي جون ۱۹۲۷ع
"سوامي دياننڊ بت پرست هو؟"	ايضا	ايضا
"ويدن ۾ شاستن ۾ گاوڪشي جو ذڪر"	ايضا	ايضا
"مهاراجا اشوڪ"	مولوي عصمت الله	جولاءِ آگسٽ ۱۹۲۷ع
"پراچين ويدڪ سڀيتا جو نظارو"	ايضا	ايضا
"ڀپر جي وڃ سان شادي"	ايضا	ايضا
"هندو ڌرم ۾ هندو جاتي"	..	جولاءِ ۱۹۲۶ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 484

(ب) ادبي مواد :-

مٿي ذڪر ڪيل مواد کان سواءِ هن رسالي ۾ ڇهه ادبي مواد به ڇپجندو هو، جنهن ۾ عبد الله عبد ، محمد هاشم مخلص ۽ حافظ جان محمد هالائي ، جي ڪيترين ئي شاعرن ۽ اديبن جا ادبي مضمون ۽ ڪلام اڇي وڃن ٿا . نه رڳو ايترو پر هن ئي رسالي ۾ خليفه مورائي جو ناول " سندي " قسط وار شايع ٿيو . هتي محض مثال خاطر محمد هاشم مخلص جي هڪ قومي شعر جون چند مصرعون پيش ڪجن ٿيون .(۱)

اسان ۾ يا الاهي جذبه ايمان پيدا ڪر

اسان ۾ جلد دور اولين جو ٿان پيدا ڪر

اسان ۾ خالد جا نياز يا سلمان پيدا ڪر

محمد ابن قاسم جهڙو ڪو انسان پيدا ڪر

اسان جو تخت زمين تحفظ دين ڪيو مولا ، اسان جي دامن مقصد ساڻ پر مولا .. الخ

هن رسالي ۾ نه رڳو اصلوڪا مضمون ڇپندا هئا ، مگر دورجي مختلف اخبارن جا مضمون ترجمو ڪري به ڏنا ويندا هئا . انهن مان چند مضمون هي آهن :

---

(۱) ڏسو ، "نوڪي" ڪراچي ، ماهه جنوري ۽ فيبروري ، ۱۹۲۷ع ، ص ۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 485

عنوان	ڇاپان ورتل	ڪڏهن شايع ٿيو ۽
---	---	---
"عربي ملڪن ۾ اسلام"	"مسلمان" ڪلڪته جا ن ورتل	آگسٽ ، سيپٽمبر ۱۹۲۶ع
"روسي مسلمانن جي تعليمي	"مسلم ڪرانيڪل" "	جنوري ، فبروري ۱۹۲۷
ترقي"		
"سوامي شردانند ۽ يهودت"	"زميندار" لاهور "	مارچ ، اپريل "
"شهيد چاڪي چڪجي"	"سياست" اخبار تان ورتل	ايضا
"رسول عربي جي صداقت"	"پرڪاش" لاهور	ايضا
"اسلام ڇا آهي"	"خلافت" اخبار	مئي جون ۱۹۲۷ع
"هندو تبليغي نه آهي"	"ليدر" الله آباد	ايضا
"ويدن ۽ شاستر ۽ گائو	انگلش مين "	ايضا
ڪشي"		
"نوراني مجسمه"	رسالو "تهذيب" لاهور	جولاءِ آگسٽ ۱۹۲۷ع
"راڪهور راجا جو تاريخي قصو"	"پيسه" اخبار لاهور"	ايضا

خاص ڪالم :-

سنڌ ۾ اردو زبان جي اشاعت ۽ اوسر جو سهرو غير سنڌين جي سر ٿي نه پر سنڌين جي سر ٿي سونهين . رسالو " ترقي " به انهن رسالن مان هڪ هيو جن اردو زبان جي خدمت واسطي پنهنجي ورڻ جي سڀني ڪي ڪشادو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 486

ڪري چڏيو هو • هن رسالي ۾ اڪثر ڪري اردو زبان جي شعر و شاعري ۾ پوندي رهندي هئي • مثال خاطر هتي چند مصرعون ڏجن ٿيون :(۱)

عجيب گيت

نغمۂ وحدت حقد هر مين گايا تو ني ـ ڪملي والي يه عجيب گيت سنايا تو ني
رب بي مثل کا دنيا مين بٺها کر سکا ـ نقش اوهام پرستي کو مٽايا تو ني
پر گئي ماند سبهي شرک و خودي کي اختر ـ مهر توحيد کا جلده جو دکهايا
تو ني ....

---

(۱) ڏسو، " ترقي، " ڪراچي، ماهه آگسٽ سيپٽمبر ۱۹۲۶ع ص ۱۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 487

پاگو چوٽون

ڪراچي ضلعي جا علمي، ادبي ۽ اشاعتي ادارا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 488

باب پھریون

علمي ۽ ادبي ادارا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 489

حراچي ضلعي جا ادبي اداراءِ جماعتون

تعارف :-

حراچي ضلعي جي پهرين پهرين ادبي جماعت ۱۸۸۵ع ۾ "ميڪس ڊينسو هال لٽريري سوسائٽي" جي نالي سان شروع ٿي . هي جماعت پاڻ ۾ ميمبر قائم ڪئي ، ۽ هوئي سندس پهرين صدر هو (۱) جماعت جو پهرين آنريري سيڪريٽري اين . جي . وي هاءِ اسڪول جو ٽڪوهو هيڊ ماسٽر جيمسجي آرديشر هو (۲) سندي هولي ڪجي ڪيترن ئي نامياڻن عالمن ، اديبن ۽ دانشورن هن جماعت ۾ شرڪت ڪئي . انهن مان ڏيارام گدومل ، ڪرومل چندن مل ، هيرانند شرڌارام ۽ ايس چندومل جا نالا قابل ذڪر آهن . (۳)

هن ادبي جماعت جون هفتيوار گڏجاڻيون هر اربع ڏينهن ٿي شام جو سڏي ڇهين وڳي . ڊينسو هال ۾ ٿينديون هيون ۽ جن ۾ ڪابه ٻاهرئي ٻولي پڙهي ميمبر مشهور مصنف ڪتابن مان ٽڪرا پڙهي ٻڌائيندا هئا ، ۽ دماغي ٿوري اخلاقي موضوعن تي بحث مباحثا ۽ تقريرون ڪندا هئا ، جيڪي انگريزي ٻولي ۾ ڪيون ويندون هيون .

---

(۱) See, 'Sind Gazettee', Karachi, dt: 13.11.1885. P. 6

(۲) Ibid, dt: 27.10.1885, P. 6

(۳) Ibid, dt: 6.10.1885, P. 6

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 490

هن جماعت جي پهرين سال جي مکيه گڏجاڻين جووڌو هيٺ ڏجي ٿو :

S.No.	Date	Procedure
1.	30.9.1885.	"Re-marriage of Hindu Women", Lecture by Mr. Bambridge.
2.	7.10.1885.	"infant Marriage" Lecture by P.Arderseer.
3.	14.10.1885.	Readings.
4.	28.10.1885.	"Breathing and the Blood" Lecture by Sandberg.
5.	4.11.1885.	Readings.
6.	18.11.1885.	"Color and Taste", lecture by H. Trepass.
8.	25.11.1885.	"Historical places in India" Lectures by Cap Pelham Burn.
9.	9.12.1885.	Readings
10.	16.12.1885.	"Through Russia, Siberia and Mangolia", Lecture by Grant F.R.G.S.
11.	23.12.1885.	Readings
12.	30.12.1885.	R "Pernicious ~~lecture~~ Literature" Lecturer by A.E.Ball [1]

[1] See, "Sind Gazettee," Karachi, dt: 9.10.1885, P.6

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 491

هن ادبي جماعت جي تشڪيل ۾ ڪارڪردگيءَ ڏاڍي ماڻهن کي به متاثر ڪيو ۽ انهن به ادبي گڏجاڻين سڏائڻ ۽ ان ۾ شرڪت ڪرڻ جي ابتدا ڪئي . ڪراچي ضلعي جي مکيه ادبي جماعتن جو ڏڪر هيٺ ڏجي ٿو :

سنڌي ادبي جماعتون ۽ ادارا :-

(الف) "انڊين مجلس": هي ادبي جماعت ٻي ڪجي سنڌ ڪالج ڪراچي جي شاگردن ۱۹۱۹ع ۾ قائم ڪئي . جنهن جو پهرين سيڪريٽري آر-ايچ اجواڻي ٿيو . هن جماعت جي پهرين گڏجاڻي آڪٽوبر ۱۹۱۹ع ۾ ٿي .(۱)

هي ڪو مجلس شاگردن ۾ علمي ادبي ميڙن وسيلي قوميت ۽ وطن دوستيءَ جي جذبن جي اڀار ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي وئي هئي . مجلس جي بعد ڪالج جي شاگردن جڪو ورڊ عمل ڏيکاريو ۱۹۲۰ع واري ڪالج مسلمانن ۽ انهيءَ جماعت تي پرپور هٿيار تنقيد ڪئي وئي . ۽ اها تجويز ڏني وئي ته هن مجلس جي ميمبر شپ محدود ڪئي وڃي . ۽ سڌس نالو بدلائي " انڊين لٽريري سوسائٽي " رکيو وڃي . ۽ هن جو محرڪ مقصد

---

(1) See, "Sind Gazette", Karachi dt: 29-7-1920, P, 5

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 492

سنڌي شاعريءَ جي اوسر ۽ ترقي لاءِ جدجهد ڪرڻ ۽ ٻڌائين محدود ڪيو وڃي ۰(۱)

(ب) "انجمن روح ادب" :-

هن انجمن جو قيام ۱۹۲۰ع ۾ عمل ۾ آندو ويو ۰ ۽ محض انهيءَ مقصد لاءِ ٺاهي وئي ته جيئن سنڌ جي شاعرن جو هڪ هياري ۽ مستند تذڪرو لکي تيار ڪجي ۰ چوٿ خاص ڪري سنڌي پوليءَ جو شاعر پنهنجي زندگي ۽ زبان ۽ ادب جي خدمت لاءِ جيڪي ڪري ٿو انهي ۽ محفوظ نه ٿو ڪيو وڃي ۰ شاعر جي وفات سبب نه فقط سنڌ ۾ طبعي موت ٿئي ٿو، پر هڪ اديب ۽ شاعر جي حيثيت ۾ به ضايع ٿيو وڃي ۰ حقيقت ۾ هن انجمن جو هنوڌر ۽ روح روان شيخ عبد الله "عبد" هو ۰ تن ڏينهن لاڙڪاڻي واسي " خادم " صاحب به هڪ هراڇي آهل هو، هي جماعت پنهنجي شاعرن ۽ علم ادب جي هڏ ڏوکي قلم ڏيڻ جي ڪوشش جو نتيجو هئي ۰

هن انجمن جو سيڪريٽري عبدالله "عبد" هو ۰ سندس پڙهڻ انجمن جي مقصدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ وڏڪ طريقو ٺاهي وئي ۰ جنهن ۾ سنڌ جي هر هڪ مکيه شهر مان هي ميمبر ڪنيا ويا ۰(۲)

---

(۱) See, "Sind Gazette", Karachi, dt. 15.10.1920, P, 5

(۲) عبد الله "عبد" : ميان غلام احمد نظامي ۰" مقالو، ڏسو، ماهوار "علمي دنيا ۰" ماهه سيپٽمبر، ۱۹۳۰ع، ڪراچي ۰ جلد ۱ ۰ نمبر ۹ ۰ ص ۳۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 493

حاجي محمود " خادم "	لاڑڪاڻو
غلام احمد " نظامي "	ڪراچي
علي نواز " نياز "	لاڑڪاڻو
احمد بخش " واصف "	حيدرآباد
عبدالله " عبد "	ڪراچي
عبد الرزاق " رفعت "	خيرپور

هن انجمن طرفان هڪ مراسلو ڇپائي ويو ، جيڪي وڏي تعداد ۾ سڄي ڏَسنڌ ۾ موڪليا ويا • انجمن جي مکيه عهديدارن کي موٽ ۾ تمام گهڻو هلوماتي مواد هٿ لڳي ويو • ليڪن عجيب اتفاق آهي ته انجمن طرفان اشاعت جي سلسلي ۾ هو به عملي قدم نه کڻيو ويو ، ۽ اهو مواد " سنڌ جي ادبي تاريخ " جي مولف محمد صديق ميمڻ ادبي تاريخ لکڻ کان اڳ انجمن جي عهديدارن کان ڏسڻ لاءِ ورتو ، ۽ پوءِ ويو واپس نه ڪيو (۱)

(ب) "بزم ادب" :-

"بزم ادب" يا " سنڌي ادب بزم " سنه ۱۹۲۳ع ۾ مرحوم غلام احمد صاحب نظامي ڏَ جي هوشن سان شڪارپوري محلي ڪراچي ڏَ ۾ قائم ٿي •هن بزم جا بهه باني شاعر هئا :

---

(۱) ايازقادري : " مٺي ڏَلڏومان ، " ڪراچي ، ۱۹۷۲ع ص ۴۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 494

(۱) اوستہ محمد رمضان اولادي

(۲) اوستہ سليمان چنتن ۔

(۳) عبدالحليم "عاجز"

(۴) باڈشر محمد صديق "خاڪي"

(۵) اوستہ حاجي

(۶) حاجي محمد رمضان "مشفق"

(۷) عبدالرزاق سليمان

(۸) عبدالرحيم "مسڪين"

(۹) حبيب الله "نشي"

هن بزم طرفان هر پندرهين ڏينهن مشاعرا ٿيندا هئا، جن ۾ مٿي ذڪر شاعرن کانسوا، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، شيخ عبد الله "عبد"، نور محمد "ناڻو"، هارون "امير" ۽ علي محمد "مسڪين" وغيره اڃي شرڪت ڪندا هئا ۔

بزم جي گڏجاڻين ۾ شعر کوڻي کانسوا، مختلف موضوعن تي تقريرون ٿيندیون هيون، مقالا پڙهيا ويندا هئا، مزاحيه فيچر يا نندا ۽ راما پيش ڪيا ويندا هئا ۔

۱۹۴۶ع ۾ هن بزم جي گڏجاڻين جو روداد هيٺ ڏجي ٿو:

هن ريت آهن :

LIBRARY
INSTITUTE OF SINDOLOGY
UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SIND)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 495

(الف) مقررون :-

تاریخ	موضوع	مقرر جو نالو
۱۹-۱۰-۱۹۴۶ع	"ادب"	حبیب الله "نحوي"
۱۹-۱۰-۱۹۴۶ع	"عقیده"	شیر محمد ۰
۲-۱۱-۱۹۴۶ع	"سیاست"	محمد حسین "شیرو"
۳-۱۲-۱۹۴۶ع	"نماز"	محمد قاسم
۳-۱۲-۱۹۴۶ع	"ارادي جي مضبوطي"	عبدالحمید ولد مولي عبدالرحیم
۳-۱۲-۱۹۴۶ع	"نساد کي سڌارو"	گل محمد عبداللطیف سمجهن "سنڌ جو شاندار مستقبل"
۴-۱-۱۹۴۷ع		عبدالکریم میمن
۱۸-۱-۱۹۴۷ع	"نماز"	اساتذه صاحبان
۱۲-۲-۱۹۴۷ع	"تشنل گارڈ"	حبیب الله نحوي

(ب) شاعـــــري :-

تاریخ مشاعره	طلاء پڑهندڙ
۱۹-۱۰-۱۹۴۶ع	شیر محمد ، عبدالکریم ، محمد بخش ۰
۲-۱۱-۱۹۴۶ع	محمد حسین شیرو ، عبدالکریم غني نظامي

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 496

تاريخ مشاعره	ڳالهه پڙهندڙ
۳-۱۲-۱۹۴۶ع	محمد اسحاق، احمد عيسيٰ ، غني نظامي ۽ محمد بخش بلوچ .
۲۱-۱۲-۱۹۴۶ع	عبدالڪريم، محمد اسحاق، محمد عيسيٰ .
۴-۱-۱۹۴۷ع	محمد حسين ۽ غني نظامي .
۱۸-۱-۱۹۴۷ع	محمد اسحاق، جمع خان يعقوب ، محمد حسين ، اوستہ حاجي ، عيسيٰ ۽ اسحاق مجنون .
۱۵-۲-۱۹۴۷ع	جمع خان ، اوستہ حاجي ۽ اسحاق پير محمد .
۲۲-۳-۱۹۴۷ع	گل محمد ۽ اوستہ حاجي .
۱۲-۴-۱۹۴۷ع	محمد اسحاق، جمن هالو ، محمد حسين شيرو .
۳-۵-۱۹۴۷ع	محمد اسحاق، عبدالڪريم ، الله بخش عقيلي ، علي محمد خالدي ، جمن هالو ۽ جمع خان .
۱۴-۴-۱۹۴۷ع	نظامي ، اوستہ حاجي ، محمد اسحاق ۽ جمع خان .

(ب) مختلف ڪاوڙين جون صدارتون ۽ تلاوت ڪندڙ :

تاريخ	تلاوت ڪندڙ	صدارت ڪندڙ جو نالو .
۱۹-۱۰-۱۹۴۶ع	عبدالمجيد	احمد حسين ٽيجاڻي
۲-۱۱-۱۹۴۶ع	حافظ احمد	غلام احمد نظامي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 497

تاريخ	تلاوت ڪندڙ	صدارت ڪرڻ جو نالو
----	------	----------
۱۸-۱-۱۹۴۷ع	مسٽر خان	اوستہ حاجي
۲۲-۳-۱۹۴۷ع	مسٽر خان	محمد هاشم
۱۲-۴-۱۹۴۷ع	عبدالحميد	غلام احمد ٽيجاڻي
۳-۵-۱۹۴۷ع	وجوهر الدين	غلام احمد نظامي .

(ب) "بي-جي-سنڌ ڪالج لٽريري اسٽڊي سوسائٽي".

هن ئي مقالي ۾ اسان نوسي ڪ واري باب ۾ بي-جي-سنڌ ڪالج واري ڪ اسان منڊلي ڪ جو ذڪر ڪيو ويو آهي . جڏهن سنڌ جي پهرين سنڌي اسان منڊلي هئي . هن ئي ڪالج ۾ "لٽريري اسٽڊي سوسائٽي" به قائم ڪئي وئي هئي . جنهن جي ڪاروائي جا تفصيل پهريون دفعو ۱۹۰۹ع واري ٽن ڏينهن جي اخبار ۾ نظر اچن ٿا .

هن سوسائٽي ڪ جون هفتيوار گڏجاڻيون ٿيندا رهيون . جنهن ۾ اڪثر ڪري مختلف موضوعن تي تقريرون ڪيون ويندا رهيون . مقررين ۾ يورپي ٿوڻي ڏيڻي ماڻهن جا نالا ملن ٿا . جن ۾ ويب ۽ ٿي-ايل واسواڻي . پروفيسر ايس-سي شاهاڻي . پي-ايل واسواڻي . پروفيسر هوتچند مولچند گربخشاڻي . نارائڻ رام ورها وغيره قابل ذڪر آهن .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 498

(ت) "سنڌو ساهت حلب" :-

ٽين جون ۱۹۴۴ع تي شام جو شرناڪتي هال ڪراچي ۾ هڪ ڪڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ ڊيارام وسنمل ميرچنداڻي، سويراج نرملداس فاني، منهوردا س هوڙيمل، آسانند مامتورا، جيٺمل پرسرام ۽ شاگرد ليکڪن : ٻڌاڻي امر، پريم جوتسنگهاڻي، ڀڳوان ٻڌاڻي وغيره شرڪت ڪئي. ڪڏجاڻيءَ جي صدارت منوهرداس هوڙيمل ڪئي. انهي ڪڏجاڻيءَ ۾ هڪ ٺهراءُ وسيلي "سنڌو ساهت حلب" جو قيام عمل ۾ آندو ويو. ٽنهن وقت ئي ميمبر سازيءَ جو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ هر هڪ ميمبر کان هڪ روپيو ميمبر شپ فيس ورتي وئي. ڪڏجاڻيءَ ۾ متفقه راءِ سان چندومل لعل جٽسنگهاڻيءَ کي سيڪريٽري چونڊيو ويو.

هن حلب جا اغراض مقاصد هئا ته :

(۱) شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ماهوار عياري سنڌي رسالي "سنڌو" جو علمي ۽ ادبي معاون هجڻ.

(۲) عالمن، اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جا ڏينهن ملهائڻ.

(۳) ادبي موضوعن تي بحث مباحثا ۽ مذاڪرا ڪرائڻ.

هن حلب طرفان پهرين مذاڪرو سترهين جون ۱۹۴۴ع تي، "سنڌي ٻولي" جي خصوصيتن جي موضوع تي ڪرايو ويو، جنهن جو مک مقرر ڊيارام ميرچنداڻي هو.(۱)

---

(۱) بولچند راجپال، : "سنڌو،" شڪارپور، ماهه جون ۱۹۴۴ع، رسالي جي آخر ۾ ڏار بليٽن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 499

(ت) "ترقي پسند مصنفن جي انجمن" :-

اهو ۱۹۳۶ع جو تاريخي سال هو • جڏهن پنڊت نهرو ، ڊاڪٽر عبدالحق آچاريه نريندا ، منشي پريم چند ۽ ڊاڪٽر اختر حسين رائپوري ۽ هڪ ڪڏيل ٻيان ڏنو ته ادب کي زندگي ۽ ڪان ڌار ڪري نه ٿو سگهجي • ادب زندگي ۽ جو عڪس آهي ۽ انهي ۽ کي حقيقتن جي عڪاسي طرح ڪرڻ جي • فن برائي فن جو هن وقت هو به مقصد ۽ مطلب نه رهيو آهي ، ۽ هاڻي فن کي زندگي ۽ جي رهبري ۽ رهنمائي طرح ڪرڻ جي • هي ۽ جڏ ته نئين روشني ۽ جو پيغام هو • هندستان جي نئين نسل هن اعلان جي لفظ لفظ ۾ سنجيدگي ۽ سان غور ڪيو ۽ ۽ "پروگريسو رائيٽرس ايسوسئيشن" جو قيام عمل ۾ آيو • هي جماعت جي پهرين ڪانفرنس ۱۹۳۶ع ۾ لکنو ۾ ٿي ، ۽ هن تحريڪ جي بانين ۾ احمد علي ، ڊاڪٽر اختر حسين ، رشيد آرا ، سيد سجاد ظهير وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن •

هن نئين جماعت اردو ادب ۾ ملڪ راج آنند ، ڪرشن چندر ، علي سردار جعفري ، احتشام حسين ، عصمت چغتائي ، احمد ندي قاسمي ، ابراهيم جليس ، ڪاجره سرور ، فيض احمد فيض ، سعادت منٽو ، ممتاز شيرين ، ۽ حسن عسڪري وغيره کي جنم ڏنو •(۱) سندن لکڻين ۽ تخليقن سڌي ٻولي ۽ علم ادب ادب کي به متاثر ڪيو •

---

(1) S.A.R. Bilgrami: "The Pakistan Year Book & Who's Who 1949" Kitabistan, Karachi 1949, P, 748

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 500

سال ١٩٤٥ع ۾ گوبند مالهي ۽ سوپراج ڪيانچنداڻي جي خوشي سان سنڌ ۾ " ترقي پسند مصنفن جي انجمن " جو بنياد رکيو ويو . هن انجمن حيدراباد جي ڪالیجي استادن ۽ شاگردن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو . ۽ ڪيترائي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جا ليکڪ ۽ شاعر انجمن جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ لڳا .

هن انجمن جون گڏجاڻيون هر جمعي تي ان جي آفيس واقع بندر روڊ تي ٿينديون هيون . هن انجمن جي گڏجاڻين ۾ هڪ ئي وقت تي گوبند مالهي ، سوپراج ڪيانچنداڻي ۽ ڪيرت ٻاباڻي جهڙا مارڪسوادي ، نارايڻ شيام ۽ سندس دوستن جهڙا ڪانگريسي خيالن سان لاڳاپيل شاعر ، اديب ۽ دانشور شرڪت ڪندا هئا ، ۽ انهن ۾ ڪڏهن به نظرياتي اختلاف يا ڪشمڪش پيدا نه ٿيو . هي انجمن ڪالیجي استادن جهڙوڪ ڊاڪٽر سدارنگاڻي ۽ پروفيسر ملڪاڻي ، ڪالیجي شاگردن جهڙوڪ نارايڻ شيام ، شيخ اياز۽ شيخ رازء ۽ مارڪسوادي ليڊرن جهڙوڪ سوپراج ڪيانچنداڻي ۽ گوبند مالهي وغيره جهڙن ڪن ڏڻن تي مشتمل هڪ " نئين مورتي انجمن " هئي ، جنهن ورهاڱي ڪري ٽٽل سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ هي انجمن ٺاهي انهي انجمن جي قيام جو اثر هو جو سنڌي ٻولي ۽ علم ادب ۾ :

(١) شاعري ۾ رومانيت ۽ شعريت کي فرار ۽ تي ترجيح ڏني وئي .

(٢) سياسي ۽ انقلابي جذبات کي جنهن طرح واضح طور پيش ڪيو ويو ، ۽

(٣) شاعري ۾ ابهام ڪان وڌيڪ اشارت تي زور ڏنو ويو .

١٩٤٧ع ۾ هن انجمن طرفان "پرهه ڦٽي " نالي سان نئين ادب تي مشتمل هڪ صحيح ڪتاب شايع ڪيو ويو (١)

---

(١) شيخ عبدالرزاق "راز" : "سنڌي ادب ۾ جديد پسند تحريڪ" مقالو ، نئين زندگي ڪراچي ماهوار ، ١٩٧٠ع ص ٢٧

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 501

گوبند مالهي ، صوبراج گيانچنداڻي ، شيخ اياز ، نارايڻ شيام ، سڳن آهوجا ارجن شاد ، سنتو دربائي ، ۽ نڳهارام ملڪاڻي ، هروبل سدارنگاڻي ۽ ٻي - ڪي جنشاراجائي ڇڏي پنجواڻي ۽ هن انجمن جا سرگرم ڪارڪن ٿي رهيا ۽

(ٽ) "سنڌي ادبي سرڪل" :-

هي سرڪل ٻي - جي سنڌ ڪالج ڪراچي جي اهل ذوق نوجوان شاگردن ۽ استادن جي تعاون سان ۱۹۴۳ع ۾ قائم ٿي ۽ هن سرڪل جي گڏجاڻي ۾ ڇهرين سنڌي ادب جي تاريخ ۾ جديد سنڌي جي ٽئين باب جو اضافو ڪيو ۽ سرڪل جي ميمبرن هڪ منظم ادبي تحريڪ وسيلي جڏ ته پنهنجي ماحول ۾ ماضي جي ڀاڻي ۽ هاڻرتي ڪمزورين سوڙي سامراج جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو ۽

جيئن ته هن سرڪل جو مول مقصد آمرانه ، سرمائيدارن ۽ جاگيردارانه نظام جي خلاف ادبي تحريڪ هلائڻ هو ، ان ڪري شاگردن ، شاگرد پائين ۽ استادن انهي ڪم ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ هي سرڪل جڏ ته سنڌي ادب جو ڇهرين متحده محاذ هو ۽ جديد صحتمند ادب پيدا ڪرڻ جي ڇهرين ڪوشش هئي ۽ هن سرڪل جو ، باقاعده گريبخشائي صدر ، رام پنجواڻي روح روان ۽ بانيء ۽ شيخ عبدالرزاق " راز " سيڪريٽري هو ۽

هي سرڪل ۱۹۴۷ع تائين ڪالج ۾ فعال رهي ۽ هن جي سڀاڻي هيڏ ادبي گڏجاڻين ڪرائين ويندين هيون ۽ جيڏن موقعن تي ٻاهران ٻه ٽي ڪرايا ويندا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 502

هٹا ۰ سرحد طرفان ۱۹۴۵ع ۾ جديد ادب ٿي مشتمل هڪ ڪتاب به شايع ڪرايو ويو ۰(۱)

(ٽ) "سنڌي ادبي سنگت" :-

"سنڌ ۾ ادبي سنگت" ۱۹۴۷ع ۾ قائم ٿي ٿي، جنهنجي پايي وجهندڙ مان گوبند مالهي، احسان بدي، حيرت پاڻاڻي ۽ شيخ ايازجا نالا قابل ذڪر آهن ۰ گوبند مالهي ڪي ان وقت سنگت جو پهرين سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو ۽ سندس سيڪريٽرشپ ۾ اها هڪ مضبوط ٿي سگهي هئي، جو ته سنگت پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان هڪ يا ٻه مهينا اڳ قائم ٿي ٿي هئي ۽ سنگت ٿي پوءِ پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو ۽ گوبند مالهي پارت هليو ويو ۰

سنگت جي آفيس حراچي ۾ شپرس اٽنڊ بايرس جي دفتر ۾ هوندي هئي ۰ سنگت جون علمي ۽ ادبي سرگرميون وقت ۽ حالتن ڪري محض حراچي تائين ئي محدود رهيون ۽ شروع ۾ سنڌ ٻوليءَ سنڌ دوست هندو ادبين جي سنڌ مان لڏ پلاڻ سنگت جي ڪارڪردگي تي ڪي وڏو ڪي حد تائين ڏيڪ متاثر ڪيو ۰

(ٽ) "سنڌي ساهت سڀا" :-

پندرهين ڊسمبر ۱۹۲۹ع ٿي "حراچي وديارٿي سماڳم" جي جيڙهن

---

(۱) شيخ عبدالرزاق "راز"، سنڌي ادب ۾ جدت پسند تحريڪ" نئين زندگي، حراچي ماهه مارچ ۱۹۷۰ع ۾ شايع ٿيل مقالو، ص ۲۲ ڪان ۲۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 503

مسٽر آسانند، جي ماسٽرا، سنڌي ادب سان دلچسپي رکندڙ صاحبن جي ڪانفرنس ٻڌي ۔ جي سنڌ ڪالج ڪراچي ۾ ڪوٺائي ، جنهن ۾ پرنسپال ايس ۔ سي شهاڻي ، پرنسپال جي ۔ اين گوکلي ، پرنسپال اين ۔ اي غلامعلي ، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي ، مسٽر چيٽمل پرسرام ، پروفيسر ايس ۔ اين ٽيرواڻي ۽ مسٽر جي ۔ ايڇ سيد ۽ ٻين ڏاهن شرڪت ڪئي .

"سنڌ ودياڀاڳي سماڳم " جي پريزيڊنٽ پرنسپال جي ۔ اين گوکلي ڪانفرنس جو افتتاح ڪيو . جنهن بحث مباحثي بعد ايسوسيئشن ٺاهي وئي ، جنهن جو نالو " سنڌي ساهت سڀا " (سنڌي لٽريچر ايسوسيئشن) رکيو ويو . ميمبري جو سالياڻو چندو ڇهه روپيا مقرر ڪيو ويو ۽ سڀا جا هيٺيان ستا ۾ مقصد بحال ڪيا ويا :-

(۱) سنڌي ادب جي واڌ ۽ ويڪ لاءِ ڪوشش ڪرڻ .

"سنڌي ساهت سڀا" کي مرڪزي جماعت طرح ڪم آڻڻ ۽ سنڌي دانن ، اهل قلم حاضرات ۽ سنڌي لٽريچر سان دلچسپي رکندڙن کي پاڻ سان شامل ڪرڻ .

(۲) سنڌي ٻوليءَ جي ڪم مرڪزي لائبريري قائم ڪرڻ .

(۳) سنڌيءَ ۾ ڇپايل ڪتابن جي درست ببليوگرافي (ياداشت) تيار ڪرڻ

(۴) سنڌي ٻوليءَ ۾ هٿ سان لکيل (قلمي) ڪتاب ، جي موجود هجن سي گڏ ڪرڻ ۽ ڇپائڻ .

(۵) نوان سنڌي ڪتاب شايع ڪرائڻ .

(۶) سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب جي تاريخ مرتب ڪرائڻ .

(۷) اعليٰ درجي جي مضمونن واري مخزن جاري ڪرڻ .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 504

تنهن گڏجاڻي ۾ هيٺين ريت " سنڌي ساهت سڀا " جي پهرين عهديدارن جو انتخاب ڪيو ويو .

(۱)	پرنسپال ايس-سي شهاڻي	پريزيڊنٽ
(۲)	ڊاڪٽر هوتچند ايم-گربخشاڻي	وائيس پريزيڊنٽ
(۳)	ڊائود پوٽو	وائيس پريزيڊنٽ
(۴)	لعلچند امرڏنومل	جائنٽ سيڪريٽري
(۵)	مسٽر عبدالحق	جائنٽ سيڪريٽري
(۶)	آسانند ماسترا	خزانچي .

ازنسواءَ عهديدارن کي چڊي ڏني باقي تنهن وقت هن سڀا جا ميمبر ٿيا ، تن ۾ پرنسپال ايم-اي ظاهري ، محمد صديق ميمڻ ، جيٺمل پرسرام ، جي-ايم سيد ، نادر بيگ مرزا ، امداد علي قاضي ، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ، روچيرام سڌاڻي ، پروفيسر شيوارام ڪيرواڻي ، ٽي-ايم آڏواڻي ۽ منڪهارام اڌ ارام ملڪاڻي جا نالا قابل ذڪر آهن . (۱)

هي سڀا ڪٿوڏي غير مسلم سنڌين جي هڪ نمائنده جماعت ٿي رهي . ڊاڪٽر ڊائود پوٽو جڏهن پنهنجي ڊائريڪٽري واري زماني ۾ سنڌي ڪتابن جي ڇپائي وقت اهڙابن ۽ ماڻرائن ۽ شبديلين آندين تڏهن پٽ مسلمان اديبن ، دانشورن ۽ عالمن جي اڪثريت عملي طور تي هن سڀا کان ڌار ٿي وئي .

---

(۱) ڏسو " اخبار تعليم " ، نمبر ۱۱ ، جلد ۲۹ ، ماهه فبروري ۱۹۳۰ع ص ۵-۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 505

(ڏ) "سنڌي ستار سوسائٽي"

ويهين صديءَ جي تيئن ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي گالهائيندڙ هندو

۽ مسلمان، جن لکن جي آبادي ۾ ٿي لڪ ڪن هئا، پر تڏهن به سنڌي ٻولي

لاءِ هو خاص همدرديءَ ۾ رهيو هو. هر طرف ماڻي ماڻ هئي. تن ڏينهن ڪراچي

مان سنڌي اخبارن به چڪيون نڪرنديون هيون. "الوحيد"، "هندو"، "سنسار سماچار"

"هندو جاتي" اهي چاريئي برڪ روزانيون اخبارون هيون، پر ادبي چمچنو الوحيد

کان سواءِ ٻين اخبارن ۾ گهٽ هوندو هو.

ٻئي طرف تنهن زماني ۾ اردو وارن جو تعداد تمام ٿورو هو، تڏهن به

انهن ۾ پنهنجي ٻولي ۽ لاءِ چڪي سڃاڻي هئي. انهن جي هڪ پاسي "انجمن

ترقي اردو" جي نالي سان وڏي لئبريري هئي ته ٻئي پاسي اهي مشاعرا ۽ جلسا ٿيندا هئا.

اتفاقاً لاڙڪاڻي جو مشهور شاعر حاجي محمود "خادم" تن ڏينهن ۾ بدلي

ٿي ڪراچي آيو. سو "نظامي" صاحب، "خادم" صاحب ۽ عبدالله "عبد" حڪيم فتح محمد

سيوهاڻي سان ملاقات ڪري سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي دنيا ۾ هلچل پيدا ڪرڻ لاءِ

سٽون سنيون. سستي ۾ [illegible] ۽ ٻاڻي سنڌي ٻولي ۽ جي دانشورن

شاعرن، عالمن ۽ ادبين جي گڏجاڻي سڏائي وئي. انهي ۽ ميٽنگ ۾ اٽڪل ويهه پنجويهه

ادبي ذوق وارا هندو ۽ مسلمان شريڪ ٿيا، جن ۾ مولوي دين محمد وفائي، گوپي رام

ريگاڻي، ڪشنچند ناگراڻي، لعلچند امر ڈنومل، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، "نظامي"،

عبدالله "عبد" ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جا نالا قابل ذڪر آهن.

انهي ۽ ميٽنگ ۾ "سنڌي سڌار سوسائٽي ۽" جي نالي سان

سوسائٽي قائم ڪئي وئي، جنهن جو صدر حڪيم فتح محمد سيوهاڻي کي چونڊيو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 506

ويو. سڀريٽي رامريڪائي مقرر ٿيو ۽ مشاعرو سڀريٽي عبدالله "عبد" ٻڌايو ويو (۱)

هن سوسائٽيءَ جي سڀاءِ هيٺ چاروڏا مشاعرا ٿيڻا هيا.

پهريون مشاعرو :- حيدرآباد اڪيڊميءَ جي هال ۾ ٿيو ۽ صدارت سيٺ غلام علي چاڪلا ڪئي.

ٻيو مشاعرو :- ٻي جي خالق جي هال ۾ ٿيو ۽ صدارت ميرايوب خان ڪئي.

ٽيون مشاعرو :- خالقداد هال ۾ ٿيو ۽ صدارت علامہ آءِ. آءِ قاضي ڪئي.

چوٿون مشاعرو :- ٿيو سائيڪل هال ۾ ٿيو ۽ صدارت ڊاڪٽر دائود پوٽو ڪئي.

انهن مشاعرن ۾ مصرع طرح هيٺ ڏنل "عنوان" مقرر ڪيو ويندو هو.

جا سنڌي مشاعرن جي تاريخ ۾ هڪ جدت هئي. سنڌ ۾ انهيءَ قسم جي مشاعرن جي ابتدا "سنڌي سڌار سوسائٽي" ڪئي. مشاعرن جو انتخاب سڀني هندو مسلم اخبارن ۾ پڌرو ٿيندو هو (۲)

سوسائٽي طرفان مشاعرن لاءِ جي عنوان ڏنا ويندا هئا. انهن مان ٽي مثال خاطر هيٺ ڏجن ٿا :

(الف) ۱۹-۱۱-۱۹۳۳ع جي سڌايل پهرين مشاعري لاءِ : "قادر جي قدرت"

(ب) ۲۱-۴-۱۹۳۴ع جي سڌايل مشاعري لاءِ : "مردانگي"

(پ) ۳۰-۴-۱۹۳۴ع جي سڌايل مشاعري لاءِ : "قرباني"

---

(۱) حڪيم فتح محمد سيوهاڻي : "قلندر نامو" قلندر شهباز اڪيڊمي، حيدرآباد، ۱۹۷۲ع، ص ۱۰ (مرحوم عبدالله ٽنبڙ جون يادگيريون)

(۲) ايضاً، ص ۱۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 507

(پ) "ڪلچ لٽريري سوسائٽي" :-

هي سوسائٽي جنوري ۱۹۳۴ع ۾ "بزم ادب" حيدرآباد جي طرحن قائم ڪئي . هن سوسائٽي جي طرفان مارچ ۱۹۳۴ع ۾ مرحوم محمد هاشم مخلص جي ياد گيري جو هڪ طرحي مشاعرو ڪرايو ويو، جنهن جي صدارت حاجي محمود خدمه صاحب ڪئي . هن مشاعري ۾ مقامي شاعرن کانسواءِ باهرين شاعرن به پنهنجو ڪلام لکي موڪليو .

هي سوسائٽي ستٽي ۾ بند ٿي وئي .

(ج) "محفل ادب" :-

هن محفل جو قيام ۱۹۲۶ع ۾ حيدرآباد جي شڪارپوري محلي جي علم دوست نوجوان عمل ۾ آندو . ليڪن جلد ئي هن محفل جون علمي ۽ ادبي سرگرميون ختم ٿي ويون . وري ڪجهه سالن ۾ هن محفل جو نئين سر بنياد وڌو ويو ۽ انهي کان پوءِ هي محفل چڱيءَ طرح فعال رهي . هن محفل جو پهرين صدر آدم حاجي داؤد ٿيو، ۽ سندس پهرين سيڪريٽري ايم-يو فاضلاڻي کي منتخب ڪيو ويو . آخري دور ۾ عبدالڪريم مگسين " محفل جو سيڪريٽري ٿي رهيو .

هن محفل سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب لاءِ ڇڪتو ڪجهه ڪم ڪيو محفل جي گڏجاڻين ۾ شعر و شاعري کان سواءِ تقريرون به ٿيون ويندڙ هيون . محفل جي سرگرم شاعرن ۾ عبدالغني نظامي، محمد حسين شيرو، غلام ڪهڙ خان، محمد اسماعيل

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 508

محمد اسحاق ، حاجي پير محمد ، محمد رمضان ، نور محمد ، غلام محمد ، رمضان عبدالله عبدالرحمان ، محمد ساز ، محمد يعقوب محمد بچل ، غلام محمد عبدالله ، پرسرام ضيا ، محمد جمن هالو ، محمد حسين آتش ، حافظ عبدالله ۽ حبيب الله نشري ۽ ڏا نالا قابل ذکر آهن •

هي محفل ادب جو رکارڊ اڄ ناپيد آهي ، ليکن اتفاق سان سنڌ س پهرين ڇهن مهينن جون گڏجاڻيون ۽ تاريخون وقت ۽ حالتن جي حادثن کان بچي ويون آهن • جن جي آدار تي هن هيٺ محفل جي ڪارگذاريءَ جو اختصار ڏجي ٿو :(۱)

(الف) محفل ادب جي گڏجاڻين جا صدر :

گڏجاڻي پهرين :- محمد صديق حاجي قائم الدين

گڏجاڻي ٻي :- حاجي عبدالمجيد • محمد رمضان حاجي محمد صديق

گڏجاڻي ٽين :- حاجي عبدالحليم •

گڏجاڻي چوٿين :- غلام احمد نظامي •

گڏجاڻي پنجين :- علي محمد آدم •

---

(۱) ايڊيٽوريل : " محفل ادب جي ڇهماهي رپورٽ " (فيبروري ۱۹۳۹ع کان جولاءِ ۱۹۳۹ع ، حيدرآباد ، ۱۹۳۹ع ، ص ۸ - ۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 509

گذجائي ڇهين :- حبيب الله محمد سليمان •

گذجائي ستين :- اوستو حاجي •

گذجائي اٺين :- عبدالرحمان محمد صديق •

گذجائي نائين :- احمد حسين ٽيجائي •

گذجائي ڏهين :- عبدالخالق حاجي محمد صديق •

گذجائي يارهين :- محمد رمضان اولادي •

(ب) محفل ادب جي گذجاٽين جا مقرر ۽ :-

گذجائي نمبر	مقرر جو نالو	تقرير جون موضوع
چوٿين :	(۱) گل محمد عبدالطيف	"خود غرضي"
	(۲) احمد حسين ٽيجائي	"موسيقي ۽ ان جو اثر"
	(۳) عبدالرحمان محمد رمضان	"هٿ ۾ درد آڪائي"
	(۴) الياس عبدالرحمان	"خوف جي پاليسي"
	(۵) محمد رمضان	"روزگار"
	(۶) حبيب الله نحري	"عليم نسوان"
	(۷) غلام احمد نظامي	"آزادي" •
پنجين :	(۱) محمد حسين شيرو	"حياتي"
	(۲) غلام احمد نظامي	"سنڌي شاعري"

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 510

	(۳) اسماعيل نبي بخش	"ورزش"
چهين :-	(۱) محمد حسين شورو	"نورجهان جي سياڻپ"
	(۲) عبدالرحمان محمد رمضان	"هڪ پردرد آکاڻي"
ستين :	(۱) غلام احمد نظامي	"ساوڻ اسلام"
	(۲) اسماعيل نبي بخش	"قرباني"
	(۳) اوستاد عبدالرحمان	"انقلاب"
اٺين :	(۱) محمد رمضان	"خاڪساري"
	(۲) محمد عمر آدم	"صحت"
	(۳) عبدالحق عبدالله	"آزادي"
نائين :	(۱) حبيب الله قمبري	"تعليم نسوان"
	(۲) محمد عمر آدم	"صحت"
	(۳) عبدالحق عبدالله	"آزادي"
	(۴) غلام احمد نظامي	"تصوف"
ڏهين :	(۱) احمد حسين ٽيجاڻي	"پرامو"
	(۲) محمد عمر آدم	"اسان جو محلو"
	(۳) غلام حسين خيساڻي	"آهم"
يارهين :	(۱) محمد رمضان	"علم هيئت"
	(۲) عبدالحق عبدالله	"نوجوان جو فرض"
	(۳) اوستاد عبدالرحمان	"همدردي"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 511

(۴) غلام حسين خميساڻي "قرباني"

(۵) سمون "عشق"

(ج) "مجلس مشاعره" :-

حيدرآباد ضلعي جي ادبي تاريخ مرتب ڪندي، شيخ عبدالله "عبد" جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي ڪڏهن به نظرانداز ڪري نه ٿو سگهجي • سندس ذات ضلعي جي علم ۽ ادب جي هڪ تحريڪ هئي • پاڻ جڏهن اسلاميه اسڪول نوآباد ۾ استاد هو، تڏهن ۾ اهو اسڪول علم ۽ ادب جو هڪ ڪيندرو بڻجي چڪو هو. ۱۹۳۳ع ڌاري سندس هوشيار سان هن ئي اسڪول ۾ "مجلس مشاعره" جو بنياد وڌو ويو. جنهن جي مجلس ۾ انهيءَ مدرسي جا استاد ۽ ڪي ٻيا ادبي ذوق رکندڙ/شامل ٿيندا هئا • انهن مجلس جي هڪ خصوصيت هي هئي ته تنقيد دوران فن ۽ لفت جي ڪتابن، اردو ۽ پارسي جي موجود ديوانن مان سندون ورتيون ويندیون هيون، ۽ محبت ٿوڻي بحث کي نراخدليءَ سان برداشت ڪيو ويندو هو •

هنن مجلسن ۾ مخدوم محمد صالح پٺي، غلام احمد "نظامي" مراد علي "طاهر" لطف الله بدوي، زمان شاهه "ساقي"، مولوي خيرمحمد نظاماڻي، عبدالغفور سيتائي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، حاجي "خادم"، قادربخش "حقير" محمد صديق "مسافر" محمد هاشم "مخلص" محمد هارون، "اسير"، علي محمد "مسڪين"، ۽ نورمحمد نائو" وغيره وقت به وقت شرڪت ڪندا رهندا هئا •

هن اسڪول ۾ نه رڳو هر شام علمي ۽ ادبي گڏجاڻيون ٿيندیون هيون،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 512

هر مهيني ۾ هڪ ٻيرا ڪنهن مهمان اديب يا شاعر جي اعزاز ۾ مشاعرو جي محفل ٻڌندي هئي ۰

هن " مجلس مشاعره " طرفان ٻڌايل ڪجهه مشاعرن جون طرح مصراعون هيٺ ڏجن ٿيون :

تاريخ مشاعره	طرح مصرع
۱۶-۱۲-۱۹۳۳ع	" يا الاهي شل سدائين يار محفل ۾ رهي "
۲۰-۱-۱۹۳۴ع	" زماني سڀ ٻي وفا ٿي ويو ۰"
۴-۲-۱۹۳۴ع	" دامن صبر تار تار نه ڪر "
۴-۳-۱۹۳۴ع	" يا رب ڪنهن جي ديدار دلربا جو "۰

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 513

باب بیو

اشاعتی ادارا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 514

باب پهريون

سنڌي بولي ۽ جا اشاعتي ادارا

تعارف :

بولي ۾ علم ادب جي اوسر ۽ اشاعتي ادارا وڏي اهميت رکن ٿا . جيڏهن ائين چئجي ته اشاعتي ادارا بولي ۽ علم ادب لاءِ هڪ جهڙي حيثيت رکن ٿا ته هو بي وڌاڪ نه ٿيندو . جيئن ته اهي ئي ادارا " علم ۽ " طالب " ۽ " پڙهندڙ " جي وچ ۾ ڪتابن جي وسيلي هڪ لاڪاپو قائم رکن ٿا . اهي ئي ادارا آهن جيڪي ذات ڏيئي ڏنڌار ۽ هاڻي جي وچ ۾ رشتو برقرار رکن ٿا . ادارائي عالم جو سنيهو ، ناڪل جو نياپو ، اديب جي اڻ ٿئ ۽ شاعر جو جذبو ڪتابي صورت ۾ عوام تائين پهچائن ٿا . جيڪڏهن ائين ڪير وچي ته ڪتاب پنهنجي سڀني ۽ علم ۽ عقل ، سچ ۽ حق ، پيار ۽ انس جهڙا موتي ساندي هاڻي جي پيٽ ڀري ٿو ته پوءِ اهو به مڃڻو پوندو ته ڪتابن جو وجود به خود ادارن جو مرهون منت آهي . ان ڪري ادارا قومن جي مزاج ۽ تقدير بدلائڻ ۾ اهم پارٽ ادا ڪن ٿا .

مطالعي هيٺ آيل دور جو جڏهن انسان مطالعو ڪيون ٿا ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته حراڄي ڪ ۽ سنڌي بولي جي اشاعتي ادارن جي قائم ٿيڻ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 515

جا هي اسباب رهيا آهن ۔

(۱) سڌ هسبي :

انگريز جڏهن سنڌ تي قابض ٿيا ته هنن اسان جي هيئت جو رت چوسڻ کان سواءِ هاڻي جي خدوخال ۽ پنهنجي تهذيب جو رنگ ڍرڻ به شروع ڪيو ۔ عيسائيت جي تبليغ کي هڪ ڏني وڏي ان ڪري " چرچ مشن سوسائٽي " آهستي آهستي سڄيءَ سنڌ ۾ جار پکيڙڻ شروع ڪيو ڏنو ۔ انگريزن پنهنجي مذهب جي تبليغ گهٽو اڳي شروع ڪئي هئي. برصغير ۾ انهيءَ جو رد عمل به شروع ٿي ڇڪو هو ۔ خاص ڪري هندن " سناتن ڌرم " ۽ " آريا سماج " ۽ " برهمو سماج " جهڙن هندن ۾ تحريڪون جاري ڪيون هيون ۔ شروعات ۾ سنڌ ۾ بمبئي مان ڪڍيل انهيءَ طرز انگريزن جي مذهبي تبليغ ۾ هندن جي رد عمل جا اثر جلدئي سنڌ ۾ ظاهر ٿيا ۾ هتي " چرچ مشن سوسائٽي ، " " سناتن ڌرم سبها " " آريا سماج " ۽ " برهمو سماج " جهڙين جماعتون قائم ٿي ڇڪيون هيون ۔ هنن جماعتن پنهنجي تحريڪ کي زوروشور سان اشاعتي ادارا به قائم ڪيا ۔ اهي اسان جي اڳيان " سناتن ڌرم سبها ، " ۽ " سنڌ هرسجن لٽريري سوسائٽي " جي صورت ۾ نظر اچن ٿا ۔ مسلمان هنن ، هندو ۽ عيسائين جي مذهبي تبليغ ۽ جاکوڙ تا جوخاموش ٿي مشاهدو نه ڪيو پر ڏسندي ڏسندي " شرقي بڪ ايجنسي " " مشرقي ڪتب خانو " ۽ توڙي ڪتب خانو " وجود ۾ اچي ويا ۔ ويتر " شڌي تحريڪ " وڏي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 516

اهڙن ادارن کي ٿون موڙ ڏئي ڇڏيو •

(۲) سماجي سبب :

انگريزي راڄ جي ابتدا ۾ هندو سماج هڪ هڪ ڏئي پنهن جي ملڪ ۾ معاشي جا مسئلا حل ڪرڻ شروع ڪيا • هنن ذات پات ۾ رنگ نسل جي هوڙيڙ لهڻ کي پاسيرو رکي رکو سنڌي ٻڌجي پنهنجا سماجي مسئلا حل ڪيا • هي ڪوششون شروع کان وٺي آخر تائين قائم رهيون • اهڙن جماعتن ۾ پنهنجي نظرين ۽ اصولن جي تبليغ لاءِ اشاعتي پروگرام جاري ڪيا • "سنڌ سڀا" ۽ "سوشل سروس ليگ" اهڙي ئي پاليسيءَ جي عمل ڪيو •

(۳) سياسي سبب :

مطالعي هيٺ آيل دور جي سياسي حالتن ۾ اهم موڙ ورتا • علامہ جي جذبي سنڌ جي هندو ۽ مسلمان کي ايڪي ليڪ ناره ۾ گڏ ڪري منجهن ابتدائي سياسي شعور پيدا ڪيو • هڪ طرف انگريزن جي "ويڙهاڪو ۽ حڪومت ڪريو" جي پاليسي ۽ ٻئي طرف ملڪ جي مذهبي ۽ اقتصادي حالتن سنڌ جي هندو ۽ مسلمان کي ڌار ڌار ڪ-وٺرايا • جڏهن سنڌي هندو ۽ مسلمان جي ٻن خانن ۾ تقسيم ٿي ويا ته ٻڌ وقت جي اهائي تقاضا هئي ته انهن ٻنهي انتها پسند گروهن جي موجودگيءَ ۽ هڪ ٿون نڪر وجود وٺي • سنڌ هن موڙ ۾ "مارڪسوادي نظري" کي پنهنجو ڪيو • "ويو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 517

ساهتيه منڈل ، " " هندستاني ساهتيه آسٽان " ۽ " نئين دنيا ڪتاب گھر "
انهن سياسي موڙ جو نتيجو هئا .

(۲) معاشي سبب :

انگريز شروعات ۾ سڄ جي "مٿين طبقي" Upper class
جي مٽي ۾ هٽ رکيو . هن طبقي حالتن سان سمجهو ٿو ڏي پنهنجي
"استحصالي حسد " کي جنبش ۾ آندو . هو عقل کي پنهنجو ساٿي جاڻي ،
انگريز سرڪار آڏو ٽوڙ جهجي سلام ڏي خطابن ۽ القابن کانسواءِ جاگيرون
به حاصل ڪري ويو . آهستي آهستي انگريز سڄ جي هن مٿين طبقي جو
رٽ چوسڻ شروع ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي هو ايترو ته هٿگال ٿي ويو جو
" رعايتي جي رسم جيڪا شروعات ۾ هن لاءِ سرڪاري خوشنودي حاصل ڪرڻ جو
اهم ذريعو هئي سا سندس ڪجهه ڪ جو ڪٽ ٻڌجي وئي . هن دور ۾ انگريزن
انهيءَ طبقي تي توجهه ڏيڻ (Lower Class) جو ڏل ڪي
استعمال ڪيو . هنن حالتن "وچئين طبقي (Middle Class) ۽
وچئين طبقي جي سڃ کي پيدا ڪيو . وچئون طبقو پنهنجي وجود کي
برقرار رکڻ لاءِ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ هٽ پير هڻڻ لڳو . علم ادب
جو ميدان انهيءَ جي پر کان خالي نه رهيو . " الائيز استورس " ايل دوارڪادا
اڻڌ برادرس " " پاپولر پبلشنگ ورڪس " ۽ " ايڊيوڪيشنل پبلشنگ هائوس "
اهڙين حالتن جي پيداوار آهن .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 518

(۵) علمي ۽ ادبي سبب :

ڪا بہ قوم ڪنھن بہ دور ۾ پنھنجي ھڏ ڏوکين کان خالي نہ ٿي رھي • جوڪيڙا ھميشہ جھان ۾ رھن ٿا • زندگي ۽ جو ھر ھڏ ڪھبو انھن کان خالي ڏونھي • علم ادب جو ميدان ۾ ھميشہ مانجھي مڙس سان ڀريو پيو ھوندو آھي • سنڌ ۾ وي علم ۽ ادب ۾ پنھنجو مٽ پاڻ آھي • علم دوستي ۽ ادب پروري ۾ سنڌ ۾ سنڌ واسين جي ضمير ۾ شامل آھي • سنڌ صدين کان وٺي علم ۽ ادب جو ڪھواڙو رھيو آھي • ھتي علمي دنيا ۾ ڪڏھن بہ رات نہ آئي آھي ھتان جي علم ادب جو ڏڻن سج ڏڻين روشني آڏندو رھيو آھي • پوا انگريزن جو دور بہ اھڙن مڙس کان ھين خالي ٿي رھي سگھيو • ھي اھڙا انسان بہ پيدا ٿيا جن علم ادب ۾ پوريءَ جي ترقي ۽ اوسر کي پنھنجي زندگي جو اولين فرض ڏي ڄاتو • اھا علم دوستي ۽ ادب پروريءَ جي عادت ھن دور ۾ برقرار رکي وئي • اھڙيءَ روايت وي "سنڌي ساھت سوسائٽي ، " " آڏا ساھتيہ منڊل ، " " سندر ساھتيہ منڊل" ۽ "رتن ساھتيہ منڊل " کي جنم ڏنو •

انھن اھم سببن پڻي وقت بہ وقت اشاعتي ادارن کي جنم ڏنو • ھراڇيءَ جي سورن اشاعتي ادارن پنھنجين مخصوص حالتن ۾ پڻي سنڌي پوري ۽ علم ادب جي خدمت ڪئي • اڄو ٿو ھاڻي چند اشاعتي ادارن جو تعارف اوھان جي خدمت ۾ پيش ڪريون •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 519

(الف) آشا ساهت منڈل :

انگريزي راج ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪا ادب جي واڪ خاص
ڪري غير ملڪ سنڌين جي " مجي مانيءَ لائق وڻندڙ طبقي " جي هٿ ۾ رهي
آهي • هن ساهت منڈل جو باني ديارام سياڻي ٻه حراچيءَ ۾ انشورنس جو
ڪم ڪندو هو، ۱۹۴۱ع ۾ هن صاحب ماهوار " آشا " رسالو جاري ڪيو ۽
"آشا ساهت منڈل " ٻه قائم ڪيائين •

هن منڈل ۱۹۴۷ع تائين پنهنجو اشاعتي پروگرام جاري
رکيو • اداري طرفان برصغير جي مختلف ليکڪن جا شاهڪار سنڌي
ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرايا ويا • منڈل جي مترجمن ۾ ديو سياڻي، نانڪ
هنگورائي ۽ ڪاري هيراجاڻيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن •

هن اداري طرفان شايع ٿيل ڪتابن جو مختصر وچور هيٺ
لڏجي ٿو :

Gul Hayat Institute

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع
	سال ۱۹۴۱ع			
۰۱	بدلو	ڪي - ايڇ - منشي	ڪيرت سياڻي	ناول
۰۲	شاعر	آسانند ماسترا		ناول
۰۳	ٻه پردا	ڏرمداس ۽ ديارام		ڊراما
۰۴	جڙين وارو ۽ ٻين ڪهاڻيون	مرتب: ديو سياڻي		ڪهاڻيون

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سال ۱۹۴۲ع

نمبر	عنوان	لیکھ	مترجمہ	موضوع
۰۱	"اذھار"	چارو چندر	دیوسیائي	ناول
۰۲	"بنگالي ڈھاڻیون"	مرتب: دیوسیائي		ڈھاڻیون
۰۳	"گرھست آشرم"	چندر چٹرجي	ناند ھنگنوائي	ناول
۰۴	"اذورو پریم ہي ہیون آکاڻیون"	مرتب: دیوسیائي		ڈھاڻیون
۰۵	"سدا سھاگن"	شرت چندر	دیوسیائي	ناول
۰۶	"چنگاري"	اپنا	اپنا	ناول

سال ۱۹۴۳ع

۰۱	"پاپي"	شرت چندر	ناند ھنگنوائي	ناول
۰۲	"پرک"	جاینندر چندر	ڈھاي اندیرا ھیراجائي	ناول
۰۳	"آرسي ہي ہیون آکاڻیون"	آسانند ماستوا		ڈھاڻیون
۰۴	"پنچ ڈھاڻیون"	مرتب: بي۔ایل ھنگنوائي		ڈھاڻیون
۰۵	"ڈاسي"	وکٹر ھیوگو	ناند ھنگنوائي	ناول
۰۶	"وصیت"	شرت چندر	دولت ٹھلراماني	ناول

سال ۱۹۴۴ع

۰۱	"واپسي"	نیھار بالا	دیوسیائي	ناول

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 521

۰۲	"مالتي چ ٻين آڪاشون"	مرتب: ديوسياڻي	-	ڪهاڻيون

سال ۱۹۴۵ع

۰۱	"قسمت"	سوچ ڪاري	ديوسياڻي	ناول
۰۲	"ڏڪار"	تارا شنڪر	ايندا	ناول

سال ۱۹۴۶ع

۰۱	"ڪانتا"	گجانند مادگولڪر	ڪاري اندڌيرا هيراڄاڻي	ناول
۰۲	"پرشورام"	هي-ايم-ڪني	نانڪ هنڪوراڻي	ناول
۰۳	"۱۹۴۲ چ ٻين ڪهاڻيون"	مرتب: ديوسياڻي	-	ڪهاڻيون

سال ۱۹۴۷ع:

۰۱	"شارڏا"	راڌا ڪرشن	ڪاري اندڌيرا هيراڄاڻي	ناول
۰۲	"ٻه دليون"	آر-ايس-شرما	ايندا	ناول
۰۳	"چرتر هيڪ (پ-۱)"	شرت چندر	ڪرشن چيٽانند لطواڻي	ناول
۰۴	"چرتر هيڪ (پ-۲)"	ايندا	ديوسياڻي	ناول

مٽيءَ جو ڪتاب:

۰۱	"ڏلواڻي"			

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 522

۰۲ "سماج"

۰۳ "ديوداسي"

۰۴ "چترهار"

۰۵ "جواهر جيوتي"

۰۶ "راج"

۰۷ "هتي"

۰۸ "پريم سنديش"

۰۹ "ديسي"

(ب) ايڈيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني :

هي اشاعتي ادارو ديوان انندرام شڌول کوليو هو • اداري طرفان گهڻو ڪري درسي ڪتاب ئي شايع ڪيندا هئا • پر ان کانسواءِ وقت بہ وقت هيءُ ادارو ٻيا ڪتاب بہ چپرايا ويندا هئا • اداري پنهنجي ئي پرنٽنگ پريس هوندي هئي • هن اداري طرفان شايع ٿيل چند ڪتابن جو وچور ڏجي ٿو :

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجمہ	موضوع	سن
—	—	—	—	—	—
۰۱	"جهان آرا"	عبدالرزاق وڪيل	-	ناول	۱۹۳۰
۰۲	"انگلش سنڌي" "ڪشني"	انندرام شهاڻي		لسانيات	۱۹۳۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 523

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجمہ	موضوع	سن
۰۳	"مهراڻ جا موتي"	آسانند ماسترا	-	شاعري	۱۹۳۰
۰۴	"پهرين انگريزي لاءِ جاگرافي"	نانڪرام مير چنداڻي وغيره		جاگرافي	۱۹۳۰
۰۵	"تارن جو اپهاس"	شامرهاريي	صاحب سنگهه شهاڻي	ناول	۱۹۳۰
۰۶	"سنڌي انگريزي بهشني"	انند رام شهاڻي	-	لسانيات	۱۹۳۳
۰۷	"پهرين انگريزي لاءِ جاگرافي"	جڳت رام ايسرداڻي وغيره		جاگرافي	۱۹۳۴
۰۸	"سرها گل"	باهشر داڻو پوٽو		شاعري	۱۹۳۴
۰۹	"مقدمه لطيفي"	هوتچند گربخشاڻي		سوانح و تنقيد	۱۹۳۶
۱۰	"روح رهاڻ"	اڻا		مضمون	۱۹۳۶
۱۱	"داناڻي جا سبق" (پاڪو پهرين)	قاضي عبدالرزاق		اخلاقيات	۱۹۳۸
۱۲	"خيالي جهلڪا"	سويراج نرولداس		شاعري	۱۹۴۱
۱۳	"سالڪ جو سفر"	جان بنسن	پريداس آڏواڻي	ناول	۱۹۴۵
۱۴	"سچ تان صدقي"	ڪارو ڀنال	لالچند اوڌ نومل	ناول	۱۹۴۷

هيٺ ڄاڻايل ڪتاب به هن اداري شايع ڪرايا هئا :

۰۱	"هيڊ بوڊ آف سنڌي اڀياس"	ايڇ ۰ جي شهاڻي		لسانيات

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 524

۰۲	"مکڙين جي ماڻا"	روچيرام سڌائي -	اخلاقيات
۰۳	"سنڌي نثر جي تاريخ"	ستراماس -	شڪ
۰۴	"ٿون انگي حساب"	جماداس سڌائي -	درسي
۰۵	"انگلش ٽيچر"	انندرام شهاڻي	لسانيات

(۲) این - ایچ - پنجابي انڊ ڪمپني :

جڏهن ڏاريون ڏوڻ حڪمران ٿيندڙ آهن ته محڪوم ڏوڻ انهن جا ظلم ۽ تشدد ڏسي رکو ظاهر نسل ئي پيدا ڪندڙ آهن ، ليڪن سنڌ جي اهڙي ته روايت آهي جو جڏهن به مٿس ڏاريون پير رکيا ته انهيءَ سان گڏ هر نئون نسل جوش ۽ جذبي ، عمل ۽ عقل ۽ بهادريءَ جو مجسمو بڻجي پيدا ٿيو آهي . انگريزي راڄ جو پهرين نسل به ساڳيو ئي خوبين ڪري آيو .

لالچ ، انگريز حاڪمن جي پهرين نسل ۾ هن ڪي قومي جذبو ۽ ادبي خدمت جو جنون ماحول ورڻي ڏنو هو . ڊسمبر ۱۹۱۴ع ۾ هن سڃ ڻ سان گڏجي " سنڌي ساهت سوسائٽي" قائم ڪئي ، جنهن طرفان هر مهيني ڪتابي صورت ۾ رسالا جاري ڪيا ويا. هيءَ سوسائٽي پهرئين حيدرآباد مان رسالا جاري ڪندي هئي ، پندرهن سالن کان پوءِ حراجيءَ جي " این - ایچ پنجابي انڊ ڪمپنيءَ وارن هي اشاعتي سلسلو خريد ڪري حراجي مان جاري ڪيو . هن وقت انهيءَ ڪمپنيءَ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 525

جو مئنيجنگ پروپرائيٽر تاراچند هيرانند هو .

هن اداري طرفان شايع ڪيل ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا :

۱۹۱۴ع:

نمبر	عنوان	ليکڪ	مترجم	موضوع
۰۱	"هرڪي ڪا"	لالچند امرڏنومل		آکاڻي
۰۲	"هيرانجهو"	چيٽل پرسرام		آکاڻي
۰۳	"پريم جو مهاتم"	پيرومل مهرچند آڏواڻي		آکاڻي
۰۴	"مولانا روميء"	لڌارام پريم چند		سوانح
۰۵	"ڀ منڊيون"	بنجم چندر	ديوان هوڻومل	آکاڻي
۰۶	"شيطان جي نانيء"	مرزا قليچ بيگ		آکاڻي
۰۷	"نورجهان"	ديوان بولچند		آکاڻي
۰۸	"صحت سکيا"	ڊاڪٽر هرنامداس هاسومل ٽلوڪچند		صحت
۰۹	"سروجني"	نرمل داس رڻڇوڙ چند		آکاڻي
۱۰	"زيب النساء"	محمد صديق ميمڻ		آکاڻي
۱۱	"سنڌي شعر"	مرزا قليچ بيگ		تنقيد
۱۲	"مهاڀاري لڙائي"	چيٽل پرسرام		سياست
۱۳	"موتين جي ڏهليء"	عمر خيام	مرزا قليچ بيگ	شاعري

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

خوشن وٽي پنهنجي پي ڏاڏي جو ڪلام به گڏ ڪري ڇڏيائين (١)• جيڪڏهن اوڏو داس وشنداس اهڙي تحليف نه ڪري ها ته هوند " رتن جوت " جو هڪ حصو موڪو مرتب ٿي ٿي نه سگهي ها •

ايف-اين خوٽواڻي :-

فادر خوٽواڻي ع جوجنم ١٦ ، آڪٽوبر، ١٩١٢ع ٿي ڪوٽ عظمت ، عليڻي سکرو ٿيو • پاڻ ابتدائي تعليم ڪوٽ پارٽائين ، ان کانپوء "نيو مادل هاءِ اسڪول" حيدرآباد ۾ پڙهيو (٢)•

پاڻ اڙهن سالن جو هوته سندس والد لاڏاڻو ڪري ويو • پي ع جي اکين سنساري گنگا اشنان وارن واڻن کيس هندو ڏرمڪان متنفر ڪري ڇڏيو• ستٽئي ۾ ١٩٢٢ع ۾ پرمانند ميارام سان ڊيٽ ويٽ ٿيس ، جنهن کيس حيدرآباد جي پادري فادر اي فورٽني ايس-جي سان ملايو • آخرڪار انهن جي اثر هيٺ اچي ١٦ ، اپريل ١٩٢٣ع ٿي عيسائي ٿيو (٣)•

---

(١) موتيرام راموائي : " رتن جوت ، " جلد ٻيو ، موتيرام ، ڪراچي ، ١٩٥٨ع ، ص ٤٠١

(٢) فادر خوٽواڻي کان ١١-٢-١٩٧٦ع ٿي انٽرويو ورتو ويو •

(٣) F. N. Kotwani O.F.M: "The way of Divine Grace", Ranchi catholic Press, Ranchi 1944, P. 28

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 591

عيسائي شيءَ ڪانپور ملازمت اختيار ڪيائين • ڪجهه شروع کان وٺي پادري شيءَ جو شوق هو، ۽ آخرڪار محنت ۽ مطالعي جي آڏار تي ۷ مئي ۱۹۴۴ع تي انهي منصب تي رسيو • فادر هوٺواڻي پهرين سنڌي ڪيٿولڪ عيسائي هو جيڪو پادري ٿيو •(۱)

علمي ۽ ادبي خدمتون :-

"جوت" سنڌي صحافت جي تاريخ ۾ هڪ اهم باب جي حيثيت رکي ٿي • هي اخبار اڌ صدي ڪائين سنڌي پوليءَ ۽ علم ادب جي خدمت ڪندي رهي • اخبار جو پهرين ايڊيٽر پرماڻند ميرامل هو، ۽ جنهنجي وفات ڪانپور اهو منصب فادر هوٺواڻي کي مليو • فادر هوٺواڻي "جوت" جي خدمت ٿيءَ ڪائين ان جو ايڊيٽر ٿي رهيو •

بهاري لال چاهڙا :-

بهاري لال هوڏمل چاهڙا جو جنم ۲۲ فيبروري ۱۹۲۳ع تي شڪارپور ۾ ٿيو (۲)• پاڻ آرٽس ۾ سائنس ۾ گريجوئيشن ڪيائين • ورهاڱي کان پوءِ پارٽيشن ڏي ويو، جتي بمبئي ۾ رهي ٿو •

---

(۱) F.N. Kotwani, O.F.M.; "The way of Divine Grace", Ranchi Catholic Press, Ranchi, 1944, P. 28

(۲) See, "Who's who of Indian writers", Sahitya Akademi, New Delhi, 1961 P. 67

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 592

علمي ۽ ادبي خدمتون :-

سنڌي ٻوليءَ علو ادب جي تاريخ ۽ ٻهاڻي لال مترجم ۽ پبلشر جي حيثيت سان هميشه هميشه لاءِ ياد ڪيو ويندو • هن صاحب ورهاڪي کان ڪجهه وقت/ "زندگي پبليڪيشن" جي نالي سان اشاعتي ادارو قائم ڪيو، جنهن طرفان ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا • ٻهاڻي لال جي ترجمو ۽ تصنيف ڪيل ڪتابن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو :

(١) "پرياڻ" (٢) "نيا سنسار"

(٣) "سرلا ۽ ست جامڙا" (٤) "مڪڙ جو ڪڏو"

(٥) "سنڌي ڪهاڻيون" (٦) "سانول"

پيرومل مهر چند آڏواڻي "غريب" :

Gul Hayat Institute

پيرومل مهرچند آڏواڻي، ١٨٧٥ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ ڄائو • سندس وڏا سرڪاري ملازم ٿي گذريا هئا • هن جو ڏاڏو ديوان آتل مل اجوبل مختيارڪاري تان پينشن ٿي لٿو هو، ۽ سندس والد سيٽلمينٽ ڪاتي ۾ هيڊ منشي هو •(١)

---

(١) پيرومل مهر چند آڏواڻي، : "سنڌ جي هندن جي تاريخ ،" (پاڪو پهريون) پيرومل مهر چند ، ڪراچي، ١٩٤٦ع، ص ٦٢

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 593

پيرومل مهرچند ، ١٨٩٥ع ۾ سالٽ ۾ ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي ۽ ١٩٢٢ع ۾ ايڪسائيز انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائير ٿيائين. ست ئي پوءِ ڪيس بي-جي سنڌ ڪالج ڪراچي ۾ سنڌي ۽ جوليڪچرار مقرر ٿيو ويو ، جتي ١٩٢٧ع تائين ڪم ڪندو رهيو (١).

ورهاڪي کان پوءِ پاڻ بمبئي لڏي ويو جتي ١٩٥٠ع ۾ وفات ڪيائين(٢).

علمي ۽ ادبي خدمتون :-

پيرومل مهرچند آڏواڻي آنڪڙين ۾ ڪيترن جيترن انهن چند ادبين مان هڪ آهي ، جن سنڌي ٻوليءَ علم ادب جي بي مثال خدمت ڪئي . سنڌي ٻوليءَ علم ادب جي تاريخ هن عظيم انسان کي ڪڏهن به فراموش ڪري نه ٿي سگهي . پاڻ نه رڳو هڪ چڪيرو شاعر هو ، بلڪ هڪ محقق به پڻ هو . هن تقريبا سنڌي ٻوليءَ علم ادب جي هر هڪ صنف تي ڪجهه نه ڪجهه لکيو آهي . پاڻ "مهراڻ" رسالي جي پهرين دور جي ايڊيٽوريل بورڊ جو هڪ سرگرم رڪن پڻ ٿي رهيو .

---

(١) پيرومل مهرچند آڏواڻي : "سنڌ جي هندن جي تاريخ ." (پاڪو ٻيو) پيرومل مهرچند ، ڪراچي ، ١٩٢٦ع ، ص ٦٢

(٢) جي-ايم سيد : "جنب گذاريم جن سين ،"(جلد ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ ، حيدرآباد ، ١٩ ، ص ٢٣١

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 594

تصنيفات

پيرومل مهر چند آڏواڻي جي ~~تصنيف~~ جو وڃور هيٺ ڏجي ٿو :

(۱) "سنڌ جو سپاهي"
(۲) "جوهر نظم"
(۳) "حرص جو شڪار"
(۴) "موهني ڀائي"
(۵) "عاملن جو احوال"
(۶) "ورهل نعمت"
(۷) "جاسوس"
(۸) "اڻڄاڻ سندريا"
(۹) "ڏورپڪ"
(۱۰) "پڇاڻن جي پيڙهه"
(۱۱) "غريب الدات"
(۱۲) "ڏي وڃ"
(۱۳) "هيري سندي هير"
(۱۴) "شوي خرشڻ لڀا"
(۱۵) "آڏيرو لعل"
(۱۶) "پريم جو معاڻو"
(۱۷) "گهرو خفايت"
(۱۸) "سنڌ جون سوڪڙيون"
(۱۹) "بزازن جا ناٽڪ"
(۲۰) "سر سورٺ"
(۲۱) "سر ڪامرو"
(۲۲) "چونڊ ڪلام"
(۲۳) "وڃن مالا"
(۲۴) "منڊلي جو چوڪيدار"
(۲۵) "هارائيون هوليون"
(۲۶) "ديپ مالا"
(۲۷) "ڀڀي جا سراڏ"
(۲۸) "مجرن جي ميڙ"
(۲۹) "تلسيون ۾ بيڪ"
(۳۰) "نند ڏو سنڌي وياڪرڻ"
(۳۱) "آزادي جي ڪوڏي"
(۳۲) "اعرابن جو مسئلو"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 595

(٣٥) "سنڌي ٻولي جي تاريخ"

(٣٦) "اعرابن بابت مونجهاري جي سمجهائي"

(٣٧) "سنڌ جي هندن جي تاريخ"

(٣٨) "وڏو سنڌي ويا ڪرڻ"

(٣٩) "گلقند"

(٤٠) "مڙس جي مڙسي"

(٤١) "پنڪتي مقدمو"

(٤٢) "هندستان جي تاريخ"

(٤٣) "هيري جون ڪٿيون"

(٤٤) "قديم سنڌ"

(٤٥) "گولن جا گوندڙ"

(٤٦) "سولن جي صاحبي يا راڻن جو راج"

(٤٧) "سنڌي ٻولي"

(٤٨) "طلسم"

(٤٩) "جوهر نشر"

(٥٠) "گوپيچار"

(٥١) "دوارڪا جو درشن"

(٥٢) "گلزار نشر"

(٥٣) "لطيفي سٽر"

(٥٤) اپتما لاڇ ڪل سنڌي ٽوسٽرن جو عشري

(٥٥) هندن جي تواريخ (٥٦) ڀليل سڀا (٥٧) ڪل بابا جا ڪلام (٥٨) موضوع جودڙو

Gul Hayat Institute

شيجو رام شرما :-

مهاراج شيجورام روچيرام شرما جو جنم ١٨٧٣ع ۾ ، ڪراچي ۾ ٿيو . پاڻ مشن اسڪول مان مٽرڪ پاس ڪري ڪراچي جي "آريا سماج اسڪول" ۾ ماسٽر ٿيو . ٿوري عرصي کان "ڇوٽ مشن اسڪول" ۾ وڃي استاد ٿيو . ان کانپوءِ "بمبئي ڪمپني ڪراچي" ۾ ملازم ٿيو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 596

۱۸۹۲ع ۾ جڏهن ڪراچي ۾ پليگ پئي ته ٽيڪچورام شرما لڏي وڃي جهمپير ويٺو، جتي ڪيس سنسڪرت جي اڀياس ڪرڻ جو موقعو مليو. جڏهن پليگ ختم ٿي ته ڪراچي موٽي آيو ۽ اچي " بمبئي بينڪ " ۾ ڪلارڪي ڪيائين. اهڙي ريت هي ۲۵ سال نوڪري ۾ رهيو ۽ پوءِ پينشن ورتائين.(۱)

سندس وفات ۳۰ آڪٽوبر ۱۹۴۷ع ۾ ٿي.

علمي ۽ ادبي خدمتون :

مهاراج ٽيڪچورام شرما ۱۹۰۸ع ۾ " سناتن ڌرم پرچارڪ پستر " جو ايڊيٽر ٿيو. هن پنهنجي ۲۹ سالن جي علمي ۽ ادبي زندگي دوران ڌرم ۽ سنڌي ٻولي جي دل ٿي خدمت ڪئي. هن " سناتن ڌرم " کي زور وٺائڻ لاءِ "سستو سنڌي ساهتيه" ، ٻرپا ڪيو. ۽ ان منصوبي تحت ڏيڍسائي ڪتاب شايع ڪيائين. " سناتن ڌرم سيريا " طرفان شايع ٿيل ڪجهه ڪان ڪڍڻ ڪتاب هن جائي ترجمو ٿيل يا تصنيف ٿيل آهن، جن مان هي قابل ذڪر آهن :

(۱) "شريمد ڀاگوت" (۲) "رامائڻ تلسي ڪرت"

(۲) "مها ڀارت" (۴) "ستي ساوتري"

---

(۱) ڏسو ، "ٽيڪچند، وينسيل بصرمل ۽ برادرس، بمبئي ، سال ۷۲ ـ ۱۹۷۱ع ص ۵۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 597

(۵) "پڪوت گيتا" (۶) "گرن پراڻ"

(۷) "منورما" (۸) "آنند بڻ"

(۹) "هندو ڌرم"

تيرٿ سياڻي :-

سنڌس جنم ۲۶ فيبروري ۱۹۰۶ع ٿي. لاڙڪاڻي ۾ شيو ڏهن پنهن جي تعليم لاڙڪاڻي "هاءِ اسڪول" ۾ "بي-جي سنڌ ڪالج" ڪراچي ۾ ورتي. بي-اي ڪرڻ کانپوءِ "سنڌ پليڊرس امتحان" به ڏنائين.

تيرٿ سياڻي ۱۹۲۷ع کان وٺي ۱۹۳۰ع تائين شاگرد اڳواڻ ٿي رهيو. ڪيس ۱۹۲۷ع ۾ "سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانفرنس" ۾ ۱۹۳۰ع ۾ "آل انڊيا اسٽوڊنٽس ڪانفرنس" جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو ويو. آزادي جي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب ڇهن ڀڳطن ۾ ڪل ٽي سال ۽ ڇهه مهينا جيل ويو. ۱۹۳۳ع ۾ وڪالت شروع ڪئي. ۱۹۴۵ع ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميمبر ٿيو (۱).

علمي ۽ ادبي خدمتون :

تيرٿ سياڻي ورهاڪي تائين سنڌي صحافت ۽ علم ادب جي تعريف

---

(۱) سوالنامو موڪلي معلومات پارت مان ڪهرائي وئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 598

جوکي خدمت ڪئي ، ۱۹۳۴ع ۾ "هندو " جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو. ۱۹۴۵ع ۾ هفتيوار " هندواسي " جو ايڈيٽر ٿيو • انهي عرصي دوران " ميونسپل اسڪول بورڊ" جو ميمبر به ٿي رهيو • سندس ترجمو ۽ تصنيف ڪيل ڪٿائين ۾ ناولن جو وڏو هٿ ڏجي ٿو :

(۱) "اچل پريم" (۲) "ديش پيڪٽ"

(۳) "بدلو" (۴) "سونهري پڇا"

پرمانند ميوارام :-

پرمانند ميوارام جوجنم ۱۸۶۶ع ۾ ، حيدرآباد ۾ ٿيو (۱)• هن چنهنجي تعليم حيدرآباد ، شڪارپور ۽ ڪراچي جي مختلف تعليمي ادارن ۾ ورتي • ۱۸۸۴ع ۾ ڪيس "مارپور سالٽ ورڪس" ۾ ملازمت ملي • هن ڪاتي ۾ ملازمت دوران ڪيس سکيو ۽ ٻه ڏهن ۾ ٽن سالن جي عرصي ڪانپور پرمانند تعليمي ادارن ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي • ۱۸۸۷ع ۾ "ليڪراج ۾ ڪيمچند اسڪول" ۾ ۱۸۸۸ع ۾ "يونين اڪيڈمي" ۾ استاد ٿيو •(۲)

---

(۱) B. Animanauda: "Parmanand Mewaram", Ranchi Catholic Press, Ranchi 1946, P.1

(۲) Ibid. Page 4,

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پرمانند ميوارام جوڏاڏو ديوان موج مل پهرين عامل هو، جنهن دين اسلام قبوليو • هن جي پي ميوارام به بعد ۾ اسلام ۾ ايمان آندو (١) • پرمانند به بابو بٽرجي جي اثر هيٺ اچي پنهنجي اباڻي سڪ ڏانهن جو تنقيدي مطالعو ڪيو، ۽ آخرڪار انهي ڪانپوءِ متنفر ٿي ويو • آخرڪار ٢٧ آڪٽوبر ١٨٩١ع ۾ عيسائي ٿيو، ۽ سندس نالو فيلڪس رکيو ويو •(٢) •

پرمانند عيسائي ٿيڻ کان اڳ "يونين اڪيڊمي" ڇڏي "بشپ هاءِ سورٽ" حيدرآباد ۾ ملازمت ڪئي هئي، جا به پوءِ ڇڏي ١٨٩٢ع ۾ "سينٽ پيٽرڪ اسڪول" ۾ استاد ٿيڻ جتي ١٨٩٧ع تائين رهيو •(٣)

پرمانند ميوارام ٢٩ نومبر ١٩٣٨ع ۾ لاڏاڻو ڪيو (٤)•

---

(١) ڀيرومل مهر چند آڏواڻي: "سنڌ جي هندن جي تاريخ •" (حصو پهرين) ڀيرومل مهر چند، ڪراچي، ١٩٢٦ع ص ٨١ - ٨٢

(٢) B, Animananda: "Parmanand Mavaramu", Ranchi Catholic Press, Ranchi 1944, P, 26

(٣) Ibid, Paze, 26

(٤) Ibid, Paze 58

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 600

علمي ۽ ادبي خدمتون :

پرمانند ميرامر هيترو وقت استاد ٿي رهيو، قدرت کيس سنڌي نثر لکڻ جي ذات ڏني چڏي هئي • هن ۱۸۹۶ع ۾ پندرهروز " جوت " اخبار جاري ڪئي، جنهن جو پاڻ مرڻ کانئي ايڊيٽر ٿي رهيو • سندس تصانيف جو وچور هيٺ ڏجي ٿو :

(۱) "سنڌي - انگريزي ڊڪشنري" (۲) "انگريزي - سنڌي ڊڪشنري"

(۳) "گل ڦل" (ٻه ڀاڪا) (۴) "هرست جي پهرئي"

(۵) "دلبهار" (چار حصا) (۶) "يوسف مصري"

(۷) "هيري جي منڊي" (۸) "ڏرم مورتي"

(۹) "مياڻي جي جنگ بيتن سوڏي" (۱۰) "اپائڌار جي هستي"

(۱۱) "لڇڻ وديڪ ڏين لڏو" (۱۲) "آتم امرت"

(۱۳) "لورڻ جي ناري" (۱۴) "سرڌا پائتي"

(۱۵) "هيرو ۽ گلو" (۱۶) "سنڌ باد سيلاني"

جڳت رام ايسرداس شوداساڻي :

جڳت رام ايسرداس شوداساڻي جو جنم ۱۹ ، ڊسمبر ۱۸۷۹ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو (۱) فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ تعليم کاتي ۾ استاد ٿيو •

---

(۱) See, "Who's who of Indian Writers", Sahitiya Akademi New Delhi 1961, P. 331

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 601

پاڻ ڪراچي ۾ حيدرآباد جي مختلف اسڪولن ۾ ماسٽر ٿي رهيو ۽ ورهاڪي بعد پارٽ لڏي ويو ۽

علمي ۽ ادبي خدمتون :

سندس تصانيف جو وچور هيٺ ڏجي ٿو :

(۱) "ادب ۽ مروت" (۲) "ائٽلس جاگرافي سنڌ"

(۳) "علمي صحت شڪيا" (۴) "هندستان جي رنگين تاريخ"

(۵) "ٽي شهزادين" (۶) "ائٽلس جاگرافي ضلع اپر"

(۷) "ائٽلس جاگرافي ضلع ڪراچي" (۸) "اي - وي - پهرين درجي لاءِ جاگرافي جو ڪورس"

(۹) "جاگرافي انگريزي چوٿين درجي لاءِ (۱۰) "ماتا"

جي - ايڻن ناگراڻي :

Gul Hayat Institute

جيٺانند ديوان نارائڻ داس ناگراڻي جو جنم ۱ ، جون ۱۹۰۲ع ٿي شڪارپور ۾ ٿيو ۽ ابتدائي ۽ ثانوي تعليم شڪارپور ۾ ورتائين ۽ پاڻ ڪراچي ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ ورهاڪي بعد پارٽ لڏي ويو ، ۽ اتي اڃا زندهم آهي(۱).

---

(۱) معلومات سوالنامو موڪلي پارٽ مان گهرائي وئي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 602

علمي ۽ ادبي خدمتون :-

جيئانند ناگراڻي " سنڌ سڌار سوسائٽي " حيدرآباد جي باني ڪارڪنن مان هڪ هو . پاڻ هڪ بهترين شاعر ۽ ناٽڪ نويس آهي . شاعريءَ ۾ سندس تخلص " سوالي " آهي . سندس ناٽڪ ورهاڱي کان اڳ وارين اخبارن : " سنسار سماچار " ۽ " هندو سنسار " ۾ شايع ٿيندا هئا . هن جو پهرين ناٽڪ " افسانه الور " ١٩٢٦ع ۾ سنڌ " اسٽوڊنٽس ڪنونشن " جي موقعي تي شڪارپور ۾ اسٽيج تي ڪيو ويو . سندس لکيل ٻارنهن جو ڇپيل ٻڌل آهي :

(١) " ڪامتو ٻئرسٽر "
(٢) " ڪامتو ايڊيٽر "
(٣) " ڪامتو پانيڙ "
(٤) " ڪامتو فلم ڪمپني "
(٥) " ڪامتو باهٽر "
(٦) " افسانه الور "
(٧) " آزاد پارٽ "
(٨) " ڪامتو ڪهوٽ "
(٩) " ڪامتو ايم-ايل-اي "
(١٠) " نسادي ٽوڪتو " (١)

حبيب الله " نحيف " :

حبيب الله " نحيف " ولد محمد سليمان " سوالي " قاضي جو جنم ١٥ مارچ ١٩٠٧ع تي حيدرآباد جي شڪارپوري محلي ۾ ٿيو . پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ

---

(١) معلومات سوالنامو موڪلي پارٽ مان ڪهرائي وئي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

لاءِ "سنڌ مدرسہ" ۾ داخل ٿيو، ۽ ان ۱۹۲۲ع ۾ عليه ڇڏي "عدم تعاون تحريڪ" ۾ حصو ورتائين • تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ "ڪلهيالا هاءِ اسڪول" حيدرآباد ۾ پڙهيو پاڻ ۱۹۲۶ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين •

حبيب الله "نحري" مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ "مرڪنٽائيل ميرائن ڊپارٽمينٽ" ۾ ملازمت ڪئي، جتان ۱۹۲۷ع ۾ استعيفا ڏنائين• هن وقت "ڊان" اخبار جي آفيس ۾ هيڊ ٽائپسٽ آهي •

"نحري" صاحب تحريڪ آزادي ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ هيترو وقت "مسلم نيشنل گارڊ" اڃي قبر جو سالار به ٿي رهيو •

علمي ۽ ادبي خدمتون :

حبيب الله "نحري" حيدرآباد جي آهاڻي شاعر سليمان "سوالي" جو فرزند آهي • ڪيس علم دوستي ۽ ادب پروري جاڳڻ ورثي ۾ مليا آهن • پاڻ نه رڳو هڪ بلند پائيه شاعر آهي، مگر ناٽڪ نويس ۽ افسانه نگار به آهي • ان کان سواءِ هن زندگي جو ڪ٦ حصو هڪ فعال ادبي ڪارڪن جي حيثيت سان گذاريو آهي • پاڻ هيترو وقت "سنڌي بزم ادب" جو جنرل سيڪريٽري، "محفل ادب" جو سيڪريٽري، "جمعيت الشعراء سنڌ" جو جائنٽ سيڪريٽري "بزم نظامي" جو سيڪريٽري ۽ "قلچ لٽريري سوسائٽي" جو ميمبر ٿي رهيو آهي • ان کانسواءِ هي صاحب هفتيوار "وحدت" ۽ ماهوار "سخنور" جو ايڊيٽر به ٿي رهيو • سندس تصانيف مان "پاڪستان" (ناٽڪ) "زود پشيمان" (ناولٽ) ۽ "ماجرا" (ناولٽ) قابل ذڪر آهن •(۱)

---

(۱) معلومات سوالنامي وسيلي ورتي وئي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 604

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي :

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سنہ ١٢٠٠هـ مطابق ١٨٨٢ع ۾ سيوهڻ جي هڪ علمي خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندس والد عالم محي الدين هڪ عالم فاضل ۽ نامياري طبيب هو.(١) پاڻ سيوهڻ جي مولي محمد عمر چنڊ شاهم پنهنجي جي مولانا عطا الله، بوبڪ جي مولانا عبدالروف بختيارپوري ۽ سيتا جي مولانا محمد صديق کان علم جي تحصيل ڪيائين.(٢)

فارغ التحصيل ٿيڻ بعد پنهنجي ڪيڻ ۽ "طب" جو اباڻي ڌنڌو اختيار ڪيائين. ان کان پوءِ نوشهرو فيروز جي مدرسي ۾ فارسي جو استاد مقرر ٿيو. ١٩٠٦ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ پارسي ۽ عربي جو استاد ٿيو. ست ئي سال ڪراچي ۾ جڏهن پليگ پئي ته پاڻ سيوهڻ موٽي آيو. ١٩٠٨ع ڌاري پنهنجي پاڻ عبدالقيوم سان گڏ طبابت جو ڌنڌو شروع ڪيائين. ١٩١٠ع ۾ ڪراچي اچي پنهنجي طب جي ڌنڌي سان لڳو ۽ وفات تائين اتي ئي رهيو. سندس وفات ١٩٤٢ع ۾ ٿي.(٣)

---

(١) جي. ايم. سيد : "جنب گذاريم جن سين." (جلد پهريون) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٧ع، ص ١٧٨

(٢) سيد عبدالمجيد سندي، : "حڪيم فتح محمد سيوهاڻي." مقالو، "نئين زندگي" ماهوار، مارچ ١٩٧٠ع، ص ٢٢

(٣) ڊاڪٽر غلام علي الانا، : "سنڌي نثر جي تاريخ." ادبيات پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٦٦ع، ص ١١٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

علمي ۽ ادبي خدمتو :

حضيفتح محمد سيوهاڻي هڪ زبردست عالم ۽ شاعر هئڻ سان گڏ
هڪ اعليٰ صحافي ۽ سياستدان هو . پاڻ ڪيترو وقت ڪانگريس " خلافت " ۽
"جمعيت العلماء" جهڙين پارٽين سان وابسته رهيو . حضيف صاحب شرڪات ۽ "الجامع"
رسالو ۽ پوءِ "اصلاح" هفتيوار اخبار جاري ڪيائين. کيس شعر و شاعري جو شوق بالپڻي
کان ونئي هوندو هو . شاعري ۾ پهرئين "صفير" ۽ پوءِ "حضيف" جو تخلص اختيار
ڪيائين .

حضيف صاحب جي تصانيف جو وڌيڪ هيٺ ڏجي ٿو :

(١) "ڪمال ۽ زوال" (ترجمو) (٢) "حيات النبي"

(٣) "داستان قوم عرف حليمان" (٤) "فتح محمدي"

(٥) "خدا هڪڙو آهي" (٦) "قرآن پاڪ جي تعليم"

(٧) "تنوير الايمان" (٨) "اخلاق محمدي"

(٩) "احوال لعل شهباز" (١٠) "ميرن جي صاحبي"

(١١) "ابو الفضل ۽ فيضي" (١٢) "آفتاب ادب"

(١٣) "بهار اخلاق" (١٤) "دل ۽ ڪهاڻيون ۽ مناجات"

(١٥) "اسلامي ۽ ديني درسي ڪتاب" .

خانچند درياڻي :-

خانچند شامداس درياڻي جو جنم ٧ ، جنوري ١٨٩٩ع ۾ حيدرآباد ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 606

ٿيو • پاڻ زراعت ۾ ٻڏلر بگڙي وڃڻ بعد، ڪجھ وقت پنھنجو زوجي نارمن سنپالڻ لڳو ۽ سرڪاري نوڪري ڇڏائين • ورھاڱي بعد پارٽ لڏي ويو، جتي ٥ اپريل ١٩٥٢ع تي لاڏاڻو ڪيائين •(١)

علمي ۽ ادبي خدمتو :

خانچند سنڌي ٻولي جي ناٽڪي دنيا جو روح ھئو • ھن جيءُ ئي ڪوشش سان ١٩٢٣ع ۾ "رابندر ناٽ ٽئگور ناٽڪ منڊلي" قائم ٿي، جنھن جو افتتاح خود مھاڪوي ٽئگور ڪيو • خانچند درياڻي ھن منڊلي جي ڪراچي واري شاخ جو منتظم ۽ ھڪ ناٽڪ نويس ھوندو ھو •

سرڪواسي خانچند درياڻي جي لکيل ۽ ترجمو ڪيل ناٽڪن جو وڇوڙ ھن ھيٺ ڏجي ٿو :

(١) "ملڪ جا مدبر"
(٢) "غلط فھمي"
(٣) "عجيب انصاف"
(٤) "ديش صدقي"
(٥) "رتنا"
(٦) "زماني جي لھر"
(٧) "بڪ جو شڪار"
(٨) "زميندار جي ظلم"
(٩) "گلاب جو گل"
(١٠) "سنگ دل سماج"
(١١) "مايا جوانڊ"
(١٢) "موتي جي مڪڙي"
(١٣) "موم جو مينڊرو"
(١٤) "جيڻي ته جڻي"

---

(١) معلومات سوراڻي نالي ڏيڻي پارٽيشن مان گھرائي وئي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ديو سياڻي :-

سنڌ جنم ١٢ ، مارچ ١٩١١ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو • پاڻ لاڙڪاڻي هاءِ اسڪول ۾ ٻي-جي سنڌ ڪاليج ۾ تعليم ورتائين • ١٩٣٢ع ۾ گريجوئيشن ڪري انشورنس جو ڌندو شروع ڪيائين ، ۽ ان سان گڏ سنڌي ٻولي جي خدمت به ڪندو رهيو •(١)

علمي ۽ ادبي خدمتون :-

ديو سياڻي ١٩٤١ع ۾ ڪراچي مان ماهوار "آشا" رسالو جاري ڪيو ، ۽ "آشا ساهت منڈل" برپا ڪري ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيائين • هن ڪراچي ۾ اڪر چونڊ "باري" برپا ڪئي ، جنهنجي سڀاري هيٺ مهيني ۾ هڪ دفعو ڪيترا ادیب اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ انگريزي لفظن جا بدلا سنڌي لفظ گهڙيندا هئا •

ديو سياڻي جي تصنيف ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو وچور هن هيٺ ڏجي ٿو :

(١) "جرتر هيڻ" (٢) "سدا سهاڳ" (٣) "واپس"
(٤) "جوڻن واري ۽ ٻيون ڪهاڻيون" (٥) "چنگاري"
(٦) "نهنجي نوڙني" (٧) "بدلو" (٨) "اڌڪار"
(٩) "مڪتي" (١٠) "قسمت" (١١) "ڏڪار"

---

(١) سوالنامو موڪلي معلومات پارت مان ڪهرائي وئي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 608

ڈاڪٽر هوتچند گربخشاڻي :-

ڈاڪٽر هوتچند گربخشاڻيؒ جو جنم ٨ مارچ ١٨٨٤ع ٿي، حيدرآباد ۾ ٿيو.(١) "اين مارچ احيدميٰ مان شترڊ ڊرڪ ڪان پوءِ ١٩٠٠ع ۾ "بي-جي سنڊ ڪالج" ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان ١٩٠٥ع ۾ بي-اي جو امتحان امتزمان پاس ڪيائين.(٢) پوءِ بمبئي جي "ولسن ڪالج" ۾ داخل ٿيو، جتان ١٩٠٧ع ۾ ايم-اي پاس ڪيائين.(٣) ٽنهن ڪان پوءِ ساڳي ئي ڪالج ۾ انگريزي ۽ فارسي جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو.(٤) ١٩٠٨ع ۾ ڪيس بي-جي ڪالج ۾ ملازمت ملي، ۽ اتي پاڻ فارسيءَ جو پروفيسر ٿيو.(٥) ١٩٢٨ع ۾ لنڊن مان ڈاڪٽريءَ جي ڊگري وٺي آيو، واپسيءَ تي ڪيس ساڳيءَ ڪالج جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو.(٦)

ڈاڪٽر صاحب ١١ نومبر ١٩٤٧ع تي لاڏاڻو ڪيو (٧)

علمي ادبي خدمتون :-

ڈاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي قابل قدر عالم، ۽ اعليٰ درجي جو اديب هو. سندس تصنيفن ۾ تاريخ، مذهب، اخلاق، سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي تاريخ ۽ هميشه قديم نگاهن سان ڏسڻ جو نقطو نظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سندس لکيل ڪتاب هي آهن :

(١) "شاهه جو رسالو" (٣ جلد) (٢) "مقدمه لطيفي"
(٣) "روح رهان" (٤) "نور جهان" (٥) "لنواري جا لعل"

---

(١) ڈاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي نثر جي تاريخ" ادبيات، حيدرآباد، ١٩٦٦ع، ص نمبر ١٢٢
(٢) جي-ايم سيد، "جنب گذاريم جن سين" (جلد ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٧ع، ص ٣٠٢
(٣) ايضاً، ص نمبر ٣٠٢
(٤) ايضاً، ص نمبر ٣٠٢
(٥) ڈاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي نثر جي تاريخ"، "ادبيات حيدرآباد، ١٩٦٦ع، ص نمبر ١٢٢
(٦) L.A.D. D'Souza: "Hotchand Mulchand Gurbuxani" an article, Published in Journal of Sind Historical Society, Karachi, January, 1948, Vol VIII No 3, P. 128,
(٧) جي ايم سيد، "جنب گذاريم جن سين" جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٧ع، ص ٣٠٧

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 609

راڌ پنجواڻي :-

راڌ پرڻاب راڌ پنجواڻي جو جنم ٢٠ ، نومبر ١٩١١ع ۾ ، لاڙڪاڻي ۾ ٿيو.(١) هن جا وڏا اصل ۾ "آهوجا" هٿا ، جيڪي سيٺ پنجڻداس جي نالي پويان "پنجواڻي" سڏجن لڳا ، هن صاحب گريجوئيشن ڪري بي ، جي ڪالج ۾ ١٩٣٣ع استاد ٿي ورهاڪي بعد پارٽيشن ويو ، اتي هاڻ بمبئي ۾ رهي ٿو :

علمي ۽ ادبي خدمتون :-

راڌ پنجواڻي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي ڇگيرڻي خدمت ڪئي ، هن جي ڪوشش سان بي ، جي سنڌ ڪالج ۾ "سنڌي سرڪل" قائم ٿيو ، پاڻ هيٺ ڄاڻايل تصانيف جو مصنف آهي :

(١) "قيدي" (٢) "ادبي فنڪو" (٣) "پورب جوتي"

(٤) "موهل راڻي" (٥) "[illegible]" (٦) "[illegible]"

(٧) "ساڻين جيوت سنگهه" (٨) "شيرين ڪلام" (٩) "اسان جو گهر"

---

(1) See "Who's who of Indian Writers" Sahitya Akademi, New Delhi 1961, Page 247

LIBRARY INSTITUTE OF SINDOLOGY

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 610

روچيرام سڌائي :

روچيرام ڪنڪارام سڌائي جو جنم ١٧ آگسٽ ١٨٩٢ع ۾ ڪراچي ۾ ٿيو ٠(١) ايم-اي تائين تعليم حاصل ڪيائين ٠ فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ استاد ٿيو، اڳتي هلي "اين-جي-وي هاءِ اسڪول" ۾ ماسٽر ٿي رهيو ٠ ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي ويو ٠

علمي ۽ ادبي خدمتون :

روچيرام ڪنڪارام سڌائي ٻوري شاعري سان دلچسپي رکندو هو ، ۽ سندس تخلص "سڌائي" هو ٠ ڀاڱ نثر ۽ ڀاڱ نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيائين ٠ جن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو :

(١) "انسان ۽ انسانيت"
(٢) "عمر ماڻي"
(٣) "ترنگ"
(٤) "والميڪي رامائڻ"
(٥) "درگاوتي"
(٦) "مڪتين مالا"
(٧) "آزاد خيال زالون"
(٨) "علم بدن ۽ علم صحت"
(٩) "مڻ جوانيءَ هٿيو جا آهي"
(١٠) "مانس آهار ڪجي يا نه"
(١١) "من وديا"
(١٢) "ڪوي"
(١٣) "جيسلميراڻي راڻي"

---

(1) See, "Who's who of Indian Writers", Sahitya Akademi, New Delhi, 1961, P. 294

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 611

سائين غني :-

سائين غني جو اصل ۽ ضلع ٻدين جي داناپور ڳوٺ جا رهواسي هيا ۽ مگر سندس والد الحاج مولوي محمد بشير قادري اچي حيدرآباد ۾ رهيو ۽ عبدالغني عرف "سائين غني" جو جنم حيدرآباد ۾ ئي ٿيو ۽

سائين غني ٻالپڻي کان وٺي درويشي خيالن جو هوندو هو ۽ سندس خاندان سنڌ جي مشهور روحاني گهراڻي جي حضرت محمد بقا شاهه قادري رحمت الله عليه جو مريد هو ۽ سائين غني انهي اباڻي مرشد جي بيت ڪري کان پوءِ هند ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي الله لوڪ انسانن جي صحبت ماڻي ۽ آخر ۾ حضرت سيد گل حسن شاهه قلندر پاڻيپٽيءَ جو مريد ٿيو ۽

هن زندگي جو آخرين حصو حيدرآباد ۾ بسر ڪيو، ۽ اٽي ٢١ ربيع الاول ١٣٥٧هه مطابق ٢٢ مئي، ١٩٣٨ع تي وفات ڪيائين ۽(١)

علمي ۽ ادبي خدمتون :

سائين غني بنيادي طور تي هڪ اعلىٰ شاعر هو، پر ان سان گڏ هن ٻين ٻولين ۾ به شاعري ڪئي آهي ۽ جن ۾ سنڌي، پنجابي، ٻاڻا، فارسي ۽ سرائڪي وغيره قابل ذڪر آهن ۽

---

(١) درمحمد پٺاڻ: "سائين غني، سنڌي ٻولي جو گمنام شاعر،" مقالو، "نئين زندگي" حيدرآباد، جولاءِ آگسٽ ١٩٧٥ع، ص ١٥ - ١٧

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 612

سائين غني، سيٺ وشنداس جي صحبت ، سنگت ، شفقت،عنايت مان گهڻو فيض حاصل ڪيو . سيٺ وشنداس هن جا ڪيل ڪتاب "وشن گنج" ۽ "مثنوي عالم نبيؐ" پنهنجي خرچ سان ڇپايا .(١)

سرچند وشنداس سيٺ :-

سيٺ سرچند جو جنم ١٨٧٤ع ۾ مانجهو ڪوٺ ۾ ٿيو . ٻاڻ ١٨٩٢ع ۾ "ايس -جي- پي هاءِ اسڪول" مان مئٽرڪ پاس ڪيائين ، ۽ ان کانپوءِ "بي -جي- سنڊ ڪالج" ۾ داخل ٿيو، جتان ١٨٩٨ع ۾ گريجوئشن ڪيائين .(٢)

ٻاڻ سير سفر جو شوقين هئڻ سبب ملڪ ملڪ ماڻهو هو . ڪيترو وقت "ڪراچي ميونسپالٽي" ۽ "ڪراچي ڪلب" جو ميمبر به رهيو . هن ١٩٣٢ع ۾ وفات ڪئي .(٣)

---

(١) موتيراما ايس راماڻي: " رتن جوت، " (جلد ٻيو) موتيراما ، ڪراچي، ١٩٥٨ع ص ٢٨٣

(٢) ايضاً ص ٦٨٨

(٣) ايضاً ص ٦٩٠

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 613

علمي ۽ ادبي خدمتون :

سيٺ سريچند انگريزي ۽ پارسي ٻولين ۾ خاص دلچسپي وٺندو هو ۰ انهن ٻولين جي ساهت جو چڪو اپياس ڪيو هٿائين ۰ پاڻ هڪ چڱو ليکڪ ۽ شاعر هو ۰ اڪثر ڪري جعفر فدو جي اخبار "نينڊس" ۾ مضمون لکندو هو ۰

سليمان "سوالي" :-

سليمان "سوالي" سال ۱۸۴۴ع ۾ ، ڪراچي جي قديم پاڻي شڪارپوري محلي ۾ڄائو ۰(۱) هو ٻالپڻي ۾ هو تہ سندس والد جي وفات ٿي ، ان ڪري ڇهن اکين ڀينڙ سان ئي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيڻ ۰ جڏهن وقت آخوند حاجي محمد ڪشمش کان قرآن ، عربي ۽ فارسي جي تعليم ورتي روزگار ڪرڻ لڳو ۰

جڏهن وقت کان پوءِ لس ٻيلي هليو ويو ، جتي ڪيس جام غالي خان صاحب والي لس ٻيلي وڪالت جي عهدي تي مقرر ڪيو ۰

سندس وفات ۲۱ ، جون ۱۹۳۴ع ٿي ٿي ۰(۲)

---

(۱) حبيب الله ڪنڀر : " مرحوم سليمان سوالي ، " مقالو ، نئين زندگي ، ڪراچي ، آگسٽ ۱۹۵۵ع ، ص ۱۹

(۲) ايضاً ص ۲۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

علمي ۽ ادبي خدمتون :

سليمان " سوالي ، " ڪراچي ضلعي جي آڪاڻن شاعرن مان هڪ هو ٠ پاڻ ڪيترائي ڪلام ڇڏيو اٿس ، جيڪي وقت جي حالتن جي ڏڪ کان بچي سگهيو آهي. هن جو ڪلام ڪلاسيڪل رنگ ۾ رتل آهي ٠ پاڻ سنڌي ٻوليءَ فارسي ۽ شاعري ڪئي اٿس ٠

شيخ بابو محمد سليمان :

شيخ بابو محمد سليمان جي والد شيخ جان محمد اسلام قبول ڪيو ، ان کي شيخ سڏجڻ لڳا ٠ هن جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو ٠ شيخ بابو محمد سليمان ابتدا ۾ فارسي ۽ عربي تعليم حاصل ڪئي ، "مشن هاءِ اسڪول" ۾ داخل ٿيو ، جتان چار درجا پاس ڪيائين ٠

Gul Hayat Institute

شيخ صاحب ستت ئي پوءِ پوسٽ ڪاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي ، جنهن سانگي کيس ديس پرديس ڏسڻو پيو : جڏهن مسقط ۾ پوسٽ ماسٽر هو تہ اتان نوڪري ڇڏي ايران هليو ويو ، جتي کيس فارسي ۽ انگريزي جو مترجم مقرر ڪيو ويو ٠

شيخ صاحب کي ايران ۾ بہ قرار حاصل نہ ٿيو ، تنهن ڪري وطن واپس اچي خوشيءَ ۾ ريلوي ڪاتي ۾ ملازم ٿيو ، جنهن کان پوءِ کيس ترقي ڏئي هيڊ ملازم ڪري ڪوئٽا موڪليو ويو ٠ ڪوئٽا ۾ ٿوري وقت کان پوءِ هن نوڪري

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

چڏي ڏني ۽ پريس ڪڍيائين • تنهن کان پوءِ سکر لڏي آيو • سندس لاڏاڻو ۸ جون ۱۹۰۸ع ۾ ٿيو •(۱)

علمي ۽ ادبي خدمتون :-

شيخ صاحب پنهنجي سکرواري حياتي ۾ سنڌ واسين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ استعمال ڪئي • هن اتي " بسترڊ بورڊنگ هائوس " " مدرسته الاسلام " ۽ " انجمن اسلام " ناهڻ ۾ قائد اعظم ۽ پرڏور حسو ورتو • ڪوئٽا وارن ڏينهن ۾ اتان " بلوچستان گزيٽ " نالي اخبار جاري ڪيائين • هن صاحب ۱۹۰۰ع ۾ سردار محمد يعقوب جي صلاح تي سکر مان سنڌي ۽ انگريزي "الحق" اخبار جاري ڪئي • سنڌي حصي جي ايڊيٽري پاڻ ڪندو هو، ۽ انگريزي حصي علي محمد بارايٽ هلائيندو هو • انهي اخبار سالن جا سال سنڌ واسهي مسلمانن جي حق جي حفاظت ڪئي، ۽ منجهن بيداري آندي •

Gul Hayat Institute

صوفي دوست محمد :-

صوفي دوست محمد ولد ولي محمد سمون جي ولادت ۱۵ ، اپريل ۱۹۲۲ ع

---

(۱) ڏسو، " الوحيد آزاد نمبر، " ڪراچي ، مورخ ۱۵ جون ۱۹۲۶ع ص ۶۲ ـ ۱۶۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 616

۾ ڪراچي ۾ٿي ۽ درگاهه جهوڪ شريف جي طالب هٿ ڏي " صوفي "۾ مرحوم "سرشار عقيلي" جي شاگردي سبب " سرشاري " سڏائيندو آهي ۽ شاعري ۾ سندس تخلص " ساجد " آهي ۽

پاڻ پرائمري تعليم ملان اسڪول ۾ انگريزي تعليم "ڪراچي اڪيڈمي" ۽ "سنڌ مدرسي" ۾ورتائين ۽ جامدرجا انگريزي پاس ڪري مختلف فرضن ۾ نوڪريون ڪيائين ۽ هن وقت "سنڌ گورنمينٽ پريس" ۾ فرسٽ گريڊ ريڊر آهي ۽

علمي ۽ ادبي خدمتون :

صوفي دوست محمد "ساجد" سرشاري هڪ بلند پايه شاعر آهي، سندس زندگي جو گهڻو حصو علم دوستي ۽ ادب پروري ۾ بسر ٿيو آهي ۽ ۱۹۳۷ع کان وٺي علمي ۽ ادبي جماعتن سان وابسته رهيو آهي ۽ ڪيترن "بزم نظامي" "محراب ادب" "محفل احباب" "روح ادب" ، "سنڌي ادبي سنگت" ۽ "جماعيت الشعراء سنڌ" "بزم شرسار" ۽ "بزم ماما لباالدين" ۾ مدوليل عهدن تي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملیو آهي ۽(۱)

عبد الله عباسي :-

عبد الله عباسي محمد قاسم عباسي جي ولادت ۲۱ جولاءِ ۱۹۰۳ع

---

(۱) معلومات " سوالنامي " ۽ انٽرويو ذريعي ورتي وئي ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 617

ٽي ڪوٽ محبت ديرو جتوئي ، ضلع نواب شاهه ۾ ٿي • ۱۹۲۲ع ۾ ڪراچي آيو ۽ اتي رهڻ لڳو • هن صاحب ۳۸ سال تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪئي ۽ مختلف شعبن ۾ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ٿي رهيو • جنان ۱۹۵۸ع ۾ رٽائر ڪيائين •(۱)

علمي ۽ ادبي خدمتون :

عبد الله عباسي صاحب علم ادب ، صحافت ۽ علمي ميدان ۾ ڪ ڇڪيون ڪوششون ڪيون آهن • هن ۱۹۲۵ع ۾ "گلشن" ماهوار رسالو جاري ڪيو ، ۽ ان کانسواءِ "سنڌ آبزرور" جو ۱۹۳۰ع کان ۱۹۳۲ع تائين اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ "سنڌ شيوڪ" روزانه سنڌي اخبار جو ساڪي عرصي دوران سب ايڊيٽر ٿي رهيو • ڪيس سنڌ سرڪار ڪيترن ئي ڪميٽين ۾ ميمبر ڪري ڪنيو • جن مان "مسلم اسڪولن جي ٽيڪسٽ بوڪ ڪميٽي" ۽ "قبائلي ماڻهن لاءِ تعليمي ترقي ڏيڻ واري" ڪميٽي جا نالا قابل ذڪر آهن •

هن صاحب "مادرن اڪيڊمي" (۱۹۳۰ع) "هوپ فل انگلش اسڪول" (۱۹۳۲ع) ۽ "شائننگ اسٽار اسڪول" (۱۹۶۰ع) جهڙا تعليمي ادارا به پڻ قائم ڪيا • پاڻ هڪ بهترين مضمون نگار آهي ۽ ڪيترائي ننڍا ننڍا ڪتاب اٿس ، جن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو :

---

(۱) معلومات سوانحنامي ذريعي ورتي وئي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 618

(۱) "حضرت محمد صلي الله عليه وسلم"

(۲) "قائد اعظم محمد جناح"

(۳) "رئيس الاحرار مولانا محمد علي"

(۴) "حڪيم الامت علامہ اقبال"

(۵) "شمس العلماء علامہ دائود پوٽو"

(۶) "تاريخ الاسلام"

(۷) "حالات ضلع ٺٽو"

(۸) "حالات صوبہ سنڌ"

(۹) "تاريخ صوبہ سنڌ"

(۱۰) "حالات پاڪستان"

(۱۱) "سنڌي صرف و نحو"

(۱۲) "اردو استاد"

(۱۳) "سرآغا خان"

(۱۴) "محمد ايوب کهڙو"

عبدالله "عبد" :

شيخ عبد الله "عبد" ولد عبدالواسع جوجنم ۱۹۱۰ع ۾ ڪراچي ۾ ٿيو. سندس والد هڪ قابل عالم ۽ ديندار شخص هو، جنهن کان هن سنڌي - اردو، فارسي ۽ عربي جي تعليم حاصل ڪئي. شيخ صاحب پنجاب يونيورسٽي مان فارسي ۾ فاضل

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 619

ادیب ۽ ادیب فاضل جا امتحان پاس کیا • جنھنکان پوءِ "علي گڙھ يونیورسٽي" مان ڪريجوئشن ڪيائين •

شيخ صاحب شروعات ۾ "اسلاميه اسڪول" ڪراچي ۾ استاد مقرر ٿيو • ڪيس ۱۹۴۱ع ۾ ٽريننگ ڪاليج ۾ استاد مقرر ٿيو، جتي هو صاحب ۱۹۵۰ع کان ۱۹۵۵ع تائين ڪاليج جو نائب پرنسپال ٿيو • ان کان پوءِ شيخ صاحب ڪنهي ضلعي ٿنڊي ۾ اسڪولن جو انسپيڪٽر مقرر ٿيو ويو • پاڻ آخر ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي عهدي تان پينشن ورتائين •

عبد الله "عبد" جي وفات ۲۶ ، نومبر ۱۹۷۳ع ٿي ٿي (۱)•

علمي ۽ ادبي خدمتون :

شيخ عبد الله "عبد" سنڌي صحافت ۽ علم ادب جي جوڪي خدمت ڪئي آهي، هو پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل تحريڪ يا ادارو هو • جيڪڏهن ائين چئجي ته هن هڪ مڪتب فڪر يا گروهه کي جنم ڏنو، ته کو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو • شيخ صاحب سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ بهترين شاعر، نقاد ، مضمون نگار ، افسانہ نگار ۽ صحافي جي حيثيت سان ڄاتو ويندو • پاڻ علامہ داؤد پوٽہ جي زماني کان وٺي مرڻ ڪهڙي ٿائين ڪيترن ئي تعليمي ڪميٽين ۽ ادبي تنظيمن سان

---

(۱) معلومات جناب شيخ عبدالحليم "جوش" ولد عبد الله "عبد" کان ورتي وئي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 620

وابسته رهيو • هن صاحب پنهنجي پهرين اسڪول اسلاميه اسڪول ۾ شاگرن جو بنياد وڌو، "انجمن روح ادب" قائم ڪرائي ۽ "سنڌي سڌار سوسائٽي" جي قيام ۾ اهم پارٽ ادا ڪيو • پاڻ ڪيترو وقت حڪيم فتح محمد سيهاڻي جي اخبار "اصلاح" ۾ نائب ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين • هن گهڻ صفتي انسان جون علمي ۽ ادبي ڪاوشون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجڻ لاءِ پڪڙيون پيون آهن •

عبدالرحمان "نسيم"

عبدالرحمان "نسيم" ولد قاضي محمد حيات ابڙو جي ولادت ۱۸ مارچ ۱۹۱۸ع تي جيڪب آباد شهر ۾ ٿي • ڪيس خانداني حالتن سبب پنهنجو اباڻو شهر ڇڏڻو پيو، هو هن وقت ڪراچي ۾ زندگي بسر ڪري رهيو آهي •

عبدالرحمان "نسيم" ۱۹۴۵ع ۾ سنڌي استاد مقرر ٿيو، جتان ۱۹۷۶ع ۾ رٽائير ٿيڻ بعد [illegible] طور ڪم ڪيو • مگر انهي هموليٰ علمي لياقت جي باوجود سنڌي کان سوا اردو، فارسي، بلوچي، سرائڪي ۽ پنجابي ٻولين تي ڪتابي طرح ڄاڻي ٿو •

علمي ۽ ادبي خدمتون :

"نسيم" صاحب کي علمي ۽ ادبي ذوق ورثي ۾ ملي ماحول کان ملیو • ننڍ پڻ کان وٽي موسيقي ۽ ڀرڻن ۾ ڪم ڪرڻ ڏاڍن لاڙو هوندو هيس. پاڻ هڪ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

بلند پائيه جو شاعر ۽ نائڪ نويس آهي ۰ ڪيس ۱۹۳۰ع کان وٺي "سنڌي سڌار سوسائٽي" "بزم ادب،" "بزم خليق" ۽ جميعت الشعراء سنڌ" جهڙن علمي ۽ ادبي جماعتن ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪري جوموقعو پٽي مليو آهي ۰(۱)

علي اصغر جوڪيو :-

علي اصغر ولد ميان جي آدم، جوڪيا قوم جي "بنديچا" وراڻ مان هو ۰ سندس ولادت ۱۳۲۸هـ مطابق ۱۹۰۹ع ڏاڍي الله بندو جوڪيو ڳوٺ ۾ ٿي ۰ هن پنهنجي ڪوڻمان پهرين شادي ڪئي ۰ اتفاق سان سندس گهرواري شادي بعد جوڻين ڏينهن ۾ گذري وئي ۰ انهي سبب صدمي سندس مٽس اهڙو اثر ڪيو جو بيخودي ۽ عجب عالم ۾ شعر جوڙيندو رهيو ۰

سندس وفات ۱۹۴۲ع ۾ ٿي ۰(۲)

---

(۱) معلومات "سوالنامي" ذريعي ورتل ۰

(۲) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ : "هفتا، ڏينهن راتيون ۽ مهينا،" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۱ع، ص ۲۱۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 622

غلام احمد "نظامي" :

غلام احمد "نظامي" جي ولادت ١٥ ، جون ١٨٩٥ع ٿي ڪراچي شهر ۾ ٿي. (١) پاڻ قرآن شريف، هموليٰ فارسي ۽ ٿي درجا اردو تعليم حاصل ڪري وڃي درزي ڪم سان لڳو. ١٩٢٦ع ۾ جهونا مرڪيٽ ۾ "نوري ڪتب خانو" ڪولي ڪتب فروشي جو ڪم شروع ڪيائين. (٢) ١٩٢٨ع ۾ "دره حيدري" نالو رسالو جاري ڪيائين، (٣) ١٩٣١ع ۾ "سفيد قبر" وٽ سيڏي جو دڪان کوليائين. ١٩٣٤ع ۾ نوآباد ۾ اچي پنهنجي مل لڳايائين ۽ ان کانپوءِ سنڌ اسلاميه هوٽل سان وابسته ٿي ويو. (٤) پنهنجي زندگي جي آخرين ڏهاڻن ۾ "وحدت" نالي هڪ سنڌي هفتيوار اخبار پڻ جاري ڪيائين. سندس وفات ٢٣ فيبروري ١٩٥٠ع ٿي ڪراچي ۾ ٿي.

---

(١) مسلم ثانوري : "سنڌ جو نظامي،" مقالو، ماهوار "ڪاوياڻي،" ڪراچي، جون ١٩٣٥ع، ص ٣٠

(٢) ڪريم بخش خالد : "سنڌي جو قومي شاعر نظامي مرحوم،" مقالو "نئين زندگي" ڪراچي، فيبروري، ١٩٦٤ع، ص ١١

(٣) عبد الله عبد : "ميان غلام احمد نظامي،" مقالو، ماهوار "علمي دنيا،" ڪراچي سيپٽمبر، ١٩٣٠ع، ص ٣٨

(٤) ڪريم بخش خالد : "سنڌي جو قومي شاعر نظامي مرحوم،" مقالو ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، فيبروري، ١٩٦٤ع، ص ١٢

Gul Hayat Institute
LIBRARY
INSTITUTE OF SINDOLOGY,
UNIVERSITY OF SIND, HYDERABAD (SINDH).
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 623

علمي ۽ ادبي خدمتون :

غلام احمد "نظامي" هڪ عام مولوي تعليم يافتہ ليکن ٻالپڻ کان وٺي کيس سنڌي ٻولي ۽ علم ادب سان ڇاهم هوس . سندس طبيعت شروع کان وٺي موزون هئي ۽ استاد شاعرن جي ڪلام کي پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ جو خفت هوندو هون . انهي ڪري شعر و شاعري جي سنگلاخ زمين ۾ قدم رکندي نه رڳو کيس ڪا تڪليف محسوس ٿي ليکن ، شروع وقت کان ئي اعليٰ درجي جو شاعر ٿي ٻڌو .

شروعات ۾ "اصغر" تخلص اختيار ڪيائين ۽ پوءِ "خطيبي" تخلص پاڻ لاءِ مناسب ڄاڻائين (١) ڄڻي هن خواجہ حسن نظامي جو مريد ٿيو تہ پوءِ انهي ڪ نسبت سان پنهنجو تخلص بہ "نظامي" رکيائين .(٢)

"نظامي" هڪ فعال اديب هو . پاڻ نہ رڳو "درہ حيدري" رسالو ۽ "وحدت" اخبار جاري ڪيائين ، پر گهڻو وقت "ادب سنڌ" جو بہ ايڊيٽر ٿي رهيو . ان کانسواءِ ڪراچي ۾ "بزم ادب" جو بنياد وڌائين جا بعد ۾ "بزم نظامي" سڏجڻ ۾ آئي . پاڻ "جمعيت الشعراء سنڌ" جو هڪ پر خلوص سرگرم ڪارڪن هو .

---

(١) غلام احمد : " خيال خطيبي عرف قربان جو ڪڇڪول ، " غلام احمد ، ڪراچي ، ١٩٢٦ع ، ص ديباچو

(٢) غلام احمد نظامي : " رياض نظامي ، " غلام احمد نظامي ، ڪراچي ، ١٩٥٠ع ، ديباچو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 624

"نظامي" مرحوم جي تصانيف جو وڇور هيٺ ڏجي ٿو :

(الف) ڇپيل ڪتاب :

---

(١) "اتفاق" (٢) "محرم نامو"

(٣) "حور دمشق" (٤) "خدائي انتقام"

(٥) "مسدس حالي" (منظوم سنڌي ترجمو (٦) "گلشن سنڌ"

(٧) "شريف ماسترياڻي" (٨) "جمال پاشا"

(٩) "گلزار پنجتن" (١٠) "مساوات اسلام"

(١١) "محفل ميلاد" (١٢) "بياض نظامي"

(١٣) "رياض نظامي" (١٤) "خيال خبطي عرف قربن جو ڪجهول"

(١٥) "ترانه پاڪستان"

(ب) اڻ ڇپيل ڪتاب :

---

(١) "جديد شعراء سنڌ" (٢) "خزينه معلومات"

(٣) "سچائي جو سڪ" (٤) "فسانه عبرت"

(٥) "مضامين نظامي" (٦) "سه حرفا نظامي"

(٧) "روح الاسلام" (٨) "فرقه بندي"

(٩) "تجارت" (١٠) "زندهه دلي"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 625

علامعلي الانا :

علامعلي الانا خواجن جي ولهائي آهه سان واسطو رکي ٿو ۰ سندس وڏا لاهوري بندرجا سکيا سٽابا واپاري هٿا ۰ جن جو ڏيهه ٽوٽي ڏيسا ور ۽ واپار هلندو هو ۰ لاهوري بندرجي سٽي وڃڻ بعد اهي پهريون جهرڪن ۽ پڇ ڪراچي لڏي آيا.

علامعلي الانا جو جنم ۲۲ جون ۱۹۰۶ع ٿي ڪراچي ۾ ٿيو ۰

هن پنهنجي تعليم "سنڌ مدرسي" "سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ،" "سنڌ مسلم ڪالج " " بي-جي ڪالج " ۽ " نرگوسن ڪالج ،" پوني ۽ ورتي ۰ وڏي عمر ٿي وڃڻ سبب انٽر کان مٿي پڙهي نه سگهيو ، ۽ پڇ موٽي اچي اباڻي ڏندي سان لڳو ۰

الانا صاحب ۱۹۴۰ع کان ۱۹۵۸ع تائين سياست ۾ حصو ورتو ۽ پوري وقت " مسلم ليگ" سان وابسته رهيو ۰ هن عرصي ڪيس ڏيتراڻي عهدا سنڀالڻا پيا ، جن جو وچور هن ريت آهي :

نمبر	مسلم ليگ جي تنظيم / شاخ	عهدو	ڪڏهن کان
--	---	---	---
۰۱	"ڪراچي مسلم ليگ"	پريزيڈنٽ	۱۹۴۰ع
۰۲	"سنڌ پراونشل مسلم ليگ"	جنرل سيڪريٽري	۱۹۴۸ع
۰۳	"ايضا" (الیکشن ڪميٽي)	سيڪريٽري	۱۹۴۶ع
۰۴	"آل پاڪستان مسلم ليگ"	فنانس سيڪريٽري	۱۹۵۸ع

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 626

٠٥	"آل انڈيا مسلم ليگ ڪائونسل"	ميمبر	١٩٤٦ع
٠٦	"پاڪستان مسلم ليگ ڪائونسل"	ايضا	١٩٤٨ع
٠٧	"سنڌ پراونشل مسلم ليگ" ورڪنگ ڪميٽي	ايضا	١٩٤٤ع
٠٨	"ايضا" (پارليامينٽري بورڊ)	ايضا	١٩٤٤ع

جي الانا صاحب کي هيترو وقت عوامي نمائندگي ڪرڻ جو به موقو مليو • هي صاحب ٢٠ سال "ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن" جو ميمبر ۽ ١٩٤٨ع ۾ ڪراچي شهر جو ميئر ٿيو • ان کانسواءِ ١٩٥٦ع کان ١٩٥٨ع تائين "ويسٽ پاڪستان ليجسليٽو اسيمبلي" جو پڻ ميمبر ٿي رهيو •

جي الانا صاحب پرڏيهه ۾ پاڪستان جي ڪيترن موقعن تي به نمائندگي ڪئي آهي، جيئن :

نمبر	ڪميٽي يا تنظيم جو نالو	حيثيت	ڪڏهن
---	---	---	---
٠١	"انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن، جينوا"	گورننگ باڊي جو ميمبر	١٩٤٨ع کان ١٩٥٧ع
٠٢	"ايضا"	ايشن ايڊوائيزري ڪميٽي	٥٧-١٩٦٠ع
٠٣	"انٽرنيشنل آرگنائيزيشن آف امپلائيرس"	ميمبر صدر	١٩٥٦ع
٠٤	"جنرل اسيمبلي، يونائٽيڊ نيشن"	اقتصادي ڪميٽي جو وائس چيئرمن	١٩٦٠ع
٠٥	"ايضا" (پاڪستاني وفد)	اڪنامڪ ليڊر	١٩٦٢ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۰۶ "انٽرنيشنل اسلامڪ چيمبر آف ڪامرس" صدر ۱۹۴۹ع

۰۷ "ڪميشن آف هيومن رائيٽس" (پاڪستان نيشن) صدر / ميمبر ۷۴-۷۷ع

۰۸ "ايڊهاڪ ورڪنگ گروپ آف چلي" (ايڊيا) چيرمن ۱۹۷۶ع

جي الانا صاحب اٽڪل ۶۰ پر ڏيهي ڪانفرنسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي آهي ۽ هڪ درجن ملڪن ۾ پاڪستان جي غير سرڪاري خير سگالي جي دورن وارن وفدن جي اڳواڻي ڪئي آهي ۰

جي الانا صاحب پاڪستان جي چوٽي جي واپاري ۽ ڪاروباري ماڻهن مان هڪ آهي ۰ هو هن وقت پنهنجي ذاتي واپاري ڪمپني "ڪانسواڊ" "ايسو پاڪستان فرٽلائيز ڪمپني لميٽيڊ" "آلسن انڊرسٽريز لميٽيڊ" "انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان" ۽ "هاسواڻي هوٽلس لميٽيڊ" جو ڊائريڪٽر به پڻ آهي ۰

جي الانا صاحب بين الاقوامي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي ۰ ڪيس "سان فرانسسڪو" "پئرس" "پراگ" "بفيلو" "راڊ" "پيٽرسن" ۽ "جنيوا" جي شهرين طرفان "سونهن جنهن" سان نوازيو ويو آهي ۰

علمي ۽ ادبي خدمتون :

سنڌ واسين جي قابليت ۽ ذهانت جو پتو انهي مان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته جي الانا صاحب بنيادي طور تي فقط انٽر جي ڊگري ورتي ۽ مگر هن انهي ڪاموليٽ تعليمي لياقت جي باوجود غير معمولي علمي ۽ ادبي ڪم ڪيل ۽ پوري دنيا ۾ سنڌ واسين جو نالو روشن ڪيو ۰ ڪيترائي علمي ۽ ادبي ڪارنامن سبب ميڊل ۽ ڊاڪٽري جي اعزازي ڊگري

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 628

ملي چڪي آهي ۽ سندس تصانيف جو وڃور هيٺ ڏجي ٿو :(١)

(1) "Quaid-e-Azam Jinnah:The Story of a Nation"
(2) "Pakistan Movement:Historic Documents"
(3) "Our Freedom Fighters"
(4) "Presenting Pakistani Poetry"
(5) "The silent Voices of Intuition"
(6) "Love Tales of the East"
(7) "Pen-Portraits of Painters"
(8) "Pen-Portraits of Musicians"
(9) "Incense and Echoes"
(10) "Thus spoke Man"
(11) "Reflections on Respect,Reverence and Revolt"
(12) "Some of my yesterdays"
(13) "A Rosary of Islamic Reading"
(14) "The Silent Hour"
(15) "His Highness Aga Khan III"
(16) "The World Within"
(17) "The Pakistan Movement struggle"
(18) "Al-Beruni"

قاضي عبدالرحمان :

قاضي عبدالرحمان محمد صديق اڄڪ جي ولادت ١٨٩٨ع ۾ ، اچي مسجد

حلقي ڪنڊياري ۾ ٿي ۽ ڪجهه ڏينهن مدرسي ۾ اڄ پڙهيو ، جي ترجو واحد عليه

يافتم شخص هو ، ان جي سرڪار ڪيس استان جو قاضي مقرر ڪيو ، ۽ پوءِ ڪيس قاضي

مقرر ڪيو ، ۽ پوءِ هي قاضي سڏجڻ لڳا .(٢)

قاضي عبدالرحمان ابتدائي تعليم درسيلي ، نوشهرو ۾ ورتي ،

جنهن کان پوءِ سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو . جتان ١٩١٢ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين . ان

---

(١) زندگي جو احوال تاريخ سنڌ انٽرڊيوءِ ۾ حاصل ڪيو ويو .
(٢) ڏسو روزنامه هلال پاڪستان ، ڪراچي مورخ ٢٢-٦-١٩٧٥ع ص ٣ ڪ ٦

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 629

کان پوءِ "سنڌ مدرسي" ۾ داخل ٿيو ان کان پوءِ قاضي صاحب "بهاءُ الدين ڪالج" جونا ڪڙهم ۾ وڃي داخل ٿيو جتان ۱۹۲۰ع ۾ گريجوئشن ڪيائين ۰

هن صاحب تحريڪ آزادي ۾ به ڀرپور حصو ورتو ۰ شروعات ۾ ڪانگريس ۾ "خلافت تحريڪ" ۾ حصو ڪيائين ۰ ان بعد "مسلم ليگ" ۾ شرڪت ڪيائين ۰ ۱۹۲۷ع ۾ ڪراچي ميونسپل ڪائونسلر چونڊجي رهيو ۰ سنڌ جي بمبئي کان آزاد ٿيڻ جي تحريڪ هلي ته هن صاحب "سنڌ آزاد ڪانفرنس" ۾ سرگرمي سان شرڪت ڪئي (۱)۰

قاضي صاحب ۱۹۲۸ع ۾ ڪراچي بندرگاهه لوڪل بورڊ جو چيف آفيسر ۽ انجينئر مقرر ٿيو ۰ ۱۹۴۷ع ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ته ڪيس سنڌ جو پهريون ڊائريڪٽر آف انفارميشن اينڊ پبلڪ رليشن آفيسر مقرر ڪيو ويو ۰

سندس وفات ۲۴ ، جون ۱۹۵۸ع ۾ ٿي (۲)

علمي ۽ ادبي خدمتون :

قاضي صاحب کي بچپڻ کان ئي علم ادب ۽ معرفت سان دلچسپي هوندي هئي ۰ سنڌ مدرسه ۾ شاگردي دوران "مدرسه ڊرامينڪل" جو شاگرد ۽ ايڊيٽر ٿي رهيو ۰ تنهن زماني ۾ الحق اخبار ۾ به ڪيو مضمون لکندو هو ۰ ۱۹۲۰ع ۾ ڪيس "الوحيد"

---

(۱) ڏسو "روزانه هلال پاڪستان ڪراچي مورخ ۲۲-۶-۱۹۶۵ع ص ۶

(۲) See, "Who's who Book," 1932, Published by "Daily Gazette, Karachi, 1932, P. 23

(۳) ڊاڪٽر ايم سديد: "ادب گدائيم چون ست" طبع چهارون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۱ ص ۲۶۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 630

جي پهرين ايڊيٽر هئڻ جو شرف حاصل ٿيو. ۽ پاڻ ۱۹۲۸ع تائين هن اخبار سان وابسته رهيو. ڪيس بيباڪ ايڊيٽر جي هارڻ مهينا جيل به ويڪٽو پيو. هن ۱۹۲۴ع ۾ "مسلم ايڈوڪيٽ" اخبار به ڪڍي. ۱۹۲۴ع ۾ جڏهن "سنڌ ايڊيٽرس ايسوسيئيشن" ٺاهي وئي ته هي صاحب ان جو پهرين جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو. ڪيس ٻيو دفعو ۱۹۴۵ع ۾ "الوحيد" جو ايڈيٽر مقرر ٿيو هيو.

قاضي عبدالرزاق :

قاضي عبدالرزاق جي ولادت ۱۸۹۲ع ۾ روهڙي ۾ ٿي. پاڻ ابتدائي تعليم روهڙي ۾ ورتائين، جنهن کان پوءِ خيرپور ميرس مدرسه ۾ سنڌ مدرسه ۾ پڙهيو (۱).

۱۹۱۲ع ۾ سندس ملاقات حضرت مولانا عبيدالله سنڌي سان ٿي، جنهن اٺرهن اڇي ٽنهن سال پير جهنڊي جي مدرسي ۾ انگريزي جو استاد ٿيو (۲). ۱۹۱۶ع ۾ اسڪول بورڊ سکر جي آڇ تي هن سالن لاءِ سکر هائوس ماسٽر ٿيو، جنهن کان پوءِ سنڌ مدرسي ۾ عربي جو استاد مقرر ٿيو. ۱۹۲۹ع کان وٺي ۱۹۳۱ع تائين مدرسي کان ٻاهر رهيو، ۽ ٽنهن دوران صحافتي دنيا ۾ قدم رکيائين. ۱۹۳۰ع ۾ ماهوار "علمي دنيا" ۽ ۱۹۳۵ع ۾ ماهوار "ڪامياب" رسالو ڪڍيائين. ڇهه وقت لاءِ "الوحيد" اخبار ۾ به ڪم ڪري جو موقعو ميسر ٿيس.

---

(۱) ڏسو، سه ماهي مهراڻ، حيدرآباد، ۱۹۶۱ع، نمبر ۲-۳، جلد ۱۰، ص ۲۵۶.

(۲) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: "قرآن مجيد جا سنڌي ترجما"، "مقالو" نئين زندگي، ڪراچي، ماهه جون، ۱۹۶۰ع، ص ۱۱

LIBRARY, INSTITUTE OF SINDOLOGY, UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 631

١٩٣٩ع ۾ وري کيس سنڌ مدرسي ۾ ملازمت ملي وئي ، جتي ١٩٤٨ع تائين عربي جو استاد ٿي رهيو . انهي سال کيس اين -جي -وي هاءِ اسڪول ۾ ماسٽري ملي ، جتي ١٩٥٧ع تائين رهيو .

سندس وفات ١٩٦١ع ۾ ٿي .(١)

علمي ۽ ادبي خدمتون :

قاضي عبدالرزاق نه رڳو هڪ استاد هو ، بلڪ ان سان گڏ هڪ صحافي ، سياستدان ۽ اديب به پڻ هو . سرڪار سندس قدرداني کندي کيس ڪيترين ئي ڪميٽين ٿي هڪڙ جو ميمبر ڪيو . ١٩٤٠ع ۾ کيس "سينٽرل بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر" جو ميمبر ۽ ١٩٤٩ع ۾ "پرائمري اسڪولن جي درسي ڪتابن جي نظر ثاني واري ڪميٽي" جو ميمبر ۽ ١٩٦٠ع ۾ "سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ" جو ميمبر مقرر ڪيو . ويو سندس تصانيف جو وڏو هيڊ ڏجي ٿو :

(١) "موهني" (٢) "ڪولاڊي ۽ مراد" (٣) "دانائي جا سبق"

(٤) "ديني نصاب" (٥) "سيرت عائشه" (٦) "آئينه محبت"

(٧) "محنت جو ڦل" (٨) "فلاح دين دنيا" (٩) "تاريخ القرآن"

(١٠) "مقاصد اسلام" (١١) "علم العربيه" (١٢) "مرقاة العربيه"

---

(١) ڏسو سه ماهي مهران ، حيدرآباد ، ١٩٦١ع نمبر ٢-٣ ، جلد ١٠ ، ص ٢٥٦

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 632

(۱۳) "جواهر القرآن" (۱۴) "نماز" (۱۵) "صحت صفائي"

(۱۶) "اسان جو پيارو نبي" (۱۷) "تفسير فتح الرحمان" (۱۸) "علم القرآن"

(۱۹) "اسلامي تاريخي ڪهاڻيون" (۲۰) "امانت" (۲۱) "پياري نبي جي حڪمت ڀري عليه"

(۲۲) "اسان جي پياري رسول جي علمي زندگي جا مثال"

(۲۳) "مصباح الادب" (اڇپيل) (۲۴) "گلزار سنت"

لعلچند امرڏنومل جڪتياڻي :

لعلچند امرڏنومل جڪتياڻيءَ جو جنم ۲۵ جنوري ۱۸۸۵ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. ڪيس سنڌي عليه گهرڙني وٽي ۾ مٽرڊ هيرانند اڀيڪمي مان ڪيائين. هن ۱۹۰۲ع ۾ مٽرڪ ڪئي. ۾ ٻئي سال ڪالج ۾ داخل ٿيو. پاڻ ۱۹۱۸ع تائين پڙهندو به رهيو ۽ نوڪري به ڪيائين (۱) ڪراچي جي "سنڌ مدرسه" ۾ استاد ۽ ٿهاڻي هاءِ اسڪول ۾ "لوهاڻيه هاءِ اسڪول" جو پرنسپال ٿي رهيو.

لعل چند امرڏنومل سياست ۾ به حصو ورتندو رهيو. ۱۹۲۲ع ۾ ڪانگريس هلچل دوران ڪيس جيل ۾ ويڙهجي پيو. وڃاڪي ڪان پوءِ هندستان لڏي ويو، جتي سندس وفات ۱۸ اپريل ۱۹۵۲ع ٿي ٿي. سندس وصيت موجب سندس سنڪ ۱۲ ڊسمبر ۱۹۵۵ع ٿي سنڌ ۾ موڪليا ويا. جي ۱۸ اپريل ۱۹۵۶ع ٿي سنڌوندي ۾ حيدرآباد جي ڀر ۾ پرواهه ڪيا ويا(۲).

---

(۱) جي ـ ايم سيد : جنب گذاريم جن سين." (جلد ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۷ع ص ۳۶۴

(۲) ايضاً ص ۳۶۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

علمي ۽ ادبي خدمتون :

---- - --- ---- -

لعلچند امرڏنومل انهن ذاتڏين مان هڪ آهي، جنهن کي سنڌ واسي ۽ سنڌي زبان ڪڏهن به وساري نه سگهندا . هن هڪ ماسترجي حيثيت سان ادبي زندگي جو آغاز ڪيو، ۽ چوٿين ۽ جي ليکڪن جي صف ۾ شمار ٿي ڏڏنائين . هو نه رڳو علمدوست هو، مگر وطن پرست به هو . مرڻ کان پوءِ به سنڌو جي پوتر پاڻي کانسواءِ ٻئي هنڌ رک پوڻ نه ڏنائين ۱۰

لعلچند امرڏنومل ۱۹۱۲ع ۾ "ساهت سوسائٽي" ٿاڏڪي، جنهن سالن جا سال سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي خدمت ڪئي . پاڻ ناٽڪي اداڪار، ناٽڪ نهس مضمون نگار ۽ ناول نگار ٿي گذريو آهي . پاڻ "سنڌي ساهت ملاحظه ڪار بورڊ" جو اسسٽنٽ سيڪريٽري ۽ "مهراڻ" رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿي رهيو . هن "سنڌي" نالي اخبار به جاري ڪئي .

سندس تصنيف ڪيل ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا :

(۱) "سدا گلاب"
(۲) "سچ ته ان صدقي"
(۳) "سون ورنيون دليون"
(۴) "ٽلن مڙ"
(۵) "ڪشني جو ڪشٽ"
(۶) "برنو"
(۷) "ڏکن ڏڏي زندگي"
(۸) "حرڪي جا"
(۹) "رام بادشاهه"
(۱۰) "پريم جو پهل"
(۱۱) "لڪ ننڍو جي ڏکوئو"
(۱۲) "ماتمين کي دلداري"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 634

(۱۳) "حضرت محمد رسول الله"
(۱۴) "شهانو شاهه"
(۱۵) "سچل سرمست"
(۱۶) "سندي چمن"
(۱۷) "بيرنگي باغ جو سندي گل"
(۱۸) "مسافري ۽ جو مزو"
(۱۹) "سرڪيڏارو"
(۲۰) "نقد ڏره"
(۲۱) "سيڻ ڪين ويڻ"
(۲۲) "عمر مارئي"
(۲۳) "سهڻي مهار"
(۲۴) "هندستان جي تاريخ"
(۲۵) "ماڻڪ موتي لال"
(۲۶) "نورتي جو خون"
(۲۷) "نندڻي نڻنا"
(۲۸) "لجاوتي"
(۲۹) "هندو تارين سان ويل"
(۳۰) "شاعراڻا گل"
(۳۱) "پنهنجو"
(۳۲) "ملڪدار ڪين ريت آزار"
(۳۳) "هي ، هو ڇا"؟
(۳۴) "شيرٽ رس"
(۳۵) "ميران"
(۳۶) "سرڏهر"
(۳۷) "اندرا ۽ چندرا"
(۳۸) "وچن"
(۳۹) "گانڌي"
(۴۰) "بنستي ديوي"
(۴۱) "سهجان جي سڪ"
(۴۲) "سسئي رل مئي"
(۴۲) "چوٽ جو چنڊ"
(۴۳) "سندي شعر جو رسالو"
(۴۴) "دلورام دشت"
(۴۵) "ڪشتان پٽ ٿي"
(۴۶) "پهه خط"
(۴۷)

(ب) ان جي پيل ڪتاب :

---

(۱) "سندي ٻولي جو نجوڙ"
(۲) "جيل جي ڊائري"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 635

(۳) "نندڙا ناٽڪ" (۴) "شاهه جا حي سر"

(۵) "سامي جا سلوڪ"

محمد جمن هالو :-

محمد جمن ولد احمد هالو جوجنم ۲۲ ، فيبروري ۱۹۱۱ع ۾ ٽي ٿيو • سندس چئي ٿو ته جو نالو محمد حسين رکيو ويو • پر جمع ڏينهن جمن جي مٽ محمد جمن نالو پڌجي ويو •

محمد جمن هالو علم وٺڻ بدران اباڻو ڌندو اختيار ڪيو ۽ نوجواني ۾ ئي رازو سڏجڻ لڳو • ۱۹۲۶ع ۾ ڪراچي لڏي آيو ، جتي محنت ۽ مشقت سان وڏو ٺيڪيدار بڻيو (۱) سندس وفات ۱۹۷۷ع ۾ ٿي •

علمي ۽ ادبي خدمتون :

محمد جمن هالو ڪراچي ۾ اچڻ کان پوءِ شعر و شاعري ڏانهن لاڙو رکيو ۽ جڏهن وقت کان پوءِ نه صرف هن کوشش ۾ ڪامياب ٿيو ، مگر پنهنجو نالو به ڏاڍو رايائين • هو صاحب ۱۹۳۵ع کان ڪراچي ۾ قائم ٿيندڙ هر علمي ۽ ادبي جماعت/جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار ٿي رهيو • هن نه رڳو ڪراچي کان ٻاهر ٿيندڙ هر مشاعري ۾ شرڪت ڪئي ، مگر وقت به وقت پنهنجي جاءِ تي به مشاعرا ڪرايا •

هن وقت تائين " ڪلام هالو فقير " ۽ " سوزعشق " جي نالن سان سندس شاعري جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن •

---

(۱) معلومات خود محمد جمن هالو کان ورتيون ويون •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

منگھارام ملڪاڻي :-

منگھارام اڌارام ملڪاڻي جو جنم ۲۴ ، ڊسمبر ۱۸۹۶ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ ٿيو • پاڻ سنڌي عليم پرائمنسنگ اسڪول حيدرآباد ۾ انگريزي عليم سرڪاري هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ورتائين • هي مئٽرڪ جي امتحان ۾ سڄي سنڌ ۾ چوٽون نمبر ۾ پنهنجي اسڪول ۾ پهرين نمبر آيو • ڪالیجي عليم ڪراچي واري " بي-جي سنڌ ڪالیج " ۾ ورتائين منگھارام ملڪاڻي گريجوئشن ڪرڻ بعد " زوبي ڪالیج پونا " ۾ ڇهن مهينن لاءِ " عملي عليم " ونڊ ويو • ان کان پوءِ پنج سال ڪن پنهنجين ٻنين سنڀاليائين • پرنسپال شعاڻي جي زماني ۾ وڃي " بي-جي سنڌ ڪالیج " ۾ ليڪچرار ٿيو ، ۽ پوءِ پرنسپال ٿيڻ کان پنهنجي وقت ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي ترقي ڏني • ورهاڱي بعد پارٽ لڏي ويو •(۱)

علمي ۽ ادبي خدمتون :

منگھارام ملڪاڻي بهترين نثر نويس، ناٽڪ نگار ۽ اداڪار جي حيثيت ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو • هن صاحب ۱۹۲۳ع ۾ ، خانچند درياڻي سان ڀانهن ٻيلي ۾ "رابندرناٿ ٽئگور ناٽڪ منڊلي" ٻرپا ڪئي • هن صاحب ورهاڱي کان اڳ ڪيترن ئي ڊرامن ۾ اداڪاري ۽ هدايت ڪاري ڪئي • ۱۹۴۴ع ۾ "ڪراچي رابندرناٿ ٽئگور ناٽڪ منڊلي" طرفان سالياني

---

(۱) سوالنامو موڪلي معلومات پارٽ مان ڪهرائي وئي •

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 637

"انڊس سخن" جاري ڪئي وئي ۽ منگھارام ملڪاڻي کي ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو .

سندس زندگيءَ ۾ تصنيفن ۽ ترجمن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو :

(١) "سوني صندوقڙي" (٢) "ڪونگي ڪنوار ۽ بن ديئي"

(٣) "دلسوز داستان" (٤) "شانتا"

(٥) "قسمت" (٦) "انار ڪلي"

(٧) "ايڪتا جو آلاپ" (٨) "ڪن جي خطا"

(٩) "بغدادي بازار" (١٠) "پاپ جو ڀيڙو"

(١١) "نا خلف" (١٢) "اولاد"

(١٣) "سنڌ جو گجهار" (١٤) "ميلاپ"

(١٥) "ضعيف انسان" (١٦) "دل ۽ دماغ"

(١٧) "اڪيلي دل" (١٨) "ٻه باهيون"

(١٩) "گم ٿيل صندوقڙي" (٢٠) "پريت جا گيت"

(٢١) "گيتا نجلي" (٢٢) "ساڻيا جي سڪا"

(٢٣) "پتا جو پاپ" (٢٤) "پاپ ڪين ڇڏي"

(٢٥) "ڪوڙو ڪلنڪ" (٢٦) "جيون ناس"

(٢٧) "بئراڳ"

منهوردا س ڪوڙمل ڪلناڻي :-

منوهردا س ڪوڙومل ڪلناڻي جو جنم ١٢ ، ڊسمبر ١٨٩٧ع ۾ ٿيو هو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 638

بمبئي يونيورسٽي مان گريجوئشن ڪيائين • ورهاڪي بعد ڀارت لڏي وڃي دهلي ۾ رهيو •

علمي ۽ ادبي خدمتون :

منوهرداس ڪلناڻي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي آڪاڻي عالم ۽ اديب ڪوڙومل ڪلناڻي جو فرزند هو • علم دوستي ۽ ادب پروري کيس ورثي ۾ ملي هئي • سندس ڪوشش سان هريسنڊر روپ چند حيدرآباد ۾ ڪوڙومل سنڌي ساهت منڈل قائم ڪيو، جنهن طرفان ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا • منوهرداس ڪلناڻي " سنڌو " رسالي ۾ مستقل طور تي " زراعت " جي موضوع تي لکندو رهندو هو • سندس تصانيف/جو وڃور هيٺ ڏجي ٿو :

(١) "چمتڪاري ناري جرتر"
(٢) "ملهائتا موتي"
(٣) "اخلاقي آواز"
(٤) "صحت جا وير"
(٥) "آيورويد جو اتهاس"
(٦) "ويرجون ڪاڻيون"
(٧) "هند تو"
(٨) "ودياسي ودوا جو انڌير"
(٩) "هندو مسلم فساد"
(١٠) "پڄي ناري جاڳيون جرتر"
(١١) "هند جو سٽر"
(١٢) "ناري نروڪ جيون"
(١٣) "ڪانڊي ويچار"
(١٤) "ودياڻي سنسار"
(١٥) "سروجني"
(١٦) "هندو ڌرم ڪي جتاءُ"
(١٧) "پرارٿنا يا پريم جو پرساد"
(١٨) "من جا مٿيا"

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 639

(١٩) "واٽ جي صحت يا ڏندن جي سنڀال"

(٢٠) "اخلاقي آکاڻيون"

(٢١) "سڌريل کيتي"

(٢٢) "شالسناه جا اوٽلي آزمودا ۽ خيال"

(٢٣) "پکترويدا سرجا چمتکار جرتر"

(٢٤) "دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو انسان ڪير ٿو ڪٿجي"

(٢٥) "سئر جو سواد"

(٢٦) "صحت جا مکيه اصول"

مولانا دين محمد وفائي :

مولانا صاحب ٢٧ رمضان المبارڪ، سن ١٢١١هه مطابق ١٨٩٦ع ۾، پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد، تعلقي ڪڙهي ياسين ۾ جائو هو. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو. (١)

١٩١٢ع ۾ فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي اچي رهيو. مدرسة الاسلام ۾ اُستاد ٿيو. ١٩١٤ع ۾ ڪراچي ڇڏي پنهنجن راٿيورن ۾ ويو ۽ ظاهر شريف ڏانهن روانو ٿيو، جتي ڪيس پير حاجي امام الدين شاهه راشدي جي فرزندن کي تعليم ڏيڻ جا فرائض سپرد ڪيا ويا. (٢)

---

(١) جي. ايم سيد : "جنب گذاريم جن سين،" جلد ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص ٣٢١

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ : "مرحوم مولانا دين محمد وفائي،" مٽالو، سہ ماهي مهراڻ، جلد ٣، ڪ ٤، سال ١٩٥٧ع ص ١٨

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 640

١٩٢٠ع کان وٹي وفائي صاحب ورپي حراچي ۾ رهڻ لڳو، ۽ اتي شروعات ۾ "الوحيد" جو نائب ايڊيٽر مقرر ٿيو ويو ٽي سال پوءِ، ١٩٢٣ع ۾ "توحيد" رسالو جاري ڪيائين ۔

جڏهن هندو-مسلم مذهبي نفاق زور وٹي ويو ته وفائي صاحب کي سنجوڪي تحريڪ لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي ١٩٢٦ع ۾ حراچي ڇڏڻي پئي، تان جو ١٩٣٤ع ۾ هو ورپي حراچي موٹي آيو ۔ وفائي صاحب زندگي جو باقي عرصو اتي ئي گذاريو ۔ سندس وفات ١٨ اپريل ١٩٥٠ع ٿي ٿي ۔(١)

علمي ۽ ادبي خدمتون :

